# سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد

# سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر

مصنف
**ڊاڪٽر غلام علي الانا**
پروفيسر ايمريٽس
سنڌ يونيورسٽي، ڄام شورو

سنڌي لئنگئيج اٿارٽي،
حيدرآباد، سنڌ.
2010ع

سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جو ڪتاب نمبر (142)
سڀ حق ۽ واسطا محفوظ


# سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر

مصنف: ڊاڪٽر غلام علي الانا

ڇاپو: ڦيبروري 2010ع

تعداد: 1000

قيمت: 300/= روپيا

پاران ايم ايچ پنھور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

**Catalogue Reference**
Allana, Dr. Ghulam Ali
A Descriptive Grammar of Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN 978-969-9098-36-9

# A Descriptive Grammar of Sindhi Language

| | |
|---|---|
| By: | Dr. Ghulam Ali Allana |
| Edition: | First, 2010 |
| Quantity: | 1000 |
| Price: | Rs. 300 /= |
| Composed by: | Hussain Ahmed Memon & Asadullah Bhutto |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Printed by: | Sindhica Academy, Karachi, Sindh |
| Published by: | Taj Joyo, Secretary, Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-53 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | sindhila@yahoo.com |
| Website: | www.sindhila.org |
| Digitized By | M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro. |

هيءُ ڪتاب، تاج جويو، سيڪريٽري سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، حيدرآباد، ميسرس سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچيءَ مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو

# ناشرپاران

سماجي سائنس جو اصول آهي تہ وقت گذرڻ سان جيئن جيئن سماج ۾ تبديلي ايندي آهي تيئن تيئن اتان جي ٻوليءَ ۾ بہ ڦيرو ايندو ويندو آهي ۽ صدين جي سفر ۾ گھڻائي لفظ، اصطلاح ۽ بناوتون ترڪ يا حاصل ڪندي آهي پر ان جي بنيادي ساخت ۽ بناوٽ ۾ ڪا گھٽي تبديلي ڪانہ ايندي آهي. انهيءَ بنيادي ساخت يا اندروني جوڙجڪ ۾ جيڪي اصول ڪارفرما هوندا آهن، انهن جي علم کي گرامر يا وياڪرڻ چيو ويندو آهي.

سنڌيءَ ۾ باقاعدي گرامر لکڻ جو رواج انگريزن جي دور ۾ پيو، ان کان اڳ ۾ سنسڪرت، پراڪرت يا عربي فارسيءَ جا گرامر تہ هئا، پر باقاعدي سنڌيءَ جو گرامر اجا ڪونہ مليو آهي. شروعاتي دور جي گرامرن ۾ بہ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي خوبين کي اجاگر ڪرڻ بدران ڪڏهن سنسڪرت/ پراڪرت، ڪڏهن عربي/ فارسي تہ وري ڪڏهن انگريزيءَ جي گرامرن کي سامهون رکي اصول ۽ قاعدا جوڙيا ويا.

ويهين صديءَ ۾ تشريحي (Descriptive)، ساختياتي (Structural) ۽ عملي (Practical) گرامر لکڻ جو رجحان وڌيو، جن ۾ لکندڙن جو طريقيڪار يا ائپروچ تخليقي(generative) يا تبديليءَ وارو(transformational) رهيو، جنهن جي مدد سان ٻوليءَ جي تخليقي، تعميري سگھہ ۽ تبديليءَ ڏانهن لاڙو اجاگر ٿي ڪيو ويو، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ساڳئي پراڻي انداز سان گرامر جوڙيا پئي ويا. جيڪڏهن سنڌيءَ ۾ پنهنجي ڪا نئين يا انوکي ڳالهہ موجود هئي تہ ان کي ان جي پنهنجي بنيادي خوبي چوڻ بدران ڪنهن ٻي ٻوليءَ جو اثر قرار ڏنو ويو، جيڪڏهن ان ۾ ڪا اهڙي ڳالهہ نظر نہ آئي جيڪا ٻين ٻولين ۾ موجود هئي تہ اها بہ ان جي خصوصيت ڄاڻائڻ بدران ڪوتاهي يا اوڻائي ڪري پيش ڪئي وئي، جيئن اوڻيهين صديءَ ۾ سنڌي گرامر تي ڪم ڪندڙ مستشرقين مان اڪثر اها شڪايت ڪئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ آرٽيڪل (articles) ڪونہ آهن (جيئن انگريزيءَ ۾ an, a ۽ the آهن) يا ان ۾ خالص ضمير جو غائب وارو صيغو ڪين نظر ڪونہ آيو. "هي" ۽ "هو" سندن نظر ۾ ضمير غائب نہ پر ضمير اشاري جا مثال آهن (that ۽ this واري معنيٰ ۾ نہ کي she ۽ he جي معنيٰ ۾ جڏهن تہ سنڌيءَ ۾ "اِهو" "اِجهو" / "اها" "اِجها" جا لفظ پڻ موجود آهن.) سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي پنهنجيون بنيادي خوبيون آهن انهن کي وري سنسڪرت يا فارسي عربيءَ مان آيل سمجهيو ويو، جيئن ضميري پڇاڙيون جيڪي پڻ اڪيليون نہ پر ٻہ ٻہ ۽ ڪٿي ڪٿي ٽن ٽن قسمن جون بہ استعمال ٿين ٿيون. اهڙي ساڳئي نموني اسان جي ڪن محترم هندو عالمن سنڌي ٻوليءَ کي آريائي نسل جي ٻولي مڃيندي سنسڪرت سان پيٽيو آهي. هيڏانهن ورهاڱي کان پوءِ جن مسلمان عالمن سنڌي گرامر تي ڪم ڪيو، انهن پنهنجي اڳيان عربيءَ جا گرامر رکيا ۽ اتان قاعدا قانون کڻي انهن تي سنڌيءَ کي نهڪائڻ جي ڪوشش ڪئي.

انهن سمورين ڳالهين هوندي بہ ڪيترن ئي سنڌي عالمن پنهنجين لکڻين ۾ سنڌيءَ جي

پنهنجين اصلوڪين خصوصيتن ڏانهن ڌيان پئي ڇڪايو آهي جن ۾ ڪشنچند گلابسنگهه گدواڻيءَ جو ڪتاب، ڊاڪٽر الانا جا ڪتاب ۽ سراج الحق جا اهي ليک نمايان آهن جيڪي هن مختلف وقتن تي لکيا. جن مان هڪ جو حوالو خود الانا صاحب به هن ڪتاب ۾ ڏنو آهي. ان ڏس ۾ مون پاڻ به سنڌي گرامر جي مسئلن تي مقالا لکي ڇپايا ۽ ٻين ڪيترن استادن پنهنجي پنهنجي شاگردن سان پئي بحث هيٺ آندا. نئين ٿهيءَ جي ليکڪن مان تازو محترمہ شازيہ پتافيءَ به ان ڏس ۾ پنهنجي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقاء" ۾ اشارا ڏنا آهن.

انهيءَ پس منظر ۾ ضرورت ان ڳالهه جي هئي ته سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي بنيادي ساخت جا قاعدا ۽ اصلوڪيون خوبيون اجاگر ڪندڙ ڪو تشريحي گرامر هجي ۽ اسان کي خوشي آهي ته اهو اهم فرض سنڌي ٻوليءَ جي عالم ۽ لسانيات جي ماهر محترم ڊاڪٽر غلام علي الانا پورو ڪيو ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي موقعو ڏنو ته اها ان کي شايع ڪري.

آءٌ سائين محمد ابراهيم جويي جي به ٿورائتي آهيان، جنهن ڊاڪٽر الانا صاحب جي خواهش ۽ منهنجي گذارش تي هن ڪتاب تي پنهنجي ماهرانه نظر وڌي ۽ ضروري ايڊيٽنگ ڪري ڏني. ڪيس هن ڪتاب جي باري ۾ 'ٻه اکر' به لکڻا هئا، پر طبيعت جي ناسازيءَ جي ڪري ائين ٿي نه سگهيو. بهرحال اهو ضرور ٻڌائڻ چاهيندس ته پاڻ هن ڪتاب جي تمام گهڻي تعريف ڪندي هن کي ڇپرائڻ جي لاءِ گهڻي تاڪيد ڪيائون.

اسان کي اميد آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا گهڻگهرا ۽ سڄڻ هن ڪتاب جي پذيرائي ڪندا ۽ ان مان لاڀ پرائيندا.

**ڊاڪٽر فهميده حسين**

چيئرپرسن

# آرپنا

آءُ پنهنجي هيءَ ڪاوش، منهنجي اُستاد، محترم ماستر محمد يعقوب ميمڻ صاحب کي ارپيان ٿو، جنهن مون کي ’سنڌي وياڪرڻ‘ جا اصول ۽ گُر، اُن زماني ۾ سيکاريا، جڏهن آءُ ايم.اي (پريويئس) جو شاگرد هوس. اُن زماني ۾ آءُ ٻہ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾ قائم سنڌي ڊڪشنريءَ جي آفيس ۾ شام جو ڪم ڪندو هوس، ۽ اُستاد محترم سنڌي ڊڪشنريءَ ۾ هڪ اهم محقق طور محنت ڪندو هو.

- غلام علي الانا

# ڪروڙين ڪرم، منهنجي مولا جا

1- مولا ڪريم جا ڪروڙين ڪرم، جنهن جي ڪرم سان، "سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر" واري موضوع تي، هن ڪتاب لکڻ جو منهنجو خواب، اڄ، يعني 11، مارچ، 2009ع تي، پورو ٿيو آهي. اڄ هن موضوع تي مون هي ڪتاب لکي پورو ڪيو آهي، جنهن جو خواب مون، اڄ کان ڏهه سال اڳ، سنڌالاجيءَ ۾ لٿو هو.

2- سنڌي وياڪرڻ واري موضوع تي، سنڌي ٻوليءَ جي وڏن وڏن ماهرن ۽ ودوانن کان سواءِ، جرمن، انگريز، اطالوي، روسي، ڪئناڊا ۽ ڀارت جي لسانيات جي ماهرن وڏي محنت ڪئي آهي، ۽ پنهنجو نور نچويو اٿن. انهن ماهرن مان ڪيترن ئي ڪتابن جا حوالا مون پنهنجي هن ڪتاب ۾ به ڏنا آهن. انهن سڀني جا نالا ببليوگرافيءَ واري حصي ۾ ڏسي سگهجن ٿا. حقيقت ۾ مون کي هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ جو شوق تڏهن ٿيو، جڏهن مون لنڊن يونيورسٽيءَ جي مشهور اداري، 'اسڪول آف اورينٽل ائنڊ آفريڪن اسٽڊيز' (S.O.A.S) ۾، 'علم لسانيات ۽ صوتيات' (General Linguistics and Phonetics) واري مضمون ۾، اعليٰ ڊگري (M.A) حاصل ڪرڻ لاءِ، 1961ع ۾ داخلا ورتي. آءٌ مذڪور اداري ۾ دراصل Ph.D ڪرڻ لاءِ ويو هوس، پر جيئن بزرگن فرمايو آهي: "بندي جي من ۾ هڪڙي ۽ صاحب جي من ۾ ٻي". مون سان به ائين ٿيو. سنڌ يونيورسٽيءَ مون کي ٽن سالن لاءِ 'ڪٽ پگهار تي' (Leave without pay) موڪل ڏني هئي. اعليٰ تعليم لاءِ اسڪالرشپ مون کي منهنجي مرشد ۽ روحاني رهبر عطا ڪئي هئي. لنڊن وڃڻ کان پوءِ، پٺيان ٽي ٻار ۽ منهنجي شريڪ حيات کي، منهنجي سهري جي آسري تي ڇڏي ويو هوس. لنڊن پهچڻ کان ڇهه- اٺ مهينا پوءِ منهنجو سهرو، هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو، انهيءَ ڪري، پرديس ۾ ڪو ٻيو سهارو نه ڏسي، مرشد سائينءَ وٽ پيرس ويس، جنهن منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ فرمايائون ته "تنهنجي فئمليءَ کي تنهنجي سخت ضرورت آهي؛ بهتر ٿيندو ته تون لنڊن يونيورسٽيءَ مان ايم- اي ڪري پنهنجي وطن موٽي وڃ. Ph.d لاءِ تون واپس به موٽي سگهين ٿو، پر في الحال تون پنهنجيءَ فئمليءَ وٽ موٽي وڃ".

'اسڪول آف اورينٽل ائنڊ آفريڪن اسٽڊيز' ۾، ايم.اي لاءِ گهربل ڪورسز ڪرڻ کان پوءِ، منهنجيءَ ٿيسز لاءِ، پروفيسر ٽي- ايف مچڻل کي منهنجو گائيڊ (guide) مقرر ڪيو ويو. پروفيسر مچڻل، ورهاڱي کان اڳ، برطانيا جي فوج ۾، ڪراچيءَ ۾، ڊرگ روڊ واريءَ فوجي ڇانوڻيءَ ۾، ڪنهن آساميءَ تي مقرر ٿيل هو، جتي هن سنڌي زبان جي سکيا حاصل ڪئي هئي، فوج مان رٽائر ٿيڻ کان پوءِ، پروفيسر مچڻل کي، لنڊن يونيورسٽيءَ جي مٿي عرض ڪيل اسڪول ۾، 'عام لسانيات ۽ صوتيات' واري شعبي ۾، اُستاد طور مقرر ڪيو ويو. پروفيسر مچڻل، پنهنجي فوجي سروس دوران ڌار ڌار ملڪن ۾ رهڻ جي ڪري، ڪيترين ئي ٻولين جي سکيا ورتي هئي. سنڌس

چوڻ موجب هو "ڪلاسيڪل عربي، ترڪي، فارسي، ڪُردي، اردو، سنڌي ۽ مشرقي آفريڪا جي سوَهلي ٻولين جو وڏو ڄاڻو هو". عربي ٻوليءَ جا سڀ لهجا، جهڙوڪ، شامي، مصري، عراقي ۽ رياض جي لهجي جي به چڱي ڄاڻ رکندو هو، انهيءَ ڪري انهن ٻولين جا شاگرد، پروفيسر مڇئل وٽ، ايم- اي ۽ Ph.D ڊگرين لاءِ رهنمائي وٺندا هئا.

3- اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم ته پروفيسر مڇئل، ڪراچيءَ ۾، سنڌي ٻولي سکيو هو، پر اُن ۾ وڌيڪ مهارت حاصل ڪرڻ لاءِ، برٽش ڪائونسل جي معرفت، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾، فارسي ٻوليءَ ۽ ادبيات جي ماهر پروفيسر اسدالله شاهه حسينيءَ جون خدمتون حاصل ڪيون هئائين، جنهن کي، برٽش ڪائونسل جي معرفت، S.O.A.S موڪليو ويو هو ته جيئن هو پروفيسر مڇئل جي مدد ڪري سگهي.

S.O.A.S ۾، ڪورسز جي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ ۽ ٿيسز لاءِ منهنجي گائيڊ مقرر ٿيڻ کان پوءِ، آءٌ پروفيسر مڇئل سان مليس جنهن جي صلاح سان منهنجي تحقيقي مقالي جو جيڪو عنوان طئي ٿيو هو، تنهن جو عنوان هو: "The Arabic Element in Sindhi". انهيءَ موضوع تي تحقيق ڪرڻ لاءِ ٻه سال، عرب شاگردن سان ڪلاس ۾ ويهي، عربي ٻوليءَ جي 'عام لسانيات ۽ صوتيات' جا اصول مون کي سکڻا پيا، ۽ انهن سکيل اصولن جي آڌار تي مون کي سنڌي ۽ عربي ٻولين جي عام صوتيات، ۽ صرف ۽ نحو جي ڌار ڌار لسانيات جي پهلوئن جو "تقابلي لسانيات" (Comparative Linguistics) جي حوالي سان اڀياس ڪرڻو پيو. پڙهندڙن کي اهو معلوم آهي ته سنڌي ۽ عربي ٻولين جو، تاريخي لسانيات جي لحاظ کان هڪ ٻئي سان پري جو به ڪو واسطو ڪونهي، البت اٺ سؤ سالن جي حڪمرانيءَ واري زماني ۾ پهرين عربي ٻوليءَ ۽ اُن کان پوءِ فارسي ٻوليءَ جي معرفت، هزارن جي تعداد ۾ عربي لفظ، سنڌي ٻوليءَ جي لغات ۾ شامل ٿي ويا.

4- علم اللسان سان منهنجي دلچسپي ته اڳي ئي هئي، انهيءَ ڪري اهو موضوع به منهنجي لاءِ ڪافي دلچسپ هو. هن موضوع تي، خاص ڪري سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي حوالي سان چڱ مشهور عالم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ محترم سراج الحق ميمڻ جي وچ ۾ هليل بحث مباحثي واري زماني ۾ ڇپيل مقالا ۽ مضمون، مون اڳي ئي پڙهيا هئا، ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو هي رايو ته: "سنڌي سامي صفت زبان آهي" يا وري سنڌن هي رايو ته:

> "اسان جي هاڻوڪيءَ زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو جيئن اڳ تيئن الفاظ 'حروف صحيح' سان ٻنيل هئا، يعني ته منجهن عروف علت بلڪل ڪم هئا، يا مورڳو نه هئا" (ص 22)

يا وري اڳتي لکن ٿا ته:

> "عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا، يعني سنڌي ٻوليءَ جا لفظ، سُرن کان سواءِ ٿي نهندا

هئا: واٺڪي الف- بي جي سٽاء، جڻ انهيءَ قديم زماني جي يادگار
آهي" (ص 22)

ڊاڪٽر صاحب جي هن راءِ ڪي مون عربي ۽ سنڌي ٻولين جي عام لسانيات ۽ صوتيات جي حوالي سان، تقابلي لسانيات جي روشنيءَ ۾، اپياس ڪيو، ۽ ڊاڪٽرصاحب جي هن راءِ تي پنهنجيءَ ٿيسز ڪان پوءِ، 'سنڌي صوتيات' ڪتاب ۾، پنهنجا وضاحتي خيال ظاهر ڪيم.

منهنجي ايم- اي واريءَ ٿيسز جي ڏار ڏار بابن، جهڙوڪ: سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڏار ڏار لپين جو استعمال، سنڌي ٻوليءَ جي آوازن جي 'ميلن' ( clusters يا sequences)، لفظن، جملن ۽ فقرن جي گهاڙيٽن / ساخت/ رچنائن (structure) جي باري ۾ پروفيسر مچئل سان ويچارن جي ونڊڻ مهل، پروفيسر صاحب مون ڪي هميشه چوندو هو ته:

"مسٽر الانا! تون بيشڪ سنڌي ٻولي ڳالهائي سگهين ٿو ۽ آءٌ اها ڳالهائي نٿو سگهان، پر آءٌ توکي يقين سان چوان ٿو ته سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي ساخت/ رچنا جي سلسلي ۾ Poor Michael توکان گهٽوئي ڪجهه وڌيڪ ٿو ڄاڻي."

واقعي، پروفيسر مچئل صحيح ٿي فرمايو. هن وقت به، لنڊن يونيورسٽيءَ ۾ منهنجي پيش ڪيل ٿيسز، ڪنهن حوالي لاءِ جڏهن آءٌ پڙهندو آهيان تڏهن محسوس ڪندو آهيان ته منهنجو اُستاد، سنڌي زبان جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي گهاڙيٽن جي مطالعي ۾ بيشڪ وڏي مهارت رکندو هو، ۽ ان سلسلي ۾ مون هن وٽان تمام گهڻو ڪجهه حاصل ڪيو.

5- (الف) جڏهن لنڊن مان، ڪاميابيءَ سان آءٌ وطن موٽي آيس، تنهن زماني ۾ سنڌ ۾ به 'سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد' جي باري ۾، بحث هلي رهيو هو. اُن ئي زماني ۾ محترم سراج الحق ميمڻ، 'سنڌي ٻوليءَ جا وياڪرڻي مسئلا' جي عنوان تي هڪ نئون بحث شروع ڪيو هو. هن عنوان تي، سراج صاحب، ماهوار نئين زندگي رسالي ۾، پنهنجو علمي مضمون لکيو هو. سراج صاحب، منهنجي راءِ موجب، 'سنڌي وياڪرڻ' تي سٺي ڄاڻ رکي ٿو. هن صاحب، وياڪرڻ واري علم جي پوري سکيا، پنهنجي ذهين ۽ قابل صد احترام والد بزرگ، ماستر محمد يعقوب ميمڻ کان حاصل ڪئي آهي. محترم ماستر محمد يعقوب، پنهنجي زماني جو هڪ وڏو قابل اُستاد ۽ سنڌي ٻوليءَ، خاص ڪري سنڌي وياڪرڻ، جو وڏو ڄاڻو هو. سنڌي ادبي بورڊ طرفان، سنڌ يونيورسٽيءَ جي اولڊ ڪئمپس ۾، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي رهنمائيءَ هيٺ قائم ڪيل سنڌي ڊڪشنري آفيس ۾ مون به، محترم ماستر محمد يعقوب جي هڪ ماتحت ڪارڪن طور ڪم ڪيو هو ۽ ڪانئس گهڻوئي ڪجهه حاصل ڪيم. دراصل جامع سنڌي لغات ۾ لفظن جي وياڪرڻي حيثيت جي باري ۾، اڪثر نوٽس محترم محمد يعقوب ئي لکندو هو؛ هونئن ته ڊڪشنريءَ واري تحقيقي مرڪز ۾، محترم محمد يعقوب ميمڻ کان سواءِ، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، محترم محمد بخش واصف، محترم محمد اسماعيل شيخ، محترم طالب لوهار کان سواءِ محترم ولي محمد طاهرزادو به ڪارڪنن طور ڪم ڪندا هئا.

(ب) سراج صاحب جي مذڪوره مقالي، سنڌ جي ادبي حلقن ۾ چڱي علمي ۽ ادبي هلچل مچائي ڇڏي هئي. ڊاڪٽر محمد ابراهيم 'خليل'، پروفيسر علي نواز جتوئيءَ، عبدالقيوم 'صائب' ۽ مرحوم رشيد احمد لاشاريءَ به، مهراڻ اخبار ۾ هن موضوع تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو هو. اُن سلسلي ۾، مون به پنهنجي اُستاد، پروفيسر مچئل ڪان جيڪي ڪجهه پرايو هو، اُن جي حوالي سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو هو.

حقيقت هيءَ آهي ته سراج صاحب جي مضمون جي حوالي سان مون، نئين زندگي رسالي ۾ پنهنجا جيڪي ويچار ونڊيا هئا، انهن ئي مون کي 'سنڌي وياڪرڻ' تي وڌيڪ لکڻ لاءِ آماده ڪيو، ۽ هيءَ ڪتاب جڻ ته، سراج صاحب جي لکيل انهيءَ مضمون مان ورتل initiative جو نتيجو آهي.

مون هن ڪتاب جي 'علم صرف' واري باب ۾، سراج صاحب جي مذڪوره مضمون جو، وڏي ادب ۽ احترام سان ذڪر ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ۽ 'سنڌي وياڪرڻ جا مسئلا' اهڙا موضوع آهن جن جي باري ۾ 'علم لسانيات ۽ علم صوتيات' جي ڄاڻ، ماهر اُستادن وٽ ويهي، اُنهن کان 'علم لسانيات'، 'تقابلي لسانيات'، 'تشريحي لسانيات'، 'سماجي لسانيات'، ۽ لسانيات جي ٻين شاخن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان پوءِ ئي، انهن ۽ لسانيات جي اهڙن ٻين مسئلن جا حل ڳولي سگهجن ٿا، جن جو تفصيلي اپياس هن ڪتاب جي 'علم صرف' ۽ 'علم نحو' وارن بابن ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

-6 مون جڏهن 1972ع ۾، پاڪستان ٽي ويءَ تي، 'سنڌي – اردو ٻول چال' پروگرام لاءِ 'متن' (Text) لکڻ جي سلسلي ۾، ڊاڪٽر ارنسٽ ٽرمپ، مرزا قليچ بيگ، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻيءَ، مسٽر هيسڪل، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، ديوان نارائڻداس جڳت ناٿ وسناڻي، مسٽر ڊولي مل ۽ ٻين وياڪرڻين جا لکيل گرامر پڙهيا تڏهن مون اهو محسوس ڪيو ته، انهن 'وياڪرڻن' ۾ ڪيترن ئي مسئلن جا حل موجود نه آهن، تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ لاءِ 'هڪ نئين' ۽ 'تشريحي وياڪرڻ' لکڻ جي ضرورت آهي. سنڌي صوتيات جي سلسلي ۾، پروفيسر ڀيرومل، پنهنجي ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ۾ ڪي ڳالهيون ضرور لکيون آهن، پر پروفيسر صاحب جون لکيل اهي ڳالهيون، جديد لسانيات جي حوالي سان بلڪل 'پراڻيون' ۽ 'مدي خارج' پيئون لڳن.

اُن کان پوءِ سنڌ جي هڪ وڏي تعليمي ماهر، محترم واحد بخش شيخ جو ٻن جلدن ۾ ڇپيل 'سنڌي صرف و نحو' پڙهيم ته اُهو انهيءَ سوچ ۾ پئجي ويس ته جهڙيءَ طرح سر گريئرسن، ڊاڪٽر ٽرمپ، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻيءَ ۽ ديوان نارائڻداس جڳت ناٿ جا لکيل سنڌي وياڪرڻ، سنسڪرت جي وياڪرڻ کي بنياد بنائي لکيا ويا آهن، تهڙيءَ طرح محترم واحد بخش شيخ صاحب وري 'عربي صرف ۽ نحو' جي بنياد تي، 'سنڌي صرف و نحو' جي عنوان تي، پنهنجو مسودو لکي، سنڌي ادبي بورڊ کي ڇپائڻ لاءِ پيش ڪيو هو: پر جڏهن لطيف سائينءَ جي رسالي، مئين شاهه عنات جي رسالي، شاهه عبدالڪريم بلڙائيءَ جي ڪلام ۽ قاضي قادن جي ڪلام ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي وياڪرڻ جو اپياس ڪيم، تڏهن مون محسوس ڪيو ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ تي، جديد لسانيات

جي روشنيءَ ۾ ئي نئين سر سوچڻ ۽ هڪ بي ريا سنڌي لسانيات جي شاگرد جي حيثيت ۾، لکڻ جي ضرورت آهي.

مون اُن سلسلي ۾، نئين زندگي رسالي، تماهي مهراڻ رسالي ۽ منهنجن اڳ ۾ ڇپيل ڪتابن: ’سنڌي معلم‘، ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘، ٻن جلدن ۾ ڇپيل ’سنڌي لنگئافون‘، ۽ ’سنڌي ورڪ بڪ‘ کي نئين سر پڙهڻ کان پوءِ، اهو فيصلو ڪيو تہ سنڌي ٻوليءَ جي ٽن مکيہ پهلوئن، جهڙوڪ ’سنڌي صوتيات‘، ’سنڌي صرف‘ ۽ ’سنڌي نحو‘ جي باري ۾، جديد لسانيات جي روشنيءَ ۾ مون کي ’سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي وياڪرڻ‘ جي عنوان هيٺ، نئين سوچ ۽ نئين نظر سان، تفصيلي ڪتاب لکڻ گهرجي. موقعي سارو ڪن ڪن موضوعن جي باري ۾، ڀارت جي جڳ مشهور لسانيات جي ودوانن، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، آنجهاني ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڊاڪٽر لڇمڻ کوبچنداڻيءَ، ديوان ڪنيي ليکواڻيءَ سان روبرو ۽ لکپڙهہ ذريعي بحث مباحثو بہ ڪيم.

سنڌي وياڪرڻ جي حوالي سان، ڊاڪٽر ٽرمپ جو ڪتاب 1872ع ۾ ڇپيو هو. اهڙيءَ طرح ڪئپٽن جارج اسٽئڪ جي گرامر کي شايع ٿيندي سوا سئو سال گذري ويا. سر گريئرسن جي ’لنگئسٽڪ سروي آف انڊيا‘ ڪتاب کي بہ شايع ٿيندي هڪ سئو سال گذري ويا. پروفيسر ڀيرومل ۽ مرزا قليچ بيگ جي وياڪرڻن کي شايع ٿيندي بہ مُني صدي گذري وئي، انهيءَ ڪري ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ انهن سڀني بزرگ ماهرن جي ڪيل نتيجن کي سامهون رکي، ’سنڌي وياڪرڻ‘ تي نئين نظر سان لکجي.

7- هن ڪتاب ۾، بزرگ وياڪرڻين جي ڏنل راين کي سامهون رکي، سنڌي وياڪرڻ جي رهجي ويل يا نون پهلوئن تي، وضاحت سان روشني وڌي وَئي آهي. انهن مان پهريون موضوع ’سنڌي ٻوليءَ جي آوازن‘ بابت آهي، جنهن بابت اڳ ۾ ”سنڌي صوتيات“ (ڀاڱو2) ۾ تفصيل سان لکيو ويو آهي. حوالي لاءِ اهو ڪتاب ڏسي سگهجي ٿو، جيڪو تازو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ پاران ڇپايو ويو آهي. ان ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ

سنڌي ٻوليءَ جا آواز ڪيئن ٺا اُچاريا وڃن ۽ اُنهن آوازن جي اُچارڻ جو ڍنگ ڪيئن آهي؟

(i) سنڌي وينجن (consonants)

(ii) سنڌي سُرَ (vowels)

جن جن نون پهلوئن تي هن ڪتاب ۾ ڇنڊڇاڻ ڪئي وئي آهي، اُهي هي آهن:

**(1) اسمن جي جنسن جوڙڻ جون واٽون (اصول ۽ قانون)**

**(2) اسمن جي عددن جوڙڻ جون واٽون (اصول ۽ قانون)**

**(3) اسمن جي حالتن جو اڀياس**

(i) حالت مڪاني

(ii) حالت اپادان

(iii) حالت عام

**(4) صفتن جو اڀياس**

(الف) صفتن جي آخر ۾ ايندڙ اعرابون

(ب) صفتن جا حالتن جي صيغي ۾ ڦيرا/ گردان

(ت) عددي صفتن جا قسم

(ث) تخميني/ ميڙ/ انداز ڏيکاريندڙ صفتن جا عدد

(ج) صفت مطلق

(د) صفتن جي ڀيٽ جا درجا

**(5) فعل جو بنياد، ڌاتو/ مصدر**

(الف) ڌاتو ڇاکي ٿو چئجي؟

(ب) فعل مرڪب ۽ اُنهن جا قسم

**(6) زمانن جو اڀياس**

(الف) بنيادي زمان

(ب) ڌار ڌار زمان ۽ اُنهن جي ٺهڻ جا اصول

**(7) فعلن جون معروفي ۽ مجهولي صورتون يعني فعلن جا پريوگ**

**(8) علم صرف جو اڀياس**

(الف) علم صرف ڇاکي چئبو آهي؟

(ب) صرفيہ ڇا آهي؟

(ت) لفظ ۽ صرفيہ جي معنيٰ ۽ مفهوم

(i) خودمختيار ۽ پر-وس صوتون

(ث) لفظ جي وصف ۽ اُن جا قسم

(ج) لفظن جا گهاڙيٽا ۽ اُنهن جا اصول

(i) ترتيب ۽ انتخاب

(ح) صوتي تبديليون

(i) اندروني تبديل

(ii) ڪاٽو تبديل

(iii) ٻڙي تبديل

(iv) صورت بدلائڻ

(خ) ڊهرايل يا تڪراري / ٻٽن لفظن جو اڀياس

**(9) علم نحو جو اڀياس**

(الف) علم نحو جي وصف ۽ اُن جا اصول

(ب) جملي اندر لفظن جي بيهڪ يا سٽاء جا اصول

(ت) سنڌي ٻوليءَ جي جملن جي عام نحوي سٽاء موجب ترتيب

(i) جملن اندر لفظن جي بيهڪ جي ترتيب جا اصول ۽ قانون

(ii) فاعل- فعل واري سٽاء

(ٿ) پريوگن موجب جملن ۾ فعل جا گردان

(ج) جهيلار يا ڊار

(i) جهيلار ۾ تبديليءَ جو اثر

(ii) جهيلار ۾ تبديليءَ سان لفظن جي ترتيب ۾ تبديلي

(iii) جملن ۾ لفظن جي تبديليءَ سان، وياڪرڻي ڪارج ۾ تبديلي

(ح) جملي ۽ فقري جا مکيه ڀاڱا

(خ) جملن جا قسم

(ٿ) عبارت ۽ اُسلوب (style) جي لحاظ کان جملن جا قسم

**(10) متصل ضميرن جو اڀياس**

مطلب تہ علم اللسان جي جديد مطالعي جي مدد سان، سنڌي وياڪرڻ جي اڀياس لاءِ هن ڪتاب ۾ بيشمار نون نون پهلوئن جو اڀياس پيش ڪيو ويو آهي.

-8 ڊاڪٽر ٽرومپ کان وٺي سيني بزرگن، پنهنجي نيڪ دليءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان محبت واري جذبي تحت، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪئي آهي، جنهن لاءِ ڏٽي تعاليٰ کين اجر ڏيندو.

منهنجي هيءَ ناقص ڪوشش، منهنجي پنهنجي مادري زبان سان عشق جو پورهيو آهي، جنهن ۾ ڏهہ کن سال لڳي ويا آهن، ۽ ڏٽي سائينءَ نيٺ مون کي ڪامياب ڪيو ۽ هن پورهيي کي تڪميل تائين پهچائڻ جي سلسلي ۾ مون سان ڪرم ڪيو.

آءٌ دل جي گهراين سان، سنڌي زبان ۽ ادب جي هڪ وڏي ڏاهي ۽ سنڌ جي عاشق، سائين محمد ابراهيم جويي جو شڪرگذار آهيان، جنهن سندن ناچاقائيءَ واريءَ حالت جي باوجود منهنجي هن پورهيي جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي ۽ منهنجي رهنمائي ڪئي اٿن.

آءٌ منهنجي نياڻيءَ ۽ چيئرپرسن سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، محترم ڊاڪٽر فهميده حسين جو شڪرگذار آهيان جنهن مهرباني ڪري منهنجو هي پورهيو، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان شايع ڪرائي منهنجي همت افزائي ڪئي آهي.

مون کي اهو چڱيءَ طرح معلوم آهي تہ ڊاڪٽر فهميده حسين پاڻ بہ سنڌي وياڪرڻ ۾ وڏي مهارت رکي ٿي ۽ هن ڏس ۾ پنهنجي ماهر والد بزرگ، محترم محمد يعقوب کان گهڻوئي ڪجهہ پرايو اٿس.

مون هن کان اڳ بہ، پنهنجي ڪتاب، سنڌي صوتيات ۾ اهو لکيو آهي اٿارٽيءَ جا وڏا ڀاڳ چئجن، جو سنڌي ٻوليءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ جفاڪش جوان ۽ ايماندار انسان تاج جويو اٿارٽيءَ ۾ وري

آندو ويو آهي. تاج صاحب جهڙو ايماندار، سچو ۽ جفاڪش ڪارڪن، ڪنهن نيڪ دل چيئرمئن کي نصيب ٿيو آهي. مون کي فخر آهي تہ تاج جويي صاحب، مون جهڙي سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اداني ڪارڪن سان گڏ، اٿارٽيءَ ۾ ٽي سال خدمت ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ وڏي جدوجهد ڪئي. رب ڪريم کيس خوش رکي ۽ آباد رکي.

هر انسان اوڻاين جو گهر آهي. مون ۾ بہ هزارين اوڻايون آهن. پڙهندڙن جي خدمت ۾ گذارش آهي تہ مون جهڙي هڪ عيبدار ماڻهوءَ جي طرفان، هن ڪتاب ۾ ڪيل غلطين کي معاف ڪري، مون کي انهن غلطين کان واقف ڪن تہ جيئن آءٌ پنهنجون غلطيون درست ڪريان، پر شرط اهو آهي تہ اهڙن نقادن جي راءِ ايمانداريءَ ۽ نيڪ نيتيءَ سان ڏنل هجي. ڇاڪاڻ تہ هن کان اڳ، منهنجن خيالن تي جيڪا ٽيڪا ٽپڻي ڪئي وَئي آهي، اها بدنيتيءَ تي ٻڌل رهي آهي، جنهن جو مون پنهنجن ڪتابن ۾ اظهار پڻ ڪيو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي

**غلام علي الانا**

ايميريٽس پروفيسر،

سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

11، مارچ، 2009ع

# فهرست

## پاڱو پهريون
## ڳالهائڻ جا لفظ ۽ اُنهن جو اڀياس


**باب پهريون: ڳالهائڻ جا لفظ** 27

1- اسم ۽ اُنهن جا قسم 28

(الف) اسمُ عام 28

(ب) اسمُ خاص 29

(ت) اسمُ ذات 29

(ث) صفاتي ۽ ذاتي اسمن ۾ فرق 29

2- اسم جي جنسن جو اڀياس 30

(الف) اسمن جون جنسون 30

(ب) سنڌي ٻوليءَ ۾ اسمن جي جنسن سڃاڻڻ جون واٽون (اصول ۽ قانون) 31

(1) جنس مؤنث نهڻ جا اصول 31

(2) مذڪر اسمن مان، مؤنث اسمن جي ٺاهڻ جا اصول 31

(3) مذڪر اسم جيڪي مؤنث اسمن ۾ بدلجن ٿا 36

**باب ٻيو: اسم جا عدد (Number) ۽ اُنهن جا قسم** 40

1- (الف) سنڌي ٻوليءَ ۾ سڀ اسم ٻن عددن ۾ ڦرن ٿا 40

2- عدد واحد مان عدد جمع ٺاهڻ جا اصول 43

(الف) مؤنث اسمن جي عددن جو اڀياس 43

(ب) مذڪر اسمن جي جمع صورتن ٺاهڻ لاءِ اصول 46

**باب ٽيون: رائج حالتون (cases)، انهن جا قسم ۽ اسمن، ضميرن ۽ صفتن جا حالتن مطابق ڦيرا/ گردان** 52

1- حالت فاعلي 53

2- حالت مفعولي 54

3- حالت جري 55

4- حالت اضافت 57

5- حالت مڪاني 64
6- حالت اَپادان 64
7- حالت اوزاري 66
8- حالت ندا 66

**باب چوٿون: ضمير ۽ اُنهن جا قسم 68**

1- ضمير خالص 69
(i) ضمير متڪلم 69
(ii) ضمير حاضر 70
(iii) ضمير غائب 71
2- ضمير اشارو 75
3- ضمير استفهام 77
4- ضمير مشترڪ 79
5- ضمير موصول 80
6- ضمير مُبهم 81

**باب پنجون: حرف جر 83**

**باب ڇهون: صفت 87**

1- صفت جي اپياس لاءِ ڏنل جملا 87
2- صفتن جي آخر ۾ ايندڙ اعرابون 88
3- صفتن جا، پنهنجن 'موصوفن' سان، عدد، جنس ۽ حالت جي
صيغي ۾ ڦيرا 88
4- عددي صفتن جا قسم 90
5- صفتن جا عدد قطاريءَ طور پيرا/ لڳا 95
6- تخميني، ميڙ يا انداز ڏيکاريندڙ صفتن جا عدد قطاري 102
7- پيرا يا دفعا ڏيکاريندڙ عدد 104
8- صفت مطلق 104
9- عدد جا جُزا 107
10- صفت جي ڀيٽ جا درجا 109
(1) صفت خالص 110
(2) صفت تفضيل 110
(3) صفت مبالغو 112

| | |
|---|---|
| **باب ستون: ظرف** | 114 |
| 1- ظرف جي سمجهڻ لاءِ ڏنل جملا | 114 |
| 2- ظرف جا قسم | 115 |
| (الف) ظرف زمان | 115 |
| (ب) ظرف مڪان | 116 |
| (ت) ظرف تميز | 116 |
| (ث) ظرف مقدار | 118 |
| (ج) ظرف نفي يا ظرف انڪاري | 118 |
| (ح) ظرف اثباتي يا هاڪاري | 119 |
| 3- سنڌي ٻوليءَ جا بنيادي ظرف | 119 |
| **باب اٺون: فعل** | 121 |
| 1- فعل جو بنياد | 121 |
| 2- ڌاتو يا مصدر | 121 |
| 3- حاصل مصدر | 124 |
| 1- امر جو تفصيلي اڀياس | 127 |
| 2- امر حاضر جمع | 128 |
| 3- امر جا قسم | 129 |
| (i) امر استقبال | 129 |
| (ii) امر نيازي | 130 |
| (iii) امر تمنا | 131 |
| (iv) امر نفي يا انڪاري | 132 |
| (v) امر مدامي يا استمراري | 132 |
| **فعل جا قسم** | 135 |
| فعل لازمي ۽ فعل متعدي | 135 |
| (الف) فعل لازميءَ جا قسم | 135 |
| (ب) فعل متعديءَ جا قسم | 135 |
| (1) فعل لازمي معروف | 135 |
| (2) فعل متعدي معروف | 136 |
| (ت) فعل متعديءَ جا قسم | 137 |
| (ج) فعل متعدي بالواسطه | 139 |

(ح) فعل متعدي ٻنو بالواسطہ 140
(خ) فعل متعدي ڏهرو ٻنو بالواسطہ 141
3- فعل معاون 142
4- صيغو 142
(1) صيغو بياني 143
(2) صيغو شرطي 143
**باب نائون: فعل جا ڪردنت يا مشتق** 144
(1) اسم حاليہ 145
(2) اسم مفعول 145
(3) اسم استقبال 147
(4) اسم فاعل 146
(5) ماضي معطوفي (اسم معطوفي) 146
**باب ڏهون: مرڪب فعل** 168
(1) اسميہ / اِسمن وارا مرڪب فعل 168
(2) صفتي مرڪب فعل 169
(3) عطفيہ مرڪب فعل 169
(4) اسم حاليہ وارا مرڪب فعل 170
(5) اسم مفعول وارا مرڪب فعل 170
**باب يارهون: زمانن جو اڀياس** 171
1- (الف ۽ ب) زمانن کي سمجهڻ لاءِ ڏنل جملن جو اڀياس 171
(ت ۽ ث) بنيادي زمان 171
2- (الف) زمانن جو چارٽ 172
1- زمان مضارع ۽ اُن مان نهندڙ ٻين زمانن جا قسم 173
(2) زمان حال 177
(ت) زمان حال جا قسم 178
(i) زمان حال استمراري 179
(3) زمان ماضي شرطيہ (ماضي تمنائي) 181
2- اسم حاليہ مان نهندڙ زمان 182
(1) زمان حال مدامي 182

(2) زمان ماضي مدامي 184
(3) زمان مستقبل 185
(4) زمان مستقبل استمراري 187
(5) زمان حال متشڪي 188
3- اسم مفعول مان نهندڙ زمان 189
(1) زمان ماضي مطلق 189
(2) زمان ماضي قريب 194
(3) زمان ماضي بعيد 195
(4) زمان ماضي استمراري 197
(5) زمان ماضي متشڪي 197
(6) زمان ماضي مدامي 199
(7) زمان ماضي قريب استمراري 200
(8) زمان ماضي بعيد استمراري 201
سيني زمانن جا ڦيرا / گردان 203
باب ٻارهون: فعلن جون معروفي ۽ مجهولي صورتون/ فعلن جا پريوگ 208
1- فعلن جي قسمن جو چارٽ 208
(الف) فعل لازمي معروف 209
(ب) فعل لازمي مجهول 210
2- مجهولي فعلن جا گهاڙيٽا 211
3 ۽ 4- پريوگ 212، 213
5- فعل متعدي 219
(الف) فعل متعدي معروف 219
(ب) فعل متعدي مجهول 220
(ج) فعل متعدي بالواسطہ 222
6- ڪرتري پريوگ ۽ ڪرمڻي پريوگ جي وچ ۾ فرق 223
7- پريوگ ڀاوي 224
8- ڪرتري پريوگ، ڪرمڻي پريوگ ۽ ڀاوي پريوگ جو جائزو 225
(الف) پريوگ ڪرتري 226
(ب) پريوگ ڪرمڻي 226
9- متعدي مجهول فعلن جا ڪي خاص ڦيرا 227

**باب تيرهون: حرف جملو** 229
حرف جملي جا قسم 229
1- ٻن لفظن يا ٻن جملن کي ملائيندڙ حرف جملا 230
2- شرطيہ حرف جملا 231
3- رعايت وارا حرف جملا 231
4- بالواسطہ حرف جملا 232
**باب چوڏهون: حرف ندا** 233

## ياڱوٻيو

**علم صرف جو اڀياس** 235
**باب پهريون: علم صرف جي وصف، ڪارج ۽ مفهوم** 235
1- علم صرف ڇاکي ٿو چئجي؟ 235
2- (الف) وياڪرڻ جا ٻہ ڀاڱا: علم صرف ۽ علم نحو 235
(ب) صرفيہ ڇا آهي؟ 236
3- لفظ ۽ صرفيہ جي معنيٰ ۽ مفهوم 237
4- صورت ڇاکي چئبو آهي؟ 238
(الف) صورت (form) 238
(ب) خودمختيار ۽ پر-وس/ پابند صورتون 238
5- لفظ 240
(الف) لفظ جي وصف 240
(ب) لفظن جا قسم 241
(ت) لفظن جي قسمن جو چارٽ 241
(1) مفرد لفظ 242
(2) مرتب لفظ 242
(3) مرڪب لفظ 245
**لفظن جا گهاڙيٽا ۽ اُنهن جا اصول** 246
**(ترتيب ۽ انتخاب)**
6- صوتي تبديليون 253
(a) اندروني تبديل 255
(b) ڪاٺو تبديل 257

(c) ٻُڙي تبديل 258
(d) صورت بدلائڻ (suppletion) 258
7- ڏُهرايل لفظ/ تڪراري لفظ/ ٻِٽا لفظ 259
(1) لفظن جي تڪرار جا قسم 260
(الف) پورڻ يا مڪمل تڪرار 262
(ب) اپُورڻ / جُزوي تڪرار 262

## ڀاڱو ٽيون

## علم نَحو جو اڀياس

باب پهريون: علم نحو جي وصف ۽ اُن جا اصول 265
1- علم نحو جي وصف ۽ ان جا اصول 265
2- (الف) هڪ لفظ وارا جملا 265
(ب) هڪ کان وڌيڪ لفظن وارن جملن جا سيٽ 265
(ت) جملي اندر لفظن جي بيهڪ يا سٽاءُ جا اصول 266
3- (الف) سنڌي ٻوليءَ جي جملن جي عام نحوي سٽاءُ موجب لفظ جي بيهڪ جي ترتيب جا اصول ۽ قانون 267
(ب) فاعل- فعل وارو سٽاء 267
(ت) جملن اندر لفظن جي بيهڪ يعني ترتيب (سٽاء) جا ڪي اصول 267
(1) لفظن جو انتخاب يا چونڊ 268
(i) انتخاب جا نمونا 268
(2) پريوگن موجب فعلن جا ڦيرا 270
(a) پريوگ ڪرتري 270
(b) پريوگ ڪرمڻي 271
(c) پريوگ ڀاوي 271
(3) جملن اندر، لفظن جي بيهڪ يعني ترتيب 271
(a) جهيلار/ ڊار 272
(b) جهيلار ۾ تبديليءَ جو اثر 273
(c) لفظن جي ترتيب ۾ تبديليءَ سان وياڪرڻي ڪارج ۾ تبديلي 275
(d) (الف) صفتن جي بيهڪ ۾ تبديلي 277
(ب) مرزا قليچ بيگ جو رايو 278
3 (الف) تشريحي لسانيات جا ڪي اصول 280

باب ٻيو: جملي يا فقري جا مکيہ ڀاڱا (Immediate Constituents) 285
باب ٽيون: جملن جا قسم 288
(1) مفرد جملا 288
(2) مرتب جملا 289
(3) مرڪب جملا 290
باب چوٿون: عبارت/ اُسلوب (Style) جي لحاظ کان جملن جا قسم 292
(الف) بياني جملا 292
(ب) سواليہ جملا 293
(ت) انڪاري جملا 295
(ث) تعجب وارا جملا 296
(ج) سوالي انڪاري جملا 297
باب پنجون: ضمير متصل جو استعمال 299
باب ڇهون: ٻنا ضمير متصل 309

## ڀاڱو چوٿون

باب پهريون: ترڪيب 312
ترڪيب ڪرڻ جي واٽ 312
باب ٻيو: تفريق يا ڇيد ڪرڻ 318
ڇيد ڪرڻ جون واٽون 319
ڇيد ڪرڻ جي جدول 319
باب ٽيون: بيهڪ جون نشانيون 321
(1) ٿورو دم (comma) 323
(2) اڌ دم ؛ (semicolon) 326
(3) دم : (full stop) 327
ثانوي نشانيون 329
(1) سوال جي نشاني 330
(2) عجب/ تعجب جي نشاني 330
(3) واڪ جون نشانيون 330
(4) ننڍي ليڪ يعني ڊئش 331

باب چوٿون: سنڌي وياڪرڻ جون ڪي خاص ۽ اهم خصوصيتون 334
1- جمع وارا اسم 334
2- هم آواز (ساڳئي اچار وارا) لفظ 334
3- اعرابن بدلائڻ سان لفظن جون ڌار ڌار معنائون ملن ٿيون 335
4- لفظن جا ڪم ايندڙ ضد 335
5- مختلف جانورن/ جاندارن جي آوازن لاءِ لفظ 337
6- جانورن جي ڦرن/ ٻچن جا نالا 338
7- محنت ڪشن جي اوزارن جا نالا 339
8- اهي حاصل مصدر جن مان فعلن جا ڌاتو ٺاهڻ ۾ مدد ملندي آهي 340
9- اصطلاح/ ورجيسون 341
10- ڪي چونڊ مشهور پهاڪا 348
11- ڪي چونڊ تشبيهون 351
ببليوگرافي 352

# سنڌي ٻوليءَ جو تشريحي گرامر

# ٻياڱو ڀھريون

# ڳالهائڻ جا لفظ ۽ اُنهن جو اڀياس

## باب پهريون: ڳالهائڻ جا لفظ:

ٻوليءَ جي ماهرن جي راءِ موجب، ڪنهن به گفتگو ۾ جيڪي به لفظ ڪم آڻجن ٿا، تن کي انن قسمن يا دفعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اُهي اٺ قسم هي آهن:

(1) اسم (Noun) (2) ضمير (Pronoun) (3) حرف جر (Post position) (4) صفت (Adjective) (5) ظرف (Adverb) (6) فعل (Verb) (7) حرف جملو (Conjunction) (8) حرف ندا (Interjection)

هاڻي هر قسم جو تفصيلي اڀياس پيش ڪجي ٿو.

### اسم (Noun) ۽ اُن جا قسم

پهرين هي مثال پڙهو:

| | |
|---|---|
| اڪبر پڙهي ٿو. | 'اڪبر' ماڻهوءَ جو نالو آهي. |
| ڪنول لکي ٿي. | 'ڪنول' به ماڻهوءَ جو نالو آهي. |
| حيدرآباد وڏو شهر آهي | 'حيدرآباد' ۽ 'شهر' جاين جا نالا آهن. |
| سنڌوندي سنڌ جي ندي آهي | 'سنڌ' ۽ 'سنڌوندي' به جاين جا نالا آهن. |
| گهوڙو ڊوڙي ٿو. | 'گهوڙو' جاندار يعني ساهه واري جو نالو آهي. |
| ميز تي ڪتاب رک. | 'ميز' ۽ 'ڪتاب' بيجان شين جا نالا آهن. |
| جنگ کان پرهيز ڪجي. | 'جنگ' ڪم جو نالو آهي. |
| گدلائيءَ کي ڪوبہ پسند ڪونہ ڪندو. | 'گدلائي' خاصيت جو نالو آهي. |
| غريبي سڀ کان بُري بلا آهي. | 'غريبي' حالت جو نالو آهي. |

مٿي ڏنل مثالن ۾ 'اڪبر'، ڪنول، حيدرآباد، شهر، سنڌوندي، سنڌ، گهوڙو، ميز، ڪتاب، جنگ، گدلائي ۽ غريبي، لفظ اسم طور ڪم آيا آهن. لهاذا ڪنهن به ماڻهوءَ، ساهواري، مڪان، جاءِ، بيجان شيءِ، ڪم، خاصيت يا حالت جي نالي کي اسم چئبو آهي.

واحد بخش شيخ صاحب پنهنجي ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جو 'صرف ۽ نحو' ۾ ڳالهائڻ جي لفظن جا ڇهه قسم بيان ٿو ڪري، اُهي هي آهن: اسم، صفت، ضمير، فعل، ظرف ۽ حرف. شيخ صاحب، سنڌي صرف ۽ نحو کي 'عربي ٻوليءَ جي 'صرف ۽ نحو' جي سٽاء کي سامهون رکي، اُٿين لکيو آهي، جڏهن تہ سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻي سٽاء نہ عربي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاء سان واسطو

ٿو رکي ۽ نہ ئي وري سنسڪرت جي وياڪرڻي سڻاء سان، ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻولي هڪ خودمختيار ٻولي آهي، جنهن جو خمير واديءِ سنڌ جي سرزمين سان واسطو ٿو رکي ۽ سنڌي ٻولي سنسڪرت کان اڳاٽي سنڌو تهذيب جي ٻولي آهي.

ڪاڪي ڀيرومل، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ڪتاب ۾ واضح طور ڄاڻايو آهي تہ عربيءَ ۾ ڳالهائڻ جا لفظ ٽن قسمن جا ليکيندا آهن: (1) اسم، جنهن ۾ ضمير ۽ صفت بہ اچي وڃن ٿا، (2) حرف، جنهن ۾ حرف جر، حرف جملو ۽ حرف ندا ليکين ٿا، ۽ (3) فعل، جنهن سان ظرف بہ لاڳو آهي. اهڙيءَ طرح وري بہ ساڳيا اَٺَ ٿين ٿا.

## اسم ۽ انهن جا قسم

پهرين هي مثال پڙهو:

(1) **اڪبر** بادشاهہ سنڌ ۾ ڄائو هو.

هن جملي ۾ '**اڪبر**'هڪ بادشاهہ جو نالو آهي. ڪنهن بہ بادشاهہ کي بادشاهہ ڪوٺي سگهبو، پر هر بادشاهہ کي 'اڪبر بادشاهہ' ڪوٺي نہ سگهبو، ڇاڪاڻ تہ 'اڪبر' ڪنهن خاص هڪ بادشاهہ جو نالو آهي. اهڙيءَ طرح 'سنڌ' هڪ پرڳڻي جو نالو آهي. ڪنهن بہ پرڳڻي کي پرڳڻو چئبو، پر هر پرڳڻي کي 'سنڌ' ڪونہ ڪوٺبو، ڇاڪاڻ تہ اهو نالو ڪنهن خاص هڪ پرڳڻي تي رکيل آهي.

(2) هُو **گلشڪر** پڙهي ٿو.

هن جملي ۾ '**گلشڪر**' هڪ ڪتاب جو نالو آهي. ڪنهن بہ ڪتاب کي ڪتاب ڪوٺبو، پر هر ڪتاب کي 'گلشڪر' ڪونہ ڪوٺبو، ڇاڪاڻ تہ اهو نالو ڪنهن خاص هڪ ڪاب تي رکيل آهي.

انهن ٻنهي مثالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ ڪي نالا عام آهن تہ ڪي نالا وري خاص هوندا آهن. انهن ٻنهي مثالن مان، ٻنهي قسمن جا نالا، هيٺ ڌار ڌار ڪري ڏيکارجن ٿا:

| خاص نالو | عام نالو |
|---|---|
| اڪبر | بادشاهہ |
| سنڌ | پرڳڻو |
| گلشڪر | ڪتاب |

انهن مثالن مان پتو پوي ٿو تہ اسمن جا ٻہ قسم آهن: اسم عام ۽ اسم خاص.

(**الف**) **اسم عام (Comman Noun)**: اهو نالو جيڪو هڪڙي قسم جي جاندارن يا بيجان شين لاءِ هڪجهڙو هجي، يا هرهڪ سان لاڳو ٿي سگهي، يعني ڪنهن بہ عام نالي کي اسم عام چئبو آهي. جيئن هر ماڻهوءَ کي ماڻهو چئبو آهي، ۽ هر گهوڙو گهوڙو هوندو آهي، ۽ اَنبَ مڙيئي اَنبَ هوندا آهن. انهيءَ ڪري اسم عام جو مقصد ٿيو:

"اُهو نالو جيڪو هڪڙي قسم جي سڀني جاندارن يا بي جان شين لاءِ هڪجهڙو هجي، يا مَنجهن هرهڪ سان لاڳو ٿي سگهي. اهڙي نالي کي اسم عام چئبو آهي، جيئن:

ماڻهو، ڇوڪرو، ڇوڪري، ياءُ، پيڻ، ڪتو، گهوڙو ۽ ٻلي وغيره."

اهو به نوٽ ڪرڻ گهرجي ته: پنچات، سپا، فوج، لشڪر، ڌڻ، ٽولي، گَل، وَل، جُهڳٽو، ڇُڳو ۽ ميڙ وغيره لاءِ لفظ، جيڪي ڪنهن ميڙ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا، سي 'اسم جمع' (Collective Nouns) آهن، پر سنڌي وياڪرڻ موجب اهي به اسم عام ڪري ليکبا آهن.

اهڙيءَ طرح چانور، اَٽو، سون، ٽامو، پتل ۽ لوهه وغيره 'اسم جنس' (Material Nouns) آهن پر اهي به اسم عام ڪري ليکبا آهن.

(ب) **اسم خاص (Proper Noun)**: دنيا ۾ ماڻهو، شيون يا شهر وغيره هڪجهڙا ته هوندا آهن، پر سڃاڻپ جي سولائيءَ لاءِ هرهڪ تي پنهنجو پنهنجو نالو رکيل هوندو آهي؛ جيئن: ڪراچي، حيدرآباد، ٺٽو، سکر، گنجو ٽڪر، سنڌوندي يا منڇر ڍنڍ وغيره. 'ڪراچي' ڪنهن هڪ شهر جو خاص نالو آهي، پر هرهڪ شهر جو نالو ڪراچي نه آهي. 'گنجو ٽَڪَر' به ڪنهن هڪ خاص ٽڪر جو نالو آهي، پر هرهڪ ٽَڪَرَ جو نالو 'گنجو ٽڪر' نه آهي. 'سنڌوندي' به ڪنهن خاص هڪ نديءَ جو نالو آهي، پر هرهڪ نديءَ جو نالو 'سنڌوندي' نه آهي. تنهنڪري اهڙن نالن کي خاص نالا چئبو آهي. انهيءَ طرح اسم خاص جو مقصد ٿيو:

"اُهو لفظ جيڪو ڪنهن ماڻهوءَ، جاءِ، ڪنهن جاندار يا ڪنهن بيجان شيءِ جي خاص نالي طور ڪم آڻجي ته اهڙي لفظ کي 'اسم خاص' چئبو آهي. مثال طور:

اڪبر، سکر بئراج، تاج محل، سهڻي، پارڪر پين، قليلي واهه ۽ ڪوهه نور هيرو وغيره.

(ت) **اسم ذات (Abstract Noun)**: هن ڪان اڳ وضاحت ڪندي اهو به چيو ويو آهي ته خاصيت لاءِ ڪم ايندڙ لفظن کي به اسم چئبو آهي؛ مثال طور:

(i) اَڇاڻ، ڪاراڻ، سُپَت، ڪُپَت، ديگهه ۽ صفائي وغيره لفظ خاصيتن جي نالن طور استعمال ڪيا آهن.

(ii) ڪل، چرچو، ويڙهه ۽ جنگ ڪمن جا نالا آهن.

(iii) ٻالاپڻ، جواني، پيري، جَهنگلِيپڻو، شاهوڪاري، غريبي، بيماري، چڱيلائي ۽ ٻانهپ حالتن جا نالا آهن.

انهن ۽ اهڙي قسم جي اسمن يعني نالن کي گڏي 'اسم ذات' چئبو آهي. مطلب ته ڪنهن به ماڻهوءَ، شيءِ ۽ جاءِ وغيره جي ذاتي خاصيت، حالت يا ڪم جي نالي کي 'اسم ذات' چئبو آهي.

(ٿ) **صفاتي ۽ ذاتي اسمن ۾ فرق:**

(i) مٿي چيو ويو آهي ته دنيا ۾ ماڻهن ۽ شين وغيره تي جيڪي به نالا رکيل آهن، سي ملائي ڪُل ٽن قسمن جا ٿين ٿا: اسم خاص، اسم عام ۽ اسم ذات.

ڪنهن جو به نالو کڻي ڇوڙ ته هي 'خاص' آهي يا هي 'عام' آهي، اهو ٿيو ڪنهن جي صفت ڪرڻ، تنهنڪري اسم خاص ۽ اسم عام ٻنهي کي گڏي 'صفاتي اسم' (Concrete Nouns) چئبو

آهي، ۽ جيڪي نالا ذاتي سڏاون، ڪمن ۽ حالتن تي رکيل آهن، تن کي 'ذاتي اسم' چئبو آهي. انهيءَ ڪري، اسمن جي قسمن جي ورڇ هن طرح ڪئي ويندي آهي:




(ii) صفاتي ۽ ذاتي اسمن جي وچ واري فرق کي سمجهڻ لاءِ ڪهڙو به اسم خاص يا اسم عام مثال طور وٺو. مثال طور 'برف' اسم وٺو. جيڪا ٿڌي، اڇي ۽ لسي ٿيندي آهي. جنهن شيءِ تي برف نالو رکيل آهي، تنهن کي جسم آهي، تنهنڪري اها اکين سان ڏسي سگهجي ٿي، هٿ ۾ کڻي سگهجي ٿي ۽ چپ سان چکي به سگهجي ٿي؛ پر برف جي ٿڌاڻ، اڇاڻ ۽ لَساڻ يا لَسائي، کي اهڙيون شيون يا خاصيتون نہ آهن، جيڪي برف کان ڌار ڪري، هٿ ۾ کڻي سگهجن يا چپ سان چکي سگهجن. اهي رڳو خاصيتن جا نالا آهن. اُنهن جو پنهنجي من يا دل سان رڳو ويچار ڪري سگهجي ٿو ۽ چئي سگهجي ٿو تہ برف ۾ هي هي خاصيتون آهن.

تنهنڪري چئبو تہ 'برف' نالو اسم عام آهي، پر اُن جي ٿڌاڻ، اڇاڻ ۽ لَساڻ يا لَسائي، جن کي جسم ڪونهي، ۽ اُهي رڳو خاصيتن جا نالا آهن، اهي اسم ذات جي قسمن ۾ شمار ڪيا ويندا آهن.

مطلب تہ: جيڪي صفاتي اسم (خاص ۽ عام) آهن، تن کي جسم آهي، تنهنڪري انهن جي ڄاڻ، حواسن (ڏسڻ، ٻڌڻ، سنگهڻ، چکڻ ۽ ڇهڻ) وسيلي پوي ٿي، ۽ جيڪي ذاتي اسم آهن، اُهي فقط خاصيتن، ڪمن ۽ حالتن جا نالا آهن، پر انهن کي جسم ڪونهي، تنهنڪري اهڙن اسمن جي ڄاڻ، حواسن جي وسيلي نٿي پوي، پر اُنهن جو رڳو پنهنجي من يا دل ۾ ويچار ڪري سگهجي ٿو.

## اسم جي جنسن (Genders) جو اڀياس

**(الف) اسمن جون جنسون:**

سنڌي زبان ۾، اسمن جون ٻہ جنسون ٿينديون آهن. اُهي جنسون آهن: جنس مؤنث ۽ جنس مذڪر[1] اُهي اسم جيڪي 'نر' جي معنيٰ يا مفهوم ڏيکاريندا آهن، اُنهن کي اسم مذڪر چئبو آهي، ۽ اُهي اسم جيڪي 'ماديءَ' واري معنيٰ يا مفهوم ظاهر ڪن ٿا، تن کي اسم مؤنث چئبو آهي؛ مثال طور:

(1) سنڌي ٻوليءَ ۾ 'جنس بيجان' کا ڌار جنس ڪانہ ليکبي آهي. اهڙا سڀ اسم، جنس مؤنث ۽ جنس مذڪر ۾ گردان يا ڦيرو ڪندا آهن.

| جنس مذڪر (Masculine) وارا اسم | جنس مؤنث (Feminine) وارا اسم |
|---|---|
| ڇوڪرو | ڇوڪري |
| ڇوَڪرُ | ڇوڪري |
| نينگرُ | نينگري |
| پُٽُ | ڌيءَ |
| پاءُ | پيڻُ |
| راجا | راڻي |
| گهوٽ | ڪنوار |
| مور | ڊيل |
| هاٿي | هاٿڻ |
| فقيرُ | فقيرياڻي |

**(ب) سنڌي ٻوليءَ ۾ اسمن جي جنسن سڃاڻڻ جون وائون (اصول يا قانون):**

سنڌي ٻوليءَ ۾، هر لفظ جي آخر ۾ ڪانه ڪا اعراب ضرور ڪم آڻبي آهي. هر لفظ جي آخر ۾ آيل اعراب مان جنس جي خبر پوندي آهي. ماهرن، جنس مذڪر يا جنس مؤنث سڃاڻڻ جي سلسلي ۾ ڪي اصول بہ مقرر ڪيا آهن. اُنهن اصولن جو هيٺ اپياس پيش ڪجي ٿو.

## (1) جنس مؤنث نهڻ جا اصول

مطالعي ڪان پوءِ جنس مؤنث جا ڪل ملائي چار اصول نظر اچن ٿا: مثال طور:

**(i) پهريون اصول:** سنڌي ٻوليءَ جا اُهي اسم جن جي آخر ۾ 'اَ' آواز هجي جنهن لاءِ 'زبر' اعراب طور استعمال ٿيندي آهي، اُهي اسم گهڻو ڪري 'اسم مؤنث' طور ڦيرو ڏيکاريندا آهن: مثال طور:

عورَتَ، زمينَ، ڪٽَ، نَٽَ، ڪَلَ، ڪِلَ، عينَڪَ ۽ صندوقَ وغيره.

انهيءَ ڪري هي اصول ٺهيو تہ: "اُهي اسم جن جي آخر ۾ 'اَ' آواز اُچارجي تہ اهڙن سڀني اسمن کي 'اسم مؤنث' چئبو. اهڙن مؤنث اسمن مان، ڪن جو، جملن ۾ استعمال ڏسو:

| اسم مؤنث | جملن ۾ استعمال |
|---|---|
| عورَتَ | هيءَ عورت سياڻِي آهي |
| ڪَٽَ | هيءَ ننڍي ڪٽ آهي |
| نَٽَ | نٽ سونَ مان ٺهندِي آهي |
| عينڪَ | مون مهانگِي عينڪ پاتِي آهي |
| ڪَلَ | سهي جي ڪل نَرم آهي |
| زالَ | هيءَ ڪنهن جِي زال آهي؟ |

**(ii) ٻيو اصول:** سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم لاءِ جنس مؤنث جي ڄاڻڻ جو ٻيو اصول يا قاعدو هيءُ آهي ته اُهي اسم، جن جي آخر ۾ 'اِ' آواز لاءِ 'زير' اعراب طور استعمال ٿيندي آهي، اُهي اسم، جنس مؤنث ۾ گردان ڪندا آهن؛ جيئن: اَکِ، مَکِ، پِتِ، چِتِ، دل ۽ جاءِ وغيره. انهن سڀني اسمن جي آخر ۾ 'اِ' آواز اُچارجي ٿو ۽ :ڪڻ ۾ اُن لاءِ 'اِ' اعراب ڪم اچي ٿي. اهڙن سڀني کي **'اسم مؤنث'** چئبو. اهڙن مؤنث اسمن جو جملن ۾ استعمال ڏسو:

| اسم مؤنث | جملن ۾ استعمال |
|---|---|
| اَکِ | هيءَ منهنجي اکِ آهي |
| مَکِ | هيءَ مکِ آهي. |
| پِتِ | هِن اگڻ جي پت ننڍي آهي. |
| دِلِ | دل وڏي ڪر. |
| جاءِ | اسان جي جاءِ پراڻي آهي. |

هيءَ ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ 'سيٺِ'، 'ڪيهرِ' ۽ 'اهنيرِ' اهڙا لفظ آهن، جن جي آخر ۾ جيتوڻيڪ 'اِ' اعرابَ استعمال ٿيندي آهي، پر اِهي لفظ، اسم مذڪر طور استعمال ٿيندا آهن، تنهنڪري اهڙن لفظن کي اصول نمبر ٻئي کان ڌار سمجهيو ويندو آهي. انهن لفظن جو جملن ۾ استعمال ڏسو:

هيءُ وڏو سيٺِ آهي. هيءُ سيٺ وڏو ماڻهو آهي.

تنهنجي پاءُ جو اَهنيرِ ڪيرُ آهي؟

**(iii) ٽيون اصول/ قانون:** اسم جي جنس مؤنث ڄاڻڻ لاءِ ماهرن ٽيون هيءُ قانون مقرر ڪيو آهي. انهن جو رايو آهي ته جن اسمن جي آخر ۾ 'اِي' آواز اچارجي ته اهڙا سڀ اسم، جنس مؤنث ۾ گردان ڪندا آهن؛ مثال طور:

چوڪِري، ٻڪرِي، ٻلِي، ڪرسِي ۽ پيتِي وغيره.

انهن سڀني اسمن جي آخر ۾ 'اِي' جو آواز اُچارجي ٿو، اِن ڪي 'ي معروف' جو اُچار به چئجي ٿو. انهيءَ ڪري اهڙن اسمن جي جنس مؤنث ٿيندي. اهڙن اسمن جو جملن ۾ استعمال ڏسو:

| اسم | جملن ۾ استعمال |
|---|---|
| چوڪِري | چوڪِري پڙهي ٿِي. |
| ٻڪِري | ٻڪِري گاهه کائي ٿِي. |
| ٻلِي | ٻلِي ڪئي جي پٺيان ڊوڙي ٿِي. |
| ڪرسِي | هيءَ ڪرسِي ڪاٺ جِي ٺهيل آهي. |
| پيتِي | هيءَ پيتِي وڏي آهي. |

'اِي' جو گهٽو اُچار 'اِين' آهي، ۽ اِن لاءِ 'اِين' به اعراب طور استعمال ٿيندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا اسم مؤنث موجود آهن، جن جي آخر ۾ 'اِين' اعراب به ايندي آهي؛ مثال طور:

ٻانهِين، ڇانهِين ۽ نِهائين.

انهن اسمن جي آخر ۾ 'اِين' اعراب استعمال ٿي آهي. 'اِين'، 'اِي' سر جي گهٽي صورت آهي، اهڙا اسم به جنس مؤنث ۾ گردان ڪن ٿا.

پر هيءَ نڪتو به نوٽ ڪرڻ گهرجي ته سنڌي زبان ۾ ڪيترائي اهڙا اسم موجود آهن جن جي آخر ۾ جيتوڻيڪ 'اِي' يا 'اِين' اعرابون ڪم اينديون آهن، پر اهڙا اسم، جنس مذڪر ۾ گردان ڪندا آهن؛ مثال طور:

| اسم مذڪر | جملن ۾ استعمال |
|---|---|
| هاٿِي | هاٿي پاڪستان ۾ ڪونه ٿيندو آهي. |
| ڌوٻِي | ڌوٻِي ڪپڙا ڌوئي ٿو. |
| درزِي | درزِي ڪپڙا سبندو آهي. |
| پکِي | پکِي اُڏامي ٿو. |
| پاڻِي | درياء ۾ پاڻِي اچي ويو آهي. |
| پرِين | اڄ منهنجو پرِين اچڻو آهي. |

انهيءَ ڪري نوٽ ڪريو ته:

اهڙا سڀ مذڪر اسم، جن جي آخر ۾ 'اِي' يا 'اِين' اعرابون استعمال ٿيون به هجن، اُهي ٽئين نمبر اصول کان وانجهيَلَ آهن.

هيٺ 'اِي' ۽ 'اِين' اعرابن وارن مذڪر ۽ مؤنث اسمن جي جملن ۾ گردانن ۾ فرق نوٽ ڪريو:

| اسم مؤنث | جملن ۾ استعمال | اسم مذڪر | جملن ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| ڇوڪري | ڇوڪري پڙهي ٿي | ڌوٻي | ڌوٻي ڪپڙا ڌوئي ٿو. |
| گهوڙي | گهوڙي ڊوڙي ٿي. | هاٿي | هاٿي ڊوڙي ٿو. |
| ٻِلي | ٻلي ڪائي ٿي. | پکي | پکي ڪائي ٿو. |
| ڪرسي | ڪرسي اِيندي. | پاڻي | پاڻي ايندو. |

(iv) **چوٿون اصول:** ماهرن، جنس مؤنث معلوم ڪرڻ لاءِ جيڪو چوٿون اصول مقرر ڪيو آهي اُهو هي آهي ته "اهي اسم جن جي آخر ۾ 'آ' اعراب استعمال ٿيندي هجي، اهڙا سڀ اسم، سواءِ ڪن ٿورن جي، جنس مؤنث موجب گردان ڪن ٿا؛ مثال طور:

هوا، دوا، اَبلا، دنيا، دُعا، بَلا، ديا، گِلا ۽ خطا وغيره.

انهن سيني اسمن جي آخر ۾، 'آ' اعراب استعمال ٿي آهي. اهي سڀ اسم، جنس مؤنث جا مثال آهن.

پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا مذڪر اسم ٻه موجود آهن جن جي آخر ۾ 'آ' اعراب استعمال ٿيندي آهي. مثال طور:

برهما، راجا، ديوتا، داتا، پِتا، گدا، پيشوا ۽ دريا وغيره.

هيٺ انهن مذڪر ۽ مؤنث اسمن جي ڦيرن ۾ فرق ڏسو، جن جي آخر ۾ 'آ' اعراب استعمال ٿيندي آهي:

| اسم مؤنث | جملن ۾ استعمال | اسم مذڪر | جملن ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| هوا | هوا لڳي ٿِي. | ديوتا | هيءُ ديوتا لڳي ٿو. |
| دنيا | دنيا هميشه رهڻي نه آهي | راجا | راجا هميشه رهڻو نه آهي. |
| خطا | مون کان خطا ٿِي آهي. | داتا | داتا دانُ ڏيندو. |

**نوٽ ڪريو ته اهڙا سڀ مذڪر اسم، جن جي آخر ۾ 'آ' اعراب استعمال ٿي هجي، اصول نمبر چوٿين کان آجا آهن.**

## (2) جنس مذڪر ڄاڻڻ جا قانون

اسمن جي جنس مذڪر معلوم ڪرڻ لاءِ به ماهرن ڪي اصول مقرر ڪيا آهن. اهڙن اصولن جو اڀياس هيٺ پيش ڪجي ٿو.

**(i) پهريون اصول:** سنڌي ٻوليءَ جا اُهي اسم، جن جي آخر ۾ 'اُ' آواز اچارجي ٿو، جنهن لاءِ 'پيش' اعراب استعمال ٿيندي آهي، عام طور جنس مذڪر ۾ گردان ڪندا آهن؛ مثال طور: گهَرُ، ٻارُ، هَٽُ، ڪِيرُ، نَڪُ، چَپُ، پيءُ ۽ پاءُ وغيره.

اهڙن اسمن جي مذڪر صورت لاءِ ماهرن هي قانون مقرر ڪيو آهي: "اُهي اسم، جن جي آخر ۾ 'اُ' اعراب ڪم ايندي هجي، اهڙا گهڻو ڪري سڀ اسم، جنس مذڪر ۾ گردان ڪندا آهن. اهڙن مذڪر اسمن جو، جملن ۾ استعمال ڏسو:

| اسم مذڪر | جملن ۾ استعمال |
|---|---|
| گهرُ | هيءُ اسان جو گهرُ آهي. |
| ٻارُ | ٻارُ اسڪول ويندو آهي. |
| هَٽُ | هيءُ ساڃو هٽُ آهي. |
| ڪيرُ | ڪيرُ مٺو آهي. |
| پيءُ | هيءُ منهنجو پيءُ آهي. |
| پاءُ | منهنجو پاءُ اڄ اچڻو آهي. |

پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا اسم به موجود آهن، جن جي آخر ۾ جيتوڻيڪ 'اُ' آواز اچارجي ٿو ۽ لکڻ ۾ 'پيش' اعرابَ استعمال ٿيندي آهي، پر اهڙا اسم جنس مؤنث ۾ ڦرندا آهن؛ جيئن:

ماءُ، پيڻُ، سَسُ، وِڄُ، مَسُ، سرءُ، ننڊُ ۽ سِنڌُ وغيره.

'اُ' اعراب وارن مذڪر ۽ مؤنث اسمن جي گردانن ۾ فرق نمايان نظر ايندو آهي؛ مثال طور:

| اسم مذڪر | جملن ۾ استعمال | اسم مؤنث | جملن ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| پاءُ | هيءُ منهنجو پاءُ آهي. | پيڻُ | هِيءَ منهنجي پيڻُ آهي. |
| پيءُ | منهنجو پيءُ اچي ٿو. | ماءُ | منهنجي ماءُ اچي ٿِي. |
| ڪير | ڪيرُ اچو آهي. | مَسُ | مس ڪارِي آهي. |
| آسمان | آسمان چمڪي ٿو. | وِڄُ | وڄ چمڪي ٿِي. |

انهن مثالن ۾ مذڪر ۽ مؤنث اسمن جي گردانن ۾ فرق ظاهر نظر اچي ٿو.

نوٽ ڪريو ته اهڙا سڀ مؤنث اسم، جن جي آخر ۾ 'اُ' آواز اچارجي ٿو ۽ 'پيشُ' اعراب ٺي استعمال ٿيندي آهي، جنس مذڪر جي پهرئين اصول کان ٻاهر آهن.

**(ii) ٻيو اصول:** اُهي اسم جن جي آخر ۾ 'او' آواز اچارجي ٿو ۽ لکڻ ۾ 'او' اعراب ڪم ايندي هجي، اُهي سڀ اسم، جنس مذڪر ۾ گردان ڪندا آهن؛ مثال طور: گهوڙو، ڇوڪرو، طوطو، پئسو، هفتو، نالو، شيشو ۽ ڪٽولو وغيره. اهڙن مذڪر اسمن جو، جملن ۾ گردان ڏسو:

| اسم مذڪر | جملن ۾ استعمال | اسم مؤنث | جملن ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| ڇوڪرو | ڇوڪرو لکي ٿو. | ڇوڪِري | ڇوڪِري لکي ٿِي. |
| گهوڙو | گهوڙو ڊوڙي ٿو. | گهوڙِي | گهوڙِي ڊوڙي ٿِي. |
| جهنڊو | جهنڊو ڦَرڪي ٿو | جهنڊِي | جهنڊِي ڦرڪي ٿِي. |
| شيشو | وڏو شيشو ڪڻ. | شيشِي | وڏِي شيشِي ڪڻ. |
| ڇيلو | ڇيلو ٻي ٻي ڪري ٿو. | ڇيلِي | ڇيلِي ٻي ٻي ڪري ٿِي. |

**(iii) ٽيون اصول:** اُهي اسم جن جي آخر ۾ 'اُو' يا 'اُون' آواز اچارجن ٿا ۽ اِهي ئي اعرابون استعمال ٿينديون آهن، اُهي اسم، جنس مذڪر ۾ گردان ڪندا آهن؛ مثال طور: تنبُو، خيمو، ڪَدُو، ڇَتُون، ڪڇُون، پَنُون/ وڇُون، واڳو/واڳون وغيره. اهڙن مذڪر اسمن جو جملن ۾ گردان ڏسو:

| اسم مذڪر | جملن ۾ استعمال |
|---|---|
| تنبُو | هي مهمانن جو تنبُو آهي. |
| خيمُو | هيءُ خيمُو وڏو آهي. |
| ڇَتُون | ڇتُون وڻن ۾ رهندو آهي. |
| طوطو | طوطو ٻولي ٿو. |
| پَنُون/ وڇُون | پَنُون/ وڇُون ڏنگ هڻندو آهي. |

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ڪيترائي اسم موجود آهن، جن جي آخر ۾ جيتوڻيڪ 'اُون' آواز اچارجي ٿو ۽ 'اون' اعراب استعمال ٿيندي آهي، پر اهڙا اسم، جنس مؤنث ۾ گردان ڪندا آهن: مثال طور: ڳئون، پوُن، جُون.

| جملن ۾ استعمال | اسم مؤنث |
|---|---|
| ڳئون کير ڏيندي آهي. | ڳئون |
| هيءَ پوُن اسان جي آهي. | پوُن |

اِئين ڪيترائي لفظ 'اُو' يا 'اُون' آوازن سان اُچاريا آهن ۽ جنس مؤنث ۾ گردان ڪندا آهن جيئن: ڪوڪُو، سُون سُون، زُون زُون ۽ رُون رُون وغيره.

## (3) مذڪر اسم جيڪي مؤنث اسمن ۾ بدلجن ٿا

سنڌي ٻوليءَ ۾، ڪيترن ئي مذڪر اسمن مان مؤنث اسم نهندا آهن. اُنهن لاءِ ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، اُهي اصول هي آهن:

**(i) پهريون اصول:** اُهي مذڪر اسم، جن جي آخر ۾ 'اُ' آواز اچاربو آهي ۽ ان لاءِ 'پيشُ' اعراب استعمال ٿيندي آهي، اُنهن جي آخري اواز کي 'اِ' آواز ۾ ۽ اُن لاءِ لکڻ ۾ 'زير' اعراب ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي: مثال طور:

| مذڪر اسم | جملن ۾ ڦيرا | مؤنث اسم | جملن ۾ ڦيرا |
|---|---|---|---|
| اُٺُ | اُٺُ نچي ٿو. | اُٺِ | اُٺِ نچي ٿي. |
| ڇوڪرُ | ڇوڪر پڙهي ٿو | ڇوڪرِ | ڇوڪرِ پڙهي ٿي. |
| ڪُڪڙُ | ڪُڪڙ ڪاٺبو آهي. | ڪُڪڙِ | ڪُڪڙِ ڪاٺبي آهي. |
| گڏهُ | گڏهُ بار کڻي ٿو. | گڏهِ | گڏهِ بار کڻي ٿِي. |
| ماساتُ | هيءُ منهنجو ماسات آهي. | ماساتِ | هِيءَ منهنجي ماساتِ آهي. |

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اسم مؤنث، هن اصول کان وانجهيل ليکيا ويندا آهن، مثال طور:

| مذڪر اسم | مؤنث اسم |
|---|---|
| گدڙُ | گداڙِي |
| ٻگهڙُ | ٻگهياڙِي |
| ڪانءُ | ڪانوِيلِي |
| ڳورپٽ | ڳورنهارِي |

**(ii) ٻيو اصول:** اهي مذڪر اسم، جن جي آخر ۾ 'اُ' آوار اچاربو آهي ۽ 'پيش' اعراب ايندي آهي،

اُنهن مذڪر اسمن جون مؤنث صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اُ' آواز کي بدلائي 'اِي' آواز ۾ 'ي معروف' يعني 'اِي' اعراب ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي: مثال طور:

| مذڪر اسم | جملن ۾ استعمال | مذڪر اسم | جملن ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| ڇوڪرُ | ڇوڪرُ لکي ٿو. | ڇوڪرِي | ڇوڪرِي لکي ٿِي. |
| ٻَڪَرُ | ٻڪرُ پاڻي پيئي ٿو. | ٻڪرِي | ٻڪرِي پاڻي پيئي ٿِي. |
| جهرڪُ | جهرڪُ اُڏامي ٿو. | جهرڪِي | جهرڪِي اُڏامي ٿِي. |
| درُ | هن گهر جو درُ وڏو آهي. | دري | هيءَ درِي گهٽيءَ ۾ ٿِي کلي. |

**(iii) ٽيون اصول:** اُهي مذڪر اسم جن جي آخر ۾ 'او' يا 'اُو' آواز اچارجن ٿا ۽ اِهي اعرابون ڪم ائينديون آهن، اهڙن مذڪر اسمن جي مؤنث صورتن ناهڻ لاءِ، اُنهن مذڪر اسمن جي 'او' يا 'اُو' آوازن کي، 'اِي' آواز ۾ اعراب ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي: مثال طور:

| اسم مذڪر | جملن ۾ استعمال | اسم مؤنث | جملن ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| گهوڙو | گهوڙو ڊوڙي ٿو. | گهوڙِي | گهوڙِي ڊوڙي ٿِي. |
| ڪُتو | ڪتو ڀؤنڪي ٿو. | ڪُتِي | ڪُتِي ڀؤنڪي ٿِي. |
| ڏاڏو | منهنجو ڏاڏو ايندو. | ڏاڏِي | منهنجي ڏاڏي ڏاهِي آهي. |
| نانو | اسان جو نانو آيو. | نانِي | اسان جِي نانِي آئِي |

**(iv) چوٿون اصول:** سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اسم مذڪر اهڙا بہ آهن، جن جون مؤنث صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن مذڪر اسمن جي صورتن جي آخري اعراب هٽائي ان جي فوراً پٺيان '-اَڻِ'، 'اِڻ'، '-آڻي' يا '-ياڻي' آوازَ ۾ لکڻ ۾ پڇاڙيون يا علامتون ملايون وينديون آهن: مثال طور:

| مذڪر اسم | + پڇاڙيون/ علامتون | مؤنث اسم |
|---|---|---|
| شينهُن | - اَڻِ | = شينهَڻِ |
| مالهي | - اَڻِ | = مالهَڻِ |
| ماڙيچو | - اَڻِ | = ماڙيچَڻِ |
| اُٺُ | - اِڻ | = اُٺِڻِ |
| جت | - اِڻ | = جَتِڻِ |
| هاٿي | - اِڻ | = هاٿِڻِ |
| ڏير | - آڻِي | = ڏيراڻي |
| هندو | - آڻِي | = هندواڻي |
| ماڙيچو | - ياڻِي | = ماڙيچياڻِي |

| | | |
|---|---|---|
| فقيرُ | - ياڻي | = فقيرياڻي |
| ماسترُ | - ياڻي | = ماسترياڻي |
| ڊاڪٽرُ | - ياڻي | ڊاڪٽرياڻي |
| سيٺِ | - ياڻي | سيناڻي |
| مُلو | - ياڻي | مُلياڻي |

**(v) پنجون اصول:** سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اسم مذڪر اهڙا به آهن، جن جون اسم مؤنث صورتون جُدا يا الڳ لفظن جي صورت ۾ اچاريل هونديون آهن: مثال طور:

| اسم مذڪر | اسم مؤنث | اسم مذڪر | اسم مؤنث |
|---|---|---|---|
| مڙس | زالَ/ جوءِ | مرد | عورت |
| پيءُ | ماءُ | پٽ | ڌيءُ |
| ابو/ بابو | امڙ/اما/امي/آئي/ آيل | ڀاءُ | ڀيڻُ |
| نر | مادي | ميان | ٻيٻي |
| راڻو | راڻي | مور | ڍيل |
| راڄا | راڻي | | |
| ڏڳو/ ڏاندُ | ڏڳي/ ڳئون/ ڳانءِ | سانُ/ سانهُن | مينهِن |
| ڏاگهو | ڏاچي | پاڏو | ويج |
| گهوٽُ | ڪنوار | سهرو | سس |
| گهيٽو | رڍ | پتا | ماتا |
| ڇيرو | ڇپَ | ڪانءُ | ڪانويلي |
| رنڙُ | رَنَ | ٻڦڙ | ٻڦي |
| ماسڙُ | ماسي | ڳورپٽ | ڳورنهاري |

(4) هيءُ نقطو ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اسم سدائين اسم مذڪر طور استعمال ٿيندا آهن. انهن جي مؤنث صورت ڪانه ٿيندي آهي: جيئن:
رَتُ، اَهيرُ، ڪانڌُ، ڪل مُک، ڏُڏُ، تارو، پوئرُ ۽ چيلاٽو ۽ پڪي وغيره.

(5) اهڙيءَ طرح ڪن اسمن جون صورتون سدائين اسم مؤنث طور ڪم ايندڀون آهن، اهڙن اسمن جي مذڪر صورت ڪانه ٿيندي آهي: جيئن:
اَٻلا، جيجل، زائفان، ميندي، نڻان/ نڙاڻ، شيءِ، آيا، ٻيٻي، ٻائي، ٻائڙي، ڦلاونتي، ساهيڙي، جيجي، آرياڻي.

(6) سنڌي ٻوليءَ ۾ 'رس' لفظ اسم مذڪر به آهي ته اسم مؤنث به: جيئن:

ڳالهه جو رس: مذڪر ۾ استعمال

ڪمند جي رس: مؤنث ۾ استعمال

(7) اڳ ۾ مذڪر اسمن جي مثالن ۾ چيو ويو آهي تہ اهي اسم جن جي آخر ۾ 'او' آواز ۽ اعرابَ طور ڪر اچن، اُهي سڀ اسم جنس مذڪر ۾ گردان ڪندا آهن، پر هيٺ ڪي اهڙا اسم بہ ملن ٿا، جن جي پڇاڙيءَ ۾ جيتوڻيڪ 'او' آواز ۽ اعراب ڪر اچن ٿا، پر اهي اسم جنس مذڪر نہ بلڪ جنس مؤنث آهن: جيئن:

باشو، ٻئنسرو، شڪرو ۽ سيچاڻو.

پر اهي اسم جنس مذڪر ۾ گردان ڪن ٿا.

اهڙيءَ طرح بشينَ ۽ چِپَڪَ نرباز آهن. انهن لفظن جي پنيان جيتوڻيڪ 'اَ' اعراب ڪر آئي آهي، پر اهي اسم جنس مؤنث ۾ گردان ڪن ٿا.

## باب ٻيو: اسم جا عدد (Number) ۽ اُنهن جا قسم

### 1- (الف) سنڌي ٻوليءَ ۾، سڀ اسم ٻن عددن ۾ ڦرن ٿا

اهي ٻه عدد آهن: عدد واحد (Singular number) ۽ عدد جمع (plural number) مثال طور هيٺ ڏنل لفظن جي ڪڙهي ملاحظ ڪريو:

**لفظ**

| عدد واحد | عدد جمع |
|---|---|
| زالَ | زالون |
| ميزَ | ميزون |
| چوڪري | چوڪريون |
| هوا | هوائون |
| گهوڙو | گهوڙا |
| پُٽُ | پُٽَ |
| ٻاءُ | ٻائرَ |
| ڀيءُ | ڀيئرَ |
| ماءُ | مائون/ مائرون |
| ڀيڻُ | ڀيڻون/ ڀينر، ڀينرُون |
| ڇگو | ڇگا |
| ڪيترو | ڪيترا |

انهن لفظن جي اڀياس مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ ڪنهن بہ لفظ جي واحد صورت مان، جمع صورت ٺاهڻ جو مدارُ اُن لفظ جي جنس ۽ اُن لفظ جي آخر ۾ آيل اعراب تي هوندو آهي.

(ب) (i) لفظن جي جنسن جي اڀياس وانگر، عددن جي اڀياس لاءِ بہ ماهرن ڪي اصول ۽ قانون مقرر ڪيا آهن. اُنهن اصولن ۽ قانونن جي روشنيءَ ۾، سنڌي وياڪرڻ جي هن باب جو مطالعو پيش ڪيو ويو آهي، ۽ انهن اصولن ۽ قانونن کي مثالن سان واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وَئي آهي.

(ii) ماهرن سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي عددن جا ٻہ قسم ڄاڻايا آهن: عدد واحد ۽ عدد جمع. ڪاڪو

ڀيرومل، پنهنجي مشهور ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' (ٻيو ڇاپو، ص 36) ۾ لکي ٿو ته:

"سنسڪرت ۾ عدد يا وچن ٽي آهن؛ جيئن:
ايڪ وچن 'ڦلم'، معنيٰ هڪ ڦل يا ميوو
دو وچن ڦلي، معنيٰ ٻه ڦل، ۽
ٻهو وچن (جمع) ڦلاني معنيٰ ٽي يا گهڻا ڦل
سنڌيءَ ۾ دو وچن گم ٿي ويو آهي."

(iii) هن سلسلي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب (ڇاپو ٻيو) ۾ 'دو وچن' يعني عدد تثنيه جي باري ۾ بحث ڪري نتيجا ڪڍيا ويا آهن. مذڪوره ڪتاب ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا اسم به آهن، جيڪي حالت ندا جي صورت ۾، سنسڪرت جي اسمن وانگر عدد تثنيه موجب ڦرن ٿا. سنسڪرت ۽ سنڌيءَ جيَ انهن اسمن جي حالت ندا جي صورت ۾، گردانن جي ڀيٽ ڪرڻ کان پوءِ ماهر پاڻ فيصلو ڪن ۽ ڏسن ته ڇا حالت ندا جي صورت ۾، سنڌي ٻوليءَ جا اِهي اسم، ٽن عددن ۾ گردان ڪن ٿا؟ ماهر اهو به ڏسن ته ڇا سنڌي ٻوليءَ ۾، قديم زماني ۾، اسم ٽن عددن يعني عدد واحد، عدد تثنيو ۽ عدد جمع ۾ گردان ڪندا هئا؟

جيڪڏهن ها ته پوءِ سنڌي ٻولي، پنهنجي وياڪرڻ جي انهيءَ قديم خصوصيت کي، فقط حالت ندا ۾ ئي ڇو قائم رکي سگهي آهي، ۽ ٻين حالتن جي گردانن ۾ عدد تثنيئي جو ڦيرو ڇو ختم ٿي ويو؟

انهن سوالن کان پوءِ، هيٺ سنسڪرت ۽ سنڌي ٻوليءَ جي، اسمن جي حالت ندا وارن مثالن ۾ ڀيٽ ڪجي ٿي:

| حالت ندا | سنسڪرت | سنڌي |
|---|---|---|
| عدد واحد | مَنوشُيَ! | ماڻهو!، ڪيڇي!، سيٺ! |
| عدد تثنيه | مَنوشيَئو! | ماڻهُو اَئو!، ڪيڇيئو!، سيٺيو! |
| عدد جمع | مَنوشيا! | ماڻهوئا!، ڪيڇيا!، سيٺيا! |

انهن مثالن جي تقابلي مطالعي کان پوءِ ذهن ۾ هي سوال ٿو پيدا ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ فقط انهن ٽن اسمن- ماڻهو، ڪيڇي ۽ سيٺ جو حالت ندا ۾، ٽن عددن- عدد واحد، عدد تثنيو ۽ عدد جمع جي صيغي ۾ ڦرڻ، سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي ۽ اصلوڪي وياڪرڻي خصوصيت ته نه آهي؟ جيڪڏهن ها ته پوءِ سنڌي ٻوليءَ، پنهنجيءَ انهيءَ خصوصيت کي، فقط حالت ندا جي صورت ۾ ڇو قائم رکيو آهي ۽ ٻين حالتن ۾ عدد تثنئي جو گردان ختم ڇو ٿي ويو، ۽ ڪيئن ختم ٿيو؟

اُن کان سواءِ هي سوال به پيدا ٿو ٿئي ته حالت ندا جي صورت ۾ به فقط انهن ٽن اسمن سان عدد تثنئي جي ڦيري جو صيغو ڇو قائم رهي سگهيو ۽ ٻين اسمن سان قائم ڇو نه رهي سگهيو؟

(iv) هن سلسلي ۾ وڌيڪ تحقيق مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي مثال، عدد

تثنئي جا مثال نہ آهن. سنڌي وياڪرڻ جي خصوصيتن جي لحاظ کان، انهن مثالن جو جڏهن غور سان مطالعو ڪجي ٿو، ۽ انهن مثالن جي سنڌو-ماٿر جي قديم سئنڌ ئي زبان جي شاخن، دراوڙي ۽ لهندا ٻولين جي عدد جمع جي 'نيازي صيغي' (honorific form) وارن مثالن سان جڏهن ڀيٽ ڪجي ٿي، تڏهن اهو ثابت ٿو ٿئي، سنڌي ٻوليءَ ۾، 'ماڻهو اَئو' ۽ 'ماڻهوُئا'، 'ڪيڇيئو' ۽ 'ڪيڇيا' ۽ 'سينيئو' ۽ 'سينيا' صورتون، عدد تثنئي جي ڦيري جون صورتون نہ آهن، پر اهي صورتون دراصل، حالت ندا ۾، عدد جمع جي ڦيري جون ٻہ صورتون يعني ٻہ صيغا آهن. انهن اسمن جا اهي ڦيرا، حالت ندا ۾ ضمير حاضر جمع جا ڦيرا آهن. اسم جي عدد جمع ۾، انهن ٻنهي روپن جي وضاحت هيٺ ڏنل خاڪي ذريعي ڪجي ٿي:

| عدد جمع | | عدد واحد |
|---|---|---|
| ماڻهوُئا! | ماڻهوُ اَئو! | ماڻهو! |
| ڪيڇيا! | ڪيڇيئو! | ڪيڇي! |
| سينيا! | سينيئو! | سيٺ! |

انهن مثالن ۾ 'ماڻهوُاَئو' ۽ 'ماڻهوُئا'، 'ڪيڇيئو'، 'ڪيڇيا' ۽ 'سينيئو' ۽ 'سينيا' صورتون (لفظن جا روپ)، حالت ندا ۾ نيازي (honorific) صيغي جا اصلي روپ آهن، جيڪي سنڌو-ماٿر جي قديم 'سئنڌئي زبان' ۾ بہ هئا، ۽ هن وقت بہ اهي روپ سنڌي، لهندي ۽ دراوڙي ٻولين جي وياڪرڻ ۾، انهيءَ قديم سئنڌئي ٻوليءَ جي باقيات آهن. سنڌي، لهندي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ اسمن يا ضميرن جا اهي ڦيرا، پاڻ ۾ گهڻي هڪجهڙائي رکن ٿا، ۽ اهي سئنڌئي ٻوليءَ جي انهن قديم شاخن جي قديم ۽ اصلوڪي وياڪرڻي سنا‌ء جا مثال آهن.

(v) دراوڙي ٻولين ۾ عدد تثنئي جو ڪوبہ مثال نٿو ملي. انهن ٻولين (دراوڙيءَ) ۾ ضمير حاضر جي صيغي ۾، عدد جمع جي ٻن قسمن جي ڦيرن جا مثال ملن ٿا. ڊاڪٽر ڪالڊويل جي لکڻ موجب، ڪنهن بہ ضمير حاضر واحد کي احترام طور مخاطب ٿيڻ لاءِ، اُن سان ضمير حاضر واحد جي صيغي ۾ نہ، پر ضمير حاضر جمع واري صيغي ۾، مخاطب ٿبو آهي. سنڌي وياڪرڻ ۾ ڳالهائڻ جي انهيءَ صيغي کي 'نيازي صيغو' (honorific form) چئبو آهي، سنڌي ٻوليءَ ۾ وياڪرڻ جي انهيءَ صيغي جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| ضمير حاضر واحد جو نيازي صيغو | ضمير حاضر واحد |
|---|---|
| ادي! توهين ڳالهايو. | ادي! تون ڳالهاءِ. |
| سينيئو! ڪيڏانهن ٿا وڃو. | سيٺ! ڪيڏانهن ٿو وڃين؟ |
| توهين ڳالهائيندؤ؟ | تون ڳالهائيندين؟ |

سنڌي ٻوليءَ ۾ نيازي صيغي (honorific form) جا مثال ضمير متڪلم واحد ۽ متڪلم

جمع، ۽ ضمير غائب واحد ۽ غائب جمع ۾ به ملن ٿا، جيئن:

| ضمير متڪلم واحد | ضمير متڪلم واحد جو نيازي صيغو |
|---|---|
| مان اچان ٿو. | اسين اچون ٿا. |
| مان لکان ٿو. | اسين لکون ٿا. |

| ضمير غائب واحد | ضمير غائب واحد جو نيازي صيغو |
|---|---|
| هُو ويو. | هو ويا. |
| هُوءَ وَئي. | هو وَئيون. |
| اِهو اٿيئي. | اِهي اُٿو. |
| اِها آئي آهي. | اِهي آيون آهن. |
| سائين آيو. | سائينءَ جن آيا. |
| آپا آئي. | آپا جن آيون. |

تنهنڪري اهو قبول ڪري ٿو سگهجي ته سنڌيءَ مان دو وچن واري خصوصيت گم ٿي وَئي آهي.

## 2- عدد واحد مان، عدد جمع ٺاهڻ جا اصول

### (الف) مؤنث اسمن جي عددن جو اڀياس:

**(i) پهريون اصول**- اُهي واحد مؤنث اسم، جن جي آخر ۾ 'اَ' اعراب استعمال ٿيندي آهي، اهڙن واحد مؤنث اسمن جون، عدد جمع واريون صورتون ٺاهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اَ' اعراب کي 'اُون' پڇاڙيءَ ۾ تبديل ڪبو آهي؛ جيئن:

| اسم: واحد | اسم: جمع | جملن ۾ استعمال: واحد صورت جو استعمال | جملن ۾ استعمال: جمع صورت جو استعمال |
|---|---|---|---|
| ڪَٽَ | ڪٽون | هيءَ ڪَٽَ آهي. | هي ڪٽون آهن. |
| نَٿَ | نٿون | هن وٽِ هڪ نَٿَ آهي. | مون وٽ ٻه نٿون آهن. |
| صندوقَ | صندوقون | صندوق ۾ سامان آهي. | اسان صندوقون ورتيون آهن. |

**(ii) ٻيو اصول**- اُهي واحد مؤنث اسم، جن جي آخر ۾ 'آ' اعراب استعمال ٿيندي آهي، اُنهن واحد

مؤنث اسمن جون جمع صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن جي 'آ' اعراب ۾ 'اُون' پڇاڙيءَ جو اضافو ڪيو ويندو آهي؛ جيئن:

| | اسم | | جملن ۾ استعمال | |
|---|---|---|---|---|
| | واحد | جمع | واحد صورت جو استعمال | جمع صورت جو استعمال |
| هوا | | هوائون | اُتر جي هوا لڳي ٿي. | اُتر جون هوائون لڳن ٿيون |
| بلا | | بلائون | هيءَ وڏي بلا آهي. | هي وڏيون بلائون آهن. |
| خطا | | خطائون | مون خطا ڪئي. | هن خطائون ڪيون. |
| دوا | | دوائون | هيءَ ڪهڙي دوا آهي؟ | ڏاڍيون دوائون پيتيون اٿم. |
| ماتا | | ماتائون | هيءَ منهنجي ماتا آهي. | هي اسان جون ماتائون آهن. |

(iii) ٽيون اصول۔ اُهي واحد مؤنث اسم، جن جي آخر ۾ 'اِ' اعراب ڪم ايندي آهي،ا هڙن واحد مؤنث اسمن جون جمع صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اِ' اعراب کي، 'يُون'۾ تبديل ڪيو ويندو آهي؛ مثال طور:

| | اسم | | جملن ۾ استعمال | |
|---|---|---|---|---|
| | واحد | جمع | واحد صورت جو استعمال | جمع صورت جو استعمال |
| اَکِ | | اَکيون | هيءَ اَکِ آهي. | هي اکيون آهن. |
| راتِ | | راتيون | تو لاءِ سڄي رات جاڳيس. | تولاءِ ڪيتريون ئي راتيون جاڳيس. |
| دلِ | | دليون | دل وڏي ڪر. | دليون نہ لاهيو. |
| پِٽِ | | پِٽيُون | گهر جي چوڌاري پٽ آهي. | گهرن جي چوڌاري پٽيون آهن. |

نوٽ: هت هيءُ نقطو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ جيئن جنس جي بيان ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾، 'سيٺِ' هڪ اهڙو اسم مذڪر آهي، جنهن جي آخر ۾ 'اِ' اعراب ڪم ايندي آهي، جيڪا دراصل اسم مؤنث جي علامت آهي؛ پر 'سيٺ' مذڪر اسم واحد جي، جمع صورت ناهڻ لاءِ، اُن سان 'مؤنث صورت' وارو قانون ڪم آڻبو آهي؛ جيئن:

| اسم | | جملن ۾ استعمال | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد صورت جو استعمال | جمع صورت جو استعمال |
| سيٽ | سيٽيون | سيٽ ماني کائي ٿو. | سيٽيُون ماني کائين ٿا. |

**(iv) چوٿون اصول-** چوٿين اصول موجب، اُهي واحد مؤنث اسم جن جي آخر ۾ 'اِي' اعراب هوندي آهي، اهڙن واحد مؤنث اسمن جون جمع صورتون ٺاهڻ لاءِ 'اِي' اعراب کي، 'يُون' ۾ ڦيرائبو آهي؛ مثال طور:

| اسم | | جملن ۾ استعمال | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد صورت جو استعمال | جمع صورت جو استعمال |
| ڇوڪري | ڇوڪريُون | ڇوڪري پڙهي ٿي. | ڇوڪريون پڙهن ٿيون |
| گهوڙي | گهوڙيون | گهوڙي ڊوڙي ٿي. | گهوڙيون ڊوڙن ٿيون. |

ڪي ٻيا مثال هي آهن:

| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪرسي | ڪرسيُون | ٽڪري | ٽڪريون | راٽي | راٽيون |
| آرسي | آرسيون | پولڙي | پولڙيون | ڊاڪٽرياڻي | ڊاڪٽرياڻيون |
| ٻڪري | ٻڪريون | شيدياڻي | شيدياڻيون | ماسترياڻي | ماسترياڻيون |
| دائي | دائيون | تُوري | تورُيون | مُوري | مُوريون |
| مڇي | مڇيون | منجي | منجيون | | |

**(v) پنجون اصول-** اُهي اسم مؤنث واحد، جن جي آخر ۾ اسم مذڪر واري 'اُ' اعراب ڪم ايندي آهي، اُنهن مؤنث اسمن جون جمع صورتون ٺاهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اُ' اعراب کي، جنس مؤنث جي عدد جمع واري قانون موجب، 'اُون' ۾ تبديل ڪبو آهي؛ مثال طور:

| اسم | | جملن ۾ استعمال | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد صورت جو استعمال | جمع صورت جو استعمال |
| ماءُ | مائُون | ماءُ پيار ڪندي آهي. | مائُون پيار ڪنديون آهن. |
| | مائرون | | مائرون پيار ڪنديون آهن. |
| | مائر | | مائر پيار ڪنديون آهن. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| پيڻُ | پيڻون | | |
| | پيڻرُون/ پيڻَر | پيڻُ اچي ٿي. | پيڻون اچن ٿيون.<br>پيڻرون اچن ٿيون/<br>پيڻَر اچن ٿيون. |
| ڏيءُ | ڏيئون | | |
| | ڏيئرون | | |
| | ڏيئر | ڏيءُ ڪپڙا سبي ٿي. | ڏيئون ڪپڙا سبن ٿيون.<br>ڏيئرون ڪپڙا سبن ٿيون.<br>ڏيئر ڪپڙا سبن ٿيون. |
| سَسُ | سَسُون | منهنجي سَسُ ويندي. | اوهان جون سَسُون ويندون. |
| وڄُ | وڄُون | وڄُ چمڪي ٿي. | وڄُون چمڪن ٿيون. |

**(vi) ڇهون اصول-** سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي واحد اسم مؤنث اهڙا به آهن جن جي آخر ۾ 'اُون' پڇاڙي هوندي آهي. اهڙن واحد مؤنث اسمن جون جمع صورتون ٺاهڻ لاءِ، 'اُون' پڇاڙي ساڳي رکبي آهي، يعني 'اُون' ۾ ڪا به تبديل ڪانه ٿيندي آهي، اهڙيءَ تبديل کي 'ٻڙي تبديل' (zero change) چئبو آهي: مثال طور:

**اسم**: **واحد** — **جمع**

**جملن ۾ استعمال**: **واحد صورت جو استعمال** — **جمع صورت جو استعمال**

| واحد | جمع | واحد صورت جو استعمال | جمع صورت جو استعمال |
|---|---|---|---|
| ڳئون | ڳئون | ڳئون کير ڏيندي آهي. | ڳئون کير ڏينديون آهن. |

**(vii) ستون اصول-** سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اسم مؤنث اهڙا به آهن جيڪي هميشہ جمع جي صورت ۾ استعمال ٿيندا آهن: مثال طور:

| واحد صورت | جمع صورت |
|---|---|
| ڪَتيون | ڪَتيون |
| ٻيڙيون (زنجير) | ٻيڙيون (زنجير) |

## (ب) مذڪر اسمن جي جمع صورتن ٺاهڻ لاءِ اصول:

مؤنث اسمن وانگر، مذڪر اسمن جي واحد صورتن مان، جمع صورتون ٺاهڻ لاءِ به ماهرن ڪي اصول مقرر ڪيا آهن: مثال طور:

(i) پهريون اصول- اُهي مذڪر اسم، جن جي آخر ۾ 'اُ' اعراب ڪم ايندي آهي، اهڙن واحد اسمن جون جمع صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اُ' اعراب کي 'اَ' اعراب ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي؛ مثال طور:

| اسم: واحد | اسم: جمع | جملن ۾ استعمال: واحد صورت جو استعمال | جملن ۾ استعمال: جمع صورت جو استعمال |
|---|---|---|---|
| پُٽُ | پُٽَ | پُٽُ پڙهي ٿو. | پُٽَ پڙهن ٿا. |
| ڪتابُ | ڪتابَ | هي نئون ڪتابُ آهي. | هي نوان ڪتاب آهن. |
| هَٿُ | هَٿَ | هَٿُ ڌُوءِ. | هَٿَ صاف ڪر. |
| نَڪُ | نَڪَ | منهنجو نڪُ ڏُکهو آهي. | هنن جا نَڪَ ڏُکيا آهن. |
| ڪوهُ | ڪوهَ | ڪوهُ ڪوٺيو اٿن. | ڪوهَ ڪوٺيا اٿن. |

(ii) ٻيو اصول- اُهي واحد مذڪر اسم، جن جي آخر ۾ 'او' پڇاڙي هوندي آهي، اُنهن واحد اسمن جون جمع صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن جي آخر ۾ آيل 'او' پڇاڙي کي، 'آ' پڇاڙي ۾ مٽائبو آهي؛ مثال طور:

| اسم: واحد | اسم: جمع | جملن ۾ استعمال: واحد صورت جو استعمال | جملن ۾ استعمال: جمع صورت جو استعمال |
|---|---|---|---|
| گهوڙو | گهوڙا | گهوڙو ڊوڙي ٿو. | گهوڙا ڊوڙن ٿا. |
| ڇوڪرو | ڇوڪرا | ڇوڪرو لکي ٿو. | ڇوڪرا لکن ٿا. |
| هفتو | هفتا | آءٌ هڪ هفتو موڪل تي آهيان. | اسين ٻه هفتا موڪل تي آهيون. |
| ميوو | ميوا | هيءُ ميوو | پاڪستان ۾ ميوا جام آهن. |

(iv) چوٿون اصول- مؤنث اسمن جون جنسون بيان ڪندي اهو ٻڌايو ويو آهي ته ڪيترن ئي مذڪر اسمن جي آخر ۾ به 'اِي' پڇاڙي ايندي آهي. اهڙا مثال جنس مؤنث واري اصول کان 'مستثنيٰ' يعني آجا بيان ڪيا ويا آهن.

نوٽ ڪريو: اُهي مذڪر واحد اسم، جن جي آخر ۾ 'اِي' اعراب ڪم ايندي آهي، اهڙن واحد مذڪر اسمن جون جمع صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اِي' پڇاڙي ۾ ڪابه تبديلي ڪانه آڻبي آهي، پر اهڙن واحد اسمن جي جمع صورتن ناهڻ لاءِ، اُهائي 'اِي' پڇاڙي قائم رکبي آهي. ڪاڪو ڀيرومل، وڏي سنڌي وياڪرڻ ۾، اهڙن مثالن کي ٻِنيارين حالتون ٿو سڏي؛ مثال طور:

| اسم | | جملن ۾ استعمال | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد صورت جو استعمال | جمع صورت جو استعمال |
| پکي | پکي | پکي اُڏامي ٿو. | پکي اُڏامن ٿا. |
| ڌوبي | ڌوبي | ڌوبي ڪپڙا ڌوئي ٿو. | ڌوبي ڪپڙا ڌوئن ٿا. |
| مالهي | مالهي | مالهي گل پوکي ٿو. | مالهي گُلَ پوکين ٿا. |
| هاٿي | هاٿي | هاٿي پاڻي پيئي ٿو. | هاٿي پاڻي پيئن ٿا. |

**(v) پنجون اصول-** ڪيترن ئي واحد مذڪر اسمن جي آخر ۾ 'آ' اعراب استعمال ڪبي آهي. اهڙن واحد مذڪر اسمن جون جمع صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن ۾ ڪم آيل اعراب ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آڻبي آهي، پر ساڳي 'آ' واري پڇاڙي قائم رکبي آهي: جيئن:

| اسم | | جملن ۾ استعمال | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد صورت جو استعمال | جمع صورت جو استعمال |
| گدا | گدا | در تي گدا آيو آهي. | در تي گدا آيا آهن. |
| پيشوا | پيشوا | هيءُ اسان جو پيشوا آهي. | هي اسان جا پيشوا آهن. |

پر 'راجا' مذڪر اسم جي جمع صورت ناهڻ لاءِ اسم مؤنث واحد وانگر راجا لفظ جي آخر ۾ آيل 'آ' کي، 'اُون' ۾ مٽائبو آهي: مثال طور:

| اسم | | جملن ۾ استعمال | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد صورت جو استعمال | جمع صورت جو استعمال |
| راجا | راجائون | راجا آيو. | راجائون آيا. |

**(vi) ڇهون اصول-** مذڪر واحد اسمن جون جمع صورتون ناهڻ لاءِ اصول نمبر ٻئي ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ اُهي مذڪر واحد اسم، جن جي آخر ۾ 'او' پڇاڙي ۾ ڪم ايندي آهي، اهڙن واحد مذڪر اسمن جون جمع صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن جي 'او' پڇاڙي کي، 'آ' پڇاڙي ۾ تبديل ڪبو آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا بہ مذڪر واحد اسم موجود آهن، جن جي آخر ۾ 'اُو' يا 'اُون' پڇاڙي ۾ ڪم ايندي آهي، پر اهڙن اسمن جون جمع صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن جي آخر ۾ ايندڙ اعراب ۾ ڪابہ

تبديلي ڪانہ ايندي آهي، يعني اهڙن اسمن جون جمع صورتون ٺاهڻ لاءِ اُهائي 'اُ' يا 'اُون' اعراب قائم رکبي آهي؛ ايئن بہ نہ آهي تہ ڪو اهڙن اسمن جون جمع صورتون، ڪونہ جُڙنديون آهن، پر جمع صورتن جا اهڙا مثال، عام اصولن کان مثتنيٰ يعني آجا قرار ڏنا ويا آهن: مثال طور:

| اسم | | جملن ۾ استعمال | |
|---|---|---|---|
| **واحد** | **جمع** | **واحد صورت جو استعمال** | **جمع صورت جو استعمال** |
| واڳو | واڳو | واڳو تري ٿو. | واڳو ترن ٿا. |
| هندو | هندو | هِت هندو رهي ٿو. | هِت هندو رهن ٿا. |
| وڇون | وِڇون | وڇون ڊوڙي ٿو. | وِڇون ڊوڙن ٿا. |
| ڪچون | ڪچون | ڪچون ٽُبي هڻي ٿو. | ڪچون ٽبي هڻن ٿا. |
| مِرون | مرون | مِروُن نقصان ڪري ٿو. | مِرُون نقصان ڪن ٿا. |

(vii) **ستون اصول-** مذڪر اسمن جي جمع صورتن ٺاهڻ لاءِ، ٻئي نمبر اصول جي بيان ۾ اهو چيو ويو آهي تہ 'سيٺِ' مذڪر اسم جي آخر ۾ 'اِ' اعراب استعمال ٿيندي آهي، پر 'سيٺِ' لفظ جي جمع صورت لاءِ، 'اِ' اِعراب، جنس مؤنث جي اصول موجب 'يُون' پڇاڙي ۾ بدلبي آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا ٻيا اسم مذڪر بہ آهن، جن جي آخر ۾ جيتوڻيڪ 'اِ' اعراب هوندي آهي، پر اهڙن اسمن جي جمع صورت ٺاهڻ لاءِ، اُنهن جي آخر ۾ آيل 'اِ' اعراب ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آڻبي آهي، پر جمع جي صورت ۾ بہ اُهائي ساڳي 'اِ' اعراب قائم رکبي آهي. اهڙيءَ تبديليءَ کي 'ٻُڙي تبديل' (zero change) چئبو آهي؛ مثال طور:

| واحد صورت | جمع صورت |
|---|---|
| ڪيهرِ | ڪيهرِ |
| خِضرِ | خِضرِ |

(viii) **اٺون اصول-** سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي مذڪر اهڙا بہ آهن جيڪي هميشہ عدد جمع جي صورت ۾ ڪم ايندا آهن: مثال طور:

| واحد صورت | جمع صورت |
|---|---|
| | اوسانَ |
| | آپُون |

| | |
|---|---|
| لِگَ | ڪرتوتَ |
| موڪا | ڪامَڻَ |
| ڇِهَ | لڇَڻَ |
| پِرون | ڏَڪَڙيا |
| ڀِنيا | ڍَڪَر |
| پٽون | ڀيلڙا |
| گَنجا | |
| موتيا | |

هينيان مؤنث اسم بہ هميشہ جمع صورت ۾ ڪم ايندا آهن:

ڀاٽون
لائون
ڀاڀريون
اَلوليون
ڪَتيون
هَنجون
بگهاڙيون

(ت) (i) عربي ۽ فارسي ٻولين جا ڪيترائي اسم جمع، سنڌي ٻوليءَ ۾ عدد واحد طور استعمال ٿيندا آهن: مثال طور:

| عربي جمع لفظ | فارسي لفظ | سنڌيءَ ۾ واحد صورت | سنڌيءَ ۾ جمع صورت |
|---|---|---|---|
| ارواح | - | ارواح | ارواحَ |
| اوليا | - | اولياءُ | اولياءَ |
| احوال | - | احوالُ | احوال |
| عجائب | - | عجائبُ | عجائبَ، عجائبات |

| عربي لفظ (عدد جمع) | سنڌيءَ ۾ عدد واحد |
|---|---|
| اَرباب (رب) | اَربابُ |
| اَرڪان (رڪن) | اَرڪان |
| اَسباب (سبب) | اَسبابُ |
| اَشراف (شريف) | اشرافُ |
| اَفواه (فوه) | اَفواهُ |

| | |
|---|---|
| اِملاڪ (مِلڪ) | اِملاڪ |
| اولاد (ولد) | اولادُ |
| جواهر (جوهر) | جَواهر |
| مَلائڪ (مَلڪ) | مَلائڪ |
| عيال (عيل) | عيالُ |

(ii) اهڙيءَ طرح 'باغات' ۽ 'مقرات' وغيره اسم، فارسي ٻوليءَ ۾ عدد جمع جي صورت ۾ استعمال ٿيندا آهن، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ اهي لفظ عدد واحد جي صورت ۾ ڪُرن ٿا.

(iii) سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم جا ڪي عدد جمع، فارسي ترڪيب واري نموني تي به ٺهندا آهن: مثال طور: فارسي نموني موجب 'ها' ملائڻ سان عدد جمع ٺهندو آهي:

لک + ها = لکها

گل + ها = گلها

جنت + ها = جنتها

'آن' پڇاڙي ملائڻ سان عدد جمع ٺهندو آهي: جيئن:

دُختران،

پِسران

# باب ٽيون: رائج حالتون (Cases) اُنهن جا قسم ۽ اسمن، ضميرن ۽ صفتن جا حالتن مطابق ڦيرا/ گردان

(الف) سنڌي ٻوليءَ ۾ رائج حالتن (cases) جي اڀياس ۽ اُنهن جي وضاحت کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو، ۽ اُنهن ۾ حالتن جي استعمال کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو:

I. ڇوڪرو اچي ٿو.
II. ڇوڪري اچي ٿي.
III. ڇوڪرو خط لکي ٿو.
IV. پٽ تي ڇا آهي؟
V. ڪيسي ۾ پنج روپيا آهن.
VI. هو گهر ويو آهي.
VII. گهَرَ مان نڪري وڃ.
VIII. گهران ڪيڏانهن هليو وئين؟
IX. هُو مُون کان وڏو آهي.
X. هيءَ منهنجو ڪتابُ آهي.
XI. ٿميندا! هيڏانهن اچ.

(ب) (i) سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس ۽ سنڌي ٻوليءَ تي لکيل وياڪرڻن مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، سنڌي ٻوليءَ ۾ اسمن، ضميرن ۽ صفتن جي حالتن کي، سندن ڦيرن يا گردانن مطابق، اٺن حالتن جي قسمن ۾ ورهايو آهي. اُنهن حالتن جا اٺ قسم هي آهن:

(1) حالت فاعلي، (2) حالت مفعولي، (3) حالت جري، (4) حالت اضافت، (5) حالت مڪاني، (6) حالت اَپادان، (7) حالت اوزاري ۽ (8) حالت ندا.

(ii) ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ ڪن انگريز وياڪرڻين، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ چڱي ڄاڻ رکندا هئا، اُنهن جو چوڻ آهي ته عام استعمال جي لحاظ کان سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم ۽ ضمير يا صفتون، پنجن حالتن مطابق ڦرن ٿيون يعني گردان ڪن ٿيون، اُهي پنج حالتون هي آهن:

(1) حالت فاعلي، (2) حالت مفعولي، (3) حالت جري، (4) حالت اضافت ۽ (5) حالت ندا.

انهن ماهرن جي راءِ موجب باقي ٽي حالتون، يعني (1) حالت مڪاني، (2) حالت اَپادان ۽ (3) حالت اوزاري دراصل حالت جريءَ سان واسطو رکن ٿيون. حالتن جي اهڙن ڦيرن کي ڪاڪي ڀيرومل 'حالت عام' سڏيو آهي.

پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ پنهنجي لکيل ڪتاب ”وڏو سنڌي وياڪرڻ“ (ڇاپو ٻيو، سال 1985ع، ص ص 41-55) ۾ هڪ طرف سنڌي وياڪرڻ ۾ ٽي حالتون يعني حالت فاعلي، حالت مفعولي ۽ حالت جري بيان ڪيو ڪري، ته ٻئي طرف اهو به لکي ٿو ته: ”نه ته حقيقت ۾ اسمن جون اڻ حالتون آهن“. (ڏسو ص 45)

هاڻي اچو ته اِنهن اڻن ٽي حالتن جو، مثالن ذريعي اڀياس ڪريون:

**1۔حالت فاعلي: (Nominative case)**

(الف) حالت فاعليءَ جي اڀياس لاءِ اُن جي تفصيلي بيان کان اڳ، هي جملا پڙهو.

(i) ڇوڪرو اچي ٿو.

(ii) ڇوڪري اچي ٿي.

(iii) ڇوڪرو لکي ٿو.

(iv) ڇوڪري لکي ٿي.

(v) پکي اُڏامن ٿا.

(vi) سج اُڀريو.

(vii) ڪالهه مهمان آيا هئا.

انهن جملن ۾ 'ڇوڪري' ۽ 'ڇوڪريءَ'، اچڻ ۽ لکڻ جو ڪم ڪيو؛ 'پکين' اُڏامڻ جو ڪم ڪيو؛ 'سج' اُڀرڻ جو ڪم ڪيو ۽ 'مهمانن'، اچڻ جو ڪم ڪيو آهي، انهيءَ ڪري 'ڇوڪرو'، 'ڇوڪري'، 'پکي'، 'سج' ۽ 'مهمان' سنڌي وياڪرڻ موجب، 'فاعل' آهن. 'فاعل' جي معنيٰ آهي 'ڪم جو ڪندڙ'. اهي سڀ، اسم آهن. انهن اسمن، 'اچڻ'، 'لکڻ'، 'اُڏامڻ'، 'اُڀرڻ' ۽ 'اچڻ' جو ڪم ڪيو آهي؛ انهيءَ ڪري 'اچي ٿو'، 'اچي ٿي'، 'لکي ٿو'، 'لکي ٿي'، 'اُڏاڻا'، 'اُڀريو'، ۽ 'آيا هئا'، اهي سڀ لفظ سنڌي وياڪرڻ موجب 'فعل' آهن؛ **تنهنڪري ياد ڪريو ته اُهي اسم يا ضمير، جيڪي فعل جي وسيلي ڪو ڪم ڪن، ته اهڙن ڪمن جي ڪندڙن کي 'فاعل' چئبو آهي، ۽ اِهي 'فاعل' وري جيڪو ڪم ڪن ٿا، اُن ڪم کي 'فعل' چئبو آهي.** مٿي ڏنل جملن ۾ 'اچي ٿو'، 'اچي ٿي'، 'لکي ٿو'، 'لکي ٿي'، 'اُڏاڻا'، 'اُڀريو' ۽ 'آيا هئا' لفظ، 'فاعل' جي ڪم کي نمايان ڪن ٿا، **تنهنڪري اهڙن لفظن کي، سنڌي وياڪرڻ موجب 'فعل' چئبو آهي. انهن جملن اندر، 'فاعل' ۽ 'فعل' جي وچ ۾ لاڳاپو آهي. 'فاعل' ۽ فعل جي اهڙي لاڳاپي واريءَ حالت کي، 'حالت فاعلي' چئبو آهي.**

(ب) (i) هيءُ نقطو به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته اُهي اسم يا ضمير، جيڪي حالت فاعليءَ ۾ ڦيرن دوران، فاعل طور ڪم ايندا آهن، اُنهن اسمن يا ضميرن جي شڪل يا صورت، عدد جمع جي ڪري، اسم جمع طور ڪم ايندي آهي، مثال طور:

| | | |
|---|---|---|
| (i) ڇوڪرو اچي ٿو. | ڇوڪرو لکي ٿو. | ڇوڪرا لکن ٿا. |
| (ii) ڇوڪري اچي ٿي. | ڇوڪري لکي ٿي. | ڇوڪريون لکن ٿيون |
| (iii) مان اچان ٿو. | مان اچان ٿي. | مان پڙهان ٿو. |
| (iv) مان لکان ٿو. | مان لکان ٿي. | مان پڙهان ٿي. |
| (v) اسين لکون ٿا. | اسين لکون ٿيون. | اسين پڙهون ٿا. |
| (vi) هُو سپاٽي ايندو. | هُوءَ سپاٽي ايندي. | هُوءَ پڙهندي. |

(ت) ڪنهن بہ جملي ۾، جيڪڏهن صفت بہ پنهنجي موصوف يعني فاعل سان گڏ ڪم ايندي آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ صفت بہ پنهنجي موصوف سان گڏ، عدد ۽ جنس مطابق، حالت فاعليءَ موجب، گردان ڪندي آهي؛ جيئن:

| جنس مذڪر | | جنس مؤنث | |
|---|---|---|---|
| عدد واحد | عدد جمع | عدد واحد | عدد جمع |
| ننڍو ڇوڪر اچي ٿو | ننڍا ڇوڪرا اچن ٿا | ننڍي ڇوڪري اچي ٿي | ننڍيون ڇوڪريون اچن ٿيون |
| چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو | چڱا گهوڙا ڊوڙن ٿا | چڱي گهوڙي ڊوڙي ٿي | چڱيون گهوڙيون ڊوڙن ٿيون |

انهن مثالن ۾ اسان ڏٺو تہ فاعل جڏهن عدد جمع ۾ استعمال ٿيو آهي، تڏهن حالت فاعليءَ جي، عدد جمع واري ڦيري/ گردان لاءِ، فاعل جي شڪل ۾ بہ ڦيرو / تبديلي آئي آهي.

### 2_حالت مفعولي:

(الف) حالت مفعوليءَ جي تفصيلي اڀياس لاءِ، پهرين هي جملا پڙهو ۽ اسمن، ضميرن ۽ صفتن جي ڦيرن/ گردانن تي غور ڪريو:

| | |
|---|---|
| (i) ڇوڪرو خَطُ لکي ٿو. | ڇوڪرا خَطُ لکن ٿا. |
| (ii) ڇوڪري خط لکي. | ڇوڪريون خَطُ لکن ٿيون. |
| (iii) مان ڪتابُ پڙهان ٿو. | اسين، ڪتابُ پڙهون ٿا. |
| (iv) مان ڪتابُ پڙهان ٿي. | اسين ڪتابُ پڙهون ٿيون. |

انهن سيني جملن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ 'ڇوڪرو' ۽ 'ڇوڪري' 'لکڻ جو ڪم' ڪن ٿا؛ 'مان' ۽ 'اسين' 'پڙهڻ جو ڪم' ڪريون ٿا. انهن جملن مان وڌيڪ هي ٿو معلوم ٿئي تہ 'لکڻ جو ڪم'، 'خط' تي ٿئي ٿو ۽ 'پڙهڻ جو ڪم'، 'ڪتاب' تي ٿئي ٿو. اِنهيءَ بيان مان هي بہ واضح ٿو ٿئي تہ اهي اسم يا ضمير، جن تي 'فاعل جي فعل' يعني 'فاعل جي ڪنهن ڪم' جو ڪو

اثر ٿئي، يعني ڪنهن اسم يا ضمير تي ڪو ڪم ٿئي يا انهن تي ڪو ڪم ڪيو وڃي ته، سنڌي وياڪرڻ موجب اهڙي اسم يا ضمير کي، ’مفعول‘ چئبو. ’مفعول‘ جي معنيٰ اِها ٿي ته اُهو اسم يا ضمير، جنهن تي ڪو ڪم ٿئي ٿو يا ڪو ڪم ڪيو وڃي ٿو. اهي جملا جن ۾ ڪم اسم يا ضمير مفعول طور ڪم آيو هجي، اهڙن جملن ۾، مفعول جي حالت مفعولي ٿيندي. وڌيڪ هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

| | |
|---|---|
| (i) ڇوڪرو خَطُ لکي ٿو. | ڇوڪري خَطُ لکي ٿي. |
| (ii) ڇوڪرا خَطُ لکن ٿا. | ڇوڪريون خَطُ لکن ٿيون. |
| (iii) ڇوڪرو خَطَ لکي ٿو. | ڇوڪري خَطَ لکي ٿي. |
| (iv) ڇوڪرا خَطَ لکن ٿا. | ڇوڪريون خَطَ لکن ٿيون. |
| (v) ڇوڪرُو چِٺِي لکي ٿو. | ڇوڪري چٺي لکي ٿي. |
| (vi) ڇوڪرو چٺيون لکي ٿو. | ڇوڪري چٺيون لکي ٿي. |
| (vii) ڇوڪرا چٺيون لکن ٿا. | ڇوڪريون چٺيون لکن ٿيون. |
| (viii) ننڍو ڇوڪرو ڪتاب پڙهي ٿو. | ننڍي ڇوڪري ڪتابُ پڙهي ٿي. |
| (ix) ننڍا ڇوڪرا ڪتاب پڙهن ٿا. | ننڍيون ڇوڪريون ڪتابَ پڙهن ٿيون. |

انهن جملن ۾ خَطُ، خَطَ، چٺي، چٺيون ۽ ڪتابُ، ڪتابَ اسم، مفعول طور ڪم آيا آهن، اُنهيءَ ڪري اهي سڀئي اسم، حالت مفعوليءَ موجب ڦيرو/ گردان ڏيکارين ٿا، ۽ انهن سڀني اسمن جي حالت مفعولي چئبي.

**3۔حالت جري:**

(الف) هن ڪتاب جي باب پنجين ۾، حرف جر (Post position) جي باري ۾ تفصيل سان سمجهاڻي ڏني وَئي آهي. هن باب ۾، حالت جريءَ جي سمجهڻ لاءِ اهو معلوم ڪرڻ ضروري آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف جر ڪهڙا ڪهڙا آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي لفظ، حرف جر طور ڪم ايندا آهن، اُهي هي آهن:

ڪي، تي، ۾، جو، جِي، جا، مان، ڪان، سان، تان، ساڻ، وارو، لاءِ، واسطي ۽ سَندو.

(ب) اهو ياد رکڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به جملي ۾، حرف جر هميشه اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان فوراً پوءِ، پنهنجي جاءِ وٺندا آهن.

(ت) اهو به ياد رکڻ گهرجي ته سنڌي وياڪرڻ موجب اهو هڪ اصول يا سنڌي وياڪرڻ جو اهو قانون آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به جملي يا فقري ۾، جن به اسمن يا ضميرن جي فوراً پنيان جيڪڏهن ڪو حرف جر ڪم آيو هجي، ۽ اُن جملي يا فقري اندر، اُهو حرف جر، پنهنجي اڳيان آيل اسم يا ضمير سان لاڳاپو ڏيکاري ته اهڙن اسمن يا ضميرن جي، حالت

موجب، ڦيري/ گردان واري حالت کي حالت جري چئبو آهي. مثال طور هيٺ ڏنل جملا ڏسو:

(i) ڇوڪرَ کي سڏ ڪر.

(ii) مٿي تي ٽوپي پاءِ.

(iii) آسمانَ ۾ پکي اُڏامن ٿا.

(iv) گهرَ مان ڪير نڪتو هو؟

(v) هُو مون کان وڏو آهي.

(vi) ڪُتَّ تان ٽپو نہ ڏي.

(vii) مون سان گڏ هَلِ.

(viii) هُو رات جو آيو هو.

(ix) ڇوڪرا راند تان موٽيا.

(x) هن لاءِ توکي قرباني ڏيڻ گهرجي.

انهن جملن ۾، ’ڇوڪرُ‘، ’مٿو‘، ’آسمانُ‘، ’گهرُ‘، ’ڪُتُّ‘ اسمن جون صورتون ڦريل آهن (’ڇوڪرَ‘، ’مٿي‘، ’آسمانَ‘، ’گهرَ‘، ’ڪُتَّ‘ وغيره)

ساڳيءَ ريت ضمير ’مان‘ ۽ ’هُو‘ بہ ڦري ’مون‘ ۽ ’هُن‘ ٿيا آهن، ان ڪري انهن اسمن ۽ ضميرن جي حالت جري چئبي. ڇاڪاڻ تہ انهن اسمن ۽ ضميرن جي فوراً پٺيان ’کي‘، ’تي‘، ’۾‘، ’مان‘، ’کان‘، ’تان‘، ’سان‘، ’جو‘، ’لاءِ‘ حرف جر ڪم آيا آهن، جيڪي انهن اسمن ۽ ضميرن سان لاڳاپو ڏيکارين ٿا. لفظ ’رات‘ ۽ ’راند‘ ۾ ڪا تبديلي ڪانهي ڇوتہ جن اسمن جي آخري اکر تي زير هوندي آهي، اُهي حالت جريءَ ۾ ڪونہ ڦرندا آهن.

(ت) هيءُ نقطو بہ نوٽ ڪرڻ ضروري آهي تہ حالت جريءَ وارن جملن ۾، اسمن، ضميرن يا صفتن جي پويان ايندڙ حرف جرن جي استعمال ڪري، يعني اُنهن حرف جرن جي هڪدم اڳيان ايندڙ اسمن، ضميرن ۽ صفتن جي اصلوڪين صورتن/ شڪلين ۾ تبديلي ايندي آهي، مثال طور هيٺ ڏنل خاڪو، توجهہ سان ڏسو:

**جملا**

| حالت فاعليءَ ۾ استعمال | حالت جريءَ ۾ استعمال |
|---|---|
| (i) <u>ڇوڪرو</u> ماني کائي ٿو. | <u>ڇوڪري</u> کي ماني کاراءِ. |
| (ii) <u>ڇوڪري</u> ماني کائي ٿي. | <u>ڇوڪريءَ</u> کي ماني کاراءِ. |
| (iii) <u>مان</u> ماني کان ٿو | <u>مون</u> کي ماني کاراءِ |
| (iv) <u>هُو</u> پڙهي ٿو. | <u>هُن</u> کي پڙهاءِ. |

(v) اسين لکون ٿا.　　　　اسان کي لکاءِ.

(vi) ننڍو ٻارُ ڊوڙي ٿو.　　　　ننڍي ٻار کي ڊوڙاءِ

انهن جملن ۾ 'ڇوڪرو'، ڇوڪري'، 'ڇوڪري' - ڇوڪريءَ'، 'مان' - 'مون'، 'هو' - 'هُنَ'، 'اسين' - 'اسان'، 'ننڍو ٻار' - 'ننڍي ٻارَ' صورتون، توجهه گهرن ٿيون. انهن جملن ۾ 'اِسمن'، 'ضميرن' ۽ 'صفت' کان فوراً پوءِ، 'کي' حرف جر جي ڪم آڻڻ سان، فاعل جي صورت/ شڪل ۾، هيٺ موجب تبديلي آئي آهي، جيئن:

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڇوڪرو | اسم جي صورت/شڪل بدلجي | ڇوڪري | ٿي آهي. |
| ڇوڪري | ڇوڪري | ڇوڪريءَ | ٿي آهي. |
| مان | ضمير جي صورت/شڪل بدلجي | مون | ٿي آهي. |
| هُو | هُو | هُنَ | ٿي آهي. |
| اسين | اسين | اسان | ٿي آهي. |
| ننڍو ٻار | ننڍو ٻار | ننڍي ٻار | ٿي آهي. |

اهڙيءَ طرح، حالت جريءَ وارن جملن ۾، ٻين حرف جرن جي ڪم آڻڻ سان، حرف جرن کان فوراً اڳ آيل فاعلن (اسمن ۽ ضميرن) جي صورت/ شڪل بدلجي ويندي آهي.

## 4_حالت اِضافت (Genitive/ Possessive case):

(الف) حالت اِضافت جي تفصيلي سمجهاڻيءَ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

(i) هيءُ اَڪبرَ جو ڪتابُ آهي.

(ii) هيءَ سونَ جي زنجير آهي.

(iii) تو وارو پياءُ ڪٿي آهي؟

(iv) توهان سَندو دوست هزارن ۾ ڪو هڪڙو آهي.

(v) اُستاد جو خط آيو آهي.

مٿي ڏنل جملن ۾، 'جو'، 'جي'، 'وارو' ۽ 'سندو' لفظ، حرف اضافت طور ڪم آيا آهن، ۽ 'اڪبر'، 'سونَ'، 'تو'، 'توهان' ۽ 'اُستاد' اسمن ۽ ضميرن سان، مالڪيءَ جو لاڳاپو ڏيکارين ٿا.

انهيءَ ڪري اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ فقري يا جملي ۾، جنهن بہ اسم يا ضمير جي فوراً پٺيان، مالڪي يا اضافت ڏيکاريندڙ لفظ، جهڙوڪ: 'جو'، 'جي'، 'جا'، 'جون'، 'وارو' يا 'سَندو' ڪم آيا هجن تہ اهڙن اسمن يا ضمير جي 'حالت اضافت' ٿيندي.

(ب) جملن اندر، جيڪي بہ اسم يا ضمير، 'حالت اضافت' مطابق گردان ڪندا آهن، اهڙن سڀني اسمن يا ضميرن جو، انهن جملن اندر، فعل/ فعلن سان، مفعول وارو لاڳاپو ڪونہ هوندو آهي.

اهو سمجهڻ بہ صحيح ڪونهي تہ 'حالت اضافت'، 'حالت جريءَ' جو ڪو هڪ خاص قسم

آهي.

(ت) اهو به ياد رکڻ گھرجي ته جڏهن به ڪن جملن ۾، اسم يا ضمير جمع وارين صورتن ۾ ڪم ايندا آهن، ته اهڙيءَ حالت ۾، ملڪيت يا اضافت ڏيکاريندڙ حرف به، جمع وارين صورتن ۾ گردان ڪندا آهن؛ مثال طور:

**حالتِ اضافت**

| عدد واحد | عدد جمع |
| --- | --- |
| ڇوڪريءَ جو ڪتابُ/ ڇوڪرِ جوڪتاب | ڇوڪري جا ڪتابَ/ ڇوڪرَ جا ڪتابَ |
| ڇوڪريءَ جي ڪاپي | ڇوڪريءَ جون ڪاپيون |
| اڪبرَ جي ٽوپي | اڪبر جون ٽوپيون |

(ث) (i) اهو به نوٽ ڪرڻ گھرجي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا فقرا يا مرڪب اسم به هوندا آهن، جن جي سنڌاءُ يا رچنا ۾، حرف اضافت 'جو' يا 'جي' وغيره، 'زبر اضافت' ۾ تبديل ٿي ويندا آهن؛ جيئن:

| حرف اضافت جو استعمال | 'جو' يا 'جي' حرف اضافت جي زبر اضافت ۾ تبديل ٿيڻ |
| --- | --- |
| گھوٽَ جو پيءُ | گھوٽَ جو پيءُ |
| گھوٽَ جي ماءُ | گھوٽَ جي ماءُ |

(ii) اهڙيءَ طرح هيٺ ڏنل فقرن ۾، سنڌي ٻوليءَ جي فقرن جي گھاڙيٽن تي، فارسي زبان جي وياڪرڻي ساخت جي اثر جي ڪري، تبديلي ٿي آهي؛ مثال طور:

| سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف اضافت جو استعمال | فارسي ٻوليءَ جي اثر جي ڪري تبديلي |
| --- | --- |
| محمد خان جو ٽنڊو | ٽنڊه محمد خان/ ٽنڊو محمد خان |
| آدم جو ٽنڊو | ٽنڊو آدم |

اهڙيءَ طرح فارسي زبان جي وياڪرڻي اثر جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي حرف اضافت ۾ آيل تبديلين جا ٻيا مثال هي آهن:

ڳڙهي ياسين، ميربحر، ٽڙ خواجا، ڳڙهي خدابخش، ڳڙهي ياسين، اسلام ڪوٽ.

(iii) شاهه لطيف جي رسالي ۾، حرف اضافت جي استعمال جا اهڙا انيڪ، انوکا مثال ملن ٿا؛ مثال طور:

| شاهه سائينءَ جي بيت جي سٽ | حرف اضافت جي استعمال جي سمجھاڻي |
| --- | --- |
| سوريءَ چڙهڻ، سيجَ پسڻ، اي ڪم عاشقن. | هن مصرع ۾ 'سوريءَ چڙهڻ' مان مراد آهي |

جتي ماڻِڪَ ماڳُ، تِتي چوران تڪيو.

هن مصرع ۾ 'ماڻڪَ ماڳ' فقري ۾، 'ماڻڪَ' لفظ ۾ 'ڪَ' حرف مٿان زبر جي استعمال مان مراد هيءَ آهي تہ اها زبر، زبر اضافت جو ڪارج ادا ڪري ٿي ۽ 'جو' حرف اضافت جي جاءِ تي ڪم آئي آهي.

'سُوريءَ تي چڙهڻ'؛ اهڙيءَ طرح 'اِي ڪم عاشقن' فقري مان مراد آهي، اهو ڪم عاشقن جو آهي. سوريءَ اسم جي حالت جري آهي پر 'عاشقن' لفظ جي حالت اضافت آهي.

(ج) هن کان اڳ حالت مفعوليءَ، حالت جريءَ ۽ حالت اضافت جي مثالن جي سمجهاڻيءَ ۾ اسان محسوس ڪيو تہ انهن ٽنهي حالتن جي ڦيرن/ گردان ۾، فاعل جي صورت/ شڪل اصلوڪي يعني حالت فاعليءَ واري نٿي رهي، پر فاعل جي صورت بدلجي ٿي؛ مثال طور:

فاعل جي صورت / شڪل

| حالت فاعلي | حالت مفعولي/ حالت جري/ حالت اضافت |
|---|---|
| ڇوڪرو ڪائي ٿو. | ڇوڪري کي ڪاراءِ/ ڇوڪري کي ماني ڪاراءِ |
| ڇوڪرا ڪائين ٿا. | ڇوڪرن کي ڪاراءِ/ ڇوڪرن کي ماني ڪاراءِ |
| گهوڙو ڊوڙي ٿو. | گهوڙي کي ڊوڙاءِ/ گهوڙن کي ڊوڙاءِ |
| ڇوڪري ڪائي ٿي. | ڇوڪريءَ کي ڪاراءِ/ ڇوڪرين کي ڪاراءِ |
| مان ڪان ٿو. | مون کي ڪاراءِ |
| اسين ڪائون ٿا. | اسان کي ڪاراءِ |
| هُو ڪائي ٿو. | هُن کي ڪاراءِ |
| اُهي ڪائين ٿا. | اُنهن کي ڪاراءِ |

(i) انهن مثالن جي اپياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ اُهي مذڪر واحد اسم، جن جي آخر ۾، حالت فاعليءَ جي ڦيري/ گردان ۾، 'او' پڇاڙي ڪم ايندي آهي، اُنهن جي 'او' پڇاڙي، 'حالت جريءَ' ۽ 'حالت اضافت' جي گردان/ ڦيري ۾، بدلجي 'اي' ٿيندي آهي، پر اسم مذڪر جي عدد جمع جي، حالت فاعليءَ جي گردان ۾ ڪم آيل 'آ'، 'حالت جريءَ' ۽ 'حالت اضافت' ۾ بدلجي 'اَن' ٿيندي آهي.
اهڙيءَ طرح اُهي اسم مؤنث واحد، جن جي آخر ۾، حالت فاعليءَ جي ڦيري/ گردان لاءِ، 'اي'

هجي، 'حالت اضافت' جي استعمال ۾ بدلجي 'اِيءَ' ٿيندي آهي، ۽ 'اسم مؤنث جمع' جي حالت فاعليءَ جي گردان ۾، اسم مؤنث جي آخر ۾ آيل 'يون' پڇاڙي بدلجي 'يُن' ٿيندي آهي. انهيءَ وضاحت کي وڌيڪ سمجهڻ لاءِ، هيٺيان جملا پڙهو:

| | حالت فاعلي | حالت جري/ حالت اضافت |
|---|---|---|
| مذکر واحد | ڇوڪرو ڊوڙي ٿو | ڇوڪري کي ڊوڙاءِ/ گهوڙي کي ڊوڙاءِ. |
| | گهوڙو ڊوڙي ٿو | ڇوڪري جو پيءُ/ گهوڙي جو مالڪُ. |
| مؤنث واحد | ڇوڪري ڊوڙي ٿي. | ڇوڪريءَ کي ڊوڙاءِ/ گهوڙيءَ کي ڊوڙاءِ. |
| | گهوڙي ڊوڙي ٿي. | ڇوڪريءَ جو پيءُ/ گهوڙيءَ جو مالڪ. |
| مذکر جمع | ڇوڪرا لکن ٿا. | ڇوڪرن کي لکاءِ/ گهوڙا ڊوڙن ٿا. |
| | گهوڙا ڊوڙن ٿا. | ڇوڪرن جو پيءُ/ گهوڙن جو مالڪ. |
| مؤنث جمع | ڇوڪريون لکن ٿيون. | ڇوڪرين کي لکاءِ/ گهوڙين کي ڊوڙاءِ. |
| | گهوڙيون ڊوڙن ٿيون. | ڇوڪرين جو پيءُ/ گهوڙين جو مالڪ. |

(ii) اهڙيءَ طرح اُهي مذکر واحد اسم جن جي آخر ۾ حالت فاعليءَ جي صورت ۾ 'اُ' اعراب استعمال ٿيندي آهي، اُنهن جي 'اُ' اعراب، 'حالت جريءَ' ۽ 'حالت اضافت' جي ڦيري/ گردان ۾ بدلجي 'اَ' اعراب ٿيندي آهي، ۽ اُهي اسم جيڪي جمع جي صورت ۾ هوندا آهن، ۽ اُنهن جي آخر ۾ 'اَ' هوندي آهي، اهڙن جمع اسمن جي آخر ۾ آيل 'اَ' اعراب بدلجي 'اَنِ' پڇاڙي ٿيندي آهي؛ مثال طور:

| حالتِ فاعلي (مذکر) | | حالت جري/ حالت اضافت (مذکر) | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| پُٽُ | پُٽَ | پُٽَ | پُٽَنِ |
| گهرُ | گهرَ | گهرَ | گهرَنِ |
| هَٿُ | هَٿَ | هَٿَ | هَٿَنِ |
| پاءُ | پائُرَ/ پائرَ | پاءُ | پائُرَنِ/پائرَنِ |

انهن اسمن جا جملن اندر ڦيرا/ گردان ملاحظه ڪريو:

| | حالت فاعلي | حالت جري | حالت اضافت. |
|---|---|---|---|
| مذڪر واحد | ڇوڪرُ پڙهي ٿو. | ڇوڪرَ کي پڙهاءِ. | هيءُ ڇوڪرَ جو ڪتاب آهي. |
| مذڪر جمع | ڇوڪرا پڙهن ٿا. | ڇوڪرنِ کي پڙهاءِ. | هيءُ ڇوڪرَن جو ڪتاب آهي. |

(iii) حالت جريءَ حالت اضافت جي صورت ۾، صفتون به پنهنجي موصوفن سان گڏ گردان ڪنديون آهن: جيئن:

| | حالت فاعلي | حالت جري | حالت اضافت |
|---|---|---|---|
| مذڪر واحد | ڇڱو ڇوڪرو لکي ٿو. | ڇڱي ڇوڪري کي لکاءِ. | هيءُ ڇڱي ڇوڪري جو پاءُ آهي. |
| | | ڇڱي ڇوڪري ۾ اُميد آهي. | |
| | | ڇڱي ڇوڪري سان وڃ. | |
| | | ڇڱي ڇوڪري کان وٺ. | |
| مذڪر جمع | ڇڱا ڇوڪرا لکن ٿا | ڇڱن ڇوڪرن کي لکاءِ. | اِهي ڇڱن ڇوڪرنِ جا پائُرَ آهن. |
| | | ڇڱن ڇوڪرن ۾ اُميد آهي. | |
| | | ڇڱن ڇوڪرن سان وڃ. | |
| | | ڇڱن ڇوڪرن کان وٺ. | |

(iv) مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته اُهي مؤنث اسم، جن جي آخر ۾، حالت فاعليءَ جي گردانن جي صورت ۾ 'اَ' ۽ 'آ' اعرابون استعمال ٿينديون آهن، انهن مؤنث اسمن جون اِهي اعرابون يعني 'اَ' ۽ 'آ' واريون اعرابون، 'حالت جري' ۽ 'حالت اضافت' جي عدد واحد ۾ ڦيري/ گردان جي صورت ۾ بدلائبيون نه آهن، پر انهن مؤنث اسمن جي عدد جمع جي ڦيري لاءِ، 'اَ' کي، انهن جي 'اون' اعراب کي 'اُن' پڇاڙين ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي: مثال طور:

| حالتِ فاعلي: واحد | حالتِ فاعلي: جمع | حالت جري: واحد | حالت جري: جمع | حالت اضافت: واحد | حالت اضافت: جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| کَٽَ | کَٽُون | کَٽَ کي | کَٽُن کي | کَٽَ جو | کَٽُن جو |
| | | کَٽَ تي | کَٽُن تي | | |

| | |
|---|---|
| ڪَٽَ ۾ | ڪَٽُن ۾ |
| ڪَٽَ سان | ڪَٽُن سان |
| ڪَٽَ تان | ڪَٽُن تان |
| ڪَٽَ ڪان | ڪَٽُن ڪان |
| ڪَٽَ مان | ڪَٽُن مان |

(v) اهڙيءَ طرح اُهي مؤنث اسم، هن جي آخر ۾، حالت فاعليءَ جي ڦيرن/ گردانن جي صورت ۾، 'اِ' اعراب ڪم ايندي آهي، انهن مؤنث اسمن جي عدد واحد ۾ ڦيري لاءِ ڪابہ تبديلي ڪانہ ايندي آهي، پر اُنهن ئي اسمن جي عدد جمع جي حالت جريءَ ۽ حالت اضافت جي ڦيري/ گردان جي صورت ۾ انهن عدد جمع واري 'يون' اعراب بدلجي، 'يُن' اعراب ٿيندي آهي؛ مثال طور:

| حالتِ فاعلي: واحد | حالتِ فاعلي: جمع | حالت جري: واحد | حالت جري: جمع | حالت اضافت: واحد | حالت اضافت: جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| پِٽِ | پِٽيُون | پِٽِ ڪي | پِٽيُن ڪي | پِٽِ جو | پِٽيُن جو |
| | | پِٽِ تي | پِٽيُن تي | | |
| | | پِٽِ ۾ | پِٽيُن ۾ | | |
| | | پِٽِ سان | پِٽيُن سان | | |
| | | پِٽِ تان | پِٽيُن تان | | |
| | | پِٽِ ڪان | پِٽيُن ڪان | | |
| | | پِٽِ مان | پِٽيُن مان | | |

(vi) اهي مؤنث اسم، جن جي آخر ۾، حالت فاعليءَ جي عدد واحد جي ڦيري/ گردان جي صورت ۾ 'اِي' ۽ عدد جمع جي ڦيري/ گردان جي صورت ۾ 'يون' ڪم ايندي آهي، اهڙن مؤنث اسمن جي حالت جريءَ ۽ حالت اضافت جي ڦيرن/ گردانن جي صورت ۾، عدد واحد لاءِ 'اي' بدلجي 'ايءَ' ٿيندي آهي ۽ عدد جمع لاءِ 'يُون' بدلجي 'يِن' پڇاڙي ٿيندي آهي، مثال طور:

| حالتِ فاعلي: واحد | حالتِ فاعلي: جمع | حالت جري: واحد | حالت جري: جمع | حالت اضافت: واحد | حالت اضافت: جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| ڇوڪري | ڇوڪريُون | ڇوڪريءَ ڪي | ڇوڪرين ڪي | ڇوڪريءَ جو | ڇوڪرين جو |

چوڪريءَ تي    چوڪرين تي

چوڪريءَ ۾    چوڪرين ۾

چوڪريءَ سان    چوڪرين سان

چوڪريءَ تان    چوڪرين تان

چوڪريءَ کان    چوڪرين کان

چوڪريءَ مان    چوڪرين مان

(vii) اُهي مؤنث اسم، جن جي آخر ۾ حالت فاعليءَ جي ڦيري/ گردان جي صورت ۾ عدد واحد لاءِ 'اُ' اعراب ۽ عدد جمع لاءِ 'اُون' ملائي ويندي آهي، اهڙن مؤنث اسمن جي حالت جريءَ ۽ حالت اضافت جي ڦيري/ گردان جي صورت ۾، عدد واحد لاءِ ڪم ايندڙ پڇاڙي 'اُو' ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ ايندي آهي، پر عدد جمع لاءِ ڪم ايندڙ اعراب 'اون' حالت جري ۽ حالت اضافت جي ڦيري صورت ۾، 'سَسُ'، 'مَسُ' ۽ 'وِڄُ' اسمن لاءِ 'اُون' ۾ بدلبي آهي تہ وري 'ماءُ' ۽ 'پيڻُ' اسمن سان 'اَر' ۽ 'اِر' پڇاڙين ۾ بدلبي آهي؛ مثال طور:

| حالتِ فاعلي: واحد | حالتِ فاعلي: جمع | حالت جري: واحد | حالت جري: جمع | حالت اضافت: واحد | حالت اضافت: جمع |
|---|---|---|---|---|---|
| سَسُ | سَسُون | سَسُ کي | سَسُن کي | سَسُ جو | سَسُن جو |
| | | سَسُ تي | سَسُن تي | | - |
| | | سَسُ ۾ | سَسُن ۾ | | - |
| وِڄُ | وِڄُون | وِڄُ کي | وِڄُن کي | وِڄُ جو | وِڄُن جو |
| پيڻُ | پينَر | پيڻُ کي | پينَرن کي | پيڻ جو | پينرن جو |
| ماءُ | مائِرون | ماءُ کي | مائرن کي | ماءُ جو | مائرن جو |

(viii) اڳ ۾ جنس جي سمجهاڻي ڏيندي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ ڪن مذڪر اسمن، جهڙوڪ: ڀيءُ جي آخر ۾ 'ءُ' اعراب استعمال ڪئي ويندي آهي. اهڙن سمن جون حالتون بہ، جنس مؤنث وانگر گردان ڪنديون آهن؛ جيئن:

| حالتِ فاعلي: واحد | حالتِ فاعلي: جمع | حالت جري: واحد | حالت جري: جمع | حالت اضافت: واحد | حالت اضافت: جمع |
|---|---|---|---|---|---|

پيءُ پيئَرَ پيءُ کي پيئَرن کي پيءُ جو پيئَرن جو
پيءُ مان پيئَرن مان
پيءُ کان پيئَرن کان

(ix) ڪي اهڙا اسم مذڪر ۽ مؤنث بہ آهن جيڪي جملن اندر، حالت فاعليءَ جي ڦيري/ گردان لاءِ، عدد واحد ۽ عدد جمع جي صورتن ۾، ساڳيءَ صورت/ شڪل ۾ رهندا آهن، يعني اهڙن اسمن ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ ايندي آهي؛ پر حالت مفعوليءَ، حالت جريءَ ۽ حالت اضافت جي ڦيرن/ گردانن لاءِ عدد واحد توڙي عدد جمع جي صورت ۾، جنس مؤنث وانگر، تبديل ٿيندا آهن؛ مثال طور:




هاٿي هاٿي - - هاٿيءَ هاٿين - - هاٿيءَ کي هاٿين کي - - هاٿيءَ جو هاٿين جو - -

## 5_ حالت مڪاني (Locative case):

سنڌي ٻوليءَ جي جملن ۾، هيءَ حالت، وقت يا مڪان جي نسبت ڏيکاري ٿي (ڪشنچند گلابسنگ گدوائي، 1931ع: ص 46). هن حالت جي تفصيلي اڀياس لاءِ، هن حالت کي، حالت جريءَ سان ڀيٽڻ ڪان پوءِ، معلوم ٿو ٿئي تہ، ڳالهائڻ وقت ڪن جملن اندر حرف جر (۾، جو ۽ ڪان وغيره) ڪي 'اِ' اعراب ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي؛ مثال طور:

| حالت جري | حالت مڪاني |
|---|---|
| (i) هوُ گهَرَ ۾ ويٺو آهي. | هو گهَرِ ويٺو آهي. |
| (ii) مان ڳوٺ ۾ ايندس. | مان ڳوٺِ ايندس. |
| (iii) هُو راتِ جو هٽ ترسيو هو. | هو راتِ هٽ ترسيو هو. |
| (iv) آءٌ رات ڪان هتي آهيان. | آءٌ راتوڪو هتي آهيان. |

انهن جملن ۾ 'گهرِ'، 'راتِ'، 'ڳوٺ'، ۽ اهڙيءَ طرح اهڙن ٻين اسمن ۾ 'حرف جر' جي بدران 'اِ' اعراب ڪم آڻبي آهي. اسمن جي اهڙن ڦيرن/ گردانن واريءَ حالت کي، حالت مڪانيءَ جا ڦيرا چئبو آهي.

## 6_ حالت اَپادان (Ablative case):

حالت مڪانيءَ وانگر، حالت اَپادان جو اڀياس بہ ڌيان طلب آهي. هن حالت جي اڀياس لاءِ

جڏهن جملن کي ڌيان سان پڙهجي ٿو ته معلوم ٿو ٿئي ته حالت جريءَ جي صورت ۾ اسمن جي پٺيان حرف جر ملايا ويندا آهن، پر حالت مڪانيءَ وانگر 'حالت اَپادان' جي ڦيري لاءِ اسمن جي پٺيان، ظرف يا ڪي پڇاڙيون ملايون وينديون آهن؛ مثال طور:

| حالت جري | حالت اَپادان |
| --- | --- |
| (i) هوُ ڳوٺ کان/ مان آيو. | هوُ ڳوٺان آيو. هوُ ڳوٺئون آيو. |
| (ii) ڪلهنئون ڪورين، | عاشق عبداللطيف چئي، |
| (iii) مَلوُڪن لاءِ شڪار. | مَلوَڪان شڪار |
| (iv) هوُ نَڪَ مان ساهه پيو ڪڍي. | هوُ نَڪَئون ساهه پيو ڪڍي/ هو نڪان ساهه پيو ڪڍي. |
| (v) هوُ ٻارن ٻچن سان آيو آهي. | هوُ ٻارين ٻچين آيو آهي. |
| (vi) مون اهي شيون پئسن سان ورتيون. | مون اهي شيون پئسين ورتيون. |
| (vii) مون کان اڳيئي، گهڙو سڀ گهڙا ڪڍي. | مونهان اڳيئي، گهڙو سڀ گهڙا ڪڍي. |

سنڌي جملن جي حالتن جي سمجهاڻي ڏيندي، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي، پنهنجي ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' (ڇاپو ٻيو، ص 42) ۾ پنهنجي سمجهاڻيءَ ۾ صاف نظر نٿو اچي؛ خاص ڪري حالت مڪانيءَ جي وضاحت لاءِ پروفيسر صاحب جي راءِ قبول ڪرڻ جهڙي نه آهي. مثال طور صفحي 49 تي لکي ٿو:

"ڪيترا اهڙا جملا آهن، جن ۾ ڪن اسمن پُٺيان ڪوبه حرف جر ڪم نٿو اچي ته به اهي اسم، پاڻ کان پاڻيهي هڪ نه ٻئي حرف جر جي معنيٰ پيا ظاهر ڪن. اهڙيون ڳالهيون، گهڻن ئي ڪي ترڪيب ڪرڻ مهل مُنجهائين ٿيون، تنهنڪري اهڙين مشڪلاتن ٽارڻ لاءِ هيٺ ٿورا اشارا ڄاڻائجن ٿا:

(الف) هُو ڳوٺان آيو. هتي ڳوٺ لفظ پٺيان 'آن' پڇاڙي آهي. هُو ڳوٺ ئون آيو. هتي ڳوٺ پٺيان 'اون' پڇاڙي آهي. 'هو ڳوٺان يا ڳوٺ ئون آيو' معنيٰ هوُ ڳوٺ کان يا ڳوٺ مان آيو. سنڌيءَ ۾ حالت جريءَ لاءِ مقرر ٿيل پڇاڙي 'آن' (اُون) آهي ۽ اها جڏهن ڪم آڻجي ٿي تڏهن ڪنهن به حرف جر ڪم آڻڻ جو ضرور نٿو ٿئي. ڇاڪاڻ ته اها پڇاڙي خود هڪ قسم جو حرف جر آهي.

(ب) 'نوڪر ڳوٺِ ويو' معنيٰ ڳوٺَ ڏي يا ڳوٺَ ۾ ويو. هتي 'ڳوٺِ' لفظ مان پڇاڙيءَ وارو 'پيشُ' ڪڍي، زير وجهجي ٿي ته اهو زير يعني 'اِ' جو اُچار حرف جر جو ڪم ڏئي ٿو."

درحقيقت پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي (۽ ديوان ڪشنچند ٻيواڻي)، حالت فاعلي، حالت مفعولي، حالت اضافت ۽ حالت ندا کان سواءِ باقي چئن حالتن کي، سنسڪرت واريون حالتون ۽ حالت جريءَ جي دفعي ۾ بيان ٿو ڪري (ص 46)، پر ٻنهي بزرگن جي اها راءِ، ڊاڪٽر ٽرومپ جي راءِ تي آڌاريل آهي، جيڪا موجوده دور ۾ قبول ڪري نٿي سگهجي. ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جون اهي اَٺَ ئي حالتون، قديم سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي اصولن موجب، سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجون ۽

اصلوڪيون حالتون آهن، جن جو سنسڪرت جي حالتن سان ڪوبہ واسطو ڪونهي.

### 7_ حالت اوزاري (Instrumental case):

حالتن جو هيءُ قسم ديوان ڪشنچند گدواڻيءَ، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي وياڪرڻ' ڀاڱو ٻيو، جي صفحي 45 تي ڄاڻايو آهي، پر سنڌيءَ ۾ اُن جو نالو 'حالت جري' لکيو اٿس، ۽ جيڪو مثال ڏنو اٿس، اُهو بہ حالت جريءَ جي ڦيري وارو آهي؛ جيئن:

(i) گوپال، ڪشني کي رپيو ڏنو.

هي مثال، سڌوسنئون حالت جريءَ وارو آهي، انهيءَ ڪري هن مثال جي آڌار تي، حالت جي هن ڦيري کي (Instrumental case) سڏڻ درست نہ آهي. مون کي اهڙو ڪوبہ مثال نظر نہ آيو آهي، جنهن کي آءٌ 'حالت اوزاري' (Instrumental case) لاءِ پيش ڪريان. انهيءَ ڪري هن نالي واريءَ ڪنهن بہ حالت جو، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪوبہ مثال نٿو ملي. لهاذا 'حالت اوزاري' نالي ڪابہ حالت سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ شامل ڪرڻ نہ ڪپي.

### 8_ حالت نِدا (Vocative case):

(الف) ڪنهن بہ ماڻهوءَ يا ڪنهن اسم کي مخاطب ٿيڻ يا سڏ ڪرڻ جي حالت کي، 'حالت ندا' چئبو آهي، هن حالت جي ڦيري/ گردان لاءِ، 'حرف ندا' وارن لفظن کان سواءِ، ڳالهائڻ يا گفتگو ۾ بہ هڪ خاص قسم جو انداز پيدا ڪبو آهي، جنهن مان 'حالت ندا' بلڪل نمايان ٿي ويندي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ موجب، اُهي اسم، جن جي آخر ۾ 'اُ' يا 'آ' اعراب هوندي آهي، حالت ندا جي ڦيري/ گردان لاءِ، اُن اعراب کي، جمع جي صورت ۾ بدلايو ويندو آهي؛ مثال طور:

| حالتِ فاعلي | | حالتِ ندا | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| پُٽُ | پُٽَ | پُٽَ! | پُٽَئو! |

(ب) حالت ندا جي ڦيري/ گردان لاءِ، اسم جي اڳيان 'نِدائي لفظ' يا نشانيون ڪم آڻي، اُن اسم کي خاص انداز ۾ مخاطب ٿبو آهي؛ جيئن:

| | حالتِ فاعلي | حالتِ ندا |
|---|---|---|
| مذڪر: | ڇوڪرو | اَي ڇوڪرا! |
| | | اڙي ڇوڪرا! |
| | | اوڇوڪرا! |

مؤنث: چوڪري أي ڇوڪري!

اڙي ڇوڪري!

اوڇوڪري!

خدا أي خُدا!

يا خُدا!

او خُدا!

(ت) حالت ندا جي اڀياس لاءِ هي جملا پڙهو:

(i) أي ڇوڪرا! هيڏانهن اَچُ!

(ii) او اڪبر! منهنجي ڳالهه ٻڌ!

(iii) اَڙي هي ڇا ڪَيُئي!

(iv) ڪوُمل! تون ڇا پڙهندي آهين؟

انهن جملن ۾ 'اَيِ'، 'او'، 'اَڙي' حرف ندا جا لفظ آهن. اهي لفظ، اسم جي اڳيان ڪم آندا ويا آهن، جڏهن تہ 'ڪوُمل' اسم جي اڳيان، حرف ندا ڏيکاريندڙ ڪوبہ اهڙو لفظ ڪم آندل نہ آهي، پر 'ڪوُمل' اسم جي پڇيان، ندائي نشاني، ظاهر ٿي ڪري تہ اهڙن اسمن جي اڳيان 'أيِ'، 'اڙي' يا 'او' وغيره لفظ ڳُجهيءَ طرح ڪم آندا ويا آهن ۽ 'ڪوُمل' کي سڏ ڪري پڇيو ويو آهي.

اهڙن مثالن مان اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ اهي اسم، جن کي مخاطب ٿيڻ لاءِ، اُنهن اسمن جي اڳيان حرف ندا ظاهر ڪندڙ ڪوبہ لفظ، مخاطب ٿيڻ يا سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم آندو نہ ويو آهي، پر انهيءَ هوندي بہ منجهانئن سڏ ڪرڻ يا مخاطب ٿيڻ جو مفهوم نڪري تہ اهڙن اسمن جي بہ حالت ندا ٿيندي.

# باب چوٿون: ضميرَ ۽ اُنهن جا قسم

(الف) اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته ڳالهائڻ جي لفظن جي اٺن قسمن مان هڪ قسم کي ضمير چئبو آهي. ضمير اهو لفظ آهي جيڪو ڪنهن جملي ۾ ڪنهن اسم جي بدران ڪم ايندو آهي، جملن ۾ ضميرن جي ڪم آڻڻ جو مقصد هيءُ هوندو آهي ته جيئن ڪنهن گفتگوءَ ۾ ساڳيو اسم وري وري ڪم آڻڻو نه پوي. ضمير لفظ جي وڌيڪ وضاحت ۽ انهن جي ڌار ڌار قسمن جي مثالن ۽ سمجهاڻي ڏيڻ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

| | |
|---|---|
| آءٌ/ مان آهيان. | آءٌ/ مان اُستاد آهيان. |
| اسين آهيون | اسين ڇوڪرا آهيون/ اسين ڇوڪريون آهيون. |
| تون آهين. | تون ڊاڪٽر آهين/ تون ڊاڪٽرياڻي آهين. |
| توهين/ اوهين آهيو. | توهين/ اوهين وڪيل آهيو/ توهين / اوهين ڊاڪٽرياڻيون آهيو. |
| هيءُ آهي/ هُو آهي. | هيءُ زميندار آهي. هُو زميندار آهي. |
| هيءَ آهي/ هُوءَ آهي. | هيءَ ڇوڪري آهي./ هيءَ منهنجي ماءُ آهي. |
| | هُوءَ ڇوڪري آهي/ هُوءَ منهنجي ڀيڻ آهي. |
| هي آهن/ هُو آهن، | هي ڇوڪرا آهن/ هي ڇوڪريون آهن. |
| | هُو ڇوڪرا آهن/ هي ڇوڪريون آهن. |
| اهو آهي/ اها آهي. | اِهو منهنجو پٽ آهي/ اِها منهنجي ڌيءَ آهي. |
| اهي آهن. | اِهي اسڪول جا ڇوڪرا آهن/ اِهي اسڪول جون ڇوڪريون آهن. |
| | اِهي منهنجا پُٽ آهن./ اِهي منهنجون ڌيئر آهن. |
| هيءُ ڇا آهي؟ | - |
| هي ڇا آهن؟ | - |
| هيءُ ڪنهن جو پٽ آهي؟ | هيءَ ڪنهن جي ڌيءَ آهي؟ |
| هيءُ ڪير آهي. | هيءَ ڪير آهي؟ |
| هي ڪير آهن؟ | |
| اسين پاڻ توهان وٽ ايندا سين. | |
| اسين خود توهان وٽ ايندا سين. | |
| اسان جي گهر ڪو آيو هو. | |
| اوهان وٽ ڪو نه ڪو آيو هوندو. | |

جنهن جيئن چيو تنهن کي تيئن جواب مليو
جو محنت ڪندو، سو ڪامياب ٿيندو.
جهڙي نيت، تهڙي مراد.

(ب) (i) مٿي ڏنل جملن ۾، جن جن لفظن جي هيٺان ليڪ ڏني وئي آهي، اُهي لفظ، 'سنڌي وياڪرڻ' موجب 'ضمير' آهن.

(ii) انهن جملن ۾، ضميرن جي ڌار ڌار قسمن جا مثال پڻ ڏنا ويا آهن. سنڌيءَ ۾ ضميرن جا ڪل ڇهه قسم آهن. اُهي هي آهن:
(1) ضمير خالص، (2) ضمير اشارو، (3) ضمير اِستفهام، (4) ضمير مشترڪ، (5) ضمير موصول/ جواب موصول ۽ (6) ضمير مُبهم.

(ت) اهي سڀ ضمير، جملن اندر عدد، جنس ۽ حالت جي صيغي ۾ گردان ڪند آهن.
هاڻ هيٺ، ضميرن جي ڌار ڌار قسمن جو تفصيل سان اڀياس پيش ڪجي ٿو.

(1) ضمير خالص- (الف) ضمير خالص مان مراد اُهي ضمير آهن، جيڪي ڳالهائڻ وارو، پنهنجيءَ ذات يا ڪنهن حاضر ماڻهوءَ يا ڪنهن غائب ماڻهوءَ لاءِ ڪم آڻيندو آهي؛ مثال طور:
(i) مان/ آءٌ لکان ٿو/ مان/ آءٌ لکان ٿي.
اسين لکون ٿا./ اسين لکون ٿيون.
(ii) تون لکين ٿو./ تون لکين ٿي.
توهين/ اوهين لکو ٿا./ توهين/ اوهين لکو ٿيون.
(iii) هيءُ / هو لکي ٿو./ هيءَ/ هُوءَ لکي ٿي.
هي/ هُو لکن ٿا./ هي/ هُو لکن ٿيون.
اِنهن مثالن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ ضمير خالص جا ٽي قسم آهن. اُهي آهن: (i) ضمير متڪلم، (ii) ضمير حاضر ۽ (iii) ضمير غائب.

(ب) انهن ٽنهي قسمن جون اڳتي واري عدد جي لحاظ کان بہ بہ صورتون ٿينديون آهن، يعني ضمير متڪلم واحد ۽ متڪلم جمع، ضمير حاضر واحد ۽ حاضر جمع، ۽ ضمير غائب واحد ۽ غائب جمع.

(ت) ضمير خالص جي انهن ٽنهي قسمن ۾، سواءِ ضمير غائب جي، باقي ٻن قسمن، يعني ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر جي استعمال ۾، جنس يعني مؤنث ۽ مذڪر جي استعمال ۾، ڪوبہ فرق ڪونہ هوندو آهي.

(ث) هاڻي اچو تہ ضمير خالص جي انهن ٽنهي قسمن جو اڳتي تفصيل سان اڀياس ڪريون:

**(i) ضمير متڪلم: (First Person Pronoun)**

(a) متڪلم جي معنيٰ اها آهي تہ ڪوبہ ڳالهائيندڙ، ڪنهن بہ جملي يا ڪنهن ڪلام ۾، پنهنجي نالي وٺڻ بدران، ڪو ٻيو لفظ ڪم آڻي، تہ اُن ٻئي لفظ کي ضمير متڪلم چئبو

آهي؛ جيئن:

<u>مان/ آءٌ</u> آيُس.

هن جملي ۾ ڳالهائيندڙ، پنهنجي باري ۾، ڪا ڳالهه ڪرڻ لاءِ، پنهنجي نالي وٺڻ بدران 'مان/ آءٌ' لفظ ڪم آندو آهي. تنهنڪري هن جملي ۾ ڪم آندل 'مان/ آءٌ' لفظ کي، 'ضمير متڪلم' چئبو آهي. اهڙيءَ طرح:

<u>اسين</u> وياسين.

<u>اسان</u> لکيو.

ڪيترن ئي جملن ۾، ڳالهائيندڙن، پنهنجن نالن وٺڻ جي بدران، پنهنجي لاءِ 'اسين/ اسان' لفظ ڪم آندا آهن؛ تنهنڪري 'مان/ آءٌ'، اسين/ اسان اُهي لفظ آهن، جيڪي ڳالهائيندڙن پنهنجن نالن وٺڻ بدران، پنهنجي لاءِ ڪم آندا آهن. اهڙن لفظن کي ضمير متڪلم چئبو آهي. انهن لفظن مان 'مان/ آءٌ' لفظ، 'ضمير متڪلم واحد' آهي، جڏهن تہ 'اسين / اسان' لفظ ضمير متڪلم جمع آهي.

(b) هيءَ ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ ڪنهن بہ جملي ۾، فاعل جي صورت ۾ ڪم ايندڙ ضمير متڪلم (واحد يا جمع) ۾، جنس (مذڪر يا مؤنث) جي ڦيري/ گردان ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ ٿيندو آهي؛ مثال طور:

ضمير متڪلم

| جنس مذڪر: واحد | جنس مذڪر: جمع | جنس مؤنث: واحد | جنس مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|
| <u>مان/ آءٌ</u> ڇوڪرو آهيان | <u>اسين</u> ڇوڪرا آهيون | <u>مان/ آءٌ</u> ڇوڪري آهيان | اسين ڇوڪريون آهيون |
| <u>مان/ آءٌ</u> ڊاڪٽر آهيان | <u>اسين</u> ڊاڪٽر آهيون | <u>مان/آءٌ</u> ڊاڪٽرياڻي آهيان | <u>اسين</u> ڊاڪٽرياڻيون آهيون |

البت ضمير متڪلم، عدد ۽ حالت جي صيغي ۾ ڦرندو آهي، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

### (ii) ضمير حاضر: (Second Person Pronoun)

(a) ضمير حاضر اُن ضمير کي چئبو آهي، جيڪو ڳالهائيندڙ، ڪنهن بہ جملي ۾، ڪنهن ٻئي حاضر ماڻهوءَ جي نالي وٺڻ بدران (يعني ڳالهائيندڙ جنهن حاضر ماڻهوءَ سان ڳالهہ ڪندو آهي) اُن جي لاءِ ڪم آڻيندو آهي. مطلب تہ ڪوبہ اُهو حاضر ماڻهو، جنهن سان ڳالهائيندڙ ڪا ڳالهہ ڪندو آهي، تنهن ماڻهوءَ جي نالي وٺڻ بدران ڳالهائيندڙ جيڪو ضمير ڪم آڻيندو آهي، تنهن ضمير کي 'ضمير حاضر' چئبو آهي.

(b) ضمير حاضر جا ٻه قسم ٿيندا آهن: اُهي آهن:

(i) ضمير حاضر واحد، جيئن: تون

(ii) ضمير حاضر جمع، جيئن: توهين يا اوهين

(c) ضمير متڪلم وانگر ضمير حاضر ٻه جملي ۾ فاعل جي صورت ۾، جنس جي صيغي ۾ ڪوبه فرق ڪونه ڏيکاريندو آهي؛ جيئن:

ضمير حاضر

جنس مذڪر — جنس مؤنث

واحد — جمع — واحد — جمع

| واحد (مذڪر) | جمع (مذڪر) | واحد (مؤنث) | جمع (مؤنث) |
|---|---|---|---|
| تون ڇوڪرو آهين | توهين/اوهين ڇوڪرا آهيو | تون ڇوڪري آهين | توهين/اوهين ڇوڪريون آهيو |
| تون ڊاڪٽر آهين | توهين/اوهين ڊاڪٽر آهيو | تون ڊاڪٽرياڻي آهين | توهين/اوهين ڊاڪٽرياڻيون آهيو |

ضمير حاضر ٻه عدد ۽ حالت جي صيغي ۾ گردان ڪندو آهي، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي.

**(iii) ضمير غائب: (Third Person Pronoun)**

(a) ضمير خالص جو ٽيون قسم، 'ضمير غائب' آهي. ضمير غائب، اُن ضمير کي چوندا آهن، جيڪو حاضر نه هجي؛ يعني جنهن ماڻهوءَ بابت جڏهن به ڪا ڳالهه ڪبي آهي، ۽ اهو ماڻهو حاضر ڪونه هوندو آهي؛ پر جيڪڏهن ڪٿي اهو ماڻهو حاضر هوندو به آهي، ته به اُن سان ڳالهائبو نه آهي، پر اُن ڏانهن فقط اشارو ڪبو آهي ته جيئن اڳلو سمجهي ته ڪنهن ٽياڪر جي ڳالهه آهي. مطلب ته ڪنهن جي نالي وٺڻ بدران، اُن لاءِ جيڪو لفظ ڪم آڻبو آهي، اُن لفظ کي 'ضمير غائب' چئبو آهي.

(b) ضمير متڪلم ۽ ضمير حاضر وانگر، ضمير غائب جون به ٻه صورتون ٿينديون آهن، يعني ضمير غائب واحد ۽ ضمير غائب جمع.

(c) شروع ۾ چيو ويو آهي ته ضمير غائب جڏهن فاعل جي صورت ۾ ڪم ايندو آهي، تڏهن اُهو جنس مذڪر ۽ جنس مؤنث ۾ فرق ڏيکاريندو آهي؛ مثال طور:

**ضمير غائب**

| مذکر: واحد | مذکر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|
| هيءَ/ هُو چوڪرو آهي | هي/ هُو چوڪرا آهن | هيءَ/ هُوءَ چوڪري آهي | هي/هُو چوڪرا آهن |
| اهو/اُهو چوڪرو آهي | اهي/ اُهي چوڪرا آهن | اها/اُها چوڪري آهي | اهي/ اُهي چوڪريون آهن |

(d) (i) ڪاڪُو پيرومل پنهنجي ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' (ڇاپو ٻيو 1958ع، ص 62) ۾، حاشئي تي لکي ٿو تہ: "سنڌي ٻوليءَ مان ضمير غائب گم ٿي ويو آهي، تنهنڪري 'هُو' ۽ 'اُهي' لفظ، جي ضمير اشارو آهن، سي ڪم آڻي، پورائي پيا ڪريون".

(ii) مرزا قليچ بيگ صاحب بہ ساڳي ڳالھ ڪئي آهي. مرزا صاحب پنهنجي ڪتاب 'سنڌي وياڪرڻ' (ڇاپو 1992ع، ص 22) ۾ لکي ٿو تہ: "سنڌي ٻوليءَ مان ضمير غائب گم ٿي ويو آهي، تنهنڪري 'هُو' ۽ 'اُهي' لفظ، جي 'ضمير اشارو ڏور' آهن، سي ڪم آڻي، پورائي پيا ڪريون." ائين ٿو معلوم ٿئي تہ ڪاڪي پيرومل، مرزا صاحب وارا ساڳيا لفظ پنهنجي ڪتاب ۾ هوبهو ڪم آندا آهن.

(iii) ڊاڪٽر ٽرومپ پنهنجي ڪتاب A Grammar of Sindhi Language ۾ صفحي 470 تي ضمير غائب جي سلسلي ۾ لکيو آهي تہ: "سنڌيءَ ۾ ضمير غائب (واحد ۽ جمع) ڪونہ ٿين، پر اُن جي بدران، ضمير اشارو، 'هيءَ، هيءَ، هُو ۽ هُوءَ' ڪم آندا ويندا آهن."

(iv) ديوان جهمٽ مل نارومل وسناڻي، پنهنجي ڪتاب 'A New Grammar of Sindhi Language' (1892ع ۾ ڇپيل) ۾ صفحي 22 تي لکي ٿو تہ:

> "دُرشڪ سرونام" (ضمير اشارو) ٻن قسمن جا آهن: دُرشڪ سرونام ويجهو ۽ دُرشڪ سرونام ڏور: جيئن: هيءَ/ اِيئي، هيءَ/ هُو، اُو/ هو ۽ او/اهي پويان سرونام اسم، ضمير غائب جو بہ ڪم ڪندا آهن."

(v) 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' (ڇاپو ٻيو) ڪتاب ۾ مون، ڊاڪٽر ڪالڊويل جي حوالي سان لکيو آهي تہ "دراوڙي ٻولين ۾ ضمير غائب ڪونہ ٿين، پر ضمير اشاري (ويجهي ۽ ڏور) کان ضمير غائب جو ڪم ورتا آهن. (ڪالڊويل ص 308).

ساڳيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ، ضمير اشاري ويجهي ۽ ضمير اشاري ڏور (هيءَ/ هيءَ، اِهو/ اِها، هِنَ/اِن، هنن/ اِنهن، هوُ/ هُوءَ، اُهو/اُها، هُنَ/ اُن، هُنن/ اُنهن) کي ضمير غائب (واحد ۽ جمع) طور

ڪم آڻيو آهي.“

(e) سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي لهجي ۾، قديم سنڌي زبان جا، ضمير اشاري وارا اهي سڀ روپ (اِي/ اي، اُو/ او، اِن/ اِنن) موجود آهن، جيڪي دراوڙي زبانن ۾ به رائج آهن: مثال طور:

| دراوڙي | معياري، سنڌي | لاڙي لهجو |
|---|---|---|
| edha (ايڌ) | هي | اي |
| udha (اُو) | - | - |
| ih (اِه) | هِي | اِي |
| ah (اَه) | - | - |

اسمن وانگر ضميرن جون صورتون، حالت فاعليءَ جي ڦيري/ گردان لاءِ فعل متعديءَ سان به ساڳيون رهنديون آهن، يعني بدلبيون نه آهن: مثال طور:

| فعل لازمي | حالت فاعلي | فعل متعدي | حالت مفعولي |
|---|---|---|---|
| | مان اَچان ٿو/ اَچان ٿي. | | مان انب کان ٿو/ کان ٿي |
| | مان آيسُ/ آيَس | | اسين انب کائون ٿا/ کائون ٿيون. |
| | اسين اچون ٿا/ اچون ٿيون | | تون انب کائين ٿو/ کائين ٿي. |
| | اسين آياسين/ آيونسين | | توهين/ اوهين انب کائون ٿا/ کائو ٿيون. |
| اَچُ | تون اچين ٿو/ اچين ٿي. | کاءُ | هُو انب کائي ٿو/ هوُءَ انب کائي ٿي. |
| | تون آئين/ آئيٿين | | هو انبُ کائين ٿا/ هو انب کائين ٿيون. |
| | توهين/ اوهين اچو ٿا/ اچو ٿيون | | |
| | توهين/ اوهين اچو ٿا/ اچو ٿيون | | |
| | توهين/ اوهين آيا/ آئيون. | | |
| | هوُ اچي ٿو/ هوُءَ اچي ٿي. | | |
| | هُو آيو/ هوُءَ آئي | | |
| | هُو اچن ٿا/ اچن ٿيون | | |
| | هُو آيا/ آئيون | | |

پر مطالعي مان معلوم ٿيندو ته اِهي ٿي ضمير خالص (واحد ۽ جمع)، حالت جريءَ ۽ حالت اضافت جي ڦيرن/ گردانن لاءِ، ٻنهي قسم جي فعلن، يعني فعل لازميءَ ۽ فعل متعديءَ سان، بدلجن ٿا، يعني ساڳيا نٿا رهن: مثال طور:

| فعل لازمي | حالت فاعلي | حالت جري | حالت مفعولي |
|---|---|---|---|
| | مان ڊوڙان ٿو/ ٿي | مون کي ڊوڙاءِ | _ |
| | اسين ڊوڙون ٿا/ ٿيون | اسان کي دوڙاءِ | _ |
| | تون ڊوڙين ٿو/ ٿي | توکي ڊوڙاءِ | _ |
| ڊوڙ | توهين/ اوهين ڊوڙو ٿا/ ٿيون | توهان کي/ اوهان کي ڊوڙاءِ | _ |
| | هوُ دوڙي ٿو/ هوُءَ ڊوڙي ٿي | هِن/ هُن کي ڊوڙاءِ | _ |
| | هو ڊوڙن ٿا/ ٿيون | هِنن/ هُنن کي ڊوڙاءِ | |

انهن مثالن جي اڀياس مان خبر پوي ٿي ته حالت فاعليءَ جي ڦيري/ گردان لاءِ ضمير ساڳيا رهن ٿا يعني اُنهن ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آئي آهي، پر حالت جريءَ جي ڦيري لاءِ، ضمير هيٺ موجب بدليا آهن:

ضمير متڪلم واحد 'مان' بدلجي ٿيو 'مون'، ضمير حاضر جمع 'توهين' بدلجي ٿيو 'توهان'.
ضمير متڪلم جو 'اسين' بدلجي ٿيو 'اسان'، ضمير حاضر جمع 'اوهين' بدلجي ٿيو 'اوهان'.
ضمير متڪلم جمع 'اسين' بدلجي ٿيو 'اسان'، ضمير غائب واحد 'هوُ/ هوءَ' بدلجي ٿيا 'هُن'.
ضمير حاضر واحد 'تون' بدلجي ٿيو 'تو'، ضمير غائب جمع 'هو' بدلجي ٿيو 'هُنن'.

حالت اضافت جي ڦيري/ گردان کي سمجهڻ لاءِ، هيٺ ڏنل جملا ڏسو:

| فعل لازمي | حالت فاعلي | حرف اضافت | حالت اضافت |
|---|---|---|---|
| ڊوڙ | گهوڙو ڊوڙي ٿو. | جو/ جي | 'منهنجو' گهوڙو ڊوڙي ٿو. |
| | گهوڙي ڊوڙي ٿي. | | 'منهنجِي' گهوڙِي ڊوڙي ٿِي. |
| | | | 'اسان جو' گهوڙو ڊوڙي ٿو. |
| | | | 'اسان جِي' گهوڙِي ڊوڙي ٿِي. |
| | | | 'تنهنجو' گهوڙو ڊوڙي ٿو. |
| | | | 'تنهنجي' گهوڙِي ڊوڙي ٿِي. |
| | | | 'توهان جو/ اوهان جو' گهوڙو ڊوڙي ٿو. |
| | | | 'توهان جي/ اوهان جي' گهوڙِي ڊوڙي ٿِي. |
| | | | 'هُن جو' گهوڙو ڊوڙي ٿو. |
| | | | 'هَنَ جِي' گهوڙِي ڊوڙي ٿِي. |
| | | | 'هنن جو' گهوڙو ڊوڙي ٿو. |
| | | | 'هنن جِي' گهوڙِي ڊوڙي ٿِي. |

انهن مثالن ۾ مون، اسين، تون، توهين/ اوهين، هوُ، هُوءَ، ۽ هو ضميرن جي پنيان، حالت اضافت جي ڦيري/ گردان لاءِ 'جو' / 'جي' حرف اضافت جي ڪم اچڻ سان، فاعل ۾ ايندڙ ضمير، هيٺ موجب بدليا آهن:

مان > مون > مُنهن

اسين > اسان

تون> تون > تُنهن

توهين > توهان

اوهين > اوهان

هوُ > هُن

هوُءَ > هُن

هو > هُنن

## 2_ ضمير اشارو:

(الف) اُهي ضمير جيڪي ڪنهن گفتگو ۾ ڪن اسمن ڏانهن اشارو ڪن، تن کي 'ضمير اشارو' چئبو آهي. ضمير اشاري جا اڳتي وري ٻه قسم آهن:

(i) ضمير اشارو ويجهو: جيئن: هيءَ/ اِي، هيءَ/ اِيءَ، هي/ اي، اِهو، اِها، اِهي ۽ اِجهو.

(ii) ضمير اشارو ڏور: جيئن: هُو/اُو، هُوءَ/ اُوءَ، هو/ او، اُهو، اُها ۽ اُهي.

(ب) ضمير اشاري جي انهن ٻنهي قسمن جو عدد، جنس ۽ حالت جي صيغي ۾ ڦيرو ڏسو.



(ت) انهن ضميرن (ضمير اشارو ويجهو ۽ ضمير اشارو ڏور) جو جملن ۾ استعمال ڏسو:

| | ضمير اشارو ويجهو | ضمير اشارو ڏور |
|---|---|---|
| مذڪر واحد: | هيءُ ڇوڪرو آهي. | هُو ڇوڪرو آهي. |
| | اِهو ڇوڪرو آهي. | اُهو ڇوڪرو آهي. |
| مذڪر جمع: | هي ڇوڪرا آهن. | هو ڇوڪرا آهن. |
| | اِهي ڇوڪرا آهن. | اُهي ڇوڪرا آهن. |
| مؤنث واحد: | هيءَ ڇوڪري آهي. | هُوءَ ڇوڪري آهي. |
| | اِها ڇوڪري آهي. | اُها ڇوڪري آهي. |
| مؤنث جمع: | هِي ڇوڪريون آهن. | هو ڇوڪريون آهن. |
| | اِهي ڇوڪريون آهن. | اُهي ڇوڪريون آهن. |

(ث) اڳ ۾ ضمير غائب جي بيان ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾، ضمير اشارا (ويجها ۽ ڏور)، ضمير غائب (واحد ۽ جمع) جي صورت ۾ ڪم ايندا آهن. ضمير غائب جي، حالت فاعليءَ، حالت جريءَ ۽ حالت اضافت جي گردانن جي مثالن ۾، ضمير غائب جي وضاحت ڪندي، ضمير اشاري جا، ٻنهي قسمن جي حالتن مطابق گردان سمجهايا ويا آهن. هت اِهي گردان وري دُهرايا وڃن ٿا: جيئن:

**ضمير اشارو**

| حالت فاعلي | | | | حالت جري | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | | مؤنث | | مذڪر | | مؤنث | |
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| اِهو / اِي | اِهي | اِها/ | اِهي | اِن | اِنَن/اِنهن | اِنَ | اِنَن/ اِنهن |
| اُهو /اُو | اُهي/اوءِ | اُها | اُهي/اُوءِ | اُنَ | اُنن/اُنهن | اُنَ | اُنن/ اُنهن |
| | | | | اُن کي | اُنن/اُنهن کي | اُن کي | اُنن/ اُنهن کي |
| | | | | اُن ۾ | اُنن/اُنهن ۾ | اُن ۾ | اُنن/ اُنهن ۾ |
| | | | | اُن تي | اُنن/اُنهن تي | اُن تي | اُنن/ اُنهن تي |

اُن ڪان    اُن/اُنهن ڪان    اُن ڪان    اُن/ اُنهن ڪان

اُن سان    اُن/اُنهن سان    اُن سان    اُن/ اُنهن سان

اِجهو، اجهي، اِجها ۽ اِجهي اهڙا ضمير اشارو آهن، جيڪي فقط حالت فاعليءَ ۾ ٿي ٿا.

### 3۔ ضمير استفهام:

(الف) ضمير استفهام کي سمجهڻ لاءِ هيٺين هي جملا پڙهو:

هيءُ ڇا آهي؟

توکي ڇا کپي؟

تون ڇو آيو آهين؟

تون ڪيرُ آهين؟

ڪهڙو ڪتاب ٿو پڙهين؟

انهن جملن ۾ 'ڇا'، 'ڇو'، 'ڪيرُ' ۽ 'ڪهڙو' لفظ، 'ماڻهن'، 'شين' ۽ 'ڪمن' سان لاڳاپو ڏيکارين ٿا. انهن لفظن مان، جملي ۾ سوالن پڇڻ جو مقصد ٿو ظاهر ٿئي. مطلب ته 'ضمير استفهام' اهو ضمير آهي، جيڪو جملي اندر سوالن پڇڻ لاءِ ڪم آڻبو آهي. ضمير استفهام جا جملن اندر ٻيا مثال ڏسو:

**ضمير استفهام**

| مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مونث: واحد | مونث: جمع |
|---|---|---|---|
| مان ڇا آهيان؟ | اسين ڇا آهيون؟ | مان ڇا آهيان؟ | اسين ڇا آهيون؟ |
| تون ڇا آهين؟ | توهين/اوهين ڇا آهيو؟ | تون ڇا آهين؟ | توهين/اوهين ڇا آهيو؟ |
| هيءُ ڇا آهي؟ | هي ڇا آهن؟ | هيءَ ڇا آهي؟ | هي ڇا آهن؟ |
| اِهو ڪيرُ آهي؟ | اهي ڪيرِ آهن؟ | اها ڪير آهي؟ | اهي ڪيرَ آهن؟ |
| تون ڪيرُ آهين؟ | توهين/اوهين ڪيرِ آهيو؟ | تون ڪيرِ آهين؟ | توهين/اوهين ڪيرِ آهيو؟ |
| هيءُ ڪيرُ آهي؟ | هي ڪيرِ آهن؟ | هيءَ ڪير آهي؟ | هي ڪيرِ آهن؟ |
| هيءُ ڪهڙو ڪتاب آهي؟ | هي ڪهڙا ڪتاب آهن؟ | هيءَ ڪهڙي شيءِ آهي؟ | هي ڪهڙيون شيون آهن؟ |
| هيءُ ڪم ڪنهن ڪيو؟ | هي ڪم ڪنهن ڪيا؟ | هيءَ ڳالهه ڪنهن چئي؟ | هي ڳالهيون ڪنهن چيون؟ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| کھڙي کي | کھڙن کي | کھڙيءَ کي | کھڙين کي |
| کھڙي ۾ | کھڙن ۾ | کھڙيءَ ۾ | کھڙين ۾ |
| کھڙي مان | کھڙن مان | کھڙيءَ مان | کھڙين مان |
| کھڙي کي | کھڙن کي | کھڙيءَ کي | کھڙين کي |

کُجاڙو کُجاڙا   کُجاڙي کُجاڙين   کُجاڙي کُجاڙي کُجاڙيءَ کُجاڙيُن

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڪجاڙيءَ کي | ڪجاڙن کي | ڪجاڙيءَ کي | ڪجاڙيُن کي |

### 4۔ ضمير مشترڪ:

(الف) ضمير مشترڪ کي سمجهڻ لاءِ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

1. مان پاڻ هت آيو آهيان.
2. اسين خود هت آيا آهيون
3. هُو پاڻ هت اچڻو آهي.
4. هوُ خود هت اچڻو آهي.
5. پاڻ کي وڃڻو آهي.

انهن جملن ۾ 'پاڻ، ۽ خود'، 'ضمير' آهن. اهي ضمير، ڪن شريڪ اسمن جي بدران ڪم آيا آهن. تنهنڪري اهي ضمير جيڪي ڪن شريڪ اسمن جي بدران ڪم اچن ته اهڙن ضميرن کي 'ضمير مشترڪ' چئبو آهي.

(ب) سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ ضمير مشترڪ ٻه جنس، عدد ۽ حالت جي صيغي ۾ گردان ڪندا آهن؛ مثال طور:

**ضمير مشترڪ**

| حالت فاعلي: مذڪر – واحد | مذڪر – جمع | مونث – واحد | مونث – جمع | حالت عام/ حالتِ تغيري: مذڪر – واحد | مذڪر – جمع | مونث – واحد | مونث – جمع |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پاڻُ/پاڻَ | پاڻَ | پاڻَ | پاڻَ | پاڻُ/پاڻَ | پاڻَ | پاڻَ | پاڻَ |
| | | | | پاڻَ ۾ | پاڻَ ۾ | پاڻَ ۾ | پاڻَ ۾ |
| | | | | پاڻَ کي | پاڻَ کي | پاڻَ کي | پاڻَ کي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| پاڻ جو/ پنهنجو | پاڻ جا/ پنهنجا | پاڻ جي/ پنهنجي | پنهنجو | |
| پاڻ سان | پاڻ سان | پاڻ سان | پاڻ سان | |

### 5۔ ضمير موصول:

(الف) هن ضمير جي سمجهاڻيءَ کان اڳ هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

1. جو پڙهندو، سو ڪامياب ٿيندو.
2. جا محنت ڪندي، سا ڪامياب ٿيندي.
3. جيڪو/جيڪي پوکيندين/ پوکينديئن، سو لڻندين/ لڻندِيئن.
4. جيڪا چوکري محنت ڪندي سا انعام حاصل ڪندي.
5. جنهن محنت ڪئي، تنهن کي اُن جو ڦل مليو.

انهن جملن ۾ 'جو'، 'جا'، 'جيڪو'، 'جيڪِي'، 'جيڪا' ۽ 'جنهن' لفظ 'ضمير موصول' جا مثال آهن.

(ب) انهن جملن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته 'ضمير موصول' جا ٻه قسم ٿيندا آهن. اُهي آهن: (1) **ضمير موصول** ۽ (2) **ضمير جواب موصول.**

مٿي ڏنل جملن ۾ 'جو'، 'جا'، 'جيڪو'، جيڪي'، 'جيڪا' ۽ 'جنهن' 'ضمير موصول' جا مثال آهن، ۽ 'سو'، 'سا' ۽ 'تنهن' لفظ، 'ضمير جواب موصول' طور استعمال ٿيا آهن. 'ضمير موصول' ۽ 'ضمير جواب موصول'، جملي ۾، گڏ ڪم ايندا آهن. 'ضمير موصول' جي جواب ۾ 'ضمير جواب موصول' ڪم ايندو آهي.

(ت) هر جملي ۾، ضمير موصول هميشه پهرين جاءِ وٺندو آهي؛ يعني لفظن ۾ هيئن چئبو ته جملا هميشه 'ضمير موصول' سان شروع ٿيندا آهن، ۽ اُنهيءَ ئي جملي ۾ 'ضمير جواب موصول'، 'ضمير موصول جي، جواب جي صورت ۾، جملي جي ضمير موصول واري حصي کان پوءِ، پنهنجي جاءِ وٺندو آهي. ٻنهي، يعني ضمير موصول ۽ ضمير جواب موصول جا انفرادي صورتن ۾ مثال ڏسو:

| ضمير موصول | ضمير جواب موصول | ضمير موصول | ضمير جواب موصول |
|---|---|---|---|
| جو | سو | جا | سا |
| جيڪو/جيڪي | سو | جيڪا | سا |
| جيئن | تيئن | جڏهن | تڏهن |
| جنهن | تنهن | جيترو | تيترو |
| جهڙو | تهڙو | | |
| جيتر | تيتر | | |

(ث)　ضمير موصول ۽ ضمير جواب موصول، جنس، عدد ۽ حالت جي صيغي ۾ گردان ڪندا آهن:

**ضمير موصول**

| حالت فاعلي | | | | حالت عام/ حالت تغيري | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | | مؤنث | | مذڪر | | مؤنث | |
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| جو | جي | جا | جي | جنهن | جن | جنهن | جن |
| جيڪو | جيڪي | جيڪا | جيڪي | جنهن | جن | جنهن | جن |
| جيترو | جيترا | جيتري | جيتريون | جيتري | جيترن | جيتريءَ | جيترين |
| جهڙو | جهڙا | جهڙي | جهڙيون | جهڙي | جهڙن | جهڙيءَ | جهڙين |

**ضمير جواب موصول**

| حالت فاعلي | | | | حالت عام/ حالت تغيري | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | | مؤنث | | مذڪر | | مؤنث | |
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| سو | سي | سا | سي | - | - | - | - |
| تيترو | تيترا | تيتري | تيتريون | تيتري | تيترن | تيتريءَ | تيترين |
| تهڙو | تهڙا | تهڙي | تهڙيون | تهڙي | تهڙن | تهڙيءَ | تهڙين |

مٿين مثالن جي اپياس مان معلوم ٿو ٿئي ته، ضمير جواب موصول 'سو' ۽ 'تيتر' حالت جريءَ جي صورت ۾، گردان نٿا ڪن.

**6ـ ضمير مبهم:**

(الف)　ضمير جي تفصيلي اپياس لاءِ پهرين هي جملا غور سان پڙهو:

(i)　گهرَ ۾ ڪو موجود آهي.

(ii) هُت ڪا عورت ويٺي هوندي.

(iii) مون رستي تي ڪنهن کي ڏٺو هو.

(iv) سياڻي ڪونہ ڪو ضرور ايندو.

(v) منجهانئن ڪنهن نہ ڪنهن کي اچڻ گهرجي.

انهن جملن ۾ ’ڪو‘، ’ڪا‘، ’ڪنهن‘، ’ڪونہ ڪو‘ ۽ ’ڪنهن نہ ڪنهن‘ اهڙا لفظ آهن، جيڪي مبهم مفهوم ظاهر ڪن ٿا. مُبهم لفظ جي معنيٰ آهي تہ جو / جا ڳالهہ، جا شيءِ يا جو ماڻهو واضح يا پڌرو نہ هجي. مٿي ڏنل جملن ۾ ’ڪو‘، ’ڪا‘، ’ڪنهن‘، ’ڪونہ ڪو‘ يا ’ڪنهن نہ ڪنهن‘ اهڙا لفظ آهن، جن مان ڪابہ ڳالهہ يا ماڻهو واضح نہ آهي، تنهنڪري اُهي لفظ جن مان ڪابہ ڳالهہ، ڪابہ شيءِ يا ڪنهن بہ ماڻهُوءَ جي باري ۾ ڪا صاف يا چٽي خبر نہ پوي تہ اهڙن لفظن کي سنڌي وياڪرڻ ۾ ’ضمير مبهم‘ چئبو آهي.

(ب) ضمير مبهم بہ سنڌي وياڪرڻ ۾ جنس، عدد ۽ حالت جي صيغي ۾ گردان ڪندا آهن: مثال طور:

**ضمير مبهم**

| حالت فاعلي - مذڪر - واحد | حالت فاعلي - مذڪر - جمع | حالت فاعلي - مؤنث - واحد | حالت فاعلي - مؤنث - جمع | حالت جري - مذڪر - واحد | حالت جري - مذڪر - جمع | حالت جري - مؤنث - واحد | حالت جري - مؤنث - جمع |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪو | ڪي | ڪا | ڪي | ڪنهن | ڪن | ڪنهن | ڪن |
| | | | | ڪنهن کي | ڪن کي | ڪنهن کي | ڪن کي |
| | | | | ڪنهن ۾ | ڪن ۾ | ڪنهن ۾ | ڪن ۾ |
| | | | | ڪنهن تي | ڪن تي | ڪنهن تي | ڪن تي |
| | | | | ڪنهن جو | ڪن جو | ڪنهن جو | ڪن جو |
| | | | | ڪنهن کان | ڪن کان | ڪنهن کان | ڪن کان |
| | | | | ڪنهن مان | ڪن مان | ڪنهن مان | ڪن مان |
| فلاڻو | فلاڻا | فلاڻي | فلاڻيون | فلاڻي | فلاڻن | فلاڻيءَ | فلاڻين |

# باب پنجون: حرف جَر

(الف) هن ڪان اڳ، حالتن واري باب ۾، 'حالت جريءَ' جي سمجهاڻيءَ دوران، سنڌي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ 'حرف جر' ڄاڻايا ويا آهن.

ڪي، تي، ۾، جو، جي، جا، مان، ڪان، تان، تائين، سان، ساڻ، وٽ، سندو، لاءِ ۽ واسطي.

(ب) انهيءَ صفحي تي اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته ڪنهن به جملي ۾، حرف جر هميشه اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف ڪان فوراً پوءِ، پر اُنهن سان گڏوگڏ، پنهنجي جاءِ وٺندا آهن.

(ت) انهيءَ وضاحت مان اها به خبر پوي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ جي ڪهڙن ڪهڙن لفظن کي 'حرف جر' چئبو آهي، پر حرف جر، دراصل، ڇا آهي؟ ڪهڙن لفظن کي حرف جر چئبو آهي؟ انهيءَ سوال جي جواب معلوم ڪرڻ لاءِ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

(1) ميز <u>تي</u> ڪتاب آهي.

(2) ڪيسي <u>۾</u> پنج روپيا آهن.

(3) توهان <u>کي</u> ڇا گهرجي؟

(4) گهَرَ <u>مان</u> هينئر ٻاهر ڪير نڪتو آهي؟

(5) توهان <u>سان</u> ٻيو ڪير آهي؟

(6) هن جي <u>لاءِ</u> هرهڪ کي همدردي آهي.

(7) مون <u>وٽ</u> هڪ ڪتاب آهي.

(8) اسان تائين اچڻ <u>۾</u> گهڻو وقت لڳندو؟

(9) اوهان <u>ڪان سواءِ</u> ٻيو منهنجو ڪير آهي؟

(10) اوهان جي <u>واسطي</u> مون کي عزت آهي.

انهن جملن ۾ 'تي'، '۾'، 'کي'، 'مان'، 'سان'، 'لاءِ'، 'وٽ'، 'تائين' ۽ 'ڪان سواءِ' ۽ 'واسطي' اُهي لفظ آهن، جيڪي جملن ۾ اسمن ۽ ضميرن جي فوراً پٺيان، پر اُنهن سان گڏ پنهنجي جاءِ وٺي بيٺا آهن. اهي لفظ ٻن اسمن، يا اسم ۽ ضمير يا اسم ۽ ظرف جي وچ ۾ لاڳاپو ڏيکارين ٿا. <u>تنهن ڪري اهو لفظ، جيڪو ڪنهن اسم يا ضمير جي فوراً پٺيان اچي، ۽ اُن جو لاڳاپو ڪنهن ٻئي اسم، ضمير يا ظرف سان ڏيکاري، تنهن لفظ کي 'حرف جر' چئبو آهي.</u>

مٿين حرف جرن ڪان سواءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيا حرف جر هي آهن:

پاران، ڏاران ۽ وَٽان.

-2 'حالت جريءَ' جي بيان ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾، ڪيترائي اهڙا جملا آهن، جن ۾ ڪن اسمن جي پٺيان، ظاهري طور، ڪوبه حرف جر ڪم نه آڻبو آهي، پر اهڙن اسمن سان حرف جر، ڳجهيءَ طرح سان شامل ٿي، معنيٰ ظاهر ڪندا آهن، مثال طور:

| (حرف جر جو) جملن ۾ ڳجهو استعمال | حالت مڪانيءَ جي صورت ۾ حرف جي ڳجهي استعمال جي وضاحت |
|---|---|
| (i) هُو ڳوٺان آيو. | اصل جملو آهي: 'هوُ ڳوٺ کان آيو' يا هُو ڳوٺ مان آيو. پر پوءِ ڳالهائڻ مهل انهن جملن ۾ 'ڳوٺ' اسم جي پٺيان آيل 'کان' ۽ 'مان' حرف جرن مان ('ڪ' يا 'مر') آواز حذف ٿي ويا، ۽ فقط گُهٽو سُر 'آن' ڪم آيو ۽ لفظ ٺهيو 'ڳوٺان'. |
| (ii) هوُ ڳوٺئون آيو. | هي جملو اُترادي لهجي ۾ عام اُچاريو ويندو آهي.<br>اصل ۾ جملا هئا:<br>هوُ ڳوٺ کئون آيو. يا هوُ ڳوٺ مَئون آيو.<br>پر ڳالهائڻ مهل انهن جملن ۾ 'ڳوٺ' اسم جي پٺيان ڪم آيل 'ڪئون' ۽ 'مَئون' حرف جرن مان [ڪ ۽ مر] آواز حذف ٿي ويا، ۽ فقط 'گُهٽو سُر' 'اَئون' ڪم آيو ۽ لفظ ٺهيو 'ڳوٺئون'. |
| (iii) منهنجو پيءُ ڳوٺِ ويو آهي. | هن جملي ۾ 'ڳوٺُ' اسم جي آخري اعراب 'اُ' کي 'اِ' اعراب ۾ بدلايو ويو آهي، ۽ 'ڳوٺ ڏي' تنهن ڪري چئبو تہ ڳوٺِ لفظ ۾ 'اِ' اعراب، حرف جر جو مفهوم ادا ڪيو آهي. |
| (iv) هوُ راتِ هت ترسيو هو. | هن جملي ۾ 'راتِ' لفظ مان مراد آهي 'رات جو' يا 'رات واريءَ مهل'؛ پر ڳالهائڻ ۾ 'جو' حرف جر حذف ڪيو ويو ۽ 'اِ' اعراب حرف جر جو ڪارج ادا ڪيو آهي. |
| (v) هوُ ٻارين ٻچين آيو هو. | هن جملي ۾ 'ٻارين ٻچين' لفظ مان مراد آهي 'ٻارن ٻچن سان' يعني ڳالهائڻ مهل پهرين'سان' حرف جر حذف ڪيو ويو ۽ پوءِ 'ٻارن ٻچن' لفظ کي ڦيرائي 'ٻارين ٻچين' ڪيو ويو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ 'سان' حرف جر کي حذف ڪرڻ کان پوءِ مرڪب لفظ، 'ٻارن ٻچن' 'اين' اعراب ملائي، اُن لفظ کي 'ٻارين ٻچين' صورت ۾ ٺاهي، پوءِ اُچاريو ويندو آهي. |
| (vi) مون اهي شيون پٺسين ورتيون آهن. | هن جملي ۾ 'پٺسين' لفظ مان مراد پنجين نمبر واري جملي وانگر هڪ تہ 'سان' حرف جر حذف ڪيو ويو، ۽ ٻيو تہ 'پٺسين' لفظ کي بدلائي، اُن جي 'سَ' جي 'اَ' اعراب کي 'اين' |

اعراب ۾ مٿائي، لفظ کي 'پٺسين' ڪيو ويو؛ گويا 'اِين' اعراب حرف جر وارو ڪارج ادا ڪيو آهي.

3- _ (الف) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي ظرف بہ حرف جر طور استعمال ٿيندا آهن؛ ڪن جملن ۾ اُهي ظرف بہ حرف جر طور ڪم ايندا آهن، جيئن: جيڏ، پاسي.

(ب) مرڪب حرف جر: سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي حرف جر اهڙا بہ آهن جن کي 'مرڪب حرف جر' چوندا آهن. اهڙن مرڪب حرف جرن مان ڪن ۾ پهريون جُز 'جي' لفظ هوندو آهي، تہ وري ڪن مرڪب حرف جرن ۾ پهريون جُز 'کان' حرف جر هوندو آهي؛ مثال طور:

| مرڪب حرف جر | جملن ۾ استعمال |
|---|---|
| جي اڳيان | وڏن جي اڳيان خاموش ويهجي. |
| جي پٺيان | تنهنجي پٺيان ڪير آهي؟ |
| جي وچ ۾ | اوهان جي وچ ۾ ڪير پوندو؟ |
| جي سامهون | هن اسڪول جي سامهون مسجد آهي. |
| کان پوءِ | اوهان کان پوءِ منهنجو وارو آهي. |
| کان سواءِ | توهان کان سواءِ آءٌ ڪونہ ويندس |
| کان اڳ | اسين هنن کان اڳ پهچي ويندا سين. |

اهڙيءَ طرح ٻيا مثال هي آهن: جي هيٺان، جي مٿان، جي اندران، جي ٻاهران، جي پرسان، جي روبرو، جي برابر، جي چوڌاري، جي ويجهو ۽ کان پوءِ.

4- حرف جرن جي اثر سان اسمن، ضميرن، صفتن ۽ ظرفن جي صورتن جو بدلجڻ:

هن کان اڳ، حالتن واري باب ۾، حالت جري ۽ حالت اضافت جي بيان ۾ اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ ڪنهن بہ جملي ۾، حالت جري ۽ حالت اضافت جي گردان جي صورت ۾، حرف جر جي استعمال دوران، اَن کان فوراً اڳ آيل اسمن، ضميرن، صفتن ۽ ظرفن جون اصلي صورتون بدلجي وينديون آهن. اسمن ۽ ضميرن جي حالت عام يا حالت جري/ اضافت وارن ڦيرن جي بيان ۾، اسمن ۽ ضميرن ۾ آيل اهڙين تبديلين جا مثال پڻ ڏنا ويا آهن. هت بہ اُنهن جا ڪي ٿورا مثال ڏجن ٿا:

| اسم/ ضمير جي صورت | + | حرف جر جو استعمال | = | اسم/ ضمير جي بدليل صورت |
|---|---|---|---|---|
| گهرُ | + | ۾ | = | گهرَ ۾ |
| گهَرُ | + | تي | = | گهَرَ تي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| گھوڙو | + | کي | = | گھوڙي کي |
| ڇوڪرو | + | کان | = | ڇوڪري کان |
| ڇوڪري | + | وٽ | = | ڇوڪريءَ وٽ |
| مان | + | کي | = | مون کي |
| مان | + | ۾ | = | مون ۾ |
| تون | + | مان | = | تومان |
| اسين | + | کي | = | اسان کي |
| منھنجو پٽ | + | کي | = | منھنجي پٽ کي |
| منھنجي ڌيءَ | + | تان | = | منھنجيءَ ڌيءَ کان |
| اسان جو اسڪول | + | ۾ | = | اسان جي اسڪول ۾ |

# باب ڇهون: صفت

1- (الف) صفت جي اپياس لاءِ پهرين هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

(i) هيءُ چڱو ماڻهو آهي.

(ii) اڪبر سنو ڇوڪرو آهي.

(iii) هيءُ وڏو گهر آهي.

(iv) اهو سهڻو پکي آهي.

(v) هيءُ اڇو گلاب آهي.

(vi) تون هوشيار شاگرد آهين.

(vii) اِها ننڍي ڇوڪري، منهنجي ڀيڻ آهي.

(viii) هن ڪلاس ۾ ڏهه شاگرد آهن.

(ix) هن باغ ۾ اٺون نمبر وڻ، مون پوکيو هو.

(x) هن گلاس ۾ ٿورو پاڻي آهي.

(xi) منهنجي پيءُ وٽ گهڻوئي ڌن آهي.

(xii) توکي ڇئوڻو انعام ملندو.

(xiii) هُت ايڪڙ ٻيڪڙ ماڻهو وڃي بچيو هو.

(xiv) سيني جو نگهبان موليٰ ڪريم آهي.

(xv) لاباري لاءِ ويهارو کن ماڻهو ڪافي ٿيندا.

انهن جملن ۾ 'چڱو'، 'سنو'، 'وڏو'، 'سهڻو'، 'اَڇو'، 'هوشيار'، 'ننڍي'، 'ڏهه'، 'اَٺون'، 'ٿورو'، 'گهڻو'، 'ڇئوڻو'، 'ايڪڙ ٻيڪڙ'، 'سيني' ۽ 'ويهارو لفظ، اسم جي خاصيت ۽ عدد ڏيکارين ٿا.

ياد ڪريو تہ اهي لفظ جيڪي ڪنهن اسم يا ضمير جو 'گڻ'، 'اوگڻ'، 'عدد' ۽ 'مقدار' ڏيکارين، اهڙن لفظن کي سنڌي وياڪرڻ ۾ 'صفت' چئبو آهي.

(ii) اهو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌي وياڪرڻ ۾، صفت، جملن ۾، هميشہ پنهنجي موصوف کان اڳ، پر اُن جي بلڪل پر ۾، 'اُن' سان گڏ، پنهنجي جاءِ وٺندي آهي. مٿي ڏنل جملن ۾ صفتون پنهنجن موصوفن کان اڳ، پر ساڻن گڏ، ڪم آيون آهن، ۽ اهي پنهنجي موصوف جي 'گڻ'، 'اوگڻ'، 'عدد'، 'انداز' ۽ 'مقدار' جي باري ۾ وضاحت ڪن ٿيون.

(iii) انهيءَ 'وصف' ۽ 'وضاحت' کان پوءِ چئبو تہ "صفت" اهو لفظ آهي، جيڪو پنهنجي موصوفي (اسم يا ضمير) کان اڳ، پر اُن سان بلڪل گڏ ڪم اچي ٿو ۽ پنهنجي موصوف جي 'گڻ'

(خاصيت) 'اوڳڻ'، 'عدد'، 'انداز'، يا 'مقدار' جي باري ۾ وضاحت ڪري ٿو.

**(ب) صفت جا قسم.** انهيءَ وصف جي مطالعي کان پوءِ چئبو تہ عام صفتي لفظن جا ٽي قسم آهن: اهي لفظ جيڪي ڪنهن اسم يا ضمير جي 'ڳڻ' يا 'اوڳڻ' واريون خاصيتون بيان ڪن، اُنهن لفظن جي 'وصفي صفت' بيان ڪن تہ اهڙن صفتن کي 'وصفي صفت' چئبو آهي، پر اُهي صفتون جيڪي ڪنهن اسم يا ضمير جو عدد يا انداز وغيره بيان ڪن تہ اهڙن صفتن کي 'عددي صفت' چئبو آهي، ۽ اُهي ضمير اشارا (هيءَ، هيءُ، اِها وغيره)، جيڪي جملن ۾ صفتن طور ڪم اچن، يعني جن جو ڪارج صفت وارو هجي، اهڙن ضميرن (ضمير اشارن) کي 'ضميري صفت' چئبو آهي؛ يعني صفت جا ٽي قسم ٿيا: (i) وصفي صفت، (ii) عددي صفت ۽ (iii) ضميري صفت.

2- صفتن جي آخر ۾ ايندڙ اعرابون: مطالعي دوران اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ سيني صفتي لفظن جي آخر ۾ آيل اعرابون بہ، اسمن جي اعرابن وانگر، ٿينديون آهن؛ مثال طور:

**(i) 'اَ' اعراب واريون صفتون:**

جامَ، ڏارَ

**(ii) 'آ' اعراب واريون صفتون:**

جدا، صفا،

**(iii) 'اِ' اعراب واريون صفتون:**

ڪَڪِ، خوشِ، شُدِ، وڏيڪِ، برابرِ

**(iv) 'اِي' اعراب واريون صفتون:**

سنڌي، لاڙي، ٺٺي، باري، قنڌاري ۽ سواري وغيره.

**(v) 'اُ' اعراب واريون صفتون:**

بيزارُ، ٺڳُ، شوخُ، سَرسُ.

**(vi) 'اُو' اعراب واريون صفتون:**

ساهُو، سائُو، لاڏُو، ويڙهُو، خَرچائُو.

**(vii) 'او' اعراب واريون صفتون:**

پَلو، ٻُچڙو، ڪٽو، مِنو، سائو، هَڏبو، پِيلو، ڦِڪو، ڳاڙهو، اَڇو، نيرو، ڪارو، ڊِلو/ ڊِرو.

3- **(الف) صفتن جا پنهنجن 'موصوفن' سان، عدد، جنس ۽ حالت جي صيغي ۾ ڦيرا:**

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ صفتون، جملن اندر، پنهنجن پنهنجن موصوفن سان، عدد، جنس ۽ حالت جي صيغي ۾ ڦرن ٿيون. يعني گردان ڪن ٿيون؛ ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ "جيڪڏهن موصوف عدد واحد ۾ هوندو تہ صفت بہ پنهنجي موصوف سان، عدد واحد جي صيغي ۾، گردان ڪندي؛ پر جيڪڏهن موصوف عدد جمع ۾

هوندو تہ صفت بہ، پنهنجي موصوف سان، عدد جمع ۾ گردان ڪندي. اهڙيءَ طرح جيڪڏهن موصوف جنس مؤنث ۽ عدد واحد ۾ هوندو تہ صفت بہ جنس مؤنث عدد واحد مطابق گردان ڪندي، ۽ جڏهن موصوف جنس مؤنث ۽ عدد جمع ۾ هوندو تہ صفت بہ پنهنجي موصوف سان، جنس مؤنث عدد جمع ۾ گردان ڪندي: مثال طور:

**صفت چڱو/ سنو**

**حالت فاعلي** — **حالت جري**

| حالت فاعلي: مذڪر واحد | مذڪر جمع | مؤنث واحد | مؤنث جمع | حالت جري: مذڪر واحد | مذڪر جمع | مؤنث واحد | مؤنث جمع |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| چڱو | چڱا | چڱِي | چڱيون | چڱي | چڱن | چڱيءَ | چڱين |
| گھوڙو | گھوڙا | گھوڙِي | گھوڙيون | گھوڙي | گھوڙن | گھوڙيءَ | گھوڙين |
| سنو | سنا | سنِي | سنيون | سني | سنن | سنيءَ | سنين |
| چوڪر | چوڪرا | چوڪرِي | چوڪريون | چوڪري | چوڪرن | چوڪريءَ | چوڪرين |

انهن مثالن ۾ چڱو، چڱا، چڱي ۽ چڱيون صفتون حالت فاعليءَ ۾ جنس مذڪر ۽ جنس مؤنث ۾ عدد واحد ۽ عدد جمع ۾، گردان ڏيکارين ٿيون. اهڙيءَ طرح چڱي، چڱين، چڱيءَ ۽ چڱين صفتون، حالت جريءَ ۾ جنس مذڪر عدد واحد ۽ عدد جمع، ۽ جنس مؤنث عدد واحد ۽ عدد جمع جا ڦيرا ڏيکارين ٿيون.

(ب) **گردان ڪندڙ صفتون:** انهن مثالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ صفتون، پنهنجن موصوفن سان، عدد، جنس ۽ حالت مطابق، گردان ڪن ٿيون، پر هيءُ نقطو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ عام طرح فقط اُهي صفتون، پنهنجن موصوفن سان گڏجي گردان ڪنديون آهن، جن جي آخر ۾ 'اِو' 'اُو' يا 'اون' اعرابون هونديون آهن؛ جيئن:

چڱو، سنو، ننڍو، وڏو، ڊگهو، ڇوٽو، اَڇو، ڪارو، سائو، ڳاڙهو، پيلو، ڍلو، ڪٺو، مٺو، سچو، پورو، ٿڪو، ڪارو، جڏو، هڪڙو، سهڻو، هيٺو، نئون، پراڻو، پهريون، اٺون.

(ت) **گردان نہ ڪندڙ صفتون:** هيٺ ڏنل صفتون گردان نٿيون ڪن، مثال طور:

**(a) 'اُو' اعراب واريون صفتون:**

ساهُو، لاڏُو

(b) 'اَ' اعراب واريون صفتون:

جامَ، ڏارَ

(c) 'اِ' اعراب واريون صفتون:

ڪَڪِ، ردِ، شُڏِ، ڳهَٽِ ، چٽِ، وَڏِ، اَڌِ.

(d) 'اِي' اعراب واريون صفتون:

سنڌي، لاڙي، نٽئي، افغاني

(e) 'اُ' اعراب واريون صفتون:

سَرسُ، ڳاڙُهُ

(f) عربيءَ ۽ فارسيءَ مان اُڌاريون ورتل صفتون:

صفا، جدا، گرم، نرم، خراب، خوش، خوب، بيزار، شوخ، پاڪ.

**(ث) اهي ضمير جيڪي جملن ۾ صفتن طور ڪم ايندا آهن:**

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي اڀياس مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته جملن اندر ڪم ايندڙ ڪي ضمير، صفتن جي صورتن جو ڪارج ادا ڪندا آهن، مثال طور:

| جملو | ڪم ايندڙ صفت لاءِ وضاحت |
|---|---|
| (i)اسين ماڻهو امن پسند آهيون. | هن جملي ۾ 'اسين' ضمير، صفت طور ڪم آيو آهي، ۽ 'ماڻهو'، اسم جي باري ۾ وضاحت ڪري ٿو. |
| (ii) هيءُ ڪتاب ڪنهن جو آهي؟ | هن جملي ۾ 'هيُ' لفظ، جيڪو اصل ۾ ضمير اشارو آهي، سو هن جملي ۾ صفت طور ڪم آيو آهي. |

هنن جملن ۾ 'اسين' ۽ 'هيءُ' اشارو آهي، سو هن جملي ۾ صفت طور ڪم آيو آهي. اهڙين صفتن کي 'ضميري صفتون' چئبو آهي.

**4_ عددي صفتن جا قسم:**

(الف) اڳ ۾ چيو ويو آهي ته ڳاڻيٽي وارا انگ يا عدد به، سنڌي وياڪرڻ ۾، صفتن جي دفعي ۾ داخل آهن. ڳاڻيٽي جي انگن يا عددن جا ٻه نمونا يا قسم ٿيندا آهن، جهڙوڪ: (i) عدد شماري ۽ (ii) عدد قطاري

انهن ٻنهي قسمن جي عددن جا مثال هيٺ ڏنل جملن ۾ ڏسو:

1. ڪلاس ۾ ويهہ ٻار آهن.
2. ڪيسي ۾ پندرهن روپيا آهن.
3. هي شاگرد ڪلاس ۾ پهَريون نمبر آيو.

4. اٺون نمبر، منهنجو آهي.

انهن جملن ۾، 'ويهہ'، 'پندرهن' عددن وارا لفظ، صفت جي 'عدد شماريءَ' وارا عدد آهن، جڏهن تہ 'پهريون' ۽ 'اَٺون' لفظ، صفت جي 'عدد قطاريءَ' جا مثال آهن. اهڙيءَ طرح ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| عدد شماري | عدد قطاري | عدد شماري | عدد قطاري |
|---|---|---|---|
| هڪ | پهريون | ٻہ | ٻيو |
| ٽي | ٽيون | چار | چوٿون |
| پنج | پنجون | ڇهہ | ڇهُون |
| سَتَ | ستون | اَٺَ | اٺون |
| نَوَ | نائون | ڏهہ | ڏهون |

(ب) عددن جي انهن ٻنهي قسمن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ عدد شماريءَ جا سڀيئي انگ يا عدد، سواءِ 'هڪڙو' انگ جي، باقي سڀ عدد، حالت جري ۽ حالت اضافت جي ڦيري/ گردان جي صورت ۾، عدد قطاريءَ ۾ تبديل ٿيڻ کان پوءِ، جنس ۽ حالت مطابق گردان ڪن ٿا. 'هڪڙو' عدد يا انگ کان سواءِ، باقي سڀ انگ/ عدد، حالت فاعليءَ ۾ گردان نٿا ڪن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ اُهي صفتون، جن جي آخر ۾ 'او'، 'اوُ' يا 'اُون' اعرابون هونديون آهن، اُهي سڀ صفتون، حالت جريءَ ۾ حالت اضافت جي صيغي ۾، گردان ڪنديون آهن، مثال طور:

## عدد شماري

| حالت فاعلي | | | | حالت تغيري | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | | مؤنث | | مذڪر | | مؤنث | |
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| هڪڙوگهوڙو | هڪڙا گهوڙا | هڪڙي گهوڙي | هڪڙيون گهوڙيون | هڪڙي گهوڙي | هڪڙن گهوڙن | هڪڙيءَ گهوڙيءَ | هڪڙين گهوڙين |
| | | | | هڪڙي گهوڙي کي | هڪڙن گهوڙن کي | هڪڙيءَ گهوڙيءَ کي | هڪڙين گهوڙين کي |
| | | | | هڪڙي گهوڙي تي | هڪڙن گهوڙن تي | هڪڙيءَ گهوڙيءَ تي | هڪڙين گهوڙين تي |
| | | | | هڪڙي گهوڙي کان | هڪڙن گهوڙن کان | هڪڙيءَ گهوڙيءَ کان | هڪڙين گهوڙين کان |
| | | | | هڪڙي گهوڙي جو | هڪڙن گهوڙن جو | هڪڙيءَ گهوڙيءَ جو | هڪڙين گهوڙين جو |
| هڪُ گهوڙو | | هڪ گهوڙي | | هڪَ گهوڙي | هڪڙن گهوڙن | هڪ گهوڙيءَ | هڪڙين گهوڙين |
| | | | | هڪَ گهوڙي کي | هڪڙن گهوڙن کي | هڪ گهوڙيءَ کي | هڪڙين گهوڙين کي |
| | | | | هڪَ گهوڙي تي | هڪڙن گهوڙن تي | هڪ گهوڙيءَ تي | هڪڙين گهوڙين تي |
| | | | | هڪَ گهوڙي کان | هڪڙن گهوڙن کان | هڪ گهوڙيءَ کان | هڪڙين گهوڙين کان |
| | | | | هڪَ گهوڙي جو | هڪڙن گهوڙن جو | هڪ گهوڙيءَ جو | هڪڙين گهوڙين جو |
| چار گهوڙا | | چار گهوڙيون | | - | چئن گهوڙن | - | چئن گهوڙين |
| | | | | - | چئن گهوڙن کي | - | چئن گهوڙين کي |
| | | | | | چئن گهوڙن کان | - | چئن گهوڙين کان |

5- سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا انگ بہ آهن، جيڪي عدد قطاريءَ طور، پر پيرا (لڳا) ڏيڪارڻ لاءِ ڪم آڻبا آهن، مثال طور:

(i) عدد شماريءَ جي پويان 'او' اعراب ملائڻ سان:

| عدد شماري | عدد قطاري |
|---|---|
| هِڪُ | اِڪو، ايڪو |
| ٻہ | ٻِڪو |
| ٽي | ٽِڪو |
| چار | چؤنڪو |

(ii) عدد شماريءَ جي پويان 'ٽو' پڇاڙي ملائڻ سان:

| عدد شماري | عدد قطاري |
|---|---|
| هِڪُ | هيڪوُٽو |
| ٻہ | ٻيٽو |
| ٽي | ٽيٽو |
| چار | چؤٽو |
| پنج | پنجوٽو |
| ڇهہ | ڇهوٽو |
| ست | ستوٽو |
| اٺ | اٺوٽو |
| ڏهہ | ڏهوٽو |

(iii) عدد شماريءَ ۾ صوتي تبديليءَ سان:

| عدد شماري | عدد قطاري |
|---|---|
| ٻَہ | ٻِٽو |

(iv) عدد شماريءَ سان

'آرَ' يا — 'هارَ' پڇاڙي ملائڻ سان بہ صفت جا پيرا يا لڳا ڏيڪاربا آهن؛ جيئن:

| عدد شماري | عدد قطاري | صوتي تبديل |
|---|---|---|
| هِڪُ | هيڪار | لفظ جي پهرئين پد واري اعراب 'اِ'، بدلجي 'اي' ٿيو. |

| | | |
|---|---|---|
| بَہ | ٻيهارَ | لفظ جي پهرئين پد واري 'أ' اعراب بدلجِي، 'اِي' ٿي آهي. |
| ٽي | ٽيهارَ | پهرئين پد واري اعراب 'اي' بدلجي 'اِي' ٿي آهي |

5- (الف) سنڌي ٻوليءَ ۾ 'هڪَ' يا 'ايڪَ' ۽ ايڪن وارا ٻيا انگ، ڏهاڪن کان هميشہ پهرين، ۾ اُنهن سان گڏ، پنهنجي جاءِ وٺندا آهن، جيئن:

| انگ | اکرن ۾ لکت | پڙهڻ مهل ڇئبو | لفظ ۾ اندروني صوتي تبديل |
|---|---|---|---|
| 11 | يارَهن | هڪ ايڪو ۽ هڪ ڏهاڪو= يارهن | هن انگ ۾ پهرين 'ايڪَ' لفظ جي ٻئي پد ۾ آيل 'أ' اعراب، بدلجي 'آ' ٿي آهي، ۽ لفظ ٿيو 'ايڪا'.<br>(i) 'ايڪا' لفظ ۾ ٻہ تبديليون آيون آهن. پهريئن تبديليءَ موجب 'ايڪا' لفظ مان /ڪ/ صوتيہ حذف ٿي وَئي ۽ باقي ٻہ سُرَ ايـ آ رهجي ويا. اُچارڻ مهل اي _ آ، گِسڪَ (glide) واري اصول موجب، ڦِري 'يا' ٿيو.<br>(ii) ٻيءَ تبديليءَ موجب 'ايڪا' لفظ مان 'اي' سُر حذف ٿي ويو، باقي/ ڪا/ صوتيہ رهجي وَئي.<br>صوتياتي تبديل موجب 'ڏهہ' جي ڏ/ صوتيہ ۾ هيٺيون تبديليون آيون آهن:<br>/ڏ/ بدلجي /د/ ٿيو، ۽ پوءِ /د/ بدلجي/ر/ ٿيو.<br>هن تبديليءَ کان پوءِ لفظ جا ٻہ اُچار ٿيا:<br>يارهہ يا يارهن<br>۽ ٻيو لفظ ڪاره يا ڪارهن<br>(iii) لاڙ ۾ 'يارهن' جي بدران اُچار ڪن 'يارو' لاڙ ۾ بدين طرف بادشاهہ پير جي 'يارهين' ڪي ڪي ماڻهو 'يارِهين' لفظ جي بدران 'ڪارِهين' بہ چون.<br>لطيف سائينءَ بہ 'ڪارِهين' لفظ ڪم آندو آهي: |

”ڪارهين ڏينهن ڪرمُ، وريو ويراڳين جو“.

(iv) اهڙيءَ طرح لاڙ ۾ ’پندرهن‘ لفظ جي بدران ’پنرهن‘ بہ اُچارين. لطيف سائينءَ بہ ’پنرهن‘ ۽ ’پڙرهن‘ لفظ ڪم آندا آهن، جيئن:

’پنجن منجهان ڦِري پنرهن ٿيا، ائين ٽا ورق ورن‘.

يا

”پنجن منجهان پڙرهن ٿيا، ائين ٽا ورق ورن“.

(v) لاڙ ۾ ’ارڙهن‘ تائين انگن جو اُچار هن ريت ڪن:

| انگ | معياري اُچار | لاڙ ۾ اُچار |
|---|---|---|
| 12 | ٻارهن | ٻارو |
| 13 | تيرهن | تيرو |
| 14 | چوڏهن | چوڏو |
| 15 | پندرهن | پندرو |
| 16 | سورهن | سورو |
| 17 | سترهن | سترو |
| 18 | ارڙهن | ارڙو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 21 | ايڪِيھ/ ايڪويھ | هڪ ايڪو ۽ ٻہ ڏهاڪا | ايڪيھ |
| 31 | ايڪَٽيھ | هڪ ايڪو ۽ ٽي ڏهاڪا | ايڪٽيھ |
| 41 | ايڪيتاليھ | هڪ ايڪو ۽ چار ڏهاڪا | ايڪيتاليھ |
| 51 | ايڪوَنجاھ | هڪ ايڪو ۽ پنج ڏهاڪا | ايڪونجاھ |
| 61 | ايڪ هٺ | هڪ ايڪو ۽ ڇھ ڏهاڪا | ايڪهَٺ |
| 71 | ايڪ هتر | هڪ ايڪو ۽ ست ڏهاڪا | ايڪَهتر |
| 81 | ايڪاسي | هڪ ايڪو ۽ اٺ ڏهاڪا | ايڪاسي |
| 91 | ايڪانوي | هڪ ايڪو ۽ نو ڏهاڪا | ايڪانوي |

(ب) انهن انگن جي اُچارڻ مهل، سنڌي ٻوليءَ جي ”سنڌي“ (assimilation) يا ’ادغام‘ وارن قانونن موجب، لفظن اندر صوتي تبديليون ٿينديون آهن. ’سنڌي‘/ ’ادغام‘، ’سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ‘ جو هڪ ڌار موضوع آهي، جنهن لاءِ هڪ ڌار باب ۾ بحث ڪيو ويو آهي. هت فقط اُنهن انگن ۾ ايندڙ ’صوتي تبديلين‘ تي بحث ڪيو ويو آهي، جن ۾ اهڙيون صوتي تبديليون ٿيون آهن، مثال طور:

| انگ | اُچار | صوتي تبديليءَ تي بحث |
|---|---|---|
| 21 (ايڪيهہ) | ايڪِيهہ/ ايڪوِيهہ | ايڪ+ وِيهہ: معياري اُچار ۾ ڏهاڪي واري لفظ 'وِيهہ' مان/ و/ صوتيہ حذف ڪئي وئي ۽ لفظ ٺهيو 'ايڪِيهہ' پر اُترادي لهجي ۾ 'ايڪوِيهہ' اُچار ڪبو آهي. |
| 41 | ايڪيتاليهہ | اصل لفظ هو ايڪَ+ چاليهہ. هن لفظ ۾ 'ايڪَ' لفظ جي ٻئي پد ۾ آيل 'اَ' اعراب، بدلجي 'اي' ٿي آهي، ۽ ڏهاڪي واري انگ جي لفظ 'چاليهہ' جي 'مُنڍ واري صوتيہ/ چ/ بدلجي/ت/ ٿي آهي، ۽ لفظ جي ٻنهي حصن ڪي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'ايڪيتاليهہ'. |
| 51 | ايڪوَنجاهہ | اصل لفظ هو ايڪَ+ پنجاهہ. هن لفظ جي ٻئي حصي واري انگ 'پنجاهہ' جي مُنڍ واري/ پ/ صوتيہ بدلجي/ و/ صوتيہ ٿي آهي، ۽ لفظ جي ٻنهي حصن ڪي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'ايڪوَنجاهہ'. |
| 61 | ايڪَهٺ | اصل لفظ هو ايڪَ+ سَٺ. هن لفظ ۾ بہ، ڏهاڪي واري انگ 'سٺ' جي مُنڍ واري/س/ صوتيہ بدلجي،/ ه/ صوتيہ ٿي آهي، لفظ جي ٻنهي حصن ڪي ملائڻ سان لفظ ٺهيو ايڪهٺ يا اڪَهَٺَ. |
| 71 | ايڪَهَتر | اصل لفظ هو ايڪَ+ سَتر. هن لفظ ۾ بہ ڏهاڪي واري لفظ 'ستر' جي مُنڍواري /س/ صوتيہ کي /ه/ صوتيہ ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. لفظ جي ٻنهي حصن ڪي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'ايڪَهَتر'. |
| 81 | ايڪاسي | اصل لفظ هو ايڪَ+ اَسي. هن لفظ ۾ 'ايڪَ' لفظ جي آخر ۾ آيل 'اَ' اعراب ۽ 'اَسي' لفظ جي مُنڍ واري 'اَ' اعراب، ٻنهي لفظن ڪي ملائي اُچارڻ سان، 'آ' اعراب ۾ بدلجي وڃن ٿيون ۽ لفظ ٺهيو 'ايڪاسي'. |
| 91 | ايڪانوي | اصل لفظ هو ايڪَ+ نَوِي. هن لفظ جي پهرئين حصي 'ايڪَ' جي آخر ۾ آيل 'اَ' اعرابہ يعني ٻنهي حصن ڪي ملائي اُچارڻ مهل 'اَ' اعراب ۾ تبديل ٿي وَئي ۽ لفظ ٺهيو 'ايڪانوي'. |

(ت) اهڙيءَ طرح اُهي عدد شماري، جن جي پهرئين حصي يعني ايڪي واري حصي ۾ لفظ 'ٻہ' ڪم آندو ويو آهي، اُهو ايڪي وارو عدد 'ٻہ'، ڏهاڪي واري عدد سان ملائي، اُچار ڪرڻ مهل بدلجي، 'ٻا' ٿيندو آهي؛ مثال طور:

| انگ | اُچار | صوتي تبديليون |
|---|---|---|
| 12 | ٻارهن | اصل لفظ هو ٻہ+ ڏهَ<br>(i) هن لفظ جي پهرئين حصي ۾، ايڪي واري عدد 'ٻہ' ۾ ڪم آيل 'اَ' اعراب، بدلجي 'آ' اعراب ٿي ۽ لفظ ٿيو 'ٻا'.<br>(ii) ڏهاڪي واري انگ جي/ڏ/ صوتيہ ۾ تبديليون آيون، جيئن:<br>/ڏ/ بدلجي [هن کان پوءِ > نشان ڪم آڻجي] /د/ ٿي ۽ پوءِ /د/> /ر/ ٿي.ا هڙيءَ طرح /هہ/ > / هَن/ (ha) ٿي آهي.<br>لفظ جي ٻنهي حصن کي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'ٻارهَن'. (barah)<br>(ii) لاڙي لهجي ۾ 'ٻارهن' جي بدران 'ٻارو' اُچارين. اهڙيءَ طرح 'تيرهن' لاءِ 'تيرو'، 'چوڏهن' لاءِ 'چوڏو'، 'پندرهن لاءِ 'پندرو'، سورهن لاءِ 'سورو'، سترهن لاءِ 'سترو' ۽ 'ارڙهن' لاءِ 'ارڙو' لفظ ڪم آڻين. |

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو ته:

محقق البيروني، ڪتاب الهند ۾ جابجا اصل سنسڪرت وارا الفاظ ۽ فقرا، توڙي اُن وقت ۾ رائج مقامي ٻولين جا اسم ۽ الفاظ ڏنا آهن ۽ بعضي ڪي علائقائي معلومات پڻ درج ڪيا آهن؛ مثال طور:

| عدد قطاري (البيروني) | عدد قطاري (موجوده سنڌي) |
|---|---|
| بَرقہ | برڪَ، برڪت |
| ٻيہ | ٻيو |
| تريہ | ٽيو/ ٽيون |
| چوَت | چوٿو/ چوٿون |
| پَنجيَ | پنجون |
| ڇهي | ڇهون |
| ستين | ستون |
| اتين | اٺون |
| نَوين | نائون |
| دَهين | ڏهون |

| | |
|---|---|
| يارهي | يارهو/ يارهون |
| دواهي | پارهو/ ٻارهو |
| (تروهي)/ ترهي | تيرهو/ تيرهون |
| چودهي | چوڏهون |
| پنجاهي | پنجاهون |

(نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر (1990ع) سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ڄام شورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ص ص 78 ۽ 79)

42 ٻائيتاليهہ اصل لفظ هو ٻہ+ چاليهہَ. هن لفظ ۾ هي صوتي تبديليون آيون آهن:
(i) /ٻہ/ >/ ٻا/؛/چ/>/ت.
ٻنهي حصن ڪي ملائڻ سان لفظ ٺهيو ٻائيتاليهہ پر اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي ته/ ٻا/ صوتيہ ۽ /تا/ صوتيہ جي وچ ۾ 'اي' اعراب جو اضافو ڪيو ويو آهي.

52 ٻاونجاهہ اصل لفظ هو ٻہ+ پنجاهہَ.
هن لفظ ۾ هي صوتي تبديليون آيون آهن: /ٻہ/ >/ٻا/؛ /پ/ >/ و/ ٻنهي حصن ڪي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'ٻاونجاهہ'.

62 ٻاهٺ اصل لفظ هو ٻہ+ سَٺ. هن لفظ ۾ هي صوتي تبديليون آيون آهن: /ٻہ/>/ٻا/؛/س/>/هہ. ٻنهي حصن ڪي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'ٻاهَٺ'.

72 ٻاهتر اصل لفظ هو ٻہ+ سَتر. هن لفظ ۾ هي تبديليون آيون آهن: /ٻہ/>/ٻا/؛ /س/>/هہ/.
ٻنهي حصن ڪي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'ٻاهَتَر'.

82 ٻياسي اصل لفظ هو ٻہ+ اَسي. هن لفظ ۾ هي تبديليون آيون آهن:
ٻہ > ٻيا؛ 'اَسي' مان/ اَ/ حذف ٿي ويو؛ ٻنهي حصن ڪي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'ٻياسي'.

(ٿ) اهڙيءَ طرح ڪن ڳاڻيٽي وارنا نگن جي مُنڍ ۾، ايڪي واريءَ جاءِ تي ڪم ايندڙ انگ 'چار بدلجي 'چو' ٿئي ٿو؛ جيئن:

| انگ | اکرن ۾ لکت | پڙهڻ مهل چئبو | لفظ ۾ اندروني صوتي تبديل |
|---|---|---|---|
| 14 | چوڏهن= چار+ ڏهہ | چوڏهن | (i) 'چار' لفظ جي /ر/ صوتيہ حذف ٿي وَئي؛ /چا/صوتيہ بدلجي/ چو/ ٿي آهي. (ii) /هہ/ صوتيہ بدلجي / هَن/ ٿي. لفظ جي ٻنهي حصن ڪي ملائي اُچار ڪبو 'چوڏهن'. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | (iii) لاڙي لهجي ۾ 'چوڏهن' عدد جو اُچار 'چوڏو' ڪندا آهن. |
| 34 | چوٽيهہ= چار+ٽيهہ | چوٽيهہ | 'چار' لفظ جي /ر/ صوتيہ حذف ٿي وَئي؛ باقي بچيل /چا/ صوتيہ بدلجي 'چوٽي' آهي. لفظ جي ٻنهي حصن کي ملائڻ سان لفظ ٺهيو چوٽيهہ. |
| 44 | چوئيتاليهہ= چار+ چاليهہ | چوئيتاليهہ | هن لفظ ۾ هيٺيون تبديليون ٿيون آهن:<br>(i) 'چار' جي /ر/ صوتيہ حذف ٿي وَئي.<br>(ii) چار > چوٽي آهي.<br>(iii) 'چاليهہ' لفظ جي مُنڍ واري / چ/ صوتيہ بدلجي /ت/ صوتيہ ٿي آهي.<br>(iv) ٻنهي حصن يعني 'چو' ۽ 'تاليهہ' جي ملائڻ وقت پهرئين حصي 'چو' ۽ ٻئي 'تاليهہ' جي وچ ۾ 'اي' اعراب جو اضافو ٿيو آهي، ۽ لفظ ٺهيو: 'چوئيتاليهہ'. |
| 54 | چوونجاهہ= چار+ پنجاهہ | چوونجاهہ | لفظ جي ٻئي حصي ۾ 'پنجاهہ' لفظ جي مُنڍ واري صوتيہ / پ/ بدلجي /و/ صوتيہ ٿي آهي. ٻنهي حصن کي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'چوونجاهہ'. |
| 64 | چوهٺ = چار+ سٺ | چوهٺ | لفظ جي ٻئي حصي جي مُنڍ واري /س/ صوتيہ بدلجي /هہ/ صوتيہ ٿي آهي. ٻنهي حصن کي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'چوهٺ'. |
| 74 | چوهَتر= چار+ ستر | چوهتر | لفظ جي پهرئين حصي 'چار' ۾ تبديليءَ جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي. ٻئي حصي 'ستر' جي مُنڍ واري /س/ صوتيہ بدلجي /هہ/ صوتيہ ٿي آهي. ٻنهي حصن کي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'چوهتر'. |
| 84 | چوراسي= چار+ اسي | چوراسي | لفظ حصي 'چار' ۾ 'چار' > 'چو' ٿيو، جي (ر) آواز قائم رهيو. 'اَسي' لفظ جي 'اَ' اعراب 'آ' اعراب ۾ بدلجي وَئي. لفظ جي ٻنهي حصن کي ملائڻ سان لفظ ٺهيو 'چوراسي'. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 94 | چورانوي= | چار+ چورانوي نوي | لفظ جي پهرئين 'چار' ۾ 'چا'> 'چو' ٿيو 'ر' قائم رهيو. لفظ جي ٻنهي حصن 'چور' + 'نوي' کي ملائڻ مهل، ٻنهي حصن جي وچ ۾ 'آ' اعراب جو اضافو ٿيو ۽ لفظ ٺهيو 'چورانوي'. |

(ج) (i) سنڌي ٻوليءَ ۾ اُوڻيهه/ اُوڻويهه، اُوڻٽيهه، اُوڻيتاليهه، اُوڻونجاهه، اُوڻهٺ، اُوڻهتر، اُوڻاسي ۽ اُوڻانوي عدد وارن لفظن ۾ ٻه اُهي ئي تبديليون ٿيون آهن، جيئن اڳ ۾ ايڪيهه/ ايڪويهه، ايڪيتاليهه، ايڪونجاهه، ايڪهٺ، ايڪهتر، ايڪاسي ۽ ايڪانوي لفظن ۾ سمجهايون ويون آهن.

اهو ٻه نوٽ ڪرڻ گهرجي ته سنڌ ۾ لاباري ڪان پوءِ ڪرن تي صاف ٿيل اَنَ جي تور وقت ڏڙوائي (يا واپاري پنهنجن اَن جي گدامن يا پانڊن ۾، اَن جي تور ڪرڻ وقت) 'نوانوي' لفظ جي بدران 'وَڏانوي' ڪم آڻيندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي 'برڪت' يا 'واڌارو'.

(ii) 'سؤ' عدد جو جمع 'سَوَ' آهي، پر سنڌ جي ڪن خطن ۾ 'سَوَ' جي بدران 'سا' اُچارين، جيئن: چار سئو چاليهه بدران چون 'چار سا چاليهه'.

ڳٺپ ۾ 'ڪروڙ' لفظ ٻه عدد طور ڪم آڻبو آهي، جنهن جو مطلب آهي: هڪ سو لک. شاهه لطيف جي بيتن ۾ 'ڪروڙ' لفظ 'ڪوڙ' تي ڪم آيو آهي، يعني انهيءَ لفظ مان (ر) آواز حذف ٿي ويو آهي؛ مثال طور:

"ڪوڙين ڪيائون، تنهنجون لکين لک هزار"

(ح) اڳي سنڌي سماج ۾، واپاري ماڻهو 'ڪَنڍِي'، 'ڊِگو'، 'اَرَب'، 'کَرب'، 'پدم'، ۽ 'نِيل' لفظ، ڳٺپ طور ڪم آڻيندا هئا، پر هاڻي انهن لفظن جو استعمال ڪونه ٿئي، البت ڪڏهن ڪڏهن 'اَرب' ۽ 'کرب' لفظ اخبارن ۾ نظر ايندا آهن. 'اَرب' مان مراد آهي 'هڪ سؤ ڪروڙ'. هاڻي 'اَرب' جي بدران اميريڪي لفظ billion ڪم آڻبو آهي، ۽ 'کرب' مان مراد آهي هڪ سؤ 'اَرب'.

**6_ ڪنهن تخميني، ميڙ يا انداز ڏيکاريندڙ صفتن جا عدد قطاري:**

(i) صفت جي ڪنهن ميڙ، ڪنهن تخميني يا انداز ڏيکاريندڙ صفت جي عدد شماريءَ واري قسم جي ڪن عددن جي پڇيان ڪو، '- آڪو'، '-اِيڪو'، '- آرو' ۽ '-اِي' پڇاڙيون ملائڻ سان، ڪو 'ميڙ'، ڪو 'تخمينو' يا 'انداز' ڏيکاريندڙ عدد قطاري ٺهندا آهن: مثال طور:

| عدد شماري | پڇاڙي | ميڙ/ تخمينو/ انداز ڏيکاريندڙ عدد قطاري |
|---|---|---|
| هڪ | - ڪ | ايڪو |
| ٻه | - ڪو | ٻڪو |
| ٽي | - ڪو | ٽڪو |

| | | |
|---|---|---|
| چار | - ڪو | چونڪو |
| ڇهه | - ڪو | ڇڪو |
| ڏهه | - آڪو | ڏهاڪو |
| ست | - اِڪو | سائيڪو |
| وِيهه | - آرو | ويهارو |
| ٽيهه | - آرو | ٽيهارو |
| چاليهه | - آرو | چاليهارو |
| پنجاهه | - اِي | پنجاهي |

(ii) ليڪن هيءَ ڳالهه نوٽ ڪرڻ کپي تہ ڪنهن بہ جملي ۾، 'انداز' يا 'تخميني' ڏيکاريندڙ عدد قطاريءَ جي استعمال لاءِ، عدد قطاريءَ جي پٺيان 'ڪَن' لفظ ملائڻ ضروري هوندو آهي، جنهن مان ئي عدد قطاري ڏيکاريندڙ 'ميڙ'، 'تخميني' يا 'انداز' جو پتو پوي ٿو: مثال طور:

- هن هفتي ۾ ڏهاڪو ڪن ماڻهو مون وٽ آيا.
- انهيءَ ڪم لاءِ سائيڪو ڪن روپين جي ضرورت ٿيندي.
- انهيءَ مال کي ڍوئڻ لاءِ ويهارو ڪن همراهہ ڪافي ٿيندا.
- هن ڪلاس لاءِ چاليهارو ڪن ٻار کپن.
- ميلي ۾ پنجاهي ڪن ماڻهو بيمار ٿي پيا.

(iii) ميڙ ڏيکاريندڙ ٻيا عدد شماري، هي بہ استعمال ڪيا ويندا آهن:

| | |
|---|---|
| جوڙو يا جوڙي | معنيٰ ٻہ عدد |
| ٻيلهہ يا ٻيلهڙ | معنيٰ ٻہ ڄڻا گڏ سوار |
| ٻَهڙو | معنيٰ مٽي تي هڪ ٻئي مٿان رکيل ٻہ دلا |
| ٽيلهڙ | معنيٰ ٽي ڄڻا گڏ سوار |
| چولهڙ | معنيٰ چار ڄڻا گڏ سوار |
| ڪوري | معنيٰ ويهہ عدد |
| ٽَلي | معنيٰ چار عدد پڪي |
| هاري | معنيٰ ٻہ پلا (نر ۽ مادي) |
| ڊِڳو | معنيٰ ٻن مٽن ۾ پيل مال جنهن جي تور پنج مڻ هجي |
| مڻ | معنيٰ چاليهہ سير |
| ڪَنڊي | معنيٰ اٺ مَڻ |
| ڏڙي | معنيٰ اڍائي سير |

**7۔ پيرا يا دفعا ڏيکاريندڙ عدد:**

(الف) صفت جا ڪي اهڙا عدد بہ آهن، جن ڪي پيرا ڏيکاريندڙ عدد چئبو آهي، جيئن:

هيڪوٽو، هيڪوندو، هيڪاندو،

ٻيٽو، ٻٽو،

ٽيٽو

چؤٽو

پنجوٽو

ڇهوٽو، ستوٽو، انوٽو، نائوٽو، ڏهوٽو

(ب) اهو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ لفظ 'هيڪوٽو' صفت آهي، پر لفظ 'هيڪوُڻُ/ هيڪوڻِ' اسم آهي، اهڙيءَ طرح 'ٻيڻ'، 'ٽيڻ'، 'پنجوڻ'، 'ڇهوڻ'، 'ستوڻ' ۽ 'انوڻ' وغيره سڀ لفظ اسم آهن.

(ت) پيرا يا دفعا ڏيکاريندڙ عددن جو ٻيو بہ نمونو آهي: جيئن:

هيڪَرَ، هيڪارَ

ٻِيهَرَ، ٻِيهارَ

ٽِيهَرَ، ٽيهارَ

**8۔ صفت مطلق (aggregative adjectives):**

(الف) سنڌي ٻوليءَ ۾ 'بہ'، 'پڻ' ۽ 'ئي' اهڙا 'وياڪرڻي حرف' (articles) آهن، جن ڪي جملن اندر اسمن، ضميرن ۽ صفتن جي فوراً پٺيان، ڪم آڻڻ سان، اهڙن سمن، ضميرن ۽ صفتن جي ''هميت' ۽ 'مطلق هجڻ' يا 'زور پرڻ' واري حيثيت نمايان ٿئي ٿي، مثال طور:

هن اسڪول ۾ هڪ سهڻو باغ بہ آهي،

هن اسڪول ۾ هڪ سهڻو باغ پڻ آهي،

هن اسڪول ۾ ئي آءٌ پڙهيو آهيان،

هن گهر ۾ ڪوبہ ڪونهي،

توهين بہ اچو.

توهين پڻ اچو.

توهين ئي اچو.

هوُ بہ وڃن.

هوُ پڻ وڃن

هوُ ئي وڃن.

مون ئي سچو انب کاڌو.

مون سچو انب ئي کاڌو.

انهن جملن جي مطالعي کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي تہ اسمن ۽ ضميرن وانگر، صفتن کي بہ

’صفت مطلق‘ طور استعمال ڪرڻ لاءِ، صفتن جي ’عدد شماريءَ‘ جي فوراً پويان ’ٻـ‘ ’پڻ‘ ۽ ’ئي‘ حرف (articles) ملايا ويندا آهن، جيئن:

| عدد شماري | + | حرف | = | صفت مطلق |
|---|---|---|---|---|
| ٻه ـ | | ئي | | ٻئي؛ ڪي ماڻهو ’ٻيئي‘ ٻـ ڪم آڻيندا آهن. |
| ٽي | | ئي | | ٽيئي |
| چار | | ئي | | چارَئي |
| پنج | | ئي | | پَنجَ ئي |

’ٻـ‘، پڻ ۽ ’ئي‘ حرفن (articles) جي استعمال سان، عدد شماريءَ جِي ’صفت مطلق‘ واري صورت، هيٺ ڏنل جملن ۾ ڏسو:

اِهي ٻئي ڄڻا ڪٿي پيا وڃن؟
اسان جي لاءِ، اوهان مان هڪ ئي ڄڻو ڪافي آهي.
هي ٽيئي ڄڻا پاڻ ۾ ڀائر ٽين.
هِنن سيني مان ڪو هڪ ٻـ انعام جي لائق ڪونهي.
هن گهر ۾ هڪ مرد ماڻهو پڻ رهندو آهي.

انهن جملن مان ’صفت مطلق‘ جا عدد، ’ٻئي‘ ۽ ’ٽيئي‘ وغيره حالت جري/ حالت عام جي گردان جي صورت ۾، پنهنجي اصلي صورت ۾ ڪاٻـ تبديلي نٿا آڻين، جيئن:

## صفت مطلق

| حالت فاعلي | | | | حالت تغيري | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| منڪر | | مؤنث | | منڪر | | مؤنث | |
| واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| هڪ ئي ڇوڪرو | ٻہ ئي ڇوڪرا | هڪ ئي ڇوڪري | ٻئي ڇوڪريون | هڪ ئي ڇوڪري | ٻنهي ڇوڪرن | هڪ ئي ڇوڪريءَ | ٻنهي ڇوڪرين |
| - | ٽيئي ڇوڪرا | - | ٽيئي ڇوڪريون | - | ٽنهي ڇوڪرن | - | ٽنهي ڇوڪرين |
| - | چارئي ڇوڪرا | - | چارئي ڇوڪريون | - | چئن ئي ڇوڪرن | - | چئن ئي ڇوڪرين |

## 9_ عدد جا جُزا:

(الف) سنڌي ٻوليءَ ۾، صفت جي ڪنهن ٻه عدد کي ننڍن ننڍن جزن ۾ ڀڃي يا ورهائي سگهجي ٿو. صفت جي انگن يا عددن جا ننڍا ننڍا جزا يا ڀاڱا هن ريت آهن:

| جُزا / ڀاڱا | ڀاڱن/ حصن کي هن ريت پڙهبو |
|---|---|
| $\frac{1}{4}$ | هڪ ڀاڱي چار<br>چوٿون حصو، چوٿين پتي<br>چوٿون/ چوٿِ / چوٿائي<br>پاءُ، پائو |
| $\frac{1}{2}$ | هڪ ڀاڱي ٻه<br>اڌ<br>ٻي پتي |
| $\frac{1}{3}$ | هڪ ڀاڱي ٽي<br>ٽيون حصو<br>ٽين پتي<br>ٽِهائي |
| $\frac{3}{4}$ | ٽي ڀاڱي چار<br>مُنو<br>پوڻو حصو |
| $\frac{2}{3}$ | ٻه ڀاڱي ٽي |
| $1\frac{1}{4}$ | هڪ سجو ۽ هڪ ڀاڱي چار<br>سوا هڪ<br>سوا<br>سوايو |

| | |
|---|---|
| $1\frac{1}{2}$ | هڪ سڄو ۽ هڪ ياڱي ٻه<br>ڏيڍ<br>ڏيڍو |
| $1\frac{3}{4}$ | هڪ سڄو ۽ ٽي ياڱي چار<br>پوڻا ٻه |
| $2\frac{1}{2}$ | ٻه سڄا ۽ هڪ ياڱي ٻه<br>اڍائي |
| $3\frac{1}{2}$ | ٽي سڄا ۽ هڪ ياڱي ٻه<br>ساڍا ٽي |

(ب) اهڙيءَ طرح اُوڻيهه (يعني ويهن مان هڪ گهٽ)، ۽ اِئين اُوڻٽيهه، اُوڻيتاليهہَ، اُوڻونجاهہ، اُوڻهٺ، اُوڻهتر، اُوڻاسي ۽ اُوڻانوي عدد ٻه سنڌي ٻوليءَ ۾ ياڱن جي دفعي ۾ شمار ڪيا آهن.

**(ت) عدد مبهم جو استعمال:**

ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي ڪتاب، ”وڏو سنڌي وياڪرڻ“ (ڇاپو ٻيو 1985ع) جي صفحي 88 تي صفت جي عدد مبهم جا ٻه مثال ڏنا آهن. ڪاڪي ڀيرومل لکيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ’سڀ‘، ’مڙيوئي‘، ’سَرس‘ ۽ ’سمورو‘ اهڙا لفظ آهن، جيڪي چٽيءَ طرح عدد / انگ جو انداز نٿا ڄاڻائين، انهيءَ ڪري انهن کي ’عدد مبهم‘ چئبو آهي. اهي غير مقرر انگ آهن، ۽ مبهم يا مجمل طرح ڪم اچن ٿا.

**(ٿ) عدد تقسيمي:**

(i) ڪاڪي ڀيرومل پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي صفحي 89 تي صفتن جو هڪ ٻيو ٻہ قسم ڏنو آهي، جنهن کي هن ’عدد تقسيمي‘ سڏيو آهي، مثال طور:

هرهڪ ڇوڪرو، چار چار ڇوڪرا، پنج پنج ڇوڪريون.

انهن لفظن ۾ هرهڪ، چار چار ۽ پنج پنج، اهڙا ٻڻا عدد آهن، جن کي ڪاڪي ڀيرومل ’عدد تقسيمي‘ سڏيو آهي، ڇاڪاڻ تہ اهي تقسيم يا ورڇ جي معنيٰ ڏيکارين ٿا.

(ii) اهڙيءَ طرح ’ايڪڙ ٻيڪڙ‘ مرڪب لفظ بہ، صفت جي عدد تقسيميءَ وارو قسم آهي.

**10_ صفت جي ڀيٽ جا درجا:**

(الف) صفتن جي ڌار ڌار درجن جي ڀيٽ ڪرڻ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو، ۽ اُنهن ۾ ڪم آيل صفتن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو:

1. هيءُ مٺو انبُ آهي.
2. هيءُ انب، صوف کان مٺو آهي.
3. انبُ، سڀني ميون کان مٺو آهي.

1. اڪبر هوشيار آهي.
2. اڪبرُ اصغر کان هوشيار آهي.
3. اڪبرُ سڀني شاگردن کان هوشيار آهي.

(ب) جملن جا مٿي ٻه جوڙا (سيٽ) ڏنا ويا آهن. انهن مان پهرئين 'جوڙ' يعني 'سيٽ' ۾ انب جي مٺاڻ واريءَ خاصيت جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ٻئي سيٽ ۾، انب جي مٺاڻ واريءَ خاصيت جي، صوف جي مٺاڻ واريءَ خاصيت سان ڀيٽ ڪئي وَئي آهي، ۽ ٻنهي جي وچ ۾ ڀيٽ ڪرڻ لاءِ 'کان' لفظ ڪم آندو ويو آهي. اهڙيءَ طرح انهيءَ سيٽ جي ٽئين جملي ۾، انب جي مٺاڻ واريءَ خاصيت جي، ٻين سڀني ميون جي مٺاڻ واريءَ خاصيت سان ڀيٽ ڪئي وَئي آهي. اهڙيءَ ڀيٽ لاءِ 'سڀني کان' فقرو ڪم آندو ويو آهي.

(ت) 'ب' هيٺ ڏنل وضاحت کان پوءِ، اهو ثابت ٿيو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ صفت جا ٽي درجا آهن:

(i) صفت جو اهو درجو، جنهن ۾ صفت جي، ڪنهن بہ ٻئي صفت سان ڀيٽ نٿي ڪجي، صفت جي اهڙي درجي کي 'صفت خالص' چئبو آهي.

(ii) صفت جو اهو درجو جنهن ۾ هڪ صفت جي، ڪنهن ٻيءَ صفت جي ساڳيءَ خاصيت سان ڀيٽ ڪئي وڃي ۽ اهڙيءَ ڀيٽ لاءِ 'کان' لفظ ڪم آڻجي. صفت جي اهڙي درجي کي، 'صفت تفضيل' چئبو آهي.

(iii) صفت جو اهو درجو جنهن ۾ هڪ صفت جي، ٻين سڀني ساڳيءَ جنس يا قسم وارين صفتن سان ڀيٽ ڪجي ۽ اهڙيءَ ڀيٽ لاءِ 'سڀني کان' فقرو استعمال ڪيو وڃي. صفت جي اهڙي درجي کي 'صفت مبالغو' چئبو آهي.

(ث) ٻئي سيٽ جي پهرئين جملي ۾ اڪبر جي هوشيار هجڻ واريءَ خاصيت جي ڳالهہ ڪئي وَئي آهي. ٻئي جملي ۾ اڪبر ۽ اصغر جي وچ ۾، سندن هوشياريءَ جي لحاظ کان ڀيٽ ڪئي وَئي آهي ۽ اهڙيءَ ڀيٽ لاءِ 'کان' لفظ ڪم آندو ويو آهي.

ٽئين جملي ۾ اڪبر جي هوشيار هجڻ واريءَ خاصيت جي ٻين سڀني شاگردن کان هوشيار هجڻ واريءَ خاصيت جي ڀيٽ ڪئي وَئي آهي، ۽ اهڙيءَ ڀيٽ ڪرڻ لاءِ 'سڀني کان' فقرو ڪم آندو

ويو آهي.

(ج) انهن جملن جي ابياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ جڏهن ٻن اسمن يا ٻن ضميرن جي ساڳين خاصيتن جي وچ ۾ ڀيٽ ڪئي وَئي هجي، ۽ صفت جي اهڙيءَ ڀيٽ لاءِ 'ڪان' يا 'ڪان وڌيڪ' لفظ ڪم آڻجن، تہ صفتن جي اهڙيءَ 'ڀيٽ' يا 'مقابلي' واري درجي کي 'صفت تفضيل' چئبو آهي.

(ت) صفت تفضيل جو هڪ اهڙو نمونو بہ عام گفتگو ۾ ٻڌبو آهي جنهن جو ذڪر ڪاڪي ڀيرومل، وڏو سنڌي وياڪرڻ ۾ صفحي 80 تي، مرزا قليچ بيگ، سنڌي وياڪرڻ، نئون ڇاپو (1992) صفحي 29 تي ۽ 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' (ٻيو ڇاپو، 2002ع) ۾ صفحي 70 تي ڪيو ويو آهي. مثال طور:

(i) هي ڪپڙو چڱيرو آهي؛ يعني اهڙو چڱو (ٻين چڱن جي ڀيٽ ۾) ڪونهي، پر تڏهن بہ ٺورو چڱو آهي.

اهڙيءَ طرح 'رو' پڇاڙي گڏڻ سان بہ صفت تفضيل جي معنيٰ ظاهر ڪبي آهي.

(ii) 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب (ٻيو ڇاپو) ۾ صفحي 70 تي ڄاڻايو ويو آهي تہ "سنڌي ٻوليءَ ۾ 'چڱيرو'، 'سنيرو' ۽ 'ڀليرو' لفظن ۾ ڪم آندل- 'ايرو' پڇاڙي ڏيان ڇڪائي ٿي. ڪاڪو ڀيرومل وري پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ'، (1956، ص 315) ۾ لکي ٿو تہ: "صفت جي اهڙي درجي کي 'صفت مبالغو' چئبو آهي. 'مبالغو' لفظ جي معنيٰ آهي 'وڌاءُ'". هتي مرزا قليچ بيگ جي راءِ جو واڌارو آهي.

صفتن جي انهن ٽنهي درجن جو تفصيلي ابياس هيٺ پيش ڪجي ٿو.

(1) **صفت خالص**- اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ صفت خالص، صفت جو اهو 'درجو' يا 'قسم' آهي، جنهن ۾ موصوف جي خاصيت (صفت) جو، ساڳيءَ جنس واري ڪنهن ٻئي موصوف جي خاصيت (صفت) سان، ڪنهن بہ قسم جي ڪا ڀيٽ ڪانہ ڪبي آهي، مثال طور:

(i) هاٿي وڏو جانور آهي.

(ii) اڪبر هوشيار آهي.

(iii) هيءُ سهڻو پکي آهي.

(iv) هيءُ تکو گهوڙو آهي.

(v) هيءُ سائو پن آهي.

انهن جملن ۾ 'وڏو'، 'هوشيار'، 'سهڻو'، 'تکو' ۽ 'سائو' لفظ صفت جي روپ ۾ ڪم آيا آهن. اهي صفتون، ڪن ٻين صفتن سان ڀيٽ ڪرڻ لاءِ ڪم نہ آنديون وَيون آهن. صفتن جي انهن ۽ اهڙن مثالن کي 'صفت خالص' چئبو آهي.

(2) **صفت تفضيل**- (الف) صفت جو هيءُ اهو درجو آهي، جنهن ۾ ٻن اسمن يا ضميرن جي ساڳين

خاصيتن جي وچ ۾ ڀيٽ ڪئي وڃي، جيئن:

(i) انبُ، صوف ڪان مٺو آهي.

(ii) امينُ، اڪبر ڪان هوشيار آهي.

(iii) هوُ توڪان وڌيڪ هوشيار آهي.

(iv) مان هن ڪان ننڍو آهيان.

انهن جملن ۾ ٻن اسمن يا ٻن ضميرن جي، سندن ئي خاصيتن جي لحاظ ڪان ڀيٽ ڪئي وَئي آهي. پهرئين جملي ۾ 'انب' ۽ 'صوف' جي وچ ۾، انهن اسمن جي 'مٺاڻ' واريءَ خاصيت جي ڀيٽ ڪئي وَئي آهي.

ڪاڪو ڀيرو مل، وڏو سنڌي وياڪرڻ جي ٻئي ڇاپي (1985ع) ۾ صفحي 80 تي هيٺ حاشئي ۾ لکي ٿو:

"سنسڪرت ۾ صفت جي ڀيٽ جي درجن لاءِ '- تَرَ' ۽ '- تَمَ' ۽ 'اءِيس' ۽ 'اِشٽ' پڇاڙيون مقرر ٿيل آهن؛ جهڙوڪ: 'پريہ' معنيٰ پيارو، 'پريتم' معنيٰ ٻين ڪان پيارو."

اهڙيءَ طرح 'تر' ۽ 'تم' پڇاڙيون عام آهن، جن مان 'تر' فارسي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪم اچي ٿي، جيئن 'به' معنيٰ چڱو، 'بهتر' (better) معنيٰ ٻين ڪان چڱو. انگريزيءَ ۾ 'تر' بدران 'ار' چون، جيئن Great-er. سنسڪرت ۾ ٻيون پڇاڙيون 'ايس'- 'اِشٽ' آهن، جيئن 'پاپ' معنيٰ 'پاپي'، 'پاپيس' معنيٰ ٻين ڪان 'پاپي' ۽ 'پاپشٽ' معنيٰ 'سڀني ڪان پاپي'. 'اِشٽ' بدران انگريزيءَ ۾ 'اِسٽ' چون، جيئن Great-est؛ سنڌيءَ ۾ 'موڳو- مولسٽ'.

سنڌيءَ مان اهڙيون پڇاڙيون گم ٿي وَيون آهن، تنهنڪري 'ڪان' ۽ '۾' حرف جر ڪم آڻي پورائي ڪريون ٿا، جهڙوڪ:

چڱو، 'ٻين ڪان چڱو' ۽ 'سڀني ڪان چڱو' يا 'چڱي ۾ چڱو' اهو دراوڙي نمونو آهي، جو سنڌيءَ ۾ اختيار ڪيو اٿئون".

ڪاڪي ڀيرو جي انهيءَ راءِ مان ظاهر آهي، سنڌي ٻوليءَ، صفتن جي درجن جي ڀيٽ جو اهو 'قديم ديسي طريقو' پاڻ وٽ محفوظ رکيو آهي، ۽ هن ڏس ۾ آريائي اثر قبول نہ ڪيو آهي.

ڊاڪٽر ٽرمپ، پنهنجي ڪتاب ۾، تمهيد واريءَ راءِ جي باوجود، سنڌي زبان جي وياڪرڻ جي هر حصي کي سنسڪرت جي روشنيءَ ۾ پرکڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ۽ جتي بہ ڪيس سنسڪرت جي سٽاء ڪان ٻاهر ڪا صورت نظر آئي آهي تہ اُتي چيو اٿس تہ: "سنڌي زبان مان سنسڪرت وارو سٽاء گم ٿي ويو آهي". حقيقت ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ صاحب لاءِ لازمي هو تہ ائين بہ سوچي ها تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي پنهنجون انوکيون ديسي خوبيون بہ آهن (سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ص ص 249 ۽ 250)

ڊاڪٽر ٽرمپ لکي ٿو تہ:

"The Sindhi, as well as the cognate idioms, has lost the power to form a comparative and superlative degree after the manner of Sanskrit (and Persian) by means of adjective suffixes, and it is very remarkable that the Semitic way of making up for the degree of comparison has bean adopted. In order to express the idea of the comparative, the object or objects with which another is to be compared, is put in the Ablative, or, which is the same, the postposition منجهان، مان، کئون، کان and similar ones are employed, the adjective itself remaining in positive (p. 156)

اهي خوبيون، سنڌي ٻوليءَ ۾ واديءَ سنڌ جي قديم زبان جون آهن، جن کي مقامي ٻولين پاڻ وٽ محفوظ رکيو آهي.*

**صفت مبالغو:**

(الف) مبالغي جي معنيٰ آهي 'ڳالهه کي وڌائي بيان ڪرڻ'. صفت مبالغي واري درجي لاءِ، ڪنهن هڪ اسم يا ضمير جي، باقي سڀني هم جنس اسمن يا ضميرن سان ڀيٽ ڪئي ويندي آهي، مثال طور:

انبُ، سڀني ميون کان وڌيڪ مٺو آهي.

ڪراچي، پاڪستان ۾، سڀني شهرن کان وڌيڪ وڏو آهي.

اڪبر، ڪلاس ۾، سڀني شاگردن کان وڌيڪ هوشيار آهي.

سهو، سڀني جانورن کان، ڊوڙڻ ۾ تکو آهي.

انهن جملن مان، پهرئين جملي ۾، 'انب' جي 'مٺاڻ' واريءَ خاصيت جي، ٻين ميون جي 'مٺاڻ' واريءَ خاصيت سان، ڀيٽ ڪئي وَئي آهي. ٻئي جملي ۾ ڪراچي شهر جي، پاڪستان جي ٻين سڀني شهرن سان، وڏي هجڻ واريءَ خاصيت جي ڀيٽ ڪئي وَئي آهي. ٽئين جملي ۾، اڪبر جي، سندس ڪلاس جي ٻين سڀني شاگردن سان، هوشيار هجڻ واريءَ خاصيت جي ڀيٽ ڪئي وَئي آهي، ۽ چوٿين جملي ۾ 'سهي' جانور جي، ٻين سڀني جانورن سان، ڊوڙڻ ۾ تيز هجڻ واريءَ خاصيت سان ڀيٽ ڪئي وَئي آهي.

(ب) هن قسم جي ڀيٽ جي حالت ۾، هيءَ نقطو ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهي ته جنهن به هڪ قسم جي اسم يا ضمير جي صفت يا خاصيت جو، سندس ٻين هم جنس اسمن يا ضميرن جي صفتن يا خاصيتن سان ڀيٽ ڪئي ويندي آهي، تڏهن اهڙيءَ ڀيٽ لاءِ 'سڀني کان وڌيڪ' يا 'سڀ کان وڌيڪ' فقرا استعمال ڪيا ويندا آهن، تڏهن صفت جي اهڙي درجي کي 'صفت مبالغو' چئبو آهي.

(ت) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا جملا به ڪم آڻبا آهن، جن ۾ ڪم آندل صفت جو مفهوم، صفت مبالغي وارو هوندو آهي، پر اهڙن جملن ۾، 'سڀني' کان يا 'سڀني کان وڌيڪ' لفظ يا فقرا

ڪم نہ آڻبا آهن، مثال طور:

(i) منهنجي پاءُ، اُوچي ۽ اُوچو وڳو خريد ڪيو.

(ii) اسان هنن کي سني ۽ سني ماني کارائي.

(iii) هوُ منهنجو پياري ۽ پيارو دوست آهي.

(iv) هيءُ سهڻي ۽ سهڻو پکي آهي.

انهن جملن مان پهرئين جملي ۾ 'اُوچي ۽ اُوچو وڳو' معنيٰ سڀني وڳن کان اوچو وڳو. اهڙيءَ طرح 'سني ۽ سني' معنيٰ، 'سڀني ۾ سني'؛ 'پياري ۽ پيارو' معنيٰ 'سڀني کان پيارو'، ۽ 'سهڻي ۽ سهڻو' معنيٰ 'سڀني کان سهڻو'.

(ث) هاڻي صفتن جي هيٺ ڏنل جملن ۾ انهن ٽنهي درجن جا مثال ڏسو:

| صفت خالص | صفت تفضيل | صفت مبالغو |
|---|---|---|
| (i) امين هوشيار آهي | امينُ، اشرف کان هوشيار آهي. | امين سڀني شاگردن کان هوشيار آهي. |
| (ii) ڪراچي وڏو شهر آهي. | ڪراچي لاهور کان وڏو شهر آهي. | ڪراچي سڀني شهرن کان وڌيڪ وڏو شهر آهي. |
| (iii) مان ننڍو آهيان | مان توکان ننڍو آهيان. | مان سڀني شاگردن کان ننڍو آهيان. |
| (iv) مور سهڻو پکي آهي. | مورُ ڪونج کان سهڻو پکي آهي. | مورُ سهڻي ۾ سهڻو پکي آهي. |

# باب ستون: ظرف

(الف) ڳالهائڻ جي انن لفظن مان هڪ لفظ 'ظرف' ب آهي. 'ظرف' جي وصف سمجهڻ کان پهرين، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

1. ڇوڪري **هينئر** هيءُ ڪتاب پڙهيو آهي.
2. منهنجو پاءُ **سياڻي** ايندو.
3. ڊاڪٽر **اندر** ويو آهي.
4. گهوڙو **چڱو** ڊوڙي ٿو.
5. ٻار **آهستي** هلي ٿو.
6. ڇوڪريءَ **گهڻو** لکيو هو.
7. هن **ٿورو** ڳالهايو.
8. ڊاڪٽر **هتي** اچڻو آهي.
9. هوُ اڄ **ڪونہ** ايندو
10. هوُ **بلڪل** اشراف ماڻهو آهي.

انهن جملن مان پهرئين جملي ۾ ڪم آندل لفظ 'هينئَرَ' مان 'وقت' يعني **'زمان' جي باري** ۾ پتو پوي ٿو. اهڙيءَ طرح **'سياڻي' لفظ مان ب وقت جو مفهوم** ظاهر ٿئي ٿو. 'اندر' لفظ مان **'مڪان' يعني 'جاءِ' جي باري** ۾ خبر پوي ٿي؛ 'چڱو' لفظ مان **تميز جو مطلب** ٿو نڪري؛ آهستي **لفظ مان 'ريت' يا 'طريقي'** جي خبر پوي ٿي؛ 'گهڻو' **لفظ مان مقدار جو پتو** پوي ٿو؛ **'ڪونہ' لفظ مان 'انڪار' جو مقصد ظاهر ٿئي ٿو**؛ ۽ 'اشراف' **لفظ صفت آهي** ۽ 'بلڪل' لفظ، جيڪو ظرف آهي، سو صفت (اشراف) سان **لاڳو ٿي، ماڻهوءَ جي شرافت جو 'قدر' يا 'انداز' ڄاڻائي ٿو.** (ڀيرومل ص 151)

(ب) (i) **انهن لفظن جي استعمال مان اهو مقصد ٿو ظاهر ٿئي ت سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾** اُهي لفظ جيڪي 'زمان' يعني 'وقت'، 'مڪان' يعني 'جاءِ'، طريقي'، 'ريت'، 'تميز'، 'قدر'، 'مقدار' يا 'انڪار'، يا 'هاڪار' **جو مفهوم يا مقصد ظاهر ڪن، تن** ڪي سنڌي وياڪرڻ ۾ 'ظرف' چئبو آهي.

(ت) **مٿي ظرف جي ڏنل مثالن جي مطالعي جي حوالي سان چئبو ت "ظرف اهو لفظ آهي جيڪو ڪنهن فعل، ڪنهن صفت يا ڪنهن ٻئي ظرف سان لاڳاپو ڏيکاري، ۽** منجهانئس وقت، جاءِ، ريت، تميز، قدر، مقدار، انداز، انڪار ۽ **هاڪار جو مفهوم** نڪري (قليچ: ص 4)

(ii) **ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ت "ظرف اهو لفظ آهي جيڪو فعل، صفت يا ڪنهن ٻئي**

ظرف سان لاڳو ٿي، اُن جي ريت، قدر، يا انداز، وقت، جاءِ، مقدار ۽ طرف ڏيکاري ٿو". (پيرومل، ص 152).

هن وضاحت مان اهو ٿو ظاهر ٿئي تہ ڪوبہ ظرف، ڪنهن بہ اسم يا ضمير سان، ڪڏهن بہ لاڳاپو نٿو ڏيکاري، ڇاڪاڻ تہ اسمن ۽ ضميرن سان لاڳو ٿي، اُنهن بابت ڪجهہ حقيقت ڄاڻائڻ جو ڪم، صفت جو آهي، ۽ نہ ڪي ظرف جو". (پيرومل، ص 152)

(ث) اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي جملن ۾، ظرف هميشہ فعل کان اڳ پنهنجي جاءِ وٺندو آهي، ۽ فعل جي باري ۾ وضاحت ڪندو آهي.

(ج) انهيءَ ڪري چئبو تہ ظرف اهو لفظ آهي جيڪو ڏيکاري ٿو تہ ڪم ڪٿي، ڪڏهن ۽ ڪيئن ٿيو؟ يعني ظرف جي باري ۾، فعل کان 'ڪٿي' 'ڪڏهن' ۽ 'ڪيئن' جا سوال پڇيا ويندا آهن.

(ح) اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ڪوبہ ظرف، جنس، عدد ۽ حالت جي صيغي ۾ هرگز گردان نہ ڪندو آهي، سواءِ انهن ظرفن جي، جن جي آخر ۾ 'او' اعراب ڪم ايندي آهي.

**2_ ظرف جا قسم:**

مٿي ڏنل مثالن مان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ظرف جا ڇهہ قسم ٿيندا آهن: اُهي آهن:

(i) ظرف زمان، (ii) ظرف مڪان، (iii) ظرف تميز يا ريت، (iv) ظرف مقدار، (v) ظرف نَفي يا ناڪاري ۽ (vi) ظرف اثباتي يعني هاڪاري.

هيٺ ظرف جي هرقسم جو، وضاحت سان، ذڪر ڪجي ٿو.

(الف) ظرف زمان- 'زمان' مان مراد آهي تہ اهو 'ظرف' جنهن مان فعل جي وقت جي معنيٰ نڪري؛ ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ڪنهن بہ جملي ۾، اهو لفظ، جيڪو فعل جي وقت جي باري ۾ ڪجهہ ٻڌائي يا ان طرف اشارو ڪري، اهڙي قسم واري ظرف کي 'ظرف زمان' چئبو آهي، مثال طور:

(i) اوهين <u>ڪڏهن</u> ايندا؟

(ii) شاگرد <u>سڀاڻي</u> گهمڻ ويندا.

(iii) <u>هينئر</u> اسين وڃڻ جي تياري پيا ڪريون.

(iv) اجا دير آهي.

(v) اوهين <u>پوءِ</u> اچجو.

(vi) اج ڪهڙو <u>ڏينهن</u> آهي

(vii) آءٌ صبح جو <u>سوير</u> اُٿندو آهيان.

انهن جملن ۾ 'ڪڏهن'، 'سڀاڻي'، 'هينئر'، 'اجا'، 'پوءِ'، 'اڄ'، ۽ 'صبح' جو لفظ، 'ظرف زمان' جا مثال آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي وقت جي باري ۾ ٻڌائين ٿا. اهڙيءَ طرح 'ظرف زمان' جا ٻيا مثال هي آهن:

'جڏهن'، 'تڏهن'، 'جيتر'، 'تيتر'، 'اڳتي'، 'اڳيان' ۽ 'رات جو' وغيره.

(ب) **ظرف مڪان:** 'مڪان' جي معنيٰ آهي 'جاءِ' يا 'جڳهہ'. ڪنهن بہ جملي ۾، 'ظرف' جڏهن ڪنهن 'جاءِ'، 'مڪان' يا 'طرف' ڏانهن اشارو ڪري تہ اهڙي قسم واري ظرف کي 'ظرف مڪان' چئبو آهي: مثال طور:

(i) پکي مٿي آسمان ۾ اُڏامن ٿا.

(ii) اسين هيٺ رهندا آهيون.

(iii) هوُ ٻاهر ويو آهي.

(iv) اُستاد صاحب هتي اچڻو آهي.

(v) هُتي ڪير آيا هئا؟

(vi) شاگرد هتان وڃڻ وارا آهن.

(vii) اسڪول، اسان جي گهر جي ويجهو آهي.

(viii) هوُ هميشہ اسان کي ياد ڪندا آهن.

(ix) اوهين هيڏانهن اچو.

(x) اسان جي ملڪ جي اوڀر ۾ ڀارت جو ملڪ ۽ اولهہ ۾ ايران ۽ افغانستان جا ملڪ آهن.

انهن جملن ۾ 'مٿي'، 'هيٺ'، 'ٻاهر'، 'هتي'، 'هُتي'، 'هتان'، 'ويجهو'، 'هميشہ'، 'هيڏانهن'، 'اوڀر' ۽ 'اولهہ' لفظ، ڪنهن جاءِ، مڪان ۽ طرف، ڏانهن اشارو ڪن ٿا. تنهنڪري چئبو تہ اُهي لفظ جيڪي ڪنهن 'جاءِ'، 'مڪان' يا 'طرف' جي طرف اشارو ڪن تہ اهڙن لفظن کي 'ظرف مڪان' چئبو آهي.

ظرف مڪان جا ٻيا مثال هي آهن:

'اُتر'، ڏکڻ'، 'هوڏانهن' ۽ 'ڏسُ' وغيره.

(ت) **ظرف تميز:** (الف) 'تميز' لفظ مان مراد آهي 'ريت'، 'طريقو' يا 'قدر'. سنڌي ٻوليءَ جي ڪن جملن ۾، ڪي لفظ ڪم ڪرڻ جي 'طريقي'، 'ريت'، ڪنهن 'دستور' ۽ 'قدر' جو مظاهرو ڪن ٿا. اهڙن لفظن کي، سنڌي وياڪرڻ ۾ 'ظرف تميز' چوندا آهن: مثال طور:

(i) گهوڙو آهستي ڊوڙي ٿو.

(ii) هيءُ ٻار چڱو آهي.

(iii) ڪمند ڏاڍو آهي.

(iv) پنهنجو ڪم چڱيءَ طرح ڪجي.

(ب) صفت واري باب ۾ اسين پڙهي آيا آهيون تہ 'چڱو' ۽ 'ڏاڍو' لفظ، سنڌي وياڪرڻ موجب صفتون آهن، پر مٿي ڏنل جملن ۾ 'آهستي'، 'چڱو'، 'ڏاڍو' ۽ 'چڱيءَ طرح' لفظن مان، ڪم ڪرڻ جي طريقي، ريت، دستور ۽ قدر جي خبر پوي ٿي، ۽ نہ ڪ موصوف جي خاصيت جي.

تنهنڪري اُهي لفظ، جن کي جملن ۾ ڪم آڻڻ سان، ڪنهن ڪم جي ڪرڻ جي 'ريت'، 'طريقي'، 'قدر' ۽ 'دستور' جو پتو پوي ته اهڙن لفظن کي، سنڌي وياڪرڻ ۾ 'ظرف تميز' چئبو آهي.

اهڙيءَ طرح ظرف تميز جا ٻيا مثال هي آهن:

'هروڀرو'، 'جيئن' ۽ 'تيئن' وغيره.

(ت) سنڌي زبان ۾ ڪي لفظ، ڪنهن اسم يا ضمير جي خاصيت ظاهر ڪندا آهن، جيئن صفت واري باب (ڇهين) ۾ چيو ويو آهي. پر هي نقطو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته اُهي لفظ جيڪي جملن ۾ جڏهن ڪن اسمن جي بدران، فعلن جي ريت، قدر يا دستور جي باري وضاحت ڪن، تڏهن اهڙن لفظن کي 'صفت' نه، پر 'ظرف تميز' چئبو آهي، مثال طور هيٺ ڏنل پيٽ وارو چارٽ غور سان ڏسو:

| ظرف تميز طور استعمال | صفت طور استعمال |
|---|---|
| گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو | چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو |
| هيءُ انب مٺو آهي. | هيءُ مٺو انب آهي. |
| هيءُ ڇوڪر سٺو آهي. | هيءُ سٺو ڇوڪر آهي. |
| هيءُ ڪمند ڏاڍو آهي. | هيءُ ڏاڍو ڪمند آهي. |

انهن جملن ۾ 'چڱو'، 'مٺو'، 'سٺو' ۽ 'ڏاڍو' لفظن جي استعمال جي لحاظ کان پيٽ ڪئي وَئي آهي. ٻنهي قسمن جي جملن جي پيٽ مان معلوم ٿو ٿئي ته ساڄي پاسي وارن جملن ۾ چڱو 'مٺو'، 'سٺو' ۽ 'ڏاڍو' لفظ، اسمن جي خاصيتن جي وضاحت ڪن ٿا، تنهنڪري انهن کي صفت چئبو؛ جڏهن ته کاٻي پاسي وارن جملن ۾ اهي ئي ساڳيا لفظ، يعني چڱو، 'مٺو'، 'سٺو' ۽ 'ڏاڍو'، فعل جي 'ريت' يا 'تميز' جي باري ۾ وضاحت ڪن ٿا. انهيءَ ڪري کاٻي طرف وارن جملن ۾ انهن ئي ساڳين لفظن کي سندن استعمال جي لحاظ کان صفت نه، پر 'ظرف تميز' چئبو.

(ث) ڪاڪو ڀيرومل، "وڏو سنڌي وياڪرڻ (ٻيو ڇاپو)" جي صفحي 152 تي، شاهه لطيف جي بيتن ۾ ڪم آندل ظرفن مان ڪي مثال طور ڏيندي، لکي ٿو ته:

(i) ڍوليا ڪُجاڙيان، ٻولايو ٻوڏ ڇورين

يا

(ii) ڀينر مون ڀيري ڪوهه ڄاڻان ڪُهه ٿيو.

شاهه صاحب جي انهن مصرعن ۾ 'ڪجاڙيان' ۽ 'ڪُهه' استفهام يا سوال پڇڻ جا حرف (ضمير) آهن، جيڪي هنن بيتن ۾، هن ريت فعلن سان لاڳو ٿي ڪم آيا آهن. اهي لفظ عام طرح، 'ظرف تميز' جي دفعي ۾ ليکجن ٿا.

ڪاڪو ڀيرومل، صفحي 153 تي اسم حاليه [اسم حاليه جي باري ۾ باب نائون ڏسو] جي ڪن مثالن کي به ظرف شمار ٿو ڪري مثلاً:

(i) هوُ كلندو آيو.

(ii) هوُ روئندو ويو.

انهن جملن ۾ 'كلندو' ۽ 'روئيندو' اسم حاليہ جا مثال آهن پر هتي، هنن جملن ۾ 'ظرف' ٿي ڪم آيا آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي لفظ ڏيکارين ٿا تہ 'هوُ کھڙيءَ ريت آيو' ۽ 'ڪھڙيءَ ريت ويو'.

(ٿ) **ظرف مقدار:** سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي اهڙا بہ لفظ ڪم ايندا آهن جن جي استعمال سان، 'مقدار' جو مفهوم ظاهر ٿيندو آهي. تنھنڪري اُهي لفظ، جن جي استعمال سان، جملي ۾ مقدار جو مفهوم ظاهر ٿئي تہ اهڙن لفظن کي سنڌي وياڪرڻ ۾ 'ظرف مقدار' چئبو آهي، مثال طور:

(i) تنھنجي ڪيسي ۾ ڪيترا روپيا آهن؟

(ii) هيءُ قلم گھٽي ۾ ڏيندين؟

(iii) هن قلم جو گھٽو آهي؟

(iv) هن قلم جي قيمت ڪيتري آهي؟

(v) هن ڪپڙي جو اگھہ ڪھڙو آهي؟

(vi) هن چوُنريءَ ۾ گھٽو ڪير آهي؟

انهن جملن ۾ 'ڪيترا'، 'گھٽي'، 'گھٽو'، 'ڪيتري'، 'ڪھڙو' ۽ 'گھٽو' لفظ مقدار جو مفهوم ظاهر ڪن ٿا، انهيءَ ڪري سنڌي وياڪرڻ ۾ انهن کي 'ظرف مقدار' چئبو آهي.

(ج) **ظرف نفي يا ظرف انڪاري:**

(الف) سنڌي وياڪرڻ ۾، ظرف جو هيءُ اهو قسم آهي، جنھن مان ناڪار/ انڪار جو مفهوم ظاهر ٿئي ٿو، جيئن:

(i) گھر ۾ ڪوبہ نہ آهي.

(ii) هن جي هٽ ۾ ڪجھہ بہ ڪونهي.

(iii) پُٽ! نہ رو.

(iv) هوُ ڪونہ ايندو.

(v) نہ وڃ.

(vi) مَ چئو.

انهن جملن ۾ 'نہ'، 'ڪونهي'، 'ڪونہ'، ۽ 'مَ' لفظ، فعل جو 'انڪاري' مفهوم ظاهر ڪن ٿا، يعني اِهي 'انڪاري لفظ' فعلن سان لاڳاپو ڏيکارين ٿا. انهيءَ ڪري، سنڌي وياڪرڻ ۾، انهن لفظن کي 'ظرف نفي' يا 'ظرف انڪاري' چئبو آهي.

(ب) پر هيءُ نقطو بہ ياد رکڻ گھرجي تہ ڪن ڪن جملن ۾ 'ڏار'/ 'جھيلار' (intonation) ۾ تبديلي آڻڻ سان، ۽ 'نہ' لفظ تي 'زور ڏيڻ سان'، 'نہ' لفظ وارو 'انڪاري' مفهوم، هاڪاري مفهوم

۾ بدلجيو وڃي، مثال طور:

| هاڪاري مفهوم | انڪاري مفهوم |
|---|---|
| وڃ نہ! | نہ وڃ |
| هيءُ ڪم ڪر نہ! | هيءُ ڪم نہ ڪر |

(ح) ظرف اثباتي يا هاڪاري:

سنڌي ٻوليءَ جي جملن ۾ ڪم ايندڙ اُهي لفظ جن مان 'ناڪاريءَ' (نفيءَ) جي اُبتڙ (ضد) يعني 'هاڪاري' يا 'اثباتي' مفهوم نڪري، تہ اهڙن لفظن کي سنڌي وياڪرڻ ۾ 'ظرف هاڪاري' يا 'ظرف اثباتي' چئبو آهي، جيئن:

(i) هائو! تون وڃ.

(ii) ڀلي! تون اچ.

3_ سنڌي ٻوليءَ جا بنيادي ظرف:

(الف) ڪاڪي ڀيرومل جي 'وڏو وياڪرڻ' ۾، صفحي 153 ۾ ڏنل راءِ موجب سنڌي وياڪرڻ ۾ بنيادي ظرف بلڪل ٿورا آهن، مثلاً:

ترت، اُمالڪ، اڃا، ٻنهہ، پَٽيءَ، جيڪس معنيٰ شايد، چو، سدا، ڪَرَ معنيٰ چٽڪ، مَسَ مَسَ مَسَ، نِپٽ، نيٺ، هاڻي، هروڀرو، هينئر ۽ هُوند.

(ب) ڪاڪي ڀيرومل جو رايو آهي تہ جهڙيءَ طرح 'صفتن'، 'اسم حاليہ' ۽ 'ماضي معطوفي' کي سنڌي وياڪرڻ موجب ظرف طور ڪم آڻيندا آهيون، تهڙيءَ طرح ڪيترائي ظرف اسمن ۽ صفتن مان جوڙيندا آهيون، مثال طور:

(1) اسمن مان جوڙيل ظرف:

| اسم+ | پڇاڙي = | ظرف |
|---|---|---|
| اڳ يعني اڳيون پاسو | آن | = اڳيان |
| | اي | = اڳي |
| | تي | = اڳتي |
| اندر يعني اندريون پاسو | آن | = اندران |
| | ِ | = اندرِ |
| مُورُ يعني موڙي | ِ | = مُورِ معنيٰ پَٽيءَ |

(2) صفتن مان جُڙيل ظرف:

| صفت + | پڇاڙي = | ظرف |
|---|---|---|
| ڏاڍو | آن | = ڏاڍيان |
| چڱو | آن | = چڱيان يعني چڱيءَ طرح |

**(3) ضميرن جي بنيادن مان جوڙيل ظرف:**

| ضمير + | پڇاڙي = | ظرف |
|---|---|---|
| اِي | آن | = اِئين |
| هي | آن | = هيئن |
| اُو | اين | = اُئين |
| هوُ | اَن | = هونئن |
| جو | اِيئَن | = جيئن |
| ڪوهہ | اِيئن | = ڪيئن |

4- هيءَ نقطو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ ڪي ظرف صفتن طور بہ جملن ۾ ڪم ايندا آهن، جيئن:

| جملن ۾ استعمال | وضاحت |
|---|---|
| (i) هيترا چانور ڪير کائيندو؟ | هن جملي ۾ لفظ 'هيترا' اصل ۾ ظرف آهي، پر هت صفت طور ڪم آيو آهي. |
| (ii) ايترا پئسا ڇا ڪندين؟ | هن جملي ۾ لفظ 'ايترا' اصل ۾ ظرف آهي، پر هت اسم پئسا جي وضاحت ڪري ٿو ۽ صفت طور ڪم آيو آهي. |

# باب اٺون: فعل

**1_ فعل جو بنياد:**

لسانيات جا ماهر ڄاڻن ٿا تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جو بنياد "امر حاضر واحد جي صورت آهي، انهيءَ ڪري امر حاضر واحد جي صورت کي 'فعل جو بنياد' يا 'فعل جو ڌاتو' (root) چئبو آهي.

**2_ ڌاتو يا مصدر (Root):**

(الف) سنڌي ٻولي توڙي واديءَ سنڌ جي ٻين ٻولين جي وياڪرڻ ۾ 'ڌاتو' 'بنياد' يا root کي وڏي اهميت حاصل آهي. انهيءَ ڪري سڀ کان پهرين هي ڏسڻو آهي تہ 'ڌاتو'، 'بنياد' يعني `root` ڇاکي ٿو چئجي؟ سنڌي ٻوليءَ ۾ اُن کي مصدر سڏيو ويو آهي.

(ب) (i) سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن، جهڙوڪ 'اچڻ'، 'وڃڻ'، 'لکڻ'، 'پڙهڻ' ۽ اهڙين ٻين فعلي صورتن (verb forms) کي 'مصدر' يعني 'ڌاتو' يا 'root' سڏيو آهي. ديوان جهمٽ مل وسڻاڻي، ڪاڪي ڀيرومل، مرزا قليچ بيگ ۽ واحد بخش شيخ جهڙن ۽ ٻين ماهرن بہ انهن صورتن کي 'مصدر' سڏيو آهي.

ديوان جهمٽ مل نارومل وسڻاڻي، پنهنجي ڪتاب 'نئون سنڌي گرامر 1892ع)' ۾ صفحي 102 تي، فعل کي 'ڪِريا' سڏيو آهي ۽ امر کي 'اُگيارٿ' ڪوٺي ٿو، ۽ لکي ٿو تہ:

"ڪريا جو روپ، جو 'ڪوشو' ۾ ڏنل آهي، سو 'ڪريانام' يا 'اسم مصدر' آهي. اهو اصل سنسڪرت ۽ پراڪرت ڌاتن جو 'ڪريانام روپ' آهي. اهو روپ سنسڪرت ۽ پراڪرت ۾، ڌاتوءَ سان 'اَنَ' ۽ 'اَڻُ'، ملائڻ سان ٺهندو آهي. سنڌيءَ ۾ بہ ائين آهي، پر 'اَڻُ' مٽجي 'اَڻُ' ٿيو آهي. اُن موجب سنڌيءَ ۾ ڪريا [يعني فعل] جو 'اصل' يعني 'ڌاتوُ يا جو مُول' اهو روپ آهي؛ جنهن ۾ 'اَڻُ' نہ گڏيل آهي، سو آهي 'مار' يا 'اگيارٿ'.

ديوان جهمٽ مل اڳتي لکي ٿو تہ:

"تنهنڪري اگيارٿ (امر)، سنڌيءَ ۾ ڪريا (فعل) جو مُول آهي، جنهن ۾ 'اَڻُ' گڏي 'ڪريانام' 'اسم مصدر' ٺاهبو آهي."

ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ديوان جهمٽ مل وسڻاڻيءَ جي راءِ موجب 'فعل جو بنياد' 'اگيارٿ' يعني 'امر' آهي. انهيءَ 'مول' ۾ 'اَڻُ' پڇاڙي ملائي، 'ڪريانام' يعني 'اسم مصدر' ٺاهبو آهي.

(ت) (i) مراز قليچ بيگ، 'سنڌي وياڪرڻ (ٻيو ڇاپو 1992ع/ 1413ھ)' ۾ صفحي 34 ۽ 35 تي لکي ٿو تہ:

"لکڻ، پڙهڻ، هڻڻ، ٿيڻ ۽ اهڙا ٻيا لفظ، جن جي پڇاڙيءَ ۾ 'اَڻ' يا 'اِڻ' جو اُچار آهي، تن کي چئبو آهي 'مصدر'."

مرزا صاحب اِئين چئي اڳتي لکي ٿو تہ:

”مصدر معنيٰ جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا يا ڦُٽن ٿا. مطلب تہ مصدر معنيٰ ڌاتو يا بنياد. عربي ۽ فارسيءَ جا لفظ، مصدر مان نهن ٿا، تنهنڪري ان تي اِهو نالو رکيو اٿن. سنڌي ٻوليءَ ۾، خود فعلن جو بنياد بہ مصدر نہ آهي، تنهنڪري [عام اصطلاح طور سڏيل اِن] مصدر کي ڌاتو يا بنياد ڪري ليکڻ غلط آهي.“

(ii) مطلب تہ مرزا صاحب ’لکڻ‘ ۽ ’ڪائڻ‘ وغيره صورتن کي بہ فعل جو ’ڌاتو‘ يا ’بنياد‘ ٿو مڃي ۽ [عام اصطلاح طور سڏيل اِن] لکي ٿو تہ:

”’لکڻ‘ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾، ’اَڻ‘ جو اُچار آهي: ’ڪائڻ‘ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’اِڻ‘ جو اُچار آهي. مصدر جي پڇاڙيءَ مان ’اَڻ‘ يا ’اِڻ‘ جو اُچار ڪڍي ڇڏبو تہ باقي جيڪو بچندو سو ٿيندو ’ڌاتو‘ يا ’بنياد‘.“

(iii) مرزا صاحب، فعل جي ڌاتوءَ ۽ مصدر کي بہ ڌار ڌار صورتون ٿو سمجهي ۽ لکي ٿو (ص 35) تہ:

”متي جيڪي چيو ويو آهي، تنهن مان ڏسڻ ۾ ايندو تہ فعل جي ڌاتوءَ جي پنيان ’اَڻ‘ يا ’اِڻ‘ پڇاڙي گڏڻ سان [عام اصطلاح طور سڏيل] مصدر نهي ٿو: مثلاً:

هلڻ= هل+ اَڻ، ڌاتو ’هل‘ جنهن مان ’هلت‘، هلٽي، ’هلائڻ‘، ’هلندو‘، ’هليو‘ ۽ ’هليل‘ لفظ نهيا آهن مطلب تہ ”مصدر“، خود ڌاتوءُ مان نهيل آهي.“

(ث) (i) ڪاڪي ڀيرومل ’وڏو وياڪرڻ (ڇاپو ٻيو 1985ع)‘ ۾ صفحي 90 تي بہ مرزا صاحب واريءَ راءِ کي دُهرايو آهي ۽ ڄاڻايو آهي تہ

”مصدر جي معنيٰ جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا يا ڦٽن ٿا، جيئن عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ مصدر مان نهن ٿا، تنهنڪري اُن تي اهو نالو رکيو اٿن. سنڌي ٻوليءَ ۾، فعل جو بنياد امر واحد آهي، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ عام سڏيل مصدر کي ’ڌاتو‘ يا ’بنياد‘ ڪري ليکڻ غلط آهي.“

پر ڪاڪي ڀيرومل بہ مرزا قليچ بيگ وانگر ’لکڻ‘، ’پڙهڻ‘ ۽ ’مارڻ‘ کي سڏيو ’مصدر‘ ٿي آهي، ۽ لکي ٿو تہ:

لکڻ- لک، پڙهڻ- پڙهہ ۽ مارڻ- مار، اهڙيءَ طرح مصدر جي پڇاڙيءَ وارو ’ڻ‘ پڇاڙي ڪڍي ڇڏبي تہ امر واحد ٿي پوندو.“

(ii) ڪاڪو ڀيرو مل وري هيٺ لکي ٿو تہ:

”’لِڪُ‘ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’پيش‘ آهي ۽ ’مار‘ لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ ’زير‘ آهي. اهي ’پيش‘ ۽ ’زَير‘ ڪڍي ڇڏبا تہ باقي بچندو ’لک‘ ۽ ’مار‘. اِهي ڌاتو آهن. مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ هيءَ قاعدو آهي تہ:

امر واحد جي پڇاڙيءَ واري اعراب ڪڍڻ سان، فعل جو ڌاتو يا بنياد ملي ٿو.“

(ج) "سنڌي ٻوليءَ جو هڪ ٻيو ماهر واحد بخش شيخ صاحب پنهنجي ڪتاب، "سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو" (1986ع) ۾ صفحي 333 تي لکي ٿو ته:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل جو بنياد عام طرح مصدر لکجي ٿو. سنڌي ٻوليءَ جو مصدر، سنسڪرت ۽ پراڪرت جي مکيہ يا اصل فعل جي برابر آهي، تنهنڪري سنڌي لفظن جو اشتقاق مصدر جي بدران امر مان سمجهڻ گهرجي. [۽] ڇاڪاڻ ته امرُ، فعل جي مکمل صورت پيش نٿو ڪري ۽ نہ وري منجهس ڪا هڪجهڙائي آهي، تنهنڪري مصدر کي بنيادي لفظ چيو ويو آهي."

(ح) (i) حقيقت هيءَ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، عربي ۽ فارسي ٻولين جي صرف ۽ نحو جي اصولن کي [اِئين] سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن 'اچڻ'، 'وڃڻ'، 'لکڻ' ۽ 'پڙهڻ' وغيره کي 'مصدر' سڏيو آهي.

(ii) اردو ٻوليءَ جي وياڪرڻن ۾ بہ ساڳئي قسم جي وصف ڏني وَئي آهي، البت اردو ٻوليءَ جي ماهرن، اهڙيءَ صورت کي 'مصدر' جي بدران 'حاصل مصدر' سڏيو آهي (شوڪت سبزواري: 'اردوزبان کا ارتقا'، ص 294).

(خ) مٿي ڏنل مثالن جي مطالعي کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو ته جن 'صورتن' (forms) کي سنڌي وياڪرڻين، 'مصدر' سڏيو آهي، اُهي صورتون، 'سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اصولن' موجب مصدر نہ آهن، ڇاڪاڻ ته مصدر جي معنيٰ 'ڌاتو' يا 'بنياد' يا 'مُول' يعني root. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته اها صورت جنهن مان ٻيون صورتون يا ٻيا لفظ صادر ٿين يا ڦٽي نڪرن؛ يعني 'اچڻ'، 'وڃڻ'، 'لکڻ' ۽ 'پڙهڻ' توڙي اهڙيون ٻيون سڀيئي صورتون، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۽ صرفي اصولن موجب 'ڌاتو' يا 'بنياد' نہ آهن، جو ته سنڌي ٻوليءَ جو ڪوبہ لفظ، 'هلڻ' ۽ 'لکڻ' وغيره جهڙين صورتن مان صادر نٿو ٿئي يا ڦٽي نٿو نڪري، پر حقيقت ۾ 'هَلُ' ۽ 'لکُ' يا اهڙيون ٻيون صورتون ئي 'ڌاتو'/'بنيادي صورتون' يا 'مُول' آهن، جن جي پويان '-اَڻ' يا '-اِڻ' پڇاڙيون ملائي 'هلڻ'، 'لکڻ' ۽ 'ڏاهڻ' وغيره صورتون ناهيون ويون آهن. ۽ تنهنڪري اهو پڻ ياد رکڻ گهرجي ته 'هَلڻ'، 'لکڻ'، 'پڙهڻ' ۽ 'ڏاهڻ' وغيره جهڙيون سڀيئي صورتون، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ 'ڌاتوءَ/ بنياد' يا 'مُول' (root) طور ڪم نٿيون اچن، پر اهي صورتون ته پاڻ بہ ڪن 'ڌاتن' يا بنيادن/ 'مولن' مان ڦٽي نڪتيون آهن، يعني ته اِهي صورتون خودِ بہ 'صادر ٿيل' يا 'ڦٽي نڪتل' صورتون آهن.

3_ 'مصدر' يا ڌاتو نقط فعل جا نہ ٿيندا آهن:

(i) هن سلسلي ۾ غور طلب هڪ اهم نقطو هيءَ آهي ته سنڌي وياڪرڻين شايد "ائين سمجهيو آهي ته 'مصدر' يا 'ڌاتو' يا 'مول' يا 'root' فقط فعلن جا ئي ٿيندا آهن، پر حقيقت هيءَ آهي ته 'ڌاتو' فعل جا بہ ٿيندا آهن ته وري ڪي اسم بہ ڌاتو بنجي، 'ڪردنتن' يا 'مشتق' جي 'ساخت'/ بناوت/ رچنا ۾ ڪم ايندا آهن، جيئن اڳتي هلي علم

صرف واري باب ۾ 'نون لفظن ناهڻ جون واٽون' واري حصي ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(ii) اڳتي علم صرف واري باب ۾ ڏسنداسين ته ڪي اسم به ڌاتوءَ طور ڪم ايندا آهن ته وري ڪي صفتون به ڌاتوءَ طور استعمال ٿينديون آهن. جيئن ڪن اسمن مان صفتون نهنديون آهن، ته وري ڪن صفتن مان اسم به نهندا آهن. اهوئي سبب آهي جو لسانيات جي ماهرن جو رايو آهي ته "هر اها صورت، جنهن مان ٻيون صورتون صادر ٿين يا ڦٽي نڪرن، تنهن کي 'ڌاتو'، 'بنياد يا مَوُل' يعني root چئبو: مثال طور:

'اُٺ' صورت اسم آهي؛ 'اوٺي' صورت، اُن (اُٺ) صورت يعني 'اُٺ' صورت مان ڦٽي نڪتل يا صادر ٿيل ٻي صورت آهي، تنهنڪري 'اُٺ' صورت، 'اوٺي' صورت جو 'ڌاتو'، 'بنياد' يا 'مُوَل' آهي.

(iii) انهيءَ سلسلي ۾ هڪ ٻيو مثال پيش ڪجي ٿو. 'ڏاهو' لفظ 'صفت' آهي: 'ڏاهپ'، اُن يعني 'ڏاهو' صورت مان، ڦٽي نڪتل يا صادر ٿيل صورت آهي. 'ڏاهپ' اسم آهي، تنهنڪري 'ڏاهو' صورت، 'ڏاهپ' اسم جو 'ڌاتو'، يا 'بنياد' يا 'مول'.

اهڙيءَ طرح هيٺ ٻيا مثال ڏسو:

| ڌاتو | + | پڇاڙي | = | ڦٽي نڪتل صورت |
|---|---|---|---|---|
| ڪالهه | + | اوڪو | = | ڪالهوڪو |
| ڪالهه | + | اُوٺو | = | ڪالهوٺو |
| وڏو | + | پَڻ | = | وڏپڻ |
| وڏو | + | تَڻ | = | وَڏتُڻ |

اهڙيءَ طرح اهڙا ٻيا به هزارين مثال آهن، پر هن باب ۾ فقط 'فعلي ڌاتوءَ' تي بحث ڪرڻو آهي.

(iv) هن سلسلي ۾، سر گريئرسن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب، 'Linguistic Survey of India' جي جلد انين ۾، حصي پهرئين (ڇاپو پهريون) جي صفحي 74 تي لکي ٿو ته:

"اسان ڏٺو آهي ته امر جي حاضر واحد صورت 'اُ' يا 'اِ' سان ڦري ٿي. فعل جي ڌاتوءَ لاءِ، امر جي حاضر واحد صورت جون اِهي پڇاڙيون (اعرابون) ڪيرائيبيون آهن، مثال طور:

| امر حاضر واحد | فعل جو ڌاتو |
|---|---|
| هَلُ | هَل |
| مارِ | مار |

## 3. حاصل مصدر:

(الف) مٿي چيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين جي مڃيل اصطلاح موجب 'هلڻ' ۽ 'لکڻ' صورتون 'مصدر' آهن، ۽ اُنهن صورتن مان 'اَڻ' ڪڍي ڇڏبو ته باقي وڃي 'اَمر' نهندو، پر سر گريئرسن ۽ روسي ماهر ايگو رووا (سنڌي ٻوليءَ ص 74) جي راءِ، هن سلسلي ۾، سنڌي

وياڪرڻين جي راءِ ڪان بلڪل 'اُبتڙ' آهي. هوُ (سرگريئرسن ۽ ايگو رووا)، 'ڌاتوءَ ڪي 'root' ٿا ڪوٺين. هنن پنهنجن مذڪوره ڪتابن جي صفحي 48 ۽ 74 تي، 'root' ۽ 'infinitive' کي ٻه ڌار ڌار صورتون ڪري بيان ڪيو آهي. سر گريئرسن infinitive لاءِ لکي ٿو ته:

"Infinitive is formed by adding اڻ to the root as in هلڻ to go".

سر گريئرسن جي هن راءِ مان ثابت ٿو ٿئي ته 'هَلڻ' صورت کي 'ڌاتو' يا 'مصدر' يعني (root) نه چئبو، پر 'هَل' صورت کي 'ڌاتو' چئبو. 'هلڻ' صورت ته پاڻ، 'هَل' ڌاتوءَ مان ڦٽي نڪتل هڪ 'صورت' آهي، جنهن کي هو به اردو زبان جي وياڪرڻين وانگر 'حاصل مصدر' ٿو سڏي.

(ب) روسي ماهره ڊاڪٽر ايگورووا infinitive جي صفحي 74 تي وصف بيان ڪندي لکي ٿي ته:

"The infinitive is formed by adding the suffix – ana [اَڻ] to the stem of the intransitive verb (including the passive). For instance: هل- هلڻ. ڳائج- ڳائجڻ In the case of the transitive verb (the causative verb included) the suffix added is – inu [اِڻ]. For instance ڪَرا- ڪرائڻ. ڳا- ڳائڻ(74)".

(ت) هن راءِ ڪان پوءِ هيٺن چئبو ته 'سنڌي وياڪرڻ' ۾، مصدر جي ڏنل پراڻيءَ وصف کي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. پراڻيءَ وصف موجب 'هلڻ'، 'اَچڻ' ۽ 'لکڻ' وغيره صورتون مصدر آهن، جن مان 'اَڻ' يا 'اِڻ' پڇاڙين جي ڪڍي ڇڏڻ سان، 'امر' ٺهندو آهي؛ پر موجوده وصف موجب هيٺن چئبو ته:

فعل جي 'ڌاتوءَ' يا 'بنياد' يعني root جي پٺيان 'اَڻ' يا 'اِڻ' پڇاڙيون ملائڻ سان، جيڪا صورت ٺهي ٿي، تنهن کي 'حاصل مصدر' يعني 'infinitive' چئبو آهي؛ مثال طور:

| ڌاتو/ مصدر/ مُول | + | پڇاڙي/ علامت | = | حاصل مصدر |
|---|---|---|---|---|
| لِکَ | + | - اَڻ | = | لِکَڻ |
| پڑهَ | + | - اَڻ | = | پڑهڻ |
| مارِ | + | - اِڻ | = | مارِڻ |
| ڌاهِ | + | - اِڻ | = | ڌاهِڻ |

(ث) ڪاڪو ڀيرومل 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' (ڇاپو ٻيون) ۾ صفحي 99 تي 'مصدر جوڙڻ جون واٽون' عنوان هيٺ لکي ٿو ته:

"مصدر خود ڌاتوءَ مان هيٺينءَ ريت ٺهي ٿو:

هَلڻ = هل + اَڻ

مارڻ = مارِ + اِڻ

كائڻ = كا+ اِڻ

ڏائڻ = ڏا + اِڻ

حقيقت ۾، جنهن صورت کي ڪاڪي ڀيرومل 'مصدر' سڏيو آهي، اُنهيءَ ساڳيءَ صورت کي سر گريئرسن 'حاصل مصدر' ٿو سڏي.

(ج) (i) پارت ۾ رهندڙ سنڌي لسانيات جي جڳ مشهور سنڌي عالم ڊڪاٽر مرليڌر جيٽليءَ جو انهيءَ ڏِس ۾ رايو آهي تہ:

"هند- آريائي ٻولين جا ماهر، هن راءِ جا آهن تہ هند- آريائي سڀني ٻولين ۾، فعل جو بنياد 'حاضر واحد جي امري صورت' (Imp: Second Person Singular) آهي. سنڌيءَ ۾ بہ فعل جو ڌاتو، حاضر واحد جي امري صورت مان ورتو ويندو. انڊو- آريائي ٻولين ۾ فعل جو ڌاتو ڪنهن بہ پڇاڙيءَ لڳائڻ کان سواءِ ئي، صيغي 'امر جي عدد واحد' ۾ استعمال ٿيندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾، فعل جو ڌاتوئي صيغي امر جي عدد واحد جي معنيٰ ڏيندو آهي. مثال طور هندي/ اردو زبان ۾:

آ- ي + آ = آيا

آ- ت + آ = آتا

آ- اُون — گ + آ = آئونگا

(ii) پر سنڌي ٻوليءَ ۾، صيغي 'امر عدد واحد' جي معنيٰ، ڌاتوءَ ۾ پڇاڙي لڳائڻ سان حاصل ٿئي ٿي؛ مثال طور:

پڙهہ + آن = پڙهان

پڙهُ + اي = پڙهي

پڙهُ + اِي = پڙهِي

انهن مثالن ۾ 'پڙهہ'- ڌاتو آهي، ۽ 'آن'، 'اي' ۽ 'اِي' پڇاڙيون آهن. اهڙيءَ طرح ٻيا مثال ڏسو:

| ڌاتو | حاضر واحد جي امري صورت |
|---|---|
| آ | آءُ |
| لِک | لِکُ |
| ڊاهہ | ڊاهِ |
| کا | کاءُ |
| اَچ | اَچُ |

(iii) ڪاڪي ڀيرومل، سندس مذڪوره ڪتاب جي صفحي 105 تي، 'امر جوڙڻ جون واٽون' واري عنوان هيٺ لکيو آهي تہ:

"ڌاتوءَ جي پٺيان 'پيش' يعني 'اُ' (ُ) يا 'زير' يعني 'اِ' (ِ) گڏڻ سان 'امر واحد' نهي ٿو."

هن پوريءَ وضاحت کان پوءِ هيئن چئبو تہ 'فعل جو بنياد' ضمير حاضر واحد جي امري صورت آهي.

**2_ امر جو تفصيلي ابياس:**

(الف) امر جي معنيٰ آهي حڪم. امر جي وياڪرڻي ڪارج کي سمجهڻ لاءِ پهرين هيٺ ڏنل جملا پڙهو، ۽ جن جن لفظن هيٺان ليڪ ڏنل آهي، اُنهن تي سوچيو:

(i) ماني کاءُ.

(ii) ماٺ ڪر.

(iii) روزانہ ورزش ڪر.

(iv) هَٿَ صاف رکُ.

(v) سويل سُمهہ ۽ سويل اُٿُ.

(vi) ڇوڪرا هيڏانهن اَچ.

انهن جملن ۾ 'کاءُ'، 'ڪَرَ'، 'رکُ'، 'سُمهہ'، 'اُٿُ' ۽ 'اچ' لفظ 'فعلن' طور ڪم آيا آهن. اهي فعلِ 'ڪم ڪرڻ' جو مفهوم ادا ڪن ٿا. انهن فعلن مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ ڪنهن ضمير حاضر واحد (تون) کي حڪم ڏنو ويو آهي.

(ب) انهيءَ ڪري اهو ياد رکڻ گهرجي تہ اُهي لفظ جيڪي ڪنهن حاضر واحد يا حاضر جمع کي حڪم ڏيڻ لاءِ استعمال ڪيا ويندا آهن، تن کي، سنڌي وياڪرڻ ۾، 'امر' چئبو آهي، يعني 'امر' جي معنيٰ آهي 'حڪم'.

مٿي ڏنل جملن ۾ ڪم آيل 'امر'، امر حاضر واحد طور ڪم آيا آهن.

(ٿ) امر جي ڪارج ۽ مفهوم کي سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل وڌيڪ جملا پڙهو:

(i) هوڏانهن وَڃ.

(ii) تکو ڊوڙ.

(iii) بورڊ تي لک.

(iv) ڪتاب پڙهہ.

انهن جملن ۾ 'وڃ'، 'ڊوڙ'، 'لک' ۽ 'پڙهہ'، امر حاضر واحد جا مثال آهن، ۽ انهن جو 'فاعل' (ڪم جو ڪندڙ)، هميشہ ضمير حاضر واحد (تون) هوندو آهي.

انهن جملن ۾ 'وڃ' مان مراد آهي 'تون وڃ'. 'ڊوڙ' مان مراد آهي 'تون ڊوڙ'؛ 'لک' مان مراد آهي 'تون لک' ۽ 'پڙهہ' مان مراد آهي 'تون پڙهہ'.

تنهنڪري هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ ڪنهن بہ جملي ۾ جيڪڏهن فعلُ امر واحد جي صيغي ۾ استعمال هوندو تہ اُن جو فاعل بہ حاضر واحد 'تون' هوندو، پوءِ چاهي اُن جملي ۾

’تون‘ ضمير، ’فاعلي‘ جي روپ ۾ ظاهري طور هجي يا نہ.

(ث) امر حاضر واحد واري لفظ جي آخر ۾ ٻن اعرابن ’اُ‘ يا ’اِ‘ مان، ڪابہ هڪ اعراب ڪم ايندي آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ سنڌي وياڪرڻ ۾ امر حاضر واحد جون ٻہ صورتون ڪم ايندڙ آهن. اُنهن مان هڪ صورت اُها آهي، جنهن جي آخر ۾ ’اُ‘ اعراب هوندي آهي، ۽ ٻي اُها صورت آهي، جنهن جي آخر ۾ ’اِ‘ اعراب ڪم ايندي آهي؛ مثال طور:

| ’اُ‘ اعراب وارا امر حاضر واحد | ’اِ‘ اعراب وارا امر حاضر واحد |
|---|---|
| لِکُ | مارِ |
| پڙهُ | لاهِ |
| ڊوڙُ | هارِ |
| کاءُ | ڍاهِ |

(ج) اها ڳالهہ توجهہ ڏيڻ جي لائق آهي تہ سنڌي وياڪرڻ ۾، امر حاضر واحد جا ڪي (ٽي يا چار) اهڙا مثال بہ ملن ٿا، جن ۾ امر حاضر واحد جي آخر ۾ ’اي‘ يا ’او‘ اعرابون بہ ڪم ايندڙ آهن؛ مثال طور:

**امر حاضر واحد**

ڏي

ني

رو

ڌو

**2_ امر حاضر جمع:**

(الف) سنڌي ٻوليءَ جي جملن ۾ ’امر حاضر واحد‘ وانگر، ’امر حاضر جمع‘ جا بہ ڪيترائي مثال ملن ٿا؛ جيئن:

(i) ڇوڪرا جلدي اچو.

(ii) هي سبق پڙهو.

(iii) آهستي ڊوڙو.

(iv) هتان ڪيڏانهن بہ نہ وڃو.

(v) هي ڪم جلدي ڪريو.

(vi) دوستن کي ڪتاب ڏيو.

انهن جملن ۾ ’اچو‘، ’پڙهو‘، ’ڊوڙو‘، ’وڃو‘، ’ڪريو‘ ۽ ’ڏيو‘ اُهي فعل آهن جيڪي هڪ کان وڌيڪ حاضر ماڻهن کي ڪم ڪرڻ لاءِ حڪم طور استعمال ڪيا ويا آهن. اهي لفظ امر جا مثال

آهن. اِهي امر حاضر جمع جي صورت ۾، فعل طور ڪم آيا آهن. انهن فعلن سان ضمير حاضر جمع جون صورتون 'توهين' يا 'اوهين'، فاعل جي صورت ۾ استعمال ٿيون آهن. جملن ۾ (سواءِ پهرئين جملي جي) فاعل ظاهر نہ آهي، پر اُنهن جو مفهوم ظاهر آهي.

(ب) مٿين جملن ۾ اوهان ڏٺو تہ 'امر حاضر واحد' جون اُهي صورتون، جن جي آخر ۾ 'اُ' اعراب ڪم ايندي آهي، اُنهن 'امر حاضر واحد' جون امر حاضر جمع صورتون ناهڻ لاءِ، 'اُ' اعراب کي، 'او' اعراب ۾ ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي؛ ۽ اُهي 'امر حاضر واحد' صورتون، جن جي آخر ۾ 'اِ' اعراب هوندي آهي، اُنهن جون 'امر حاضر جمع' صورتون ناهڻ لاءِ، 'اِ' اعراب کي 'يو' اعراب ۾ بدلايو ويندو آهي؛ جيئن:

| 'اُ' اعراب وارا امر حاضر واحد | امر حاضر جمع صورتون |
|---|---|
| پڙهُ | پڙهو |
| لک | لکو |
| ڊوڙ | ڊوڙو |
| اَچُ | اچو |
| کاءُ | کائو |

| 'اِ' اِعراب واريون امر حاضر واحد صورتون | امر حاضر جمع صورتون |
|---|---|
| مارِ | ماريو |
| ساڙِ | ساڙيو |
| ڪَرِ | ڪريو |
| ڊاهِ | ڊاهيو |

هيءَ ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ کپي تہ جن امري صورتن جي پڇاڙيءَ 'اي' اعراب ڪم آندي ويندي آهي،اُنهن جون جمع صورتون بہ 'يو' ملائڻ سان ٺهنديون آهن.

**3_ امر جا قسم:**

امر حاضر کان سواءِ، امر جا ٻيا بہ قسم آهن؛ اُهي هي آهن:

(1) امر استقبال يا امر ديرينہ، (2) امر نيازي، (3) امر تمنا، (4) امر نفي يا انڪاري ۽ (5) امر مُدامي.

هيٺ هر قسم جي تفصيلي وضاحت ڏجي ٿي.

**(i) امر استقبال:**

(الف) امر استقبال کي 'امر ديرينو' بہ چوندا آهن. امر جي هن قسم کي سمجهڻ لاءِ هيٺيان جملا پڙهو:

(i) خط لکج.
(ii) مون کي ياد ڪج.
(iii) سوير اُٿج.
(iv) روزانہ ورزش ڪجو.
(v) اسڪول ضرور وڃجو.

انهن مثالن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ امر جون اهي صورتون، جن مان اهو ظاهر ٿئي تہ ڪنهن ضمير حاضر واحد يا ڪن حاضر جمع ضميرن کي تاڪيد ڪيو وَيو آهي تہ اُهي 'مستقبل' يعني 'ايندڙ وقت' ۾ اِهو ڪم ضرور ڪن. امر جي اهڙيءَ صورت کي 'امر استقبال' چئبو آهي.

(ب) اهو ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌي زبان ۾، 'امر استقبال' جي علامت 'ج' پڇاڙي آهي، جيڪا 'امر حاضر واحد' جي پٺيان ملائي ويندي آهي؛ پر 'امر حاضر جمع' جي صورت ۾، 'ج' علامت کي، 'جو' علامت ۾ بدلايو ويندو آهي؛ مثال طور:

| امر حاضر واحد | | امر استقبال حاضر واحد | | امر استقبال حاضر جمع | |
|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| سياڻي اچ | سياڻي اچ | سياڻي اچج | سياڻي اچج | سياڻي اچجو | سياڻي اچجو |
| خط لک | خط لک | خط لکج | خط لکج | خط لکجو | خط لکجو |

انهن مثالن مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ امر حاضر جون ٻئي صورتون، جنس جي صيغي ۾ نٿيون بدلجن.

### (ii) امر نيازي:

(الف) اَمر جون اُهي صورتون جن ۾ حڪم جي انداز ۾ بہ 'عاجزي' ۽ 'نياز' يا 'نمرتا' هجي، تہ امر جي اهڙي قسم کي 'امر نيازي' چئبو آهي، مثال طور:

| امر حاضر | امر نيازي حاضر واحد | امر نيازي حاضر جمع |
|---|---|---|
| ڪاءُ | کائج | کائجو |
| پڙهہ | پڙهج | پڙهجو |
| لک | لکج | لکجو |
| ڪر | ڪج | ڪجو |

انهن مثالن ۾ 'کائج' ۽ 'کائجو'، 'پڙهج' ۽ 'پڙهجو'، 'لکج' ۽ 'لکجو'، 'ڪج' ۽ 'ڪجو'، 'امر نيازيءَ' جي صيغي جا مثال آهن. امر جي انهن مثالن مان هيءَ معنيٰ ٿي نڪري تہ مهرباني

ڪري 'هي ڪم ڪج' يا 'هي ڪم ڪجو'.

(ب) تنهنڪري ياد رکڻ گهرجي تہ امر جون اهي صورتون، جن مان 'نياز'، 'عاجزي' يا 'نمرتا' جو مفهوم نڪري تہ امر جي اهڙي قسم کي 'امر نيازي' چئبو آهي.

(ت) هيءُ نقطو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ 'امر استقبال' ۽ 'امر نيازيءَ' جي 'ساخت' ۽ 'مفهوم' ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي؛ جيئن:

| امر حاضر واحد | | امر استقبال | | امر نيازي | |
|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| خط لک | خط لکو | خط لکج | خط لکجو | خط لکج | خط لکجو |
| سياڻي اچ | سياڻي اچو | سياڻي اچج | سياڻي اچجو | سياڻي اچج | سياڻي اچجو |
| هاڻي ڏاهہ | هاڻي ڏاهيو | هاڻي ڏاهِج | هاڻي ڏاهجو | هاڻي ڏاهہ | هاڻي ڏاهجو |

انهن مثالن مان ظاهر ٿو ٿئي تہ 'امر استقبال' ۽ 'امر نيازيءَ' جي گهاڙيٽي ۽ مفهوم ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي.

**(iii) امر تمنا:**

(الف) امر جي اها صورت جنهن مان 'خواهش' يا 'تمنا' جو مفهوم نڪري، امر جي اهڙي قسم کي 'امر تمنا' چئبو آهي، مثال طور:

| امر حاضر واحد | امر تمنا |
|---|---|
| پڙهہ | پڙهجانءِ. |
| لک | لکجانءِ. |
| ڊوڙ | ڊوڙجانءِ. |
| ڪر | ڪجانءِ |

(ب) اهو ياد رکڻ گهرجي تہ 'امر تمنا'، امر استقبال مان ٺهندو آهي. 'امر استقبال' جي صورت جي پڇاڙيءَ، 'آنءِ' علامت يا پڇاڙي ملائڻ سان، 'امر تمنا' ٺهندو آهي، جيئن:

| امر حاضر واحد | امر استقبال حاضر واحد | امر تمنا حاضر واحد |
|---|---|---|
| پڙهہ | پڙهج | پڙهجانءِ |
| مِل | مِلج | ملجانءِ |
| ڪر | ڪج | ڪجانءِ |
| ڏاهِ | ڏاهج | ڏاهجانءِ |

(ت) (i) پر 'امر تمنا' جي جمع صورت، 'امر استقبال' جي جمع صورت جهڙي آهي، ٻنهي صورتن ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي؛ مثال طور:

| امر حاضر واحد | | امر استقبال | | امر تمنا | |
|---|---|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| لک | لکو | لکج | لکجو | لکجانءِ | لکجو |
| ڪر | ڪريو | ڪج | ڪجو | ڪجانءِ | ڪجو |

(ii) هيءَ ڳالهہ بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لاڙي، ڪڇي ۽ ٿري لهجن ۾، امر تمنا جي جمع صورت ۾ احترام لاءِ 'لکجو' جي بدران 'لکجا'، 'ڪجو' جي بدران 'ڪجا' ۽ اهڙيءَ طرح ٻيون صورتون بہ ڪم آڻيون آهن.

## (iv) امر نفي يا امر اِنڪاري:

(الف) امر جي اها صورت، جنهن مان 'انڪار' يا 'نفيءَ' جو مفهوم ظاهر ٿئي تہ امر جي اهڙيءَ صورت کي 'امر نفي' يا 'امر انڪاري' چئبو آهي، مثال طور:

(i) هي ڪم نہ ڪر.

(ii) هي ڪم نہ ڪج.

(iii) هي ڪم نہ ڪجانءِ.

(iv) هن سان نہ ملج.

(v) اِهو ڪاڏو مَ کاءُ.

(ب) ڊاڪٽر شرف الدين اصلاحيءَ پنهنجي ڪتاب جي 309 تي 'امر نفيءَ' جو هڪ اهڙو نمونو بہ ڏنو آهي جنهن ۾ لفظ 'متان' مثال طور ڏنو آهي. 'متان' لفظ مان بہ 'انڪار' جو مفهوم نڪري ٿو، جيئن:

(i) متان وڃين.

(ii) اهو ڪم متان ڪرين.

امر جي انهن مثالن ۾، امر جي اڳيان 'نہ'، 'مَ' يا 'متان' لفظ ڪم آندا ويا آهن. انهن جملن ۾ 'نہ'، 'مَ' ۽ 'متان' جو مفهوم 'انڪار' آهي. امر جي اهڙين صورتن کي 'امر نفي' يا 'امر انڪاري' چئبو آهي.

(ت) امر نفيءَ وارن جملن ۾ 'مَ'، 'نہ' ۽ 'متان' صورتن جي مفهوم ۾، ڪجهہ فرق بہ آهي (ڪاڪو ڀيرومل، ص 106) ڪنهن بہ جملي ۾ 'نہ' جو استعمال بلڪل ناڪار جي معنيٰ ٿو ڏيکاري، جڏهن تہ 'مَ' ۽ 'متان' لفظن ۾ 'منع' يعني 'جهَل' يا 'روڪ' جي معنيٰ وارو مفهوم آهي، بلڪل انڪار وارو مفهوم نہ آهي.

## (v) امر مدامي يا استمراري:

(الف) جڏهن ڪنهن حاضر واحد فاعل کي اهڙو حڪم ڏنو وڃي، جنهن ۾ هن جو ڪم دائما جاري

رهي ٿـ امر جي اهڙيءَ قسم کي 'امر مدامي' يا 'امر استمراري' چئبو آهي: مثال طور:

(i) ماني پيو کاءُ.

(ii) ڪتاب پيو پڙهه.

(iii) ڪم وينو ڪر.

(iv) ڊوڙون پيو پاءِ.

(v) ڊوڙون وينو پاءِ.

انهن مثالن جي مطالعي مان هي ٿو ظاهر ٿئي ته 'امر مدامي' يا 'امر استمراريءَ' لاءِ امر حاضر واحد جي پٺيان 'پيو' يا 'وينو' ۽ امر حاضر جمع جي صورتون 'پيا' ۽ 'وينا' علامتون يا پڇاڙيون ملايون وينديون آهن: جيئن:

**امر استقبال**

| واحد | جمع |
|---|---|
| کاءُ | کائو |
| پڙهه | پڙهو |

**امر مدامي / امر استمراري**

| واحد | جمع |
|---|---|
| وينو کاءُ | پيا کائو |
| وينو کاءُ | وينا کائو |
| پيو پڙهه | پيا پڙهو |
| وينو پڙهه | وينا پڙهو |

(ت) هيءُ نقطو نوٽ ڪرڻ ضروري آهي ته، امر مدامي/ استمراريءَ جي صيغي ۾ جنس مؤنث ۾ پنهنجو ڦيرو ڏيکاريندو آهي، جيئن:

**امر استقبال**

| واحد: مذڪر | واحد: مؤنث | جمع: مذڪر | جمع: مؤنث |
|---|---|---|---|
| کاءُ | کاءُ | کائو | کائو |

**امر مدامي / امر استمراري**

| واحد: مذڪر | واحد: مؤنث | جمع: مذڪر | جمع: مؤنث |
|---|---|---|---|
| پيو کاءُ | پيئي کاءُ | پيا کائو | پيئون کائو |
| وينو کاءُ | ويني کاءُ | وينا کائو | وينيون کائو |

4. متي ڏنل مثالن مان ظاهر ٿو ٿئي ته، ’امر استقبال‘، ’امر نيازي‘ ۽ ’امر تمنا‘ جي ساخت ۽ صورتن ۾ هڪجهڙائي آهي. انهن ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي، پر تنهن هوندي بہ سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن انهن جا نالا جدا جدا رکيا آهن. هيٺ ڏنل چارٽ ۾ امر جي انهن ٽنهي قسمن جي استعمال جو اڀياس ڪريو:

امر جي ڌار ڌار قسمن جا جيڪي مثال ڏنا ويا آهن، انهن کي هيٺ هڪ چارٽ ۾ پيش ڪيو ويو آهي. انهن مثالن مان معلوم ٿيندو تہ امر استقبال‘، ’امر نيازي‘ ۽ ’امر تمنا‘ جي ساخت ۾ هڪجهڙائي آهي.

| ذاتو مصدر | امر حاضر | | امر استقبال | | امر نيازي | | امر تمنا | | امر نفي | | امر مدامي/ استمراري | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع | واحد | جمع |
| لکَ | لکُ | لکو | لکج | لکجو | لکج | لکجو | لکجانءِ | لکجو/لکجا | نہ لک | نہ لکو | پيو لک وينولک | پيا لکو وينا لکو |
| ٻوڙَ | ٻوڙُ | ٻوڙو | ٻوڙج | ٻوڙجو | ٻوڙج | ٻوڙجو | ٻوڙجانءِ | ٻوڙجو/ٻوڙجا | نہ ٻوڙ | نہ ٻوڙو | پيو ٻوڙ وينو ٻوڙ | پيا ٻوڙو وينا ٻوڙو |
| مارِ | مارِ | ماريو | مارج | مارجو | مارج | مارجو | مارجانءِ | مارجو/مارجا | نہ مار | نہ ماريو | پيو مار وينو مار | پيا ماريو وينا ماريو |
| ڏاهَہ | ڏاهِہ | ڏاهِيو | ڏاهِج | ڏاهِجو | ڏاهج | ڏاهجو | ڏاهجانءِ | ڏاهجو/ڏاهجا | نہ ڏاهِہ | نہ ڏاهِيو | پيو ڏاهِہ وينو ڏاهِہ | پيا ڏاهيو وينا ڏاهِيو |

**فعل جا قسم:**

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اصولن موجب فعل جا ٻه قسم ٿيندا آهن، اُهي آهن:

1- فعل لازمي ۽ 2- فعل متعدي.

انهن ٻنهي قسمن جا وري اڳتي وڌيڪ قسم آهن، جيئن:

(الف) (i) فعل لازمي معروف ۽ (ii) فعل لازمي مجهول

(ب) فعل متعديءَ جا ٽي قسم آهن:

(i) فعل متعدي معروف، (ii) فعل متعدي مجهول ۽ (iii) فعل متعدي بالواسطه.

(ت) فعل متعدي بالواسطه جا ٽي قسم آهن:

(i) فعل متعدي بالواسطه، (ii) فعل متعدي ٻٽو بالواسطه ۽ (iii) فعل متعدي ڏُهرو ٻٽو بالواسطه.

هيٺ ڏنل چارٽ ۾، فعل جي انهن مڙني قسمن کي ڏيکاريو ويو آهي:




هيٺ انهن سڀني قسمن مان هرهڪ کي، بالواسطه تفصيلي طور، مثالن سان سمجهايو ويو آهي، البت فعلن جي مجهولي صورتن کي، فعل جي زمانن جي سمجهاڻ کان پوءِ، سمجهايو ويندو. ڇاڪاڻ ته فعلن جي مجهولي صورتن جو گهڻو مدار، زمانن جي گهاڙيٽن تي آهي.

**(1) فعل لازمي معروف:**

(الف) فعل جو هيءُ اهو قسم آهي جنهن ۾ فعل سان فقط فاعل هوندو آهي، يعني فعل لازميءَ سان ڪوبه مفعول ڪونه هوندو آهي، مثال طور:

(i) آءٌ هلان ٿو.

(ii) اسين ڊوڙون ٿا.

(iii) ڇوڪري وڃي ٿي.

(iv) ڇوڪرا اچن ٿا.

انهن جملن ۾، 'هلان'، 'ڊوڙون'، 'وڃي' ۽ 'اچن' لفظ فعل آهن. انهن جملن ۾ 'آءٌ'، 'اسين'، 'ڇوڪري' ۽ 'ڇوڪرا' لفظ، فاعلن طور ڪم آيا آهن. فاعل جي معنيٰ آهي ڪم جو ڪندڙ.

انهن جملن ۾ ڪوبہ لفظ، مفعول جي صورت ۾ ڪم نہ آيو آهي. مفعول جي معنيٰ آهي، جنهن اسم يا ضمير تي ڪو ڪم ٿئي يا ڪو ڪم ٿيو هجي.

انهيءَ ڪري اُهي فعل، جن سان جملن ۾ فاعل ڪم آيا هجن، پر مفعول ڪم نہ آيا هجن، اهڙن فعلن کي، 'فعل لازمي' چئبو آهي.

(ب) مٿي ڏنل جملن ۾ اوهان ڏٺو تہ لازمي فعل، پنهنجن فاعلن سان، عدد ۽ جنس ۾ گردان ڪن ٿا، يعني ڦرن ٿا، مثال طور:

### فعل لازمي معروف

- فاعل مذڪر: واحد، جمع
- فاعل مؤنث: واحد، جمع

| فاعل مذڪر – واحد | فاعل مذڪر – جمع | فاعل مؤنث – واحد | فاعل مؤنث – جمع |
|---|---|---|---|
| آءٌ هلان ٿو. | اسين هلون ٿا. | آءٌ هلان ٿي | اسين هلون ٿيون |
| ڇوڪرو ڊوڙي ٿو. | ڇوڪرا ڊوڙن ٿا. | ڇوڪري ڊوڙي ٿي | ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون |

انهن مثالن ۾ فعلَ پنهنجن فاعلن سان عدد ۽ جنس ۾ ڦِريا آهن يعني گردان ڪيو اٿن.

**(2) فعل متعدي معروف:**

(الف) اُهي فعل، جن سان جملن ۾ مفعول بہ شامل هجن، اهڙن فعلن کي فعل متعدي چئبو آهي، مثال طور:

(i) مان خط لکان ٿو.

(ii) مان خط لکان ٿي.

(iii) اسين سبق پڙهون ٿا.

(iv) اسين سبق پڙهون ٿيون.

(v) ڇوڪر خط لکي ٿو.

(vi) ڇوڪرا خط لکن ٿا.

(vii) ڇوڪري خط لکي ٿي.

(viii) ڇوڪريون خط لکن ٿيون.

انهن جملن ۾ ’لڪان‘، ’لڪون‘، ’پڙهون‘، ’لکي‘ ۽ ’لکن‘ لفظ فعل آهن. انهن جملن ۾ ’مان‘، ’اسين‘، ’ڇوڪر‘، ’ڇوڪرا‘، ’ڇوڪري‘ ۽ ’ڇوڪريون‘ لفظ، فاعلن طور ڪم آيا آهن، جڏهن تہ ’خط‘ ۽ ’سبق‘ لفظ مفعولن طور استعمال ٿيا آهن، ڇاڪاڻ تہ ’خط‘ تي لکڻ جو ڪم ٿيو آهي ۽ ’سبق‘ تي پڙهڻ جو ڪم ٿيو آهي.

انهيءَ ڪري چئبو تہ اُهي فعل جن سان مفعول بہ ڪم آيا هجن، اهڙن فعلن کي ’متعدي فعل‘ چئبو آهي.

(ب) متعدي فعل بہ، لازمي فعلن وانگر، عدد ۽ جنس جي صيغي ۾ گردان ڪن ٿا، يعني ڦرن ٿا.

**(ت) فعل متعديءَ جا قسم:**

فعل متعديءَ جا وري ٽي قسم آهن، جيئن:




**(ث) ڪيترن ئي لازمي فعلن مان، متعدي فعل ٺهن ٿا:**

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪيترائي متعدي معروف فعل، لازمي معروف فعلن مان ٺهندا آهن. متعدي فعلن جي اهڙن گهاڙيٽن لاءِ بہ وياڪرڻ جي ماهرن ڪي قانون مقرر ڪيا آهن، مثال طور:

| **فعل لازمي معروف** | **فعل متعدي معروف** | **فعل لازمي معروف** | **فعل متعدي معروف** |
|---|---|---|---|
| مَر | مارِ | ٺَر | ٺارِ |
| سَڙ | ساڙِ | ٺَهہ | ٺاهِ |
| ٽَر | ٽارِ | ڍَهہ | ڍاهِ |

(i) انهن مثالن جي مطالعي مان هي ٿو معلوم ٿئي تہ اُهي لازمي ’فعل‘ جن جي پهرئين پد ۾ ’اَ‘ اعراب متعدي ’فعل‘ ٺاهڻ لاءِ، لازمي فعلن جي ڌاتو (root) جي پهرئين ’پد‘ (syllable) واريءَ ’اَ‘ اعراب کي، ’آ‘ اعراب ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي: جيئن:

ٻَر > ٻار سَڙ > ساڙ

ٽَڙ > ٽار ٺَهہ > ٺاهہ

(ii) ٻيو قانون هيءُ آهي تہ اهڙا 'لازمي فعل'، جن جي پهرئين 'پد' (syllable) ۾ 'اِ' اعراب هوندي آهي، اُنهن جي فعل متعدي ناهڻ لاءِ، اُن جي 'اِ' اعراب کي 'اي' اِعراب ۾ بدلائبو آهي، جيئن:

| فعل لازمي معروف | فعل متعدي معروف |
|---|---|
| ڦِر | ڦير |
| رِڙھ | ريڙھ |
| هِر | هير |

(iii) ٽيون قانون هيءُ آهي تہ اُهي فعل لازمي، جن جي پهرئين پد ۾ 'اُ' اعراب هوندي آهي، اُنهن مان فعل متعدي ناهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اُ' اعراب کي، 'او' اعراب ۾ بدلائبو آهي؛ جيئن:

| فعل لازمي | فعل متعدي معروف |
|---|---|
| پُر | پور |
| جُڙ | جوڙ |
| چُر | چور |
| مُڙ | موڙ |
| رُڪ | روڪ |

(iv) چوٿون قانون هيءُ آهي تہ اُهي 'لازمي فعل'، جن جي ٻئي 'پد' ۾ 'اِ' اعراب ڪم ايندي آهي، اُنهن جي فعل متعدي ڊاهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اِ' اعراب کي 'آ' اعراب ۾ مٽائبو آهي؛ جيئن:

| فعل لازمي معروف | فعل متعدي معروف |
|---|---|
| ٻَٽِر | ٻَٽارِ |
| وِسِر | وسارِ |
| اُٻِر | اُٻارِ |
| سُڌِر | سُڌارِ |
| گُذِر | گُذارِ |

(v) پنجون قاعدو هيءُ آهي تہ اُهي لازمي فعل جن جي پنيان 'اُ' يا 'اِ' اعراب ڪم ايندي آهي، اُنهن جون فعل متعدي صورتون ناهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اُ' ۽ 'اِ' اعرابن کي 'آءِ' اِعراب ۾ تبديل ڪبو آهي؛ جيئن:

| 'اُ' اعراب وارا فعل لازمي معروف | فعل متعدي معروف | 'اِ' اعراب وارا فعل لازمي معروف | فعل متعدي معروف |
|---|---|---|---|
| چڙ | چڙاءِ | اَڏ | اَڏاءِ |
| هَٽُ | هَٽاءِ | لَڏِ | لڏاءِ |
| تَپُ | تپاءِ | آٿِ | آٿاءِ |
| ڪِلُ | ڪلاءِ | | |
| نَچُ | نچاءِ | | |
| اُڏُ | اُڏاءِ | | |

(vi) ڇهون قانون هيءُ آهي ته اُهي لازمي فعل، جن جي آخر ۾ 'اُ' اعراب هوندي آهي، فعل متعدي ناهڻ لاءِ، اُنهن جي 'اُ' اعراب کي، 'آر' پڇاڙيءَ ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي؛ جيئن:

| فعل لازمي معروف | فعل متعدي معروف | فعل لازمي معروف | فعل متعدي معروف |
|---|---|---|---|
| اُٿُ | اُٿار | سُمهُ | سُمهار |
| جيءُ | جِيئار | وِهنجُ | وِهنجار |
| ويهُ | ويهار | | |
| اُڏُ | اُڏار | | |

اهڙيءَ طرح فعل لازميءَ مان فعل متعدي ناهڻ لاءِ، فعل اندر صوتي تبديليون به ڪيبيون آهن، پر جيئن ته اهڙن قانونن جو واسطو 'علم صرف' سان آهي، تنهنڪري اهڙا مثالَ علم صرف جي 'صوتي تبديلين' واري باب ۾ ڏنا ويندا.

**(ج) فعل متعدي بالواسطہ:**

(i) مٿي فعل متعديءَ جي قسمن کي سمجهڻ لاءِ چارٽ ڏنو ويو آهي. انهيءَ چارٽ مان معلوم ٿو ٿئي ته فعل متعديءَ جو هڪ قسم آهي 'فعل متعدي بالواسطہ'. هن قسم يعني فعل متعدي بالواسطہ وارا فعل اُهي آهن، جن ۾ ڪوبه فاعل پاڻ ڪم نٿو ڪري، پر هُو اهو ڪم جو ڪيس ڪرڻو هو سو ڪنهن ٻئي 'فاعل' کان ٿو ڪرائي، مثال طور:

| فعل متعدي معروف | فعل متعدي بالواسطہ معروف |
|---|---|
| ڇوڪر خط لکي ٿو. | ڇوڪر خط لکائي ٿو. |
| ڇوڪري ڪپڙا سبي ٿي. | ڇوڪري ڪپڙا سبائي ٿي. |

انهن مثالن ۾، فعل متعدي بالواسطہ جي صورت ۾ فاعلُ پاڻ ڪم نٿو ڪري، پر اهو ساڳيو ڪم هوُ ڪنهن ٻئي فاعل کان ڪرائي ٿو. تنهنڪري فعل متعدي بالواسطہ اُنهن فعلن کي چئبو آهي

جن ۾ فاعل پاڻ ڪم نہ ڪندو آهي، پر جيڪو ڪم ڪيس ڪرڻو هوندو آهي، اهو ڪم هُو ڪنهن ٻئي فاعل سان ڪرائيندو آهي.

(ii) فعل متعدي بالواسطہ ٺاهڻ لاءِ بہ ڪي قاعدا آهن، مثال طور:

متعدي بالواسطہ فعل ٺاهڻ لاءِ، متعدي فعلن جي آخر ۾ آيل 'اِ' اعراب کي، 'آ' اعراب ۾ تبديل ڪيو ويندو آهي، مثال طور:

| فعل متعدي بالواسطہ | فعل متعدي |
|---|---|
| ساڙا | ساڙِ |
| مارا | مارِ |
| ٻارا | ٻارِ |

انهن مثالن ۾ ساڙا، مارا ۽ ٻارا فعل متعدي بالواسطہ معروف آهن. انهن فعلن ۾، ساڙ- مار- ۽ ٻارِ- متعدي معروف فعل آهن. انهن متعدي معروف فعلن جي آخر ۾ 'اِ' اعراب ڪم آيل آهي، پر ساڙ، مار ۽ ٻار متعدي معروف فعلن مان، متعدي بالواسطہ فعل ٺاهڻ لاءِ، انهن فعلن (ساڙِ، مارِ ۽ ٻار) جي آخر واري 'اِ' اعراب کي، 'آ' اعراب ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جيڪي فعلي صورتون (ساڙا- مارا- ۽ ٻارا) ٺهيون آهن اُهي متعدي بالواسطہ فعلن جا 'ڏاتو' يا بنياد' آهن. انهن سان ضمير حاضر واحد جي نشاني 'ءِ' ملائي ويندي آهي، جيئن:

| لازمي فعل جو ڏاتو | متعدي فعل جو ڏاتو | متعدي بالواسطہ فعل جو ڏاتو | ضمير حاضر واحد جي علامت | فعل جو گردان |
|---|---|---|---|---|
| سَڙ | ساڙ | ساڙا | - ءِ | ساڙاءِ |
| مَر | مار | مارا | - ءِ | ماراءِ |
| ٻَر | ٻار | ٻارا | - ءِ | ٻاراءِ |

انهن فعلن جو جملن ۾ استعمال ڏسو:

(i) مون بتي ٻارائي.

(ii) ڳوناڻن پنهنجي ڳوٺ ۾ ڏوهہ ڪٺايو آهي.

(iii) ضلعي ڪائونسل اسپتال کولائي آهي.

(iv) هن غريبن کي ماني کارائي.

(v) اُستاد، شاگردن کي صورتخطي لکائي.

(ح) **فعل متعدي ٻنو بالواسطہ (فعل متعدي المتعدي):**

سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل متعدي بالواسطہ جو هڪ وڌيڪ قسم آهي، جنهن کي فعل 'متعدي ٻنو بالواسطہ' چئبو آهي. هن قسم جي فعل (متعدي ٻني بالواسطہ) ٺاهڻ جو طريقو هيءُ آهي:

| فعل لازمي | فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ | فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ |
|---|---|---|---|
| سَڙ | ساڙ | ساڙا | ساڙارا |
| مَر | مار | مارا | مارارا |
| | لِک | لکا | لکارا |

انهن مثالن جي مطالعي مان هيءَ ڳالهه ظاهر ٿئي ٿي تہ فاعلُ پاڻ تہ ڪم نٿو ڪري، پر هُو (فاعل) اهو ساڳيو ڪم، ڪنهن ٻئي فاعل جي معرفت، ڪنهن ٽئين فاعل کان ڪرايو آهي، ۽ اهڙيءَ حالت ۾، فعل متعدي بالواسطہ پنيان 'را' علامت ڪم آندي وَئي آهي، مثال طور:

| فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ | فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ |
|---|---|---|
| (i) اما ڪپڙا سبي ٿي. | اما ڪپڙا سبائي ٿي | اما ڪپڙا سبارائي ٿي |
| (ii) ڇوڪر خط لکي ٿو. | ڇوڪر خط لکائي ٿو. | ڇوڪر خط لکارائي ٿو. |
| (iii) ڪنول مانيءَ ڪاڙي. | ڪنول ماني ڪارائي. | ڪنول ماني ڪارارائي. |
| (iv) اڪبر ڪتاب پڙهي ٿو. | اڪبر ڪتاب پڙهائي ٿو. | اڪبر ڪتاب پڙهارائي ٿو. |

**(خ) فعل متعدي ڏهرو ٻٽو بالواسطہ:**

سنڌي ٻوليءَ ۾، فعل متعدي بالواسطہ جو هڪ وڌيڪ قسم بہ آهي. اُن کي 'فعل ڏهرو ٻٽو بالواسطہ' چوندا آهن. فعل جي انهيءَ صورت ۾، فاعل پاڻ ڪم نٿو ڪري، پر هوُ اهو ساڳيو ڪم، ڪنهن ٽئين فاعل جي معرفت، چوٿين فاعل کان ڪرائي ٿو. اهڙيءَ حالت ۾، فعل متعدي ٻٽي بالواسطہ جي ڌاتوءَ جي پنيان، هڪ وڌيڪ 'را' علامت ملائي ويندي آهي؛ جيئن:

| فعل متعدي | فعل متعدي بالواسطہ | فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ | فعل متعدي ڏهرو ٻٽو بالواسطہ |
|---|---|---|---|
| ساڙ | ساڙا | ساڙارا | ساڙارارا |
| مار | مارا | مارارا | مارارارا |
| لِک | لکا | لکارا | لکارارا |

انهن فعلن جو جملن ۾ استعمال ڏسو:

| | |
|---|---|
| (i) هاريءَ چور جهليو. | (i) ڇوڪر خط لکيو. |
| (ii) هاريءَ چور جهلايو. | (ii) ڇوڪر خط لکايو. |
| (iii) هاريءَ چور جهلارايو. | (iii) ڇوڪر خط لکارايو. |
| (iv) هاريءَ چور جهلارارايو. | (iv) ڇوڪر خط لکارارايو. |

**3_ فعل معاون:**

معاون لفظ جي معنيٰ آهي مددگار. انهيءَ ڪري هن قسم واري فعل کي مددگار، مددي يا امدادي فعل بہ چوندا آهن. فعل معاونَ، ڪن زمانن ٺاهڻ ۾ مدد ڪندا آهن، جيئن زمانن واري باب ۾ معلوم ٿيندو، پر هت هن جي وضاحت ڪرڻ ضرور آهي.

شيخ واحد بخش صاحب، پنهنجي ڪتاب، "سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو" جي ٻاڳي ڀهرئين ۾ صفحي 355 تي فعل معاون کي 'فعل ناقص' سڏيو آهي. شيخ صاحب 'فعل ناقص' جي عنوان هيٺ صفحي 355 تي لکيو آهي تہ:

> "اهو فعل، جو جملي جي مطلب پوري ڪرڻ لاءِ ٻين لفظن جو محتاج رهي، تنهن کي فعل ناقص يا اڻپورو چئبو آهي، مثلاً: طوبيٰ بهشت ۾ هڪ وڻ آهي."

شيخ صاحب وڌيڪ وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ:

> "انهيءَ جملي ۾ 'آهي' فعل جو مدار 'وَڻ' تي آهي، ڇاڪاڻ تہ مذڪور لفظ جيڪڏهن جملي مان ڪڍي ڇڏجي تہ فعل اڻپورو رهجي ويندو ۽ جملي جو پورو مطلب نہ نڪرندو، تنهنڪري 'آهي' فعل کي 'ناقص فعل' سڏجي ٿو."

دراصل، 'آهي' فعل کي 'ناقص فعل' سڏڻ جي بدران، 'فعل معاون' سڏڻ وڌيڪ درست لڳندو، جيئن شيخ واحد بخش صاحب پاڻ بہ پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي ڀهرئين ڀاڱي صفحي 357 تي 'آهي' فعل کي 'فعل معاون' سڏيندي، اُن جي سمجهاڻي ڏئي لکي ٿو تہ:

"فعل معاون اهو فعل آهي جو ٻئي فعل جي 'صيغن' يا زمانن ٺاهڻ ۾ مدد ڪري ٿو، ۽ اِن طرح پنهنجي لکيلَ 'اڻپوري فعل' جي معنيٰ کي پورو ڪري يا اُن کي اضافي معنيٰ ڏئي ٿو."

**4_ صيغو (Mood):**

لفظ 'صيغو' سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين تمام گهٽو ڪم آندو آهي، پر اِن لفظ جي ڪارج جي وضاحت فقط ڪاڪي ڀيرومل سندس ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ (ڇاپو ٻيو، 1958ع)' ۾ صفحي 102 کان 103 تائين ڪئي آهي. هت پڙهندڙن جي لاءِ ڪاڪي ڀيرومل جي ڏنل وضاحت هوبهو نقل ڪري ڏجي ٿي:

"(الف) ٻوليءَ ۾، فعل جي مدد سان، ماڻهن ۽ شين وغيره بابت ڪجھ چئبو آهي؛ پر چوڻ جا بہ نمونا آهن، تنهنڪري ٻولي4 جي وياڪرڻي قانونن ۾، 'چوڻ' جي انهن طريقن يا نمونن جو بہ ذڪر ڪيل آهي. انهن مان 'چوڻ' جي هرهڪ طريقي يا نموني کي 'صيغو' يعني mood چئبو آهي.

" 'صيغو' (mood) مان مراد آهي، چوڻ جو نمونو، ڍنگ يا ڍؤل. ٻين لفظن ۾ هيئن وضاحت ڪبي تہ صيغو اهو طريقو يا نمونو آهي، جنهن مان خبر پوي تہ فعلُ ڪهڙي نموني يا ڍنگ سان، ڪا ڳالھ بيان ڪري ٿو".

(ب) ماهرن، 'صيغي' جا ٻه قسم بيان ڪيا آهن. اُهي قسم هي آهن: (i) صيغو بياني ۽ (ii) صيغو شرطيه.

انهن مان هرهڪ قسم جي، مثالن سان، هيٺ وضاحت ڪجي ٿي:

(1) **صيغو بياني:** هن صيغي کي سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

(i) هو اچي ٿو/ هو آيو. (نيم يا عادت)

(ii) آءٌ صبح جو سوير وهنجندو آهيان (عادت جو بيان)

(iii) ڪمند جي رس مان گڙ ٺاهيندا آهن (هُنر جو بيان)

(iv) وهانءَ ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار جا مٿا ميڙائيندا آهن (رسم جو بيان)

(v) چوري ڪري ڪائڻ کان، لنگهڻ ڪڍڻ چڱو آهي (نيڪ خيالن جو بيان)

(vi) منهنجو ڪتاب ڪنهن ڪنيو؟ (حقيقت بابت سوال)

اِنهن جملن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته 'بياني صيغي' ۾ فعلُ ڪن ڳالهين، جهڙوڪ 'عادتن'، 'هنرن'، رسمن' ۽ 'رواجن' ۽ 'ڪن حقيقتن' کي بيان ڪري ويندو آهي.

(2) **صيغو شرطي:** هن صيغي جي وضاحت لاءِ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

(i) تون هلين ها ته وڌيڪ فائدو ٿئي ها.

هن جملي ۾، شرط وجهي ڳالهه ڪئي وَئي آهي. هِن ۾ دراصل ٻه جملا آهن. پهريون جملو آهي: تون هلين ها، ۽ ٻيو جملو آهي،

ته وڌيڪ فائدو ٿئي ها.

اُنهن مان پوئين جملي جو، پهرئين جملي تي، مدار آهي. اهڙيءَ طرح 'صيغي شرطيه' ۾، اڪثر هڪ جملي جو ٻئي جملي تي مدار رهي ٿو.

(ii) هوُ وقتي سپاٽي اچي.

هن جملي ۾ مکيه ڳالهه 'امڪان ۽ شڪ' جي آهي، مثال طور:

'هُو اچي، نه به اچي'!.

تنهنڪري فارسي زبان ۾، هن کي ڌار صيغو يعني 'صيغو امڪاني' سڏيندا آهن.

هيءَ ڳالهه ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته صيغي شرطيه ۾، اڪثر زمان وارو مضارع ڪم ايندو آهي.

# باب نائون: فعل جا ڪردنت يا مشتق (Participles)

1- (الف) اُهي لفظ جيڪي فعلن جي ڌاتوئن (roots) مان نهندا آهن، اُنهن کي ڪَردَنت/ مُشتَقّ يعني participles چئبو آهي.

ڪردنتن جي وصفن ۽ وضاحت کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو ۽ انهن جملن ۾ ڪردنتن/ مُشتَقّن جي استعمال تي غور ڪريو:

1. هوُ ڊوڙندو گهر ويو.
2. ڇوڪرِي پاڻ کي وڻندي ايندي.
3. هن خط لکيو.
4. مون ڪتاب پڙهيو.
5. هيءُ انب پڪل آهي.
6. هيءُ ٻار روئڻو آهي.
7. دنيا جو اُپائيندڙ سڀني جو مالڪ آهي.
8. اسان سڀني کي هن جهان جي خلقڻهار پيدا ڪيو آهي.
9. مڇيءِ وارو ڪالهه تازي مڇي ڏيئي ويو هو.
10. هُو ماني کائي، اسڪول ويو.
11. ڇوڪرو ڪتاب وٺيو گهر ايندو.
12. سپاهي ڪاشيگر هٿ ايندو.

انهن جملن ۾ 'ڊوڙندو'، 'وڻندي'، 'لکيو'، 'پڙهيو'، 'پڪل'، 'روئڻو'، 'اُپائيندڙ'، خلقڻهار'، 'مڇيءِ وارو'، 'کائي'، 'وٺيون' ۽ 'ڪاشيگر' صورتون، سنڌي وياڪرڻ ۾ 'ڪردنتن' يا 'مشتقن' يعني participles جا مثال آهن. اهي ڌار ڌار ڪردنتن جا مثال آهن. اهي سڀيئي ڪردنت الڳ الڳ اصولن ۽ قانونن موجب، فعلن جي ڌاتوئن مان نهندا آهن. انهن مان هرهڪ 'ڪردنت' جي 'گهاڙيٽي' يعني 'ساخت' کي سمجهڻ نهايت ئي ضروري آهي.

(ب) ڪردنتن جون اهي سڀ صورتون، فعلن جي ڌاتوئن مان، ڪيئن ٺهون نهن/ جُڙن، يعني انهن جي گهاڙيٽن (ساخت) جا کهڙا کهڙا اصول آهن، اهو سمجهڻ جي وڏي ضرورت آهي.

(ت) اهو نقطو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جا سڀ 'ڪردنت' يعني 'مشتق'، فعل جي ڌاتوءَ جي بنياد، يعني 'امر حاضر واحد' مان نهندا آهن، جيئن هيٺ ڏنل مثالن ۾ سمجهايو ويو آهي:

| فعل جو بنياد | نهيل ڪردنت يا مشتق |
|---|---|
| لِک | لکندو، لکيو، لکيل، لکڻو، لکڻهار، لکڻ وارو، لکي، لکيون. |
| پڑھ | پڑھندو، پڑھيو، پڑھيل، پڑھڻو، پڑھڻ وارو، پڑھي، پڑھيون. |
| ڊوڙ | ڊوڙندو، ڊوڙيو، ڊوڙيل، ڊوڙڻو، ڊوڙڻ وارو، ڊوڙِ، ڊوڙيون. |

ڪاڪي پيرومل، ”وڏو سنڌي وياڪرڻ (ڇاپو ٻيو) ۾، صفحي 112 تي، ’ڪردنت‘ يا ’اسم مشتق‘ جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي ته:

”هن قسم جا لفظ، جي فعلن مان نهيل آهن ۽ فعل توڙي اسم (صف) تي ڪم اچن ٿا، تن کي چئبو آهي ’اسم مشتق‘.“

هو (ڪاڪو پيرومل) اڳتي لکي ٿو ته:

”عربيءَ ۾ ’شق‘ معنيٰ آهي چيرڻ. اسم مشتق اهي لفظ آهن جي فعلن جي ڌاتوءَ يا بنياد مان چيرجي نڪرن ٿا. سنسڪرت ۾ انهن کي ڪردنت ۽ انگريزيءَ ۾ participles چئبو آهي.“

سنڌ جي ٻئي بزرگ وياڪرڻي، ديوان ’ڄهمٽ مل نارومل وسناڻي‘ پنهنجي ڪتاب A New Grammar of Sindhi Language (1892ع ۾ ڇپيل) ۾ صفحي 112 تي ڪردنت جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي ته:

”ڪردنت، ڪريائن (فعلن) جا اُهي روپ آهن، جي ڪڏهن ’ڪريائن‘ (فعلن) وانگي ڪم ايندا آهن ۽ ڪڏهن ’نامن‘ (اسمن) يا ’وشيشڻ‘ (صفتن) وانگي ڪم ايندا آهن. اهي گهڻو ڪري گڏيل ’ڪالن‘ (زمانن) ناهڻ ۾ مدد ڪندا آهن.“

ڪردنتن جي انهن وصفن کان پوءِ هيٺ ڪردنتن جي ڌار ڌار قسمن جي گهاڙيٽن جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

**2۔ ڪردنتن/ مشتقن جا ڌار ڌار قسم:**

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ موجب ڪردنت/ مشتق پنجن قسمن ۾ ورهايل آهن. اُهي پنج قسم هي آهن:

اسم حاليه (Present Participle)

اسم مفعول (Past Participle)

اسم استقبال (Future Participle)

اسم فاعل (Verbal Noun)

ماضي معطوفي/ اسم معطوفي/ گڏيل ڪردنت (Conjunctive Participle)

انهن پنجن ئي قسمن جو تفصيلي اڀياس هيٺ پيش ڪجي ٿو:

**(1) اسم حاليہ (Present Participle):**

هن ڪردنت جي اڀياس لاءِ هيٺ ڏنل جملن ۾ جن لفظن هيٺان ليڪ ڏني وئي آهي، اُنهن لفظن تي غور ڪريو:

(i) هوُ ڊوڙندو گهر ويو.

(ii) اسين گهمندا ويندا سين.

(iii) تون لکندي آهين.

(iv) ٻار ميوو کائيندا آهن.

(v) مون هن کي ماني کائيندي ڏٺو

(الف) اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ سڀ ڪردنت/ مشتق، فعل جي 'حاضر واحد صورت' (ڌاتوءَ) مان ٺهندا آهن. اسمَ حاليہ بہ، فعل جي حاضر واحد صورت يعني ڌاتوءَ يا بنياد مان ٺهندا آهن.

(ب) امر حاضر واحد جي وضاحت ۾ اهو بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ امر حاضر واحد جون ٻہ صورتون ٿينديون آهن. اُنهن مان هڪ صورت اُها آهي جنهن ۾ اُن (امر حاضر واحد) جي آخري پد ۾ 'اُ' اعراب هوندي آهي، ۽ امر حاضر واحد جي ٻي صورت اُها آهي جنهن ۾ اُن (امر حاضر واحد) جي آخري پد ۾ 'اِ' اعراب ڪم ايندي آهي. انهن ٻنهي صورتن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| 'اُ' اعراب واريون امر حاضر واحد صورتون | 'اِ' اعراب واريون امر حاضر واحد صورتون |
|---|---|
| لِکُ | وَڍِ |
| پَڙهُ | چِلِ |
| دوڙُ | لاهِ |
| سَڙُ | ساڙ |

(ت) امر حاضر واحد جون مٿي ڏنل اِهي صورتون 'امر حاليہ' ناهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون، البت امر حاضر واحد جي انهن ٻنهي صورتن مان 'اسم حاليہ' ناهڻ لاءِ ماهرن ڪي اصول ۽ قانون مقرر ڪيا آهن، مثال طور:

(i) امر حاضر واحد جون اُهي صورتون جن جي آخر ۾ 'اُ' اعراب ڪم ايندي آهي، اُنهن صورتن مان اسم حاليہ ناهڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ يا بنياد سان اسم حاليہ جي علامت '- اَند-' ملائي، پوءِ اُن جي پنيان مذڪر اسم لاءِ '-او' پڇاڙي ۽ مؤنث اسم لاءِ '- اِي' پڇاڙي ملائڻي ويندي آهي، جيئن:

| امر حاضر | اسم حاليہ جي علامت | غائب واحد مذڪر جي پڇاڙي | اسم حاليہ |
|---|---|---|---|
| لِڪ | - اَند - | - او | = لکندو |
| پڙهہ | - اَند - | - او | = پڙهندو |
| ڊوڙ | - اَند - | - او | = ڊوڙندو |
| سَڙ | - اَند - | - او | = سڙندو |

اسم مؤنث جي حالت ۾ اسم حاليہ جي صورتن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| امر حاضر | اسم حاليہ جي علامت | غائب واحد مؤنث اسم جي پڇاڙي | اسم حاليہ |
|---|---|---|---|
| لِڪ | - اَند - | - اِي | = لکندِي |
| پڙهہ | - اَند - | - اِي | = پڙهندِي |
| ڊوڙ | - اَند - | - اِي | = ڊوڙندِي |
| سَڙ | - اَند - | - اِي | = سڙندِي |

اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي شڪارپوري، جيڪب آبادي، ماڻيلي- اُباوڙي وارن لهجن ۾ 'اسم حاليہ' جي علامت '- اند-' جو صرف 'د' اُچار ڪيو ويندو آهي، يعني '- اند-' مان گهُٽي سُر (اَن) کي حذف ڪيو ويندو آهي، ۽ اهڙيءَ حالت ۾ اسم حاليہ جي ساخت هن طرح ٿيندي آهي (ڏسو: ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي: "شڪارپور جي ٻولي، 1993ع"، ص 65)

| معياري لهجو | شڪارپوري/ جيڪب آبادي لهجو | اُچار ۾ ڪهڙو فرق ڪيو ويو آهي |
|---|---|---|
| لکَندو | لِکدو | گهُٽو سر [اَن] حذف ڪيو ويندو آهي ۽ /ڪ/ صوتيہ کي ساڪن اُچاريو ويندو آهي. |
| پَڙهنَدو | پڙهدو | گهٽو سر [اَن] حذف ڪيو ويندو آهي ۽ /ڙهہ/ صوتيہ کي ساڪن آواز طور اُچاريو ويندو آهي. |
| لِکَندي | لکدي | گهٽو سر [اَن] حذف ڪيو ويندو آهي ۽ /ڪ/ صوتيہ کي ساڪن آواز طور اُچاريو ويندو آهي. |
| پَڙهندي | پڙهدي | گهٽو سر [اَن] حذف ڪيو ويندو آهي ۽ /ڙهہ/ صوتيہ کي ساڪن آواز طور اُچاريو ويندو آهي. |

(ii) امر حاضر واحد جون اُهي صورتون جن جي آخر ۾ 'اِ' اعراب ڪم ايندي آهي، اُنهن مان اسم حاليہ ٺاهڻ لاءِ فعل جي ڌاتوءَ جي پٺيان اسم حاليہ جي علامت '- اِند- ملائي، پوءِ اُن جي پٺيان مذڪر اسم لاءِ، -'او' پڇاڙي ۽ مؤنث اسم لاءِ – 'اِي' پڇاڙي ملائي ويندي آهي؛ جيئن:

| امر حاضر واحد | اسم حاليہ جي علامت | اسم مذڪر غائب واحد جي پڇاڙي | اسم حاليہ |
|---|---|---|---|
| وَڍِ | - اِند - | - او | = وڍيندو |
| ساڙِ | - اِند - | - او | = ساڙيندو |
| لاهِ | - اِند - | - او | = لاهيندو |
| آڻِ | - اِند - | - او | = آڻيندو |

اسم مؤنث جي اسم حاليہ وارين صورتن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| امر حاضر واحد | اسم حاليہ جي علامت | اسم مؤنث غائب واحد جي پڇاڙي | اسم حاليہ |
|---|---|---|---|
| وَڍِ | - اِند - | - اِي | = وڍينڊي |
| ساڙِ | - اِند - | - اِي | = ساڙيندي |
| لاهِ | - اِند - | - اِي | = لاهيندي |
| آڻِ | - اِند - | - اِي | = آڻيندي |

اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ شڪارپوري، جيڪب آبادي ۽ ماٿيلي- اُباوڙي وارن لهجن ۾، 'لکندو' ۽ 'پڙهندو'، 'لکندِي' ۽ 'پڙهندِي' اسم حاليہ جي گهاڙيٽن (ساخت) ۾ فرق ڪندا آهن. شڪارپور، جيڪب آباد، ميرپورماٿيلي ۽ اُباوڙي طرف جا رهاڪو انهن اسم حاليہ جي اُچارن ۾ جيڪو فرق ڪندا آهن اُن جو ذڪر هيٺ ڏنل مثالن ۾ ڪجي ٿو؛ جيئن:

| معياري اُچار | شڪارپوري/ جيڪب آبادي/ ماٿيلي- اُباوڙي وارن لهجن ۾ اُچار | اُچار ۾ ڪهڙو فرق ڪيو ويو آهي؟ |
|---|---|---|
| وَڍِيندو | وَڍِدو | گهُٽو سر [اِن] حذف ڪيو ويندو آهي. /ڍ/ صوتيہ کي ساڪن اُچاريو ويندو آهي. |
| موڪلِيندو | موڪِلدو | گهٽو سر [اِن] حذف ڪيو ويندو آهي. /ل/ صوتيہ کي ساڪن آواز طور اُچاريو ويندو آهي. |

ساڙيندو ساڙدو گهٽو سر [اِن] حذف ڪيو ويندو
آهي ۽ /ڙ/ صوتيہ ڪي ساڪن آواز
طور اُچاريو ويندو آهي.

(iii) امر حاضر واحد جون ڪي اهڙيون صورتون بہ آهن، جن جي آخر ۾ 'اي' اعراب هوندي آهي، جهڙوڪ: ڏي ۽ ني وغيره. انهن فعلي صورتن مان اسم حاليہ ٺاهڻ لاءِ اسم حاليہ جي علامت – اِند – ملائيندا آهن؛ جيئن:

| اسم حاضر واحد | اسم حاليہ جي علامت | اسم مذڪر/ مؤنث واحد جي پڇاڙي | اسم حاليہ |
|---|---|---|---|
| ڏي | - اِند - | - او | = ڏيندو |
| | | - اِي | = ڏيندي |
| ني | - اِند - | - او | = نيندو |
| | | - اِي | =نيندي |

هيءَ ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ اُهي امر حاضر واحد صورتون جن جي آخر ۾ 'اِ' يا 'اي' اعرابون ڪم اينديون آهن، اُنهن مان اسم حاليہ ٺاهڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ سان '- اِند-' علامت ملائڻ کان اڳ، امر حاضر واحد جي آخر ۾ آيل 'اِ' اعراب ۽ اسم حاليہ جي علامت جي مُنڍ ۾ آيل 'اِ' اعراب پاڻ ۾ ملي، 'اِي' اعراب ۾ بدلجي وڃن ٿيون. انهيءَ ڪري اسم حاليہ جي علامت '- اِيند-' صورت ۾ بدلجي ويندي. ساڳيءَ طرح امر حاضر واحد جي آخر ۾ آيل اعراب 'اي' ۽ اسم حاليہ جي علامت جي مُنڍ ۾ آيل 'اِ' اعراب پاڻ ۾ ملي، اِي اعراب ۾ بدلجن ٿيون ۽ اسم حاليہ جي علامت '- اِيند-' ٿئي ٿي. جيئن: ڏي + اِند + او/ اِي = ڏيندو/ ڏيندِي.

هن سلسلي ۾ وڌيڪ تفصيلَ 'سنڌي (ادغام) جي قانونن' واري باب ۾ ڏني وئي آهي، جاڪاڻ تہ صوتين ۽ اعرابن جي اهڙيءَ تبديل کي ماهرن 'سنڌي (ادغام)' وارن قانونن ۾ چڱيءَ طرح سمجهايو آهي.

اسم حاليہ جي گهاڙيٽن جي قانونن جي انهيءَ وضاحت ۽ سمجهاڻيءَ کان پوءِ اسم حاليہ جي مذڪر ۽ مؤنث صورتن جو جملن ۾ استعمال ڏسو:

| اسم حاليہ مذڪر صورت | اسم حاليہ مؤنث صورت |
|---|---|
| (1) اڪبر ڊوڙندو گهر ويو | ڪنول ڊوڙندي گهر وَئي. |
| (2) ڊاڪٽرُ موٽر هلائيندو، اسپتال پهتو. | ڊاڪٽرياڻي موٽر هلائيندي، اسپتال پهتي. |

| | |
|---|---|
| (3) هوُ ڪِلندو ويو. | هوُءَ ڪلندي وَئي. |
| (4) ڇوڪرا ڊوڙندا آيا. | ڇوڪريون ڊوڙنديون آيون. |
| (5) امين پڙهندو هوندو. | فرزانہ پڙهندي هوندي. |

(ث) مٿين جملن مان اهو بہ واضح ٿو ٿئي تہ اسم حاليہ، جملن ۾ عدد ۽ جنس جي صيغي ۾ گردان ڪندو آهي، مثال طور:

**اسم حاليہ**

مذڪر — مؤنث

| مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|
| آءٌ سنڌي سڪندو آهيان | اسين سنڌي سڪندا آهيون | آءٌ سنڌي سڪندي آهيان | اسين سنڌي سڪنديون آهيون |
| ڇوڪرو ڊوڙندو آهي | ڇوڪرا ڊوڙندا آهن | ڇوڪري ڊوڙندي آهي | ڇوڪريون ڊوڙنديون آهن |
| هو ڏجندو رهيو | هو ڏجندا رهيا | هُوءَ ڏجندي رهي | هو ڏجنديون رهيون |
| منهنجو ڀاءُ | منهنجا ڀائر | منهنجي ڀيڻ | منهنجون ڀينرون |
| پڙهندوهوندو | پڙهندا هوندا | پڙهندي هوندي | پڙهنديون هونديون |

**(2) اسم مفعول:**

(الف) اسم مفعول جي تفصيلي سمجهاڻيءَ ڪان پهرين، هيٺ ڏنل جملن ۾، جن جن لفظن هيٺ ليڪ ڏنل آهي، اُنهن لفظن جي گهاڙيٽن ۽ استعمال تي غور ڪريو:

(i) هي ڇوڪرو پڙهيل آهي.

(ii) اِهو ڪتاب ڦاٽل آهي.

(iii) منهنجو ٻار ڊنل آهي.

(iv) هيءَ عمارت ڊٺل آهي.

(v) گهوڙو هن جي پنيان ڊوڙيو.

(vi) اسان هن کي رستي تي ڏٺو هو.

انهن جملن ۾ جن لفظن جي هيٺان ليڪ ڏنل آهي، اُهي لفظ هي آهن: 'پڙهيل'، 'ڦاٽل'، 'ڊنل'، 'ڊٺل'، 'ڊوڙيو' ۽ 'ڏٺو'.

اهي لفظ سنڌي وياڪرڻ موجب اسم مفعول آهن. تنهنڪري چئبو تہ 'اهو ڪردنت، جو ڄاڻائي تہ فعل وارو ڪم پورو ٿي چڪو آهي، اهڙي ڪردنت کي ماهرن اسم مفعول سڏيو آهي'.

(ب) مٿي ڏنل جملن ۾ جيڪي لفظ اسم مفعول طور ڪم آيا آهن، اُنهن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي وياڪرڻ ۾ اسم مفعول جي گهاڙيٽن جا چار روپ يا نمونا آهن. انهن مان اسم مفعول جا ٽي روپ، فعل جي ڌاتوءَ جي پنيان اسم مفعول جي علامت ملائڻ کان اڳ، فعل جي ڌاتوءَ ۾ 'صوتي تبديلي' (phonetic change) ڪئي ويندي آهي. اِنهيءَ صوتي تبديليءَ کي اندروني صوتي تبديلي (internal phonetic change) چئبو آهي. اندروني صوتي تبديلين جي باري ۾ علم صرف واري باب ۾ وڌيڪ تفصيل سان سمجهاڻي ڏني وَئي آهي.

اسم مفعول جي اِنهن چئني روپن جي گهاڙيٽن (ساخت) لاءِ، هيٺ مثالن جي مدد سان سمجهاڻي ڏني وَئي آهي.

(i) اسم مفعول جي پهرين ٽن روپن يا نمونن جي ٺاهڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ (امر حاضر واحد) جي پنيان '-يو'، '-او' يا '-ايل' (اسم مفعول جون علامتون) ملايون ويندڀون آهن، پر اسم مفعول جي اهڙي گهاڙيٽي لاءِ بہ ماهرن ڪي اصول يا قانون مقرر ڪيا آهن، جيئن:

(a) پهريون اصول هيءُ آهي تہ اُهي فعلي ڌاتو، جن جي آخر ۾ 'اَ' يا 'اِ' اعرابون هونديون آهن، اُنهن فعلي ڌاتوئن مان اسم مفعول ٺاهڻ لاءِ، فعلي ڌاتوءَ جي پنيان، اسم مفعول جي علامت '-يو' ملائي ويندي آهي، جيئن:

| فعل جو ڌاتو | اسم مفعول جي علامت | اسم مفعول |
|---|---|---|
| لِک | - يو | = لکيو |
| پڙهہ | - يو | = پڙهيو |
| ڊوڙ | - يو | = ڊوڙيو |
| مار | - يو | = ماريو |
| ساڙ | - يو | = ساڙيو |
| هَل | - يو | = هَليو |
| گهم | - يو | = گهميو |
| تر | - يو | = تريو |
| کُل | - يو | = کُليو |

(ii) اسم مفعول جي ٻئي روپ يا نموني جي گهاڙيٽي جي اپياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ فعل جي ڌاتوءَ جي پنيان، اسم مفعول جي علامت '-يَل' ملائڻ سان اسم مفعول ٺاهيو ويندو آهي، جيئن:

| فعل جو ڌاتو | اسم مفعول جي علامت | اسم مفعول |
|---|---|---|
| لک | - يَل | لکيل |
| پڙهہ | - يل | پڙهيل |
| اُڇل | - يل | اُڇليل |

سنڌي وياڪرڻ جي اسم مفعول واري ڪردنت جي گهاڙيٽي تي سوچڻ کان پوءِ اٺين بہ معلوم ٿيو آهي تہ ڪن اسم مفعولن جي مثالن ۾ ٻئي صورتون ملن ٿيون، يعني ڪن خطن ۾ ساڳئي ڌاتوءَ اندر اندروني صوتي تبديلي آڻي پوءِ اسم مفعول جون علامتون ملائي، اسم مفعول واريون صورتون ٺاهيون وينديون آهن تہ ڪن علائقن ۾، ڌاتوءَ ۾ اندروني صوتي تبديل نٿي آڻجي. اهڙن اسم مفعولن جا هيٺ مثالن ڏجن ٿا:

| فعل جو ڌاتو | اندروني صوتي تبديلي کان پوءِ ٺهيل اسم مفعول | اندروني صوتي تبديليءَ کان سواءِ ٺهيل اسم مفعول |
|---|---|---|
| وَس | سِ > ٿ = + - او/ - آل = وُٺو / وُٺل | وسيو / وسيل |
| اُيامِ | مِ > ڻ + - او/ - آل = اياڻو / اُياڻيل | اُياميو / اياميل |
| اُجهامِ | مِ > ڻ + - او/ - آل = اجهاڻو / اجهاڻل | اُجهاميو / اُجهاميل |
| اُڏامِ | مِ > ڻ + - او/ - آل = اڏاڻو / اڏاڻل | اُڏاميو / اُڏاميل |
| وِڪامِ | مِ > ڻ + - او/ - آل = وڪاڻو / وڪاڻل | وڪاميو/ وڪاميل |
| وِهامِ | مِ > ڻ + - او/ - آل = وهاڻو / وهاڻل | وهاميو / وهاميل |
| پچ | چِ > ڪ + - او/ - آل = پڪو / پڪل | پچيو / پچيل |
| ڪامِ | مِ > ڻ + - او/ - آل = ڪاڻو / ڪاڻل | ڪاميو / ڪاميل |
| پَرچ | چِ > ت + - او/ - آل = پرتو / پرتل | پرچيو / پرچيل |
| سُڻ | ڻِ > ءُ + - او/ - آل = سئو / سُئل | سڻو / سڻي / سڻيل |
| تَپ | پِ > ت + - او/ - آل = تتو / تتل | تپيو / تپيل |
| سُمهہ | مهہ > ت + - او/ - آل = سُتو / سُتل | سمهيو / سُمهيل |
| گَپ | پِ > ت + - او/ - آل = گتو / گتل | گپيو / گپيل |
| رُس | سِ > ٺ + - او/ - آل = رُٺو / رُٺل | رُسيو / رُسيل |
| ڊَهہ | هِ > ٺ + - او/ - آل = ڊٺو / ڊٺل | ڊهيو / ڊهيل |
| ڊاهہ | هہ > ٺ + - او/ - آل = ڊاٺو / ڊاٺل | ڊاهيو / ڊاهيل |
| ڳاءِ | ءِ > ت + - او/ - آل = ڳاتو / ڳاتل | ڳايو / ڳايل |
| ڦَس | سِ > ٿ + - او/ - آل = ڦٿو / ڦٿل | ڦسيو / ڦسيل |
| ڦاس | سِ > ٿ + - او/ - آل = ڦاٿو / ڦاٿل | ڦاسيو / ڦاسيل |

(b) ڪاڪي پيرومل، 'وڏي سنڌي وياڪرڻ' ۾، صفحي 117 تي 'ڳاءِ' فعل جي ڌاتوءَ مان نهيل 'ڳاتو' اسم مفعول جي باري ۾، 'هن راڳ ڳايو'، جملي جو مثال ڏيئي لکيو آهي ته:

"سرحد سنڌ ڏي چون ڳاتو". هن جو سبب هيءُ آهي ته سنسڪرت ۾ اسم مفعول لاءِ مقرر ٿيل نشاني 'ت' آهي، جنهن جو اُچار وڌائي 'تو' ڪجي ٿو، پر اها 'ت' پڇاڙي بلڪل ڪمزور آهي، اها حذف يا گم ٿئي ٿي، يعني ڪِري پوي ٿي، ۽ پنهنجي نشاني 'اَ' (ءَ) جو اُچار ڇڏي ٿي، جنهن کي وڌائي- او، 'يو' يا 'اِيو' ڪريون ٿا. اها ڦيرڦار ايتري قدر گهٽي ٿي آهي، جو هاڻ '- تو' پڇاڙيءَ وارا اسم مفعول بلڪل ٿورا وڃي بچيا آهن، تنهنڪري اهي بيقاعدي ليکجن ٿا، نه ته حقيقت ۾ اهي پاڻ باقاعدي آهن:

| | | |
|---|---|---|
| ڳاءِ | - | ڳاتو |
| ڏاءِ | - | ڏاتو |
| گپ | - | گتو |
| پهچ | - | پهتو |
| پرچ | - | پرتو |

اهڙيءَ طرح امر واحد جي پڇاڙيءَ وارو اکر ڪڍي پوءِ - تو پڇاڙي گڏڻ سان، اهڙا اسم مفعول ٺاهجن ٿا."

(c) ڪاڪي پيرومل جي انهيءَ وضاحت، جنهن ۾ هن 'ءِ' اعراب کي /ت/ صوتيه ۾ تبديل ٿيڻ کي باقاعدي اصول مڃيو آهي، تنهنڪري تشريحي وياڪرڻ جي روشنيءَ ۾ اها دعويٰ قبول ڪري نٿي سگهجي ته /ت/ صوتيه ڪمزور هجڻ ڪري حذف ٿي وَئي يا گُم ٿي وَئي، پر جيئن مٿي فعلي ڌاتوئن ۾ ٿيل اندروني صوتي تبديلين ۾ 'سَنڌيءَ' (ادغام) جي اصولن ۽ ڏنل مثالن مان ثابت ٿو ٿئي ته 'ڳاءِ'، 'ڏاءِ'، 'تپ'، 'گپ'، 'پهچ' ۽ 'پرچ' توڙي اهڙن ڪن ٻين فعلي ڌاتوئن جي اندروني صوتين جهڙوڪ: 'ءِ'، 'پ' ۽ 'چ' کي /ت/ ۽/ي/ صوتين ۾ بدلايو ويو آهي، ۽ پوءِ انهن تبديل ٿيل صوتين واري فعل ڌاتوءَ جي پٺيان اسم مفعول جون علامتون '- او، آ، يا — يل' ملايون ويون آهن، جيئن:

| فعل جو ڌاتو | ڌاتوءَ ۾ اندروني صوتي تبديلي | اسم مفعول جي علامت | اسم مفعول |
|---|---|---|---|
| ڳاءِ | ءِ > ت | - او / - يَل | = ڳاتو / ڳاتل/ ڳايل |
| ڳاءِ | ءِ > ي | - او / - يَل | = ڳايو / ڳايل |
| ڏاءِ | ءِ > ت | - او / - اَل | = ڏاتو / ڏايل |

| | | | |
|---|---|---|---|
| تپ | پ > ت | - او / - اَل / يَل | = تتو / تتل / تپيل |
| گپ | پ > ت | - او / - اَل / يَل | = گتو / گتل / گپيل |
| پهچ | چ > هت | - او / - اَل / يَل | = پهتو / پهتل / پهچيل |
| پرچ | چ > ت | - او / - اَل / يَل | = پرتو / پرتل / پرچيل |

(iv) آءٌ وڏي ادب ۽ احترام سان ڪاڪي ڀيرومل جي هن راءِ سان بہ اتفاق نٿو ڪريان تہ: "سنسڪرت ۾ اسم مفعول لاءِ مقرر ٿيل نشاني 'ت' آهي، جنهن جو اُچار وڏائي 'تو' ڪجي ٿو، پر اها 'ت' پڇاڙي بلڪل ڪمزور آهي، ۽ حذف يا گم ٿئي ٿي. يعني ڪري پوي ٿي، ۽ پنهنجي نشاني 'اَ' (ٴ) جو اُچار ڇڏي ٿي، جنهن کي وڏائي '- او، - يو، - اِيو' ڪريون ٿا."

دراصل سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي تشريحي مطالعي مان ثابت ٿيو آهي تہ سنسڪرت جي وياڪرڻ جو، سنڌي وياڪرڻ جي ڪنهن بہ پهلوءَ تي ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو آهي، اها خصوصيت بہ سنڌي وياڪرڻ جي پنهنجي خصوصيت آهي، تنهنڪري ائين چئبو تہ سنڌي وياڪرڻ جي، اسم مفعول وارين ڪردنتي صورتن تي، سنسڪرت جي اسم مفعول وارين صورتن يا پڇاڙين جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿيو آهي، ۽ - او، - يو يا — يَل علامتون، سنڌي وياڪرڻ جي پنهنجن مقامي اصولن موجب، سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجون مقامي ۽ اصلوڪيون علامتون آهن، جن جو ذڪر ڪندي ڪاڪي ڀيرومل اهو قبول ڪيو آهي تہ اِهي اسان جي ٻوليءَ جون باقاعدي علامتون آهن.

(b) علم صرف جي بيان وارن ايندڙ بابن ۾ ڏسبو تہ سنڌي وياڪرڻ جي صرفي اصولن موجب، اسم مفعول جي گهاڙيٽن جي صورت ۾، اندروني صوتي تبديلين دوران ڪي صوتيہ، ڪن ڌاتوئن مان گم ٿي ويا آهن، جيئن:

| فعل جو ڌاتو | اندروني صوتيہ جو حذف / گم ٿيڻ | اسم مفعول جي علامت | اسم مفعول |
|---|---|---|---|
| وڄ | /ڄ/ حذف ٿي وَئي | - يو/ - يل | ويو/ ويل |
| ڪر | /ر/ حذف ٿي وَئي | -يو/ - يل | ڪيو/ ڪيل |
| مر | ايضاً | -او/ - اَل | مُئو/ مُئل |

**(v) شاهہ لطيف جا ڪم آندل اسم مفعول:**

سنڌي زبان جي معمار شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ تہ پنهنجي ڪلام ۾ اسم مفعول جون انوکيون صورتون ڪم آنديون آهن، پر اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ اسم مفعول جا اهڙا مثال فقط شعري مصرعن ۾ ئي ملن ٿا. نثر جي مثالن ۾ اسم مفعول جي اهڙين صورتن جا مثال ممڪن نہ آهن. لطيف سائينءَ، فعل جي ڌاتوءَ جي پنيان اسم تصغير جي نشاني — ڙو ملائي، اسم مفعول

جون ٻيون صورتون ٺاهيون آهن. اسم مفعولن جون اهڙيون صورتون عام گفگو ۾ به استعمال نه ڪبيون آهن؛ جيئن:

ڪري ڀاڃھ ڀانيءَ، مٿان هوت ويڙو

لطيف سائينءَ، پنھنجيءَ هن مصرع ۾، 'ويو' اسم مفعول جي بدران 'ويڙو' اسم مفعول ڪم آندو آهي. اهڙيءَ طرح شاھ لطيف جي رسالي ۾ اهڙا ٻيا مثال ڏسو:

منھنجو سڱ سرتيون، پلي ڪيچ ٽيڙو

.......................................................

پياري پنھل سان، منھنجو پيچ پيڙو.

**(ٿ) اسم مفعول جو صفت طور استعمال:**

(i) هيءُ نقطو به نهايت ئي اهم آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي عام گفتگوءَ ۾ ڪيترائي اسم مفعول، پنھنجو ڪارج بدلائي، اسم مفعول جي بدران، صفت طور ڪم ايندا آهن. مثال طور هيٺ ڏنل جملن ۾ جن لفظن جي هيٺان ليڪ ڏني وئي آهي، اُنھن جي ڪارج تي غور ڪريو:

(i) هيءُ ڀڪل انب آهي.

(ii) هن گلاس ۾ <u>پيتل</u> پاڻي آهي.

(iii) هيءُ <u>ڦاٽل</u> ڪتاب آهي.

(iv) هيءُ <u>ڀڳل</u> ڪرسي آهي.

(v) هيءُ <u>پڙهيل</u> ماڻھو آهي.

(vi) <u>ٻڌل</u> ڳالھ تي ڀروسو نه ڪر

انھن جملن ۾ 'ڀڪل'، 'پيتل'، 'ڦاٽل'، 'ڀڳل'، 'پڙهيل' ۽ 'ٻڌل' لفظ، پنھنجيءَ ساخت موجب ته اسم مفعول آهن، پر انھن جملن ۾ انھن جو ڪارج ۽ استعمال صفت وارو آهي. ڇاڪاڻ ته انھن جملن ۾ اهي لفظ، اسم مفعول جي صورت ۾ نه، پر صفتن جي صورت ۾ ڪم آيا آهن، ۽ پنھنجن موصوفن جي بلڪل اڳيان ۽ اُنھن جي پر ۾ جاءِ وٺن ٿا، ۽ پنھنجن موصوفن جي خاصيت بيان ڪن ٿا.

اسين ڳالهائڻ جي لفظن جي بيان واري باب ۾ پڙهي آيا آهيون ته اُهي لفظ جيڪي ڪن اسمن يا ضميرن جي ڳڻن يا اَوگڻن يعني خاصيتن جي وضاحت ڪن، اهڙن لفظن کي سنڌي وياڪرڻ ۾ 'صفتون' چئبو آهي.

(ii) تنھنڪري اهو به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته اُهي اسم مفعول جيڪي جملن ۾ صفتن طور ڪم ايندا آهن، اهڙن لفظن کي اسم مفعول نه پر 'صفت' چئبو آهي. اهڙيون صفتون، پنھنجي موصوف سان، عدد ۽ جنس ۾ گردان ڪنديون آهن.

اهڙن لفظن جي ٻنهي ڪارجن/ استعمالن کي واضح طور سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل جملن ۾

اُنهن جو تقابلي مطالعو پيش ڪجي ٿو:

| اسم مفعول جو ڪارج | صفت جو ڪارج |
|---|---|
| (i) هيءُ انب پڪل آهي. | هيءُ پڪل انب آهي. |
| (ii) هيءُ ڪتاب ڦاٽل آهي. | هيءُ ڦاٽل ڪتاب آهي. |
| (iii) هيءَ ڪرسي ڀڳل آهي. | هيءَ ڀڳل ڪرسي آهي. |
| (iv) هيءُ ماڻهو پڙهيل آهي. | هيءُ پڙهيل ماڻهو آهي. |
| (v) هيءُ جانور ڦٽيل آهي. | هيءُ ڦٽيل جانور آهي. |

(iii) انهن مثالن ۾، ساڄي هٿ طرف وارن جملن ۾ جن لفظن هيٺان ليڪ ڏنل آهي، اُهي لفظ انهن جملن ۾ اسم مفعول طور ڪم آيا آهن. جڏهن ته اِهي ئي لفظ کابي هٿ طرف وارن جملن ۾ صفت طور استعمال ٿيا آهن.

(iv) اسم مفعول بہ، فاعل سان جنس ۽ عدد مطابق ڦرندا آهن، جيئن:

اسم مفعول

| مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|
| هيءُ انب پَڪلُ آهي. | هي انبَ پَڪلَ آهن. | هيءَ انبڙي پَڪَلَ آهي. | هي انبڙيون پڪلون آهن |
| هيءُ ڪتاب ڦاٽلُ آهي | هي ڪتابَ ڦاٽلَ آهن | هيءَ چوپڙي ڦاٽل آهي | هي چوپڙيون ڦاٽلون آهن |
| منهنجو پاءُ آيلُ آهي | منهنجا پائر آيلَ آهن | منهنجي ڀيڻ آيلَ آهي | منهنجون ڀينرون آيلون آهن |
| هيءُ ڪڪڙ ڪُٺلُ آهي | هي ڪڪڙ ڪٺلَ آهن | هيءَ ڪڪڙِ ڪُٺلَ آهي | هي ڪڪڙيون ڪٺلون آهن |

مٿي ڏنل مثال جي خاڪي ۾ اسم مفعولُ مؤنث جمع جي صيغي ۾ پَڪلَ، ڦاٽلَ، ڪٺلَ جي صورت ۾ اڄ عام ڪم اچي ٿو.

(3) اسم استقبال:

(الف) هن ڪردنت جي وصف ۽ ساخت کي سمجهڻ لاءِ، پهرين هيٺ ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظن تي غور ڪريو:

(i) مون کي خط لکڻو آهي.

(ii) منهنجو پاءُ اچڻو آهي.

(iii) هي ڪم ڪنهن ڪاريگر کان ٺيٺو آهي.
(iv) اسان کي سياڻي ميز وٺٺي آهي.
(v) هر انسان کي نيٺ تہ مرڻو آهي.
(vi) مون کي نيٺ تہ قدم کڻڻو آهي.

انهن جملن ۾ 'لکڻو'، 'اَچڻو'، 'ٺيڻو'، 'وٺڻي'، 'مرڻو' ۽ 'کڻڻو' لفظ اسم استقبال طور ڪم آيا آهن. انهن جملن جي مطالعي کان پوءِ هيٺئن چئبو تہ اُهي ڪردنت/ مشتق، جن مان اهو ظاهر ٿئي تہ فعل وارو ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي، تہ فعل جي اهڙي ڪردنت/ مشتق کي 'اسم استقبال' چئبو آهي.

(ب) اسم استقبال جي ٺاهڻ لاءِ، فعل جي مادي (ڌاتوءَ) جي پٺيان اسم مذڪر جي حالت ۾ 'اِڻو' پڇاڙي ۽ اسم مؤنث جي حالت ۾ '-اِڻي' پڇاڙي ملائي ويندي آهي، مثال طور:

| فعل جو ڌاتو | + | اسم استقبال جي پڇاڙي | | اسم استقبال | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| لِک | + | ـــ اِڻو | ـــ اِڻي | لکڻو | لِکڻي |
| اَچ | + | ـــ اِڻو | ـــ اِڻي | اَچڻو | اچڻي |
| وڃ | + | ـــ اِڻو | ـــ اِڻي | وڃڻو | وڃِڻي |
| مارِ | + | ـــ اِڻو | ـــ اِڻي | مارُڻو | مارِڻي |
| ڊاهہ | + | ـــ اِڻو | ـــ اِڻي | ڊاهِڻو | ڊاهِڻي |
| سڙ | + | ـــ اِڻو | ـــ اِڻي | سڙڻو | سڙِڻي |

(ت) ڪاڪو ڀيرومل، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ۾، صفحي 122 تي لکي ٿو تہ:
"سنڌيءَ ۾ مصدر جي نشاني 'اَڻ' يا 'اِڻ' (سنسڪرت اَن) آهي ۽ اُن جو اُچار وڌائي، '-اَڻو' يا 'اِڻو' ڪريون ٿا. پڙڻ- پڙڻو، پنڻ- پنڻو، ڏنوڻ- ڏنوڻي- ڏنوڻ (اسم)، مرڪڻ- مرڪڻو (مرڪڻو منهن- مرڪڻو(صفت)."

فعل جي ڌاتوءُ/ بنياد واري باب ۾ اِهو بيان ڪيو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾، 'امر حاضر واحد'، فعل جو ڌاتو يا بنياد ٿي ڪم ايندو آهي، تنهنڪري 'مرڪڻ'، 'پڙڻ'، 'پنڻ' ۽ 'ڏنوڻ' وغيره صورتون سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ مصدر يا ڌاتوءَ جو ڪارج ادا نٿيون ڪن. اهي صورتون تہ خود بہ فعل جي بنياد يا ڌاتوءَ جي پٺيان 'اَڻ' يا 'اِڻ' پڇاڙيون ملائي، اُنهن مان حاصل مصدر 'پڙڻ'، 'پنڻ' ۽ 'ڏنوڻ' وغيره ٺاهيا ويا آهن. انهيءَ ڪري سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن کي هاڻ مصدر واريءَ

وصف تي نظرثاني ڪرڻ گهرجي.

سنڌي وياڪرڻ جي بزرگ ماهر ڪاڪي ڀيرومل جي هن راءِ تي سوچڻ گهرجي ته ڇا اسين قبول ڪريون ته اسم استقبال جي ٺاهڻ لاءِ – 'اَڻ' يا '-اِڻ' جو اُچار وڌائي، اُنهن کي 'اَڻو' يا 'اِڻو' ڪريون ڇا؟

حقيقت ۾، تشريحي وياڪرڻ جي لحاظ کان اهو قبول ڪرڻو پوندو ته 'اَڻو' يا 'اِڻو' يا 'اِڻي' پڇاڙيون، سنڌي وياڪرڻ جون پنهنجون قديم علامتون آهن، جيڪي اسم استقبال ٺاهڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ جي پنيان ملايون وينديون آهن. انهن پڇاڙين جو سنسڪرت جي 'اَن' پڇاڙيءَ سان ڪو به واسطو ڪونهي.

(ٺ) ڌاتوءَ يا مصدر جي بيان ۾، هن ڪان اڳ اهو ٻڌايو ويو آهي ته 'اَڻ' يا 'اِڻ' پڇاڙين جو، سنڌي وياڪرڻ ۾، ڪنهن به مصدر يعني ڌاتوءَ سان واسطو ڪونهي، پر حقيقت اها آهي ته ڪنهن به ڌاتوءَ مان، ڪنهن 'حاصل مصدر' (پنڻ، پرڻ ۽ مرڪڻ) ٺاهڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ جي پنيان '- اَڻ يا – اِڻ' پڇاڙيون ملايون وينديون آهن، جيئن:

پِن + اَڻ = پنڻ، پر + اَڻ = پرڻ ۽ مرڪ+ اَڻ = مرڪڻ

(ٺ) اهو به نوٽ ڪرڻ گهرجي ته اَڻو يا اِڻو/ اَڻي پڇاڙين جو، سنسڪرت جي اسم استقبال واريءَ علامت 'اَنيہ' سان به ڪو واسطو ڪونهي. ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جي علم صرف وارين صورتن جي گهاڙيٽن تي، سنسڪرت جي گهاڙيٽن جو اثر بلڪل نہ جهڙو آهي، جيئن اڳتي علم صرف واري باب جي مطالعي مان معلوم ٿيندو.

(ج) (i) سنڌي وياڪرڻ ۾، اسم مفعول وانگر، اسم استقبال به، جملن اندر عدد ۽ جنس جي صيغي ۾ گردان ڪندا آهن، مثال طور:

**اسم استقبال**

| مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مونث: واحد | مونث: جمع |
|---|---|---|---|
| مان ويڙهو آهيان. | اسين ويڙها آهيون. | مان ويڙهي آهيان. | اسين ويڙهيون آهيون. |
| ڇوڪري کي ڪتاب وٺڻو آهي. | ڇوڪري کي ڪتابَ وٺڻا آهن. | ڇوڪريءَ کي چوپڙي وٺڻي آهي. | ڇوڪريءَ کي چوپڙيون وٺڻيون آهن. |

(ii) هي نقطو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ اسم استقبال عدد ۽ جنس ۾ تہ گردان ڪري ٿو، پر اهو (اسم استقبال) حالت جي صيغي ۾ گردان نٿو ڪري. مثال طور:

## اسم استقبال

| حالتِ فاعلي: مذڪر | حالتِ فاعلي: مؤنث | حالتِ عام / حالتِ جري: مذڪر | حالتِ عام / حالتِ جري: مؤنث |
|---|---|---|---|
| هو لاهور ويڃڻو آهي. | هوءَ لاهور ويڃڻي آهي. | هُن کي لاهور ويڃڻو آهي. | هن کي لاهور ويڃڻو آهي. |
| هو لاهور ويڃڻا آهن. | هو لاهور ويڃڻيون آهن. | هُنن کي لاهور ويڃڻو آهي. | هنن کي لاهور ويڃڻو آهي. |

**(ح) اسم استقبال بہ صفت وانگر استعمال ٿيندو آهي:**

سنڌي وياڪرڻ ۾ اسم مفعول وانگر اسم استقبال بہ، جملن ۾ صفت وانگر ڪم ايندو آهي. اسم استقبال جون اهي صورتون يا اُهي روپ جيڪي جملن ۾ اسمن جي اڳيان ۽ اُنهن جي بلڪل پر ۾ پنهنجي جاءِ وٺي بيهندا آهن ۽ پنهنجي موصوف جي 'گڻ' يا 'اَوگڻ' جي باري ۾ وضاحت ڪندا هجن تہ اسم استقبال جي اهڙن روپن يا اهڙين صورتن جو اهڙو ڪارج يا اهڙو استعمال صفت وارو هوندو آهي، جيئن:

| اسم استقبال وارو ڪارج | صفت وارو ڪارج |
|---|---|
| (i) هيءُ ٻار روئڻو آهي. | هي روئڻو ٻار آهي. |
| (ii) هيءُ ڍڳو مارڻو آهي. | هيءُ مارڻو ڍڳو آهي. |
| (iii) هيءُ شخص نچڻو آهي. | هيءُ نچڻو شخص آهي. |
| (iv) هيءُ ماڻهو وڙهڻو آهي. | هيءُ وڙهڻو ماڻهو آهي. |

(خ) اهو بہ نوٽ ڪريو تہ اسم استقبال جون اهي صورتون جيڪي صفت جو ڪارج ادا ڪن ٿيون، اُهي (اسم استقبال جون صورتون) بہ عدد ۽ جنس جي صيغي ۾ گردان ڪن ٿيون: جيئن:

## اسم استقبال جون صفتي صورتون

| مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|
| هي وڙهڻو ڇوڪر آهي. | هي وڙهڻا ڇوڪرا آهن. | هيءَ وڙهڻي ڇوڪري آهي. | هي وڙهڻيون ڇوڪريون آهن. |
| هي مارڻو ڍڳو آهي. | هي مارڻا ڍڳا آهن. | هيءَ مارڻي ڍڳي آهي. | هي مارڻيون ڍڳيون آهن. |

**(4) اسم فاعل:**

(الف) اسم فاعل جي وصف معلوم ڪرڻ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملن ۾ جن لفظن هيٺ ليڪ ڏنل آهي، اُنهن جي گهاڙيٽن ۽ استعمال تي غور ڪريو:

(i) هن دنيا جو اُپائيندڙ الله تعاليٰ آهي.

(ii) هن ڪتاب جو لکندڙ ڪير آهي؟

(iii) اسين هن دنيا جي اُپائڻهار جي مخلوق آهي.

(iv) گاڏي هلائيندڙ کي روڪيو.

(v) سياڻي ڪاشيگر هٿ ايندو.

انهن جملن ۾ 'اُپائيندڙ'، لکندڙ'، 'اُپائڻهار'، 'هلائيندڙ' ۽ 'ڪاشيگر' لفظ، اسم فاعل طور ڪم آيا آهن. انهن لفظن جي مطالعي کان پوءِ هيئن چئبو تہ فعل جون اهي صورتون جن مان ڪنهن ڪم جي ڪندڙ يعني 'فاعل' جو مفهوم ظاهر ٿئي تہ اهڙن لفظن کي 'اسم فاعل' چئبو آهي.

(ب) اسم حاليہ جي وضاحت ڪندي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ اسم حاليہ ٺاهڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾، اسم حاليہ جون علامتون ملايون وينديون آهن. اهڙيءَ طرح 'اسم فاعل' جي ٺاهڻ لاءِ بہ، فعل جي ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ کي علامتون ملايون وينديون آهن، پر هيءُ اصول ياد رکڻ گهرجي تہ فعل جي جن ڌاتوئن (بنيادن) جي پڇاڙيءَ 'اُ' اعراب هوندي آهي، اُنهن ڌاتوئن مان اسم فاعل ٺاهڻ لاءِ فعل جي ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ 'اندڙ' علامت ملائي ويندي آهي، پر جن فعلي ڌاتوئن جي پڇاڙيءَ 'اِ' اعراب هوندي آهي، تن جي اسم فاعل ٺاهڻ لاءِ، اُنهن جي پڇاڙيءَ 'اِيندڙ' علامت ملائيندا آهن، جيئن:

| 'اُ' اعراب وارا فعلي ڌاتو | 'اِ' اعراب وارا فعلي ڌاتو |
|---|---|
| لک + اَندڙ = لکندڙ | مار + ايندڙ = ماريندڙ |
| پڙهہ + اَندڙ = پڙهندڙ | ساڙ + ايندڙ = ساڙيندڙ |
| ڊوڙ + اَندڙ = ڊوڙندڙ | ڊاهِہ + ايندڙ = ڊاهيندڙ |
| پُڄ + اَندڙ = پڄندڙ | هُلاءِ + ايندڙ = هلائيندڙ |

(ت) هي نقطو ذهن ۾ رکڻ ضروري آهي تہ شڪارپوري لهجي ۾ گهُڻي سر (nasal vowel) کي ڪيرائي يعني حذف ڪري، فعل جي ڌاتوءَ جي آخري صوتيہ کي ساڪن اُچاريو ويندو آهي. مثال طور:

| معياري اُچار | شڪارپوري اُچار |
|---|---|
| لکندڙ | لِکدڙ |
| پڙهندڙ | پڙهدڙ |
| ڊوڙندڙ | ڊوڙدڙ |

(ث) ڪي اسم فاعلَ، اسم حاليہ مان ٺهندا آهن. اهڙيءَ صورت ۾ اسم حاليہ جي پڇاڙي ’ـ ڙ‘ پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندا آهن (مرزا قليچ بيگ: سنڌي وياڪرڻ، ص 43)؛ جيئن:

| اسم حاليہ | پڇاڙي | اسم فاعل |
|---|---|---|
| لکندو/ لکندي | - ڙ | لکندڙُ/ لکندڙِ |
| پڙهندو/ پڙهندي | - ڙ | پڙهندڙُ/ پڙهندڙِ |
| ماريندو/ ماريندي | - ڙ | ماريندڙُ/ ماريندڙِ |
| ايندو/ ايندي | - ڙ | ايندڙُ/ ايندڙِ |

اهڙيءَ صورت ۾ اسم حاليہ جي غائب واحد مذڪر يا مؤنث واري علامت ’او‘ يا ’اِيَ‘ حذف ڪئي ويندي آهي.

(ج) اسم فاعل ٺاهڻ لاءِ ٻيا بہ قانون آهن. اُهي هي آهن:

(i) پهرئين قانون موجب ’حاصل مصدر‘ (infinitive) جي پٺيان – هار پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندا آهن؛ جيئن:

| حاصل مصدر | اسم فاعل واري پڇاڙي | اسم فاعل |
|---|---|---|
| هلڻ | - هار | = هلڻهار |
| اُپائڻ | - هار | = اُپائڻهار |
| خلقڻ | - هار | = خلقڻهار |

هن قسم واري اسم فاعل جا مثال شاهہ لطيف سائينءَ جي ڪلام توڙي ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جي ڪلام ۾ گهڻا ملن ٿا، مثال طور:

هلڻهارا سپرين، روئان تان نہ رهن

.............................................. -

اسين سڀ هلڻهارا ڪونہ رهندو ڪو هت ٻيو.

(ii) ڪن اسمن جي پٺيان - آر يا- ڪار پڇاڙيون ملائڻ سان بہ اسم فاعل ٺهندا آهن، جيئن:

| اسم | اسم فاعل واري پڇاڙي | اسم فاعل |
|---|---|---|
| لوهہ | - آر | = لوهار |
| سون | - آر | = سونار (و) |
| ڪرتا | - آر | = ڪرتار |
| ڪنپ | - ڪار | = ڪُنيار (وچ واري/ ڪ/ صوتيہ ڪي حذف ڪيو ويو) |

(iii) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اسم فاعل، عربي ۽ فارسي لفظن جي پٺيان اسم فاعل جون ديسي پڇاڙيون ملائي، ٺاهيا ويندا آهن، جيئن:

| لفظ | اسم فاعل جي پڇاڙي | اسم فاعل |
|---|---|---|
| خلقڻ | - هار | = خلقڻهار |
| فن | - ڪار | = فنڪار |
| صلاح | - ڪار | = صلاحڪار |
| قلم | - ڪار | = قلمڪار |
| ڪهاڻي | - ڪار | = ڪهاڻيڪار |

(iv) ڪن اسمن يا حاصل مصدرن جي پٺيان '- وارو' پڇاڙي ملائڻ سان اسم فاعل ٺهندا آهن، جيئن:

| حاصل مصدر/ اسم | اسم فاعل واري پڇاڙي | اسم فاعل |
|---|---|---|
| مارڻ | - وارو | = مارڻ وارو |
| اُپائڻ | - وارو | = اُپائڻوارو |
| خلقڻ | - وارو | = خلقڻ وارو |
| پلو (اسم) | - وارو | = پلي وارو |
| مڇي (اسم) | - وارو | = مڇيءَ وارو |

(v) اهڙيءَ طرح ڪيترن ئي ديسي اسمن جي پٺيان عربيءَ يا فارسيءَ جون پڇاڙيون ملائي، اسم فاعل ٺاهيا ويندا آهن، جيئن:

| اسم | پڇاڙي | اسم فاعل | اسم | پڇاڙي | اسم فاعل |
|---|---|---|---|---|---|
| گناهہ | + گار | = گناهگار/ گنهگار | در | + بان | = دربان |
| جادو | + گر | = جادوگر | نگھہ | + بان | = نگھبان |
| بازي | + گر | = بازيگر | توب | + چي | = توبچي |
| سودو | + گر | = سوداگر | خزانہ | + چي | = خزانچي |
| ڪاشي | + گر | = ڪاشيگر | بندوق | + چي | = بندوقچي |
| قلعي | + گر | = قلعيگر | پيل | + وان | = پيلوان |
| بز | + گر | = بزگر | ڪوٽ | + وال | = ڪوٽوال |

(ح) اسم فاعلَ بہ صفت وانگر استعمال ٿيندا آهن:

سنڌي ٻوليءَ ۾ جملن ۾ جيئن اسم مفعولَ ۽ اسم استقبالَ صفت طور ڪم ايندا آهن، تيئن اسم فاعلَ بہ جملن ۾ پنهنجي جاءِ مٽائي، صفت طور ڪم ايندا آهن، مثال طور:

| صفت طور استعمال | اسم فاعل طور استعمال |
|---|---|
| حيدرآباد جي وڻندڙ هوا جو غير ملڪين ۾ ذڪر ڪيو آهي. | (i) حيدرآباد جي هوا وڻندڙ آهي |
| سهڻي وهندڙ درياهه ڏسي ۾ ڪانه ٿي. | (ii) سهڻي درياهه وهندڙ ڏسي ۾ ڪانه ٿي. |
| هي اسان کان لڪندڙ شخص آهي | (iii) هي شخص اسان کان لڪندڙ آهي. |

(خ) صفت طور ڪم ايندڙ اسم فاعلَ، عدد، جنس ۽ حالت مطابق گردان ڪن ٿا: جيئن:

**اسم فاعل (صفت جو ڪارج)**

- مذڪر
  - واحد: ڊوڙندڙُ ڇوڪرو.
  - جمع: ڊوڙندڙ ڇوڪرا.
- مؤنث
  - واحد: ڊوڙندڙَ ڇوڪري،
  - جمع: ڊوڙندڙَ ڇوڪريون.

**(5) ماضي معطوفي/ اسم معطوفي (ڳنڍيل ڪردنت):**

(الف) هن ڪردنت جي ساخت (گهاڙيٽي) وارن اصولن جي سمجهڻ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملن ۾ جن لفظن جي هيٺان ليڪ ڏنل آهي، اُنهن لفظن جي استعمال تي غور ڪريو:

(i) ڇوڪرو، ماني کائِي، اسڪول ويو.

(ii) اُستاد، ٻارن کي پڙهائي، گهر ويندو.

(iii) نوڪر ٻاجي وٺيو، گهر ايندو./ نوڪر ٻاجي وٺيون گهر ايندو.

انهن جملن ۾ 'کائِي'، 'پڙهائي'، 'وٺيو' ۽ 'وٺيون' صورتون ماضي معطوفيءَ (اسم معطوفيءَ) جا مثال آهن. تنهنڪري اهو ڪردنت، جيڪو ٻن جملن کي ڳنڍي/ ملائي، هڪ جملو بنائي ٿو ۽ فاعل سان لاڳو ٿي ڏيکاري ٿو ته فاعل هڪ ڪم پورو ڪري پوءِ ٻئي ڪم کي لڳو آهي (لڳي ٿو)، اهڙي ڪردنت کي ماضي معطوفي يا اسم معطوفي چئبو آهي.

مون هن ڪردنت جو نالو 'ماضي معطوفيءَ' جي بدران 'اسم معطوفي' ڪم آندو آهي، اُن جو خاص سبب هيءُ آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين ٻين سيني ڪردنتن يعني participles کي 'اسم' سڏيو آهي، پر فقط هن ڪردنت کي 'ماضي' نالو ڏنو اٿن. هڪجهڙائيءَ جي خيال کان مون هن ڪردنت کي 'اسم معطوفي' يعني conjunctive participle نالو ڏنو آهي. منهنجي انهيءَ راءِ تي ڪليءَ دل سان سوچي سگهجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ جي پراڻي وياڪرڻيءَ ديوان جهمٽمل هن ڪردنت کي 'گڏيل ڪردنت' سڏيو آهي (ص 13).

(ب) مٿي ڏنل جملن کي غور سان پڙهڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي ته اسم معطوفي/ (ماضي معطوفيءَ) جي گهاڙيٽن (ساخت) جون چار صورتون يعني چار روپ آهن، جيئن:

(i) هڪ صورت اُها آهي جنهن ۾ فعل جي ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ '- اِي' علامت / نشاني ملائي وئي آهي، جيئن:
چوڪرو ماني کائِي اسڪول ويو.

(ii) ٻي صورت اُها آهي جنهن ۾ فعل جي ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ 'اي' علامت/ نشاني ملائي وئي آهي، جيئن:
اُستاد ٻارن کي پڙهائي، گهر ويندو.

(iii) ٽين صورت اُها آهي جنهن ۾ فعل جي ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ، '- يو' علامت ملائي وئي آهي، جيئن:
نوڪر ڀاڄي وٺيو، گهر ايندو.

(iv) چوٿين صورت اُها آهي جنهن ۾ ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ 'يو' علامت/ نشانيءَ جي بدران 'يُون' علامت/ نشاني ملائي وئي آهي، مثال طور سچل سرمست فرمايو ته:
لالڻ ليئڙو پايون هليو وَيو.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ به انهيءَ صورت جا مثال عام طور ملن ٿا. اهڙيون صورتون اڄ به شڪارپوري ۽ اُترادي لهجن ۾ استعمال ڪيون وينديون آهن. انهن جو استعمال معياري لهجي ۾ عام ڪونهي.

(ت) هيٺ انهن چئني قسمن وارين صورتن جا مثال ڏيئي، اُنهن جي گهاڙيٽن (ساخت) تي روشني وڌي وئي آهي:

| فعل جو ڌاتو | + | اِي علامت / نشاني | = | اسم معطوفي (ماضي معطوفي) | گهاڙيٽي لاءِ وضاحت |
|---|---|---|---|---|---|
| اڄ | + | ـــ اِي | = | اڄِي | ڌاتُوءَ جي پڇاڙيءَ 'اُ' اعراب ڪم آيل آهي، ان ڪري اُن جي پڇاڙيءَ 'اِي' علامت ملائي وئي آهي |
| کاءُ | + | ـــ اِي | = | کائِي | |
| پڙهه | + | ـــ اِي | = | پڙهِي | |
| ڊوڙ | + | ـــ اِي | = | ڊوڙِي | |

| فعل جو ڌاتو | ± | اي علامت / نشاني | ≡ | اسم معطوفي (ماضي معطوفي) | گهاڙيتي لاءِ وضاحت |
|---|---|---|---|---|---|
| ڪر | + | ـــ اِي | = | ڪرِي | ڌاتوءَ جي پويان 'اَ' اعراب ڪم آيل آهي، اُن ڪري اُن جي پويان 'اِي' علامت ملائي وئي آهي. |
| ساڙ | + | ـــ اِي | = | ساڙِي | |
| مارِ | + | ـــ اِي | = | مارِي | |
| ڏاه | + | ـــ اِي | = | ڏاهِي | |
| وڻُ | + | - يو / - يُون | = | وڻيو / وڻيون | يو/يُون علامت اُنهن ڌاتوئن جي پٺيان ملايون وينديون آهن، جن جي آخر ۾ 'اُ' يا 'اِ' اعرابون ڪم آندل هونديون آهن. |
| لِک | + | - يو / - يُون | = | لکيو / لکيون | |
| ڪاءُ | + | - يو / - يُون | = | ڪائيو / ڪائيون | |
| مار | + | - يو / - يُون | = | ماريو / ماريون | |

اگِ ۾ چيو ويو آهي تہ '- يو' علامت/ نشانيءَ جي بدران اُترادي يا شڪارپوري لهجي ۾ '-يون' علامت/ نشاني ڪم آڻبي آهي. سنڌي وياڪرڻ جي مفهوم جي لحاظ کان انهن ٻنهي صورتن يعني 'وڻيو' ۽ 'وڻيون'، 'لکيو' ۽ 'لکيون'، 'ڪريو' ۽ 'ڪريون'، 'پايو' ۽ 'پايون'، 'ماريو' ۽ 'ماريون' جي معنيٰ، مفهوم ۽ ڪارج ۾ ڪوبہ فرق ڪونهي، صرف لهجن جي بدليل اُچار يعني variant جو فرق آهي.

# باب ڏهون: مرڪب فعل

سنڌي وياڪرڻ جي هڪ اهم خصوصيت ’فعل مرڪب‘ ٻه آهي. هن عنوان تي بزرگ وياڪرڻين ڏيان گهڻ ڏنو آهي. ’مرڪب فعل‘ جي اڀياس لاءِ، پهرين هيٺ ڏنل مثال پڙهو:

اچي وڃڻ — دل لڳڻ
جاڳي پوڻ — دل لڳائڻ
ڪري ڇڏڻ — دل ٽٽڻ
کولي ڇڏڻ — دل ٽوڙڻ
صفا ڪرڻ — گلُ ڪرڻ
صاف ڪرڻ — گلُ چاڙهڻ
ڊوڙندو وڃڻ
ڊوڙندو اچڻ
الک لڳڻ
اک ٻوٽڻ

اهڙا ٻيا سوين مثال موجود آهن جيڪي اسين پنهنجي روزمره واريءَ ٻوليءَ ۾ ڪم آڻيندا آهيون. اهي ۽ اهڙا ٻيا مرڪب فعل ڌار ڌار قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا. اُهي قسم آهن:

1. اسميه/ اسمن وارا مرڪب فعل
2. صفتي مرڪب فعل
3. عطفيه مرڪب فعل
4. اسم حاليه اورا مرڪب فعل
5. مفعولي مرڪب فعل

انهن مان هرهڪ قسم جو هيٺ جائزو پيش ڪجي ٿو.

**(1) اسميه/ اسمن وارا مرڪب فعل:**

(i) هن قسم وارا مرڪب فعل اسمن ۽ فعلن کي گڏي استعمال ڪرڻ سان جڙندا آهن.ا هڙا فعل گهڻو ڪري فعل مفعول طور ڪم ايندا آهن. انهيءَ قسم وارا فعل، اسمن جي پٺيان، ’ڪرڻ‘ صورت ملائڻ سان ٺهندا آهن، جيئن:
شادي ڪرڻ، راند ڪرڻ، ننڊ ڪرڻ، مات ڪرڻ، پنڌ ڪرڻ، همٿ ڪرڻ.

(ii) هيٺين مرڪب فعل جي صورتن اڳيان، انهن جي جنس يا عدد واري صيغي موجب ’جو‘، ’جي‘، ’جا‘ يا ’جون‘ حرف اضافت واريون صورتون ملايون وينديون آهن، جيئن:
انصاف ڪرڻ، ساراهه ڪرڻ، وڏائي ڪرڻ، نقل ڪرڻ، سنڀال ڪرڻ، ڪوشش ڪرڻ، ترجمو

ڪرڻ، خذمت ڪرڻ، خيرات ڪرڻ.

(iii) هيٺ ڄاڻايل مرڪب فعلن جي اڳيان 'سان' حرف جر 'کي' استعمال ڪيو ويندو آهي، جيئن:

سلام ڪرڻ، سڏ ڪرڻ، پيار ڪرڻ، دعا ڪرڻ، عرض ڪرڻ، مار ڏيڻ، پاڪر پائڻ، ياد ڪرڻ، دعا ڪرڻ.

(iv) هيٺ ڄاڻايل مرڪب فعلن جي اڳيان 'سان' حرف جر استعمال ڪبو آهي، جيئن:

انجام ڪرڻ، شادي ڪرڻ، همدردي ڪرڻ، دغا ڪرڻ، گڏ پڙهڻ.

(v) هيٺ ڄاڻايل مرڪب فعلن جي اڳيان 'تي' حرف ڪم آڻي سگهبو آهي، جيئن:

ڪاهه ڪرڻ، احسان ڪرڻ، ڌيان ڏيڻ، نظر ڪرڻ، نظر وجهڻ، ٽيڪ ڏيڻ، مٿو هڻڻ.

(vi) هيٺ ڏنل مرڪب فعلن جي اڳيان 'کان' حرف جر ملائي سگهبو آهي، جيئن:

پاسو ڪرڻ، سوال ڪرڻ، پري پڇڻ.

(vii) هيٺ ڄاڻايل اسمي مرڪب فعل، ٻين ڪيترن ئي مددي فعلن جي مدد سان ٺاهي سگهجن ٿا، پر اهڙن مرڪب فعلن جي اڳيان ڪنهن به حرف جر جي ملائڻ جي ضرورت ڪانه پوندي آهي، جيئن:

اُٻاسي ڏيڻ، امتحان ڏيڻ، ٻُڪ مرڻ، ٽپو ڏيڻ، ٽاٻو کائڻ، پنڌ پوڻ، ڦاسي کائڻ، ٿورا مڃڻ، چِڪ / نِڇ ڏيڻ، ڌڪو کائڻ، سزا کائڻ، ساهه کڻڻ، شاهدي ڏيڻ، ڏند وجهڻ، ڏنڊ لوڙڻ، ڪم اچڻ، مٿو کائڻ، موٽ کائڻ، مشابهت رکڻ، هوا کائڻ، هٿِ آڻڻ، هٿ وجهڻ.

**(2) صفتي مرڪب فعل:**

هن قسم وارا مرڪب فعل، 'ڪرڻ' صورت جي اڳيان صفتن ملائڻ سان ٺهندا آهن، جيئن:

صفا ڪرڻ، خراب ڪرڻ، خوش ڪرڻ، راضي ڪرڻ، ناراض ڪرڻ.

اهڙن فعلن جي مجهولي (passive) صورتن ٺاهڻ لاءِ، 'ڪرڻ' جي بدران 'ٿيڻ' صورت ملائي ويندي آهي، جيئن:

صفا ٿيڻ، خراب ٿيڻ، خوش ٿيڻ، راضي ٿيڻ، ناراض ٿيڻ.

**(3) عطفيہ مرڪب فعل:**

(i) هن قسم وارن مرڪب فعلن ٺاهڻ لاءِ، ڪرڻ، پوڻ جهڙين صورتن جي اڳيان فعلن جون اسم معطوفي (ماضي معطوفيءَ) واريون صورتون ملائڻ سان عطفيہ مرڪب فعل ٺهندا آهن، پر ياد رکڻ گهرجي تہ انهيءَ طريقي سان رڳو فعل لازمي ٺهي سگهندا آهن، جيئن:

اچي وڃڻ، اُڏامي وڃڻ، اُٿي ويهڻ، ڀڄي وڃڻ، ٽي وڃڻ، ٽڪجي پوڻ، ڄاڳي پوڻ، سمهي پوڻ، ڊڄي وڃڻ، ڪپي وڃڻ، ڪِري پوڻ، لنگهي وڃڻ، ڪري پوڻ، مري وڃڻ، منجهي پوڻ، وسري وڃڻ، هليو وڃڻ.

(ii) 'عطفيہ مرڪب متعدي فعلن' ناهڻ لاءِ 'ڏيڻ'، 'وجهڻ'، 'ڇڏڻ' ۽ اهڙيون ٻيون صورتون، اسم معطوفي (ماضي معطوفي فعلن) جي پٺيان ملايون وينديون آهن، جيئن:

ڀري ڏيڻ، ورهائي ڏيڻ، ڪڍي ڇڏڻ، ڀري ڇڏڻ، ڍڪي ڇڏڻ، ساڙي ڇڏڻ، ساڙي وجهڻ، ڊوئي ڇڏڻ، رکي ڇڏڻ، ڪڍي ڇڏڻ، وڍي ڇڏڻ، ماري وجهڻ، ڪري ويهڻ، ڇڏي ڏيڻ، ڪائي وٺڻ، پي وٺڻ، ڏاهي وٺڻ، سکي وٺڻ، ٻڌي سگهڻ، سکي سگهڻ، ماري سگهڻ.

(4) **اسم حاليہ وارا مرڪب فعل:**

هن قسم وارا مرڪب فعل ناهڻ لاءِ 'وڃڻ'، 'رهڻ'، 'اچڻ' جهڙيون صورتون 'اسم حاليہ' وارين صورتن جي پٺيان استعمال ڪرڻ سان ٺهندا آهن، جيئن:

ڊوڙندو رهڻ، ماريندو رهڻ، ڳائيندو رهڻ، پڙهندو اچڻ، ڊوڙندو وڃڻ، پڙهندو وڃڻ، ڪندو اچڻ، لکندو اچڻ.

(5) **اسم مفعول وارا مرڪب فعل:**

هن قسم وارا فعل، 'ڇڏڻ'، 'ڏيڻ'، 'رهڻ'، 'هجڻ' جهڙين صورتن جي اڳيان، بنيادي فعلن جون مفعولي صورتون ملائڻ سان ٺهندا آهن. اهي فعل متعدي صيغي ۾ ڪم ايندا آهن، جيئن:

بکيو رهڻ، زخميو هجڻ، ڪَنو ڇڏڻ، رنو/ رنل رهڻ، رنو/ رنل ڇڏڻ ۽ بکيو ڇڏڻ.

# باب يارهون: زمانن جو اڀياس

1- (الف) فعلن جي گردانن مان، وقت يعني زمان جي باري ۾ خبر پوندي آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن به زبان، خاص ڪري سنڌو ماٿر جي ٻولين، جي سکڻ لاءِ زمانن جي گهاڙيٽن جي طريقن کي سکڻ ۽ سمجهڻ تمام ضروري آهي. ساڳئي وقت اهو سمجهڻ به ضروري آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾، فعلَ ڌار ڌار زمانن سان ڪهڙيءَ طرح گردان ڪن ٿا.

(ب) سنڌي ٻوليءَ ۾، ڪنهن به فعل جي زمانن ۾ گردانن جي لحاظ کان وضاحت کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا غور سان پڙهو ۽ جن جن فعلن جي هيٺان ليڪ ڏني وَئي آهي، اُنهن جي زمانن تي غور ڪريو، ۽ اُنهن زمانن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.

(i) مان ڇوڪر آهيان.

(ii) مان ٻوڙان / هوُ ٻوڙي.

(iii) اسين خط لکون.

(iv) اسين خط لکون ٿا.

(v) مان خط لکندو آهيان.

(vi) مان خط لکان ها.

(vii) هوُ خط لکندو آهي.

(viii) مون خط پڙهيو.

(ix) مان خط لکندس.

(x) مون خط پڙهيو آهي.

(xi) مون خط پڙهيو هو.

(xii) مان خط لکان پيو.

(xiii) مان خط لکندس پيو.

(xiv) مون خط لکيو پئي.

انهن جملن ۾، جن جن فعلن جي هيٺان ليڪ ڏني وَئي آهي، اُنهن جي مطالعي مان واضح ٿو ٿئي ته هر فعل جي گردان يا ڦيري مان وقت يعني زمان جي باري ۾ خبر پوي ٿي، ۽ اهو پڻ معلوم ٿو ٿئي ته هر فعل، مختلف زمانن جي صيغي ۾، پنهنجي پنهنجي فاعل سان، عدد ۽ جنس مطابق ڦرندو آهي يعني گردان ڪندو آهي.

(ت) ڪاڪي ڀيرومل، پنهنجي ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ۾، صفحي 138 تي، چار بنيادي زمان

جاٿايا آهن، اُهي زمان آهن: (i) زمان مضارع، (ii) زمان حال، (iii) حال استمراري ۽ (iv) زمان ماضي شرطيہ.

ڪاڪو پيرو مل لکي ٿو تہ:

”پويان ٽي زمان، مضارع مان نهيل ليکيندا آهن پر مضارع خود ڌاتوءَ مان نهيل آهي، تنهنڪري 'Linguistic Survey of India' ڪتاب ۾ اهي چارئي زمان، بنيادي زمانن (Radical tenses) جي دفعي ۾ داخل ڪيل آهن.“

(ث) دراصل سنڌي زبان جا فعل، بنيادي طرح ٽن زمانن جي صيغي ۾ ڦرن ٿا. اُهي ٽي بنيادي زمان هي آهن:

(1) زمان حال يعني هلندڙ زمانو.

(2) زمان ماضي يعني گذريل زمانو.

(3) زمان مستقبل يعني ايندڙ زمانو.

انهن ٽنهي بنيادي زمانن جا اڳتي وري ڌار ڌار قسم آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي وياڪرڻ ۾، سنڌي ٻوليءَ جا فعل، ڪل ملائي 15 زمانن ۾ ڦرن ٿا. زمانن جي انهن سڀني قسمن کي ايندڙ صفحن ۾، مثالن ذريعي سمجهايو ويو آهي.

2- (الف) سنڌي ٻوليءَ جي انهن 15 قسمن جي ورهايل زمانن کي سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل چارٽ کي ڌيان سان سمجهڻ جي گهڻي ضرورت آهي. انهيءَ چارٽ مان اهو چڱيءَ طرح سمجهہ ۾ اچي ويندو تہ بنيادي زمانن، يعني زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جو اصل بنياد ڇا آهي، ۽ اهي زمان ڪٿان ڪٿان ۽ ڪيئن ڪيئن ڦٽي نڪتا آهن. دراصل انهن سڀني زمانن جا بنياد ڪي ڪردنت آهن، جن کي هن کان اڳ باب نائين ۾ وضاحت سان سمجهايو ويو آهي.

(ب) ڪاڪي پيرومل، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ڪتاب ۾، صفحي 138 تي لکيو آهي تہ:

”ڪي زمان اسم حاليہ ۽ اسم مفعول مان نهيل آهن ۽ اهي مشتق يا ڪردنت آهن: تنهنڪري اُنهن مان نهيل زمانن کي ڪردنتي زمان 'participial tenses' چئجي ٿو.

(الف) اسم حاليہ مان نهيل زمانن: (1) حال مدامي، (2) ماضي مدامي، (3) حال مُتَشَڪي، (4) مستقبل ۽ (5) مستقبل استمراري.

(ب) اسم مفعول مان نهيل: (1) زمان ماضي مطلق، (2) ماضي استمراري، (3) ماضي قريب، (4) ماضي بعيد ۽ (5) ماضي متشڪي.“

ڪاڪو پيرومل اڃا بہ هيٺ، ”اشارو“ عنوان هيٺ، لکي ٿو تہ:

”مضارع، ماضي مطلق ۽ مستقبل، اهي ٽي ڇڙا زمان آهن، باقي ٻيا سڀ مرڪب زمان آهن.“

(ت) هن راءِ کان پوءِ هيٺ، زمانن جا ڌار ڌار قسم، ۽ اُهي زمان، جن جن ڪردنتن مان نهن ٿا، اُنهن جي سمجهاڻي، چارٽ ذريعي، ڏني وئي آهي، مثال طور:

## زمانن جا مڙيئي قسم ۽ اُنهن جو بنياد




(ث) انهيءَ چارٽ ۾ ڄاڻايل هر زمان جي گهاڙيٽي (ساخت) جي باري ۾ وضاحت سان هيٺ ذڪر ڪجي ٿو.

**(1) زمان مضارع ۽ اُن مان ٺهندڙ ٻين زمانن جا قسم:**

هن ڪان اڳ باب ناٿين ۾، اوهين سنڌي ٻوليءَ جي ڪردنتن جي گهاڙيٽن جي باري ۾ ڪيل وضاحت ۽ گهاڙيٽن جي اصولن جي باري ۾ پڙهي آيا آهيو.

**(الف) زمان مضارع ڇا آهي ۽ اهو ڪيئن ٺهي ٿو؟**

(i) ڪاڪو ڀيرومل، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ'، صفحي 127 تي، زمان مضارع جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"اهڙو زمان جنهن مان هلندڙ توڙي ايندڙ وقت جي معنيٰ نڪري ٿي، تنهن کي 'زمان مضارع' چئبو آهي.

'مضارع' معنيٰ ٻن جو پاڻ ۾ شريڪ يا ڀائيوار ٿيڻ. هيءُ حال توڙي مستقبل جي معنيٰ ظاهر ڪرڻ ۾ شريڪ يا شامل ٿئي ٿو، تنهنڪري اهو نالو مليو اٿس.

(ii) هاڻي ڏسڻو آهي ته زمان مضارع ڪئين ٺهي ٿو؟ هن سلسلي ۾ ماهرن جي راءِ ۾، زمان مضارع جي ناهڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾، ضميري نشانيون ملائڻ سان، زمان مضارع ٺهندو آهي، مثال طور:

| ضمير | | فعل جو ڌاتو + | ضميري نشاني = | زمان مضارع جو ڦيرو |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم واحد: | مان/ آءٌ | لِکُ | - آن | مان/ آءٌ لکان |
| متڪلم جمع: | اسين | لِکُ | - اُون | اسين لکون |
| حاضر واحد: | تون | لِکُ | - اِين | تون لکين |
| حاضر جمع: | توهين<br>اوهين | لِکُ | - او | توهين لکو/اوهين لکو |
| غائب واحد: | هيءُ<br>هيءَ<br>هُو/ هوءَ | لِکُ | - اِي | هيءُ لکي/ هيءَ لکي<br>هُو لکي / هُوءَ لکي |
| غائب جمع: | هي<br>هو | لِکُ | - اَن | هي لکن/ هو لکن |

متي زمان مضارع جي ڏنل مثالن جي گهاڙيٽن جي اڀياس مان واضح ٿئي ٿو تہ زمان مضارع جو گردان هيٺ موجب آهي:

| | |
|---|---|
| مان لکان/ آءٌ لکان | هيءُ لکي/ هيءَ لکي. |
| اسين لکون | هُو لکي/ هُوءَ لکي. |
| تون لکين | هي لکن/ هو لکن. |
| توهين/ اوهين لکو | |

(iii) هت هڪ نقطي طرف ڌيان ڏيڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. اُهي فعلي ڌاتو، يعني امر حاضر واحد، جن جي آخر ۾ - ڪم آيل 'اُ' يا 'اِ' اعرابون، زمان مضارع جي گهاڙيٽي لاءِ، سنڌي وياڪرڻ جي شاگردن جو ڌيان ڇڪائين ٿيون: ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ فعل جي ڌاتوءَ جي آخر ۾ 'اُ' يا 'اِ' اعرابن جي ڪم اچڻ سان، زمان مضارع ٺاهڻ لاءِ، فعل جي ڌاتوءَ جي پٺيان جيڪي ضميري نشانيون ملايون وينديون آهن، اُنهن ۾ فرق واضح هوندو آهي، مثال طور:

**'اُ' اعراب وارا فعلي ڌاتو**

| ضمير | فعل جو ڌاتو | + | ضميري پڇاڙي | = | مضارع جو گردان |
|---|---|---|---|---|---|
| مان | لِکُ | + | - آن | = | مان لکان |
| آءٌ | | + | - آن | = | آءٌ لکان |
| اسين | لِکُ | + | - اُون | = | اسين لکون |
| تون | لِکُ | + | - اين | = | تون لکين |
| توهين | لِکُ | + | - او | = | توهين لکو |
| اوهين | | + | - او | = | اوهين لکو |

**'اِ' اعراب وارا فعلي ڌاتو**

| ضمير | فعل جو ڌاتو | + | ضميري پڇاڙي | زمان مضارع جو گردان |
|---|---|---|---|---|
| مان | مارِ | + | - آن | مان ماريان |
| آءٌ | مارِ | + | - آن | آءٌ ماريان |
| اسين | مارِ | + | - اُون | اسين ماريون |
| تون | مارِ | + | - اين | تون مارين |
| توهين | مارِ | + | - او | توهين ماريو |
| اوهين | مارِ | + | - او | اوهين ماريو |

هيءُ لِکُ + -اِي = هيءُ لکي | هيءُ مارِ + -اِي هيءُ ماري
هيءِ + -اِي = هيءِ لکي | هيءِ مارِ + -اِي هيءِ ماري
هي لِکُ + -اَن = هي لکن | هي مارِ + -اَن هي مارِين
هو + -اَن = هو لکن | هو مارِ + -اَن هو مارِين

انهن مثالن جي مطالعي مان اهو معلوم ٿو ٿئي ته سنڌي صوتيات جي اصولن موجب، 'اِ' اعراب کان پوءِ آيل 'اَن' ضميري پڇاڙيءَ جي پهرئين آواز جي گڏيل اُچار مهل، 'اِ-اَن' جي وچ ۾ 'گاٽ' (glide) جو اُچار ٿئي ٿو، ۽ انهيءَ 'گاٽ' جو اُچار 'ي' يعني 'نيم سُر' (semi-vowel) جي صورت ۾ بدلجي ٿو؛ تنهنڪري 'اِ- اَن' جي گاٽ واري اُچار سبب، اُهو گڏيل آواز، 'يان' آواز ۾ اُچارجي ٿو. اهوئي سبب آهي جو 'ماريان'، 'ماريون' ۽ 'ماريو' فعلن ۾، ي صورت نظر اچي ٿي.

(iv) (a) هيءُ نقطو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته سنڌي ٻوليءَ جا مددي فعلَ 'آهي' (حاصل مصدر 'هئڻ') ۽ 'ٿيءُ' (حاصل مصدر 'ٿيڻ') توڙي ٻيا مددي فعلَ، زمان مضارع جي ڦيري لاءِ، جنس جي صيغي ۾ گردان ٿا ڪن، جيئن:

| ضمير | مددي فعل | مضارع ۾ گردان |
|---|---|---|
| مان | آهي | مان آهيان |
| اسين | آهي | اسين آهيون |
| تون | آهي | تون آهين |
| توهين | آهي | توهين آهيو |
| اوهين | آهي | اوهين آهيو |
| هيءُ، هيءِ، هُو، هوُءَ | | هيءُ آهي |
| | | هيءِ آهي |
| | | هوُ آهي |
| | | هوُءَ آهي |
| هِي، هُو | | هي آهن/ هو آهن |

(b) اهڙيءَ طرح 'ٿيءُ' فعل جو گردان، زمان مضارع ۾، ڏسو:

| | |
|---|---|
| مان/ آءٌ ٿيان. | اسين ٿيون. |
| تون ٿين. | توهين/ اوهين ٿيو. |
| هي/ هو | هي، هو ٿين. |
| هوُ/ هوُءَ | هُو/هوءَ ٿئي |

وڌيڪ مثال ڏسو:

| | |
|---|---|
| مان تنهنجو ڀاءُ ٿيان. | مان تنهنجي ڀيڻ ٿيان. |
| اسين تنهنجا ڀائر ٿيون. | اسين تنهنجون ڀينرُ / ڀيڻون ٿيون. |
| تون منهنجو ڀاءُ ٿِئين/ ٿين. | تون منهنجي ڀيڻ ٿِئين/ ٿين. |

توهين/ اوهين منهنجا پائر ٿيو.    توهين/ اوهين منهنجون پيرُ / پيٽون ٿيو.
هيءُ/ هوءُ منهنجو پاءُ ٿئي.    هيءَ/ هوءَ منهنجي پيڻ ٿئي.
هي/ هو منهنجا پائر ٿين.    هو/ هو منهنجون پيرُ/ پيٽون ٿين.

(٧) لطيف سائينءَ پنهنجي ڪلام ۾، زمان مضارع ڪي جنهن نموني ڪم آندو آهي، اُن جا مثال لطيف جي ڪلام جي حوالي سان پيش ڪجن ٿا:

سوري سينگاري، اصل عاشقن ڪي.
(سر ڪلياڻ)

* * *

اچين جي پريات، تہ آءٌ سيءَ نہ ساريان.
(سر سارنگ)

* * *

وجي چو وٽڪار، هت نہ ڳوليئن هوت ڪي.
(سر سسئي)

* * *

وِندر جي وجن، سي مر ٻڌن سندرا.
(سر سسئي)

* * *

ڪنڌا مون پيرن ۾، توٽي لک لڳن.
(سر معذوري)

* * *

پچن سي پَسن، جڏهن تڏهن پرينءَ ڪي،
ڏوريندڙيون ڏسن، اگهڻ عجيبن جا.
(سر حسيني)

* * *

مٽيون وچان مچ ۾، هاٿيءَ هٿان هار،
پري جي پتار، تہ ميرياٽي مان لهان.
(سر ليلان چنيسر)

* * *

ڪامان پچان پچران ٻران ۽ ٻڙڪان،
ڪاري ڪارونپار ۾ واڳن جيئن وڙڪان،
لهرين ۾ لڙڪان، ساهڙ رسج سير ۾.
(سر سهڻي)

* * *

(ب) (i) ڪاڪو ڀيرومل، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ڪتاب ۾، صفحي 128 تي، زمان مضارع کي، زمان حال جو هڪ قسم ڄاڻائي ٿو، جيڪا راءِ منهنجي خيال ۾ صحيح ڪانهي. هوُ (ڪاڪو ڀيرومل) هڪ پهاڪو، مثال طور ڏيئي- 'نانءُ چڙهيو واپاري ڪنيو ڪائي ۽ نانءُ چڙهيو چور ڦاهيءَ چڙهي'- پنهنجيءَ راءِ جي دليل طور پيش ٿو ڪري، ۽ لکي ٿو ته:

"اهڙيءَ طرح شعر توڙي پهاڪن ۾ مضارع پوريءَ پوريءَ طرح رڳو زمان حال يعني هلندڙوقت جي معنيٰ ڏيکاري ٿو؛ تنهنڪري چئبو ته هيءُ به زمان حال جو هڪ قسم آهي."

ڏسجي ٿو ته ڪاڪي ڀيرومل کي اهو ثابت ڪرڻو هو ته سنڌي ٻوليءَ، زمان مضارع وارو ڪارج سنسڪرت ٻوليءَ وارو آهي، جيئن هو لکي ٿو ته:

"سنسڪرت وارو مضارع، پراڪرت منجهان ٿي، گم ٿي ويو، تنهنڪري سنڌيءَ ۾ مضارع آهي ئي ڪونه، هن وقت جنهن کي مضارع ڪوٺيون ٿا سو آڳاٽي پراڪرت ٻوليءَ جو زمان حال آهي، تنهنڪري هينئر به پهاڪن ۽ نظم ۾ زمان حال جي معنيٰ ظاهر ڪري ٿو."

(ii) 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب ۾، جڏهن ته واضح طور بيان ڪيو ويو آهي ته سنڌي زبان سنسڪرت کان آڳاٽي زبان آهي. سنڌي زبان، سنسڪرت مان ڦُٽي نڪتل زبان ڪانهي، پر سنڌي زبان جون پاڙون سنڌو ماٿر جي سرزمين ۾ کُتل آهن. اهڙيءَ حالت ۾ 'سنڌيءَ ۾ زمان مضارع تي، پراڪرت جي اثر هئڻ واريءَ راءِ کي قبول ڪرڻ، بي معنيٰ ٿيندو.

## (2) زمان حال:

(الف) هن زمان جي گهاڙيٽي کي سمجهڻ لاءِ، هيٺ ڏنل جملن ۾ فعل جي گردان تي غور ڪريو:

| | |
|---|---|
| (1) مان/ آءٌ اچان ٿو. | مان/ آءٌ اچان ٿي. |
| (2) اسين اچون ٿا. | اسين اچون ٿيون. |
| (3) تون اچين ٿو. | تون اچين ٿي. |
| (4) توهين اچو ٿا. | توهين اچو ٿيون. |
| (5) هيءُ/ هوُ اچي ٿو. | هيءَ/ هوءَ اچي ٿي. |
| (6) هي/ هو اچن ٿا. | هي/ هو اچن ٿيون. |

(ب) (i) هن باب جي شروع ۾ زمانن جي گهاڙيٽن کي سمجهڻ لاءِ ڏنل چارٽ مان معلوم ٿو ٿئي ته زمان حالُ، زمان مضارع مان ٺهندو آهي.

(ii) مٿي ڏنل جملن مان معلوم ٿو ٿئي ته مضارع جي پٺيان، 'زمان حال' جي نشانيءَ طور 'ٿو/ ٿي، ٿا ٿيون' صورتون ملائي، زمان حال ٺاهيو ويندو آهي. ڪاڪي ڀيرومل به صفحي 129 تي اهائي ڳالهه ڪئي آهي ۽ لکي ٿو ته:

"زمان مضارع جي پٺيان 'ٿو' ملائڻ سان هلندڙ وقت جي معنيٰ پوريءَ پوريءَ طرح ظاهر

ٿئي ٿي.”

هيٺ ڏنل چارٽ ۾ زمان حال جو ڦيرو غور سان ڏسو. فعل جو ڌاتو آهي ’اَچُ‘.

**زمان حال**

- مذڪر
  - واحد
  - جمع
- مؤنث
  - واحد
  - جمع

| مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|
| مان اچان ٿو. | اسين اچون ٿا. | مان اچان ٿي. | اسين اچون ٿيون. |
| تون اچين ٿو. | توهين/ اوهين اچو ٿا. | تون اچين ٿي | توهين/ اوهين اچو ٿيون |
| هيءُ/هُو اچي ٿو. | هي/ هو اچن ٿا. | هيءَ/ هُوءَ اچي ٿي. | هي/ هو اچن ٿيون. |

انهن مثالن جو غور سان مطالعو ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته زمان مضارع لاءِ فعل جي گردان ’اَچان‘، ’اَچون‘، ’اچين‘، ’اچو‘، ’اچي‘ ۽ ’اچن‘ جي پٺيان زمان حال جي نشاني هيٺ ڏنل اصول موجب ملائي وَئي آهي:

فاعل مذڪر واحد لاءِ ’ٿو‘ — فاعل مؤنث واحد لاءِ ’ٿِي‘

فاعل مذڪر جمع لاءِ ’ٿا‘ — فاعل مؤنث جمع لاءِ ’ٿيون‘

وڌيڪ مثال نوٽ ڪريو:

| فعل لازمي | فعل متعدي |
|---|---|
| مان ڊوڙان ٿو/ مان ڊوڙان ٿي. | مان لکان ٿو/ مان لکان ٿي. |
| اسين ڊوڙون ٿا/ اسين ڊوڙن ٿيون. | اسين لکون ٿا/ اسين لکون ٿيون. |
| تون ڊوڙين ٿو/ تون ڊوڙين ٿي. | توهين/ اوهين لکو ٿا/ توهين/ اوهين لکو ٿيون. |
| هيءُ/ هو ڊوڙي ٿو/ هيءَ/ هوءَ ڊوڙي ٿي. | هي / هو لکن ٿا/ هي/ هو لکن ٿيون. |

**(ت) زمان حال جا قسم:**

زمان حال کي هيٺين قسمن ۾ ورهايو ويو آهي:

(i) زمان حال استمراري، (ii) زمان حال مدامي، (iii) زمان حال متشڪي.

انهن مان زمان حال استمراري، زمان مضارع جي مدد سان ٺهندو آهي، جڏهن ته زمان حال مُدامي ۽ زمان حال متشڪي، اسم حاليه جي مدد سان، ٺهندا آهن. زمان حال جي انهن ٽنهي قسمن جي ڳوڙهي ڄاڻ لاءِ هيٺ وضاحت پيش ڪجي ٿي.

**(i) زمان حال استمراري:**

(a) هن زمان جي گهاڙيٽي جي سمجهاڻيءَ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملن ۾، فعلن جي گردانن کي غور سان پڙهو:

| جنس مؤنث ۾ ڦيرو | جنس مذکر ۾ ڦيرو |
|---|---|
| مان اچان پيئي. | مان اچان پيو. |
| مان لکان پيئي. | مان لکان پيو. |
| مان لکي رهي آهيان. | مان لکي رهيو آهيان. |
| مان لکان ويٺي. | مان لکان ويٺو. |

(b) مٿي ڏنل جملن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ زمان حال وانگر، زمان حال استمراري بہ، زمان مضارع مان ٺهندو آهي. انهن ٻنهي زمانن جي گهاڙيٽي (ساخت) ۾ فرق هيءُ آهي تہ زمان حال جي ٺاهڻ لاءِ، مضارع جي فعلن جي گردان جي پڇاڙيءَ ۾ زمان حال جون نشانيون 'ٿو، ٿا، ٿِي يا ٿيون' ملايون وينديون آهن، جڏهن تہ زمان حال استمراريءَ جي گردان لاءِ، زمان مضارع جي فعلن جي گردان جي پڇاڙيءَ ۾، زمان حال استمراريءَ جون نشانيون 'پيو، پيا، پيئي ۽ پيئون' ملايون وينديون آهن، جيئن:




(c) هيءُ ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ سنڌ جي ڪن علائقن ۾ 'زمان حال استمراريءَ' جي نشانين 'پيو، پيا، پيئي ۽ پيئون/ پيون' بدران 'ويٺو، ويٺا، ويٺي ۽ ويٺيون' نشانيون ملايون وينديون آهن، جيئن:

| مؤنث | مذکر |
|---|---|
| آءٌ لکان ويٺي. | آءٌ لکان ويٺو. |
| اسين لکون ويٺيون. | اسين لکون ويٺا. |
| تون لکين ويٺي. | تون لکين ويٺو. |
| توهين/ اوهين لکو ويٺيون. | توهين/ اوهين لکو ويٺا. |

| | |
|---|---|
| هيءُ/ هوُ لکي ويٺو. | هيءَ/ هوءَ لکي ويٺي. |
| هي/ هو لکن ويٺا. | هي/ هو لکن ويٺيون. |

(d) هيءُ نقطو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ ڪي ماڻهو ممڪن آهي تہ اردو يا سرائڪي ٻولين جي اثر ڪري زمان حال استمراريءَ جو گردان اردو ٻوليءَ جي قاعدي موجب ڪندا آهن، جيئن:

مان ڊوڙان پيو/ مان ڊوڙي رهيو آهيان.
مان ڊوڙان پيئي/ مان ڊوڙي رهي آهيان.
اسين ڊوڙون پيا/ اسين ڊوڙي رهيا آهيون.
اسين ڊوڙون پئيون/ اسين ڊوڙي رهيون آهيون.
تون ڊوڙين پيو/ تون ڊوڙي رهيو آهين.
تون ڊوڙين پيئي/ تون ڊوڙي رهي آهين.
توهين/ اوهين ڊوڙو پيا / توهين/ اوهين ڊوڙي رهيا آهيو.
توهين/ اوهين ڊوڙو پئيون / توهين / اوهين ڊوڙي رهيا آهيو.
هيءُ/ هوُ ڊوڙي پيو./ هي/ هوُ ڊوڙي رهيو آهي.
هيءَ/ هُوءَ ڊوڙي پئي/ هيءَ/ هُوءَ ڊوڙي رهي آهي.
هي/ هو ڊوڙن پيا/ هي/ هو ڊوڙي رهيا آهن.
هي/ هو ڊوڙن پئيون/ هي / هو ڊوڙي رهيون آهن.

(ت) هاڻي هيٺ فعل متعدي 'پڙهہ' جو ٽنهي زمانن يعني زمان مضارع، زمان حال ۽ زمان حال استمراريءَ ۾ گردان جو ملاحظو ڪريو.

| زمان مضارع | زمان حال | زمان حال استمراري |
|---|---|---|
| مان ڪتاب پڙهان. | مان ڪتاب پڙهان ٿو. | مان ڪتاب پڙهان پيو. |
| اسين ڪتاب پڙهون. | اسين ڪتاب پڙهون ٿا. | اسين ڪتاب پڙهون پيا. |
| تون ڪتاب پڙهين. | تون ڪتاب پڙهين ٿو. | تون ڪتاب پڙهين پيو. |
| توهين/ اوهين ڪتاب پڙهو. | توهين/ اوهين ڪتاب پڙهو ٿا. | توهين/ اوهين ڪتاب پڙهو پيا. |
| ڇوڪرو ڪتاب پڙهي. | ڇوڪرو ڪتاب پڙهي ٿو. | ڇوڪرو ڪتاب پڙهي پيو. |
| ڇوڪري ڪتاب پڙهي. | ڇوڪري ڪتاب پڙهي ٿي. | ڇوڪري ڪتاب پڙهي پيئي. |
| ڇوڪرا ڪتاب پڙهن. | ڇوڪرا ڪتاب پڙهن ٿا. | ڇوڪرا ڪتاب پڙهن پيا. |
| ڇوڪريون ڪتاب پڙهن. | ڇوڪريون ڪتاب پڙهن ٿيون. | ڇوڪريون ڪتاب پڙهن پئيون. |

(ث) سنڌي ٻوليءَ جي روزمره واري استعمال ۾ زمان حال استمراريءَ جون ٽي ٻيون بہ صورتون آهن. انهن ٽنهي صورتن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا.

## زمان حال استمراري

| 1 | 2 | 3 | 4 |
|---|---|---|---|
| مان ڊوڙان پيو. | مان ڊوڙان ٿو پيو. | مان ڊوڙي رهيو آهيان. | مان ڊوڙان ويٺو. |
| اسين ڊوڙون پيا. | اسين ڊوڙون ٿا پيا. | اسين ڊوڙي رهيا آهيون. | اسين ڊوڙون ويٺا. |
| ڇوڪرو پڙهي پيو. | ڇوڪرو پڙهي ٿو پيو. | ڇوڪرو پڙهي رهيو آهي. | ڇوڪرو پڙهي ويٺو. |
| منهنجو ڀاءُ لکي پيو. | منهنجو ڀاءُ لکي ٿو پيو. | منهنجو ڀاءُ لکي رهيو آهي. | منهنجو ڀاءُ لکي ويٺو. |
| ڇوڪريون پڙهن ٿيون. | ڇوڪريون پڙهن ٿيون پئيون. | ڇوڪريون پڙهي رهيون آهن. | ڇوڪريون پڙهن ويٺيون. |

### (3) زمان ماضي شرطيه (ماضي تمنائي):

(الف) هن زمان جي گهاڙيٽي جي سمجهاڻيءَ کان اڳ، هيٺيان جملا پڙهو:

1. مان لکان ها.
2. اسين لکون ها.
3. تون لکين ها.
4. توهين/ اوهين لکو ها.
5. هيءُ/ هوُ لکي ها. / هيءَ/ هُوءَ لکي ها.
6. هي هو لکن ها./ هي/ هو لکن ها.

(ب) انهن جملن جي غور سان پڙهڻ کان پوءِ، اها ڳالهه واضح ٿئي ٿي ته زمان ماضي شرطيه (ماضي تمنائي) به زمان مضارع مان ٺهي ٿو. هن زمانَ (زمان ماضي شرطيه) جي ٺاهڻ لاءِ، زمان مضارع جي فعلن جي پٺيان 'زمان ماضي شرطيه' جي علامت 'ها' ملائي ويندي آهي.

(ت) هي نقطو به گهڻي توجهه جي لائق آهي ته، سنڌي ٻوليءَ ۾، زمان ماضي شرطيه جي گردان لاءِ، فعل جي مذڪر ۽ مؤنث جي صيغي ۾ ڪوبه فرق ڪونه هوندو آهي، مثال طور:

| زمان مضارع جو گردان | زمان ماضي شرطيه جو گردان |
|---|---|
| (1) مان لکان. | مان لکان ها. |
| (2) اسين لکون. | اسين لکون ها. |
| (3) تون لکين. | تون لکين ها. |
| (4) توهين/ اوهين لکو. | توهين/ اوهين لکو ها. |
| (5) هيءُ/ هوءَ لکي. | هيءَ/ هوُءَ لکي. |
| هي/ هو لکن. | هي/ هو لکن. |

(ث) زمان ماضي شرطيه جا وڌيڪ مثال ڏسو:

(1) شاگرد سڀاڻي ڪراچي گهمڻ وڃن ها.
(2) اسين جلسي ۾ وڃون ها.
(3) اُهي اسان سان هن ڪم ۾ شامل ٿين ها.
(4) اوهين ڪالهہ اچو ها.
(5) تون منهنجو چوڻ مڃين ها.

**2- اسم حاليہ مان ٺهندڙ زمان:**

(الف) اسم حاليہ مان ٺهندڙ زمانن کي سمجهڻ کان اڳ هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

| | |
|---|---|
| (1) مان لکندو آهيان. | مان لکندي آهيان. |
| (2) اسين لکندا آهيون. | اسين لکنديون آهيون. |
| (3) تون لکندو آهين. | تون لکندي آهين. |
| (4) توهين/ اوهين لکندا آهيو. | توهين/ اوهين لکنديون آهيو. |
| (5) هيءُ/ هوءُ لکندو آهي. | هيءَ/ هُوءَ لکندي آهي. |
| (6) هي/ هو لکندا آهن. | هي/ هو لکنديون آهن. |

(ب) هن باب جي شروع ۾ ڏنل چارٽ ذريعي سمجهايو ويو آهي تہ اسم حاليہ جي مدد سان پنج زمان ٺهندا آهن. اُهي زمان هي آهن:

(1) زمان حال مدامي، (2) زمان ماضي مدامي، (3) زمان مستقبل، (4) زمان مستقبل استمراري ۽ (5) زمان مستقبل مُدامي.

هاڻي هيٺ انهن پنجن ئي زمانن مان، هرهڪ جي گهاڙيٽي (ساخت) جي باري ۾ ڏنل سمجهاڻيءَ کي غور سان پڙهو ۽ سمجهو:

**(1) زمان حال مدامي:**

(الف) هن کان اڳ، زمان حال جي گهاڙيٽي جي باري ۾ مثالن جي مدد سان، سمجهاڻي ڏني وَئي آهي؛ پر هيءَ ڳالهہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ ٻنهي زمانن، يعني 'زمان حال' ۽ 'زمان حال مداميءَ' جي گهاڙيٽي ۾ وڏو فرق آهي، جيئن هيٺ ڏنل مثالن جي مدد سان سمجهايو ويو آهي.

(ب) انهن ٻنهي زمانن، يعني 'زمان حال' ۽ 'زمان حال مداميءَ' جي گهاڙيٽي ۾ فرق هيءُ آهي تہ 'زمان حال'، زمان مضارع مان ٺهندو آهي، جڏهن تہ 'زمان حال مُدامي'، 'اسم حاليہ' جي مدد سان ٺاهيو ويندو آهي، جيئن:

| زمان حال | زمان حال مدامي |
|---|---|
| (1) مان لکان ٿو/ مان لکان ٿي. | مان لکندو آهيان/ مان لکندي آهيان. |
| (2) تون خط لکين ٿو/ تون خط لکين ٿي. | تون خط لکندو آهين/ تون خط لکندي آهين. |

(3) ڇوڪرا ٻوڙن ٿا/ ڇوڪريون ٻوڙن ٿيون. ڇوڪرا ٻوڙيندا آهن/ ڇوڪريون ٻوڙينديون آهن.
(4) اُستاد پڙهائي ٿو/ اُستادِ پڙهائي ٿي. اُستاد پڙهائيندو آهي/ اُستادِ پڙهائيندي آهي.
(5) ماڻهو اچن ٿا/ عورتون اچن ٿيون. ماڻهو ايندا آهن/ عورتون اينديون آهن.
(6) پکي اُڏامن ٿا. پکي اُڏامندا آهن.

(ت) زمان حال مُدامي ٺاهڻ لاءِ هيءُ اصول ياد رکڻ گهرجي تہ زمان حال مدامي ٺاهڻ لاءِ، فعل جي 'اسم حاليہ' واري ڪردنت جي پٺيان فعل معاون 'آهي' جو، زمان مضارع ۾ گردان ملايو ويندو آهي، مثال طور:

| فعل جو ڌاتو | ضمير | اسم حاليہ | 'آهي' فعل جو زمان مضارع ۾ گردان | زمان حال مداميءَ ۾ گردان |
|---|---|---|---|---|
| لِک | مان | لکندو | آهيان | = مان لکندو آهيان. |
| | اسين | لکندا | آهيون | = اسين لکندا آهيون. |
| | تون | لکندو | آهين | = تون لکندو آهين. |
| | توهين/ اوهين | لکندا | آهيو | = توهين/ اوهين لکندا آهيو. |
| | هيءُ/ هوُ | لکندو | آهي | = هيءُ/ هوُ لکندا آهن. |
| | هي/ هو | لکندا | آهن | = هيءُ/ هُوءَ لکندي آهي. |
| | مان | لکندي | آهيان | = مان لکندي آهيان |
| | اسين | لکنديون | آهيون | = اسين لکنديون آهيون |
| | تون | لکندي | اهين | = تون لکندي آهين |
| | توهين/اوهين | لکنديون | آهيو | = توهين/اوهين لکنديون آهيو |
| | هيءَ/ هُوءَ | لکندي | آهي | = هي/ هو لکندا آهن. |
| | هي/ هو | لکنديون | آهن | = هي/ هو لکنديون آهن. |

(ث) (i) اهڙيءَ طرح 'زمان حال مداميءَ' جا ٻيا مثال ڏسو:



| | | | |
|---|---|---|---|
| تون پڙهندو آهين. | توهين/اوهين پڙهندا آهيو. | تون پڙهندي آهين. | توهين/اوهين پڙهنديون آهيو. |
| هيءُ/هو پڙهندو آهي. | هي/ هو پڙهندا آهن. | هيءُ/هوءَ پڙهندي آهي. | هي/هو پڙهنديون آهن. |

(ج) (i) اهڙيءَ طرح 'آهي' فعل جا، 'زمان حال مُداميءَ' ۾ گردان هيٺ ڏجن ٿا. انهن گردانن کي غور سان پڙهو:

**زمان حال مُدامي**

| مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|
| مان هوندو آهيان. | اسين هوندا آهيون. | مان هوندي آهيان. | اسين هونديون آهيون. |
| تون هوندو آهين. | توهين/اوهين هوندا آهيو. | تون هوندي آهين. | توهين/اوهين هونديون آهيو. |
| هِي/ هيءُ/هو هوندو آهي. | هي/هو هوندا آهن. | هيءُ/هوءَ هوندي آهي. | هي/هو هونديون آهن. |

(ii) ڪاڪي ڀيرومل 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ۾ صفحي 130 تي هيٺ حاشئي ۾ لکيو آهي ته 'آهيان' لفظ، سنسڪرت جي 'آس' لفظ مان نڪتو آهي ۽ هئڻ جي معنيٰ ڏيکاري ٿو، پر منهنجي ناقص راءِ موجب جڏهن ته سنڌي ٻولي سنسڪرت کان آڳاٽي آهي، اُن لحاظ کان اهي مددي فعل، سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي لغوي خزاني جو سرمايو آهن، ۽ انهن فعلن کي سنسڪرت جا فعل سمجهڻ صحيح راءِ ڪانهي.

**(2) زمان ماضي مُدامي:**

(الف) هن زمان جي گهاڙيٽي کي سمجهڻ کان اڳ هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

| | |
|---|---|
| (1) مان لکندو هوس. | مان لکندي هُيس. |
| (2) اسين لکندا هئاسين. | اسين لکنديون هِيونسين. |
| (3) تون لکندو هئين. | تون لکندي هئينءَ. |
| (4) توهين/ اوهين لکندا هئا. | توهين/ اوهين لکنديون هُيون. |
| (5) هِي/ هيءُ/ هو لکندو هو. | هيءَ/ هوءَ لکندي هُئي. |
| (6) هي/ هو لکندا هئا. | هي/ هو لکنديون هيون. |

(ب) (i) هاڻي هيٺ ڏنل جملا پڙهو ۽ زمان حال مدامي ۽ زمان ماضي مُداميءَ جي گهاڙيٽن ۾ جيڪو فرق آهي، اُهو نوٽ ڪريو:

(ت) هاڻي هيٺ فعلن جا، زمان مستقبل ۾ گردانن جو ملاحظو ڪريو:

## زمان مستقبل

| مذڪر | | مؤنث | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| مان هُوندس. | اسين هونداسين. | مان هونديَس/ مان هُوندَس. | اسين هونديونسين. |
| تون هوندين. | توهين/اوهين هوندا. | تون هُونديئن. | توهين/اوهين هونديون. |
| هيءُ/هُو هوندو. | هي/هو هوندا. | هيءَ/هُوءَ هوندي. | هي/ هو هونديون. |

(ث) انهن مثالن جو غور سان مطالعي ڪان پوءِ اهو معلوم ٿو ٿئي تہ انهن مثالن ۾ 'آهي' مددي فعل جي اصلوڪي صورت 'زمان مستقبل' ۾ بدلجي، 'هوندو' (مذڪر ۾) يا 'هوندي' (مؤنث ۾) ٿي آهي۽ اُن ڪان پوءِ اُنهن معاون فعلن (هوندو يا هوندي) سان، فاعل جي صورت ۾ ڪم ايندڙ هر ضمير سان، ضميري پڇاڙيون نٿيون ملائجن، پر ضميري پڇاڙيون معاون فعلن سان ملائجن ٿيون.

(ج) ضميري پڇاڙين جي باري ۾، تفصيل سان، باب نمبر چوڏهين ۾ بحث ڪيو ويو آهي، پر هت في الحال زمان مستقبل جي گهاڙيٽي جي سلسلي ۾، فعلن سان گڏجي ڪم ايندڙ ضميري پڇاڙين جي استعمال جا ڪي مثال ڏنا ويا آهن. اُن جو سبب هيءُ آهي تہ زمان مستقبل جي رچنا (گهاڙيٽي) لاءِ، ضميري پڇاڙين جي استعمال ڪي سمجهڻ تمام ضروري آهي.

(i) فاعل جي جنس مذڪر ۾ هجڻ جي صورت ۾، زمان مستقبل جي گهاڙيٽي جو قاعدو:

| فعل جو ڌاتو | ضمير | اسم حاليہ | ضميري نشانيون | زمان مستقبل جو ڦيرو |
|---|---|---|---|---|
| لکُ | مان | لکندو | - س/ - م | = مان لکندُس/ لکندُم |
| | اسين | لکندا | - سِين/ - سُون | =اسين لکنداسين/ لکنداسُون |
| | تون | لکندين | - اين | = تون لکندين |
| | توهين/لوهين | لکندا | - آ | = توهين/ اوهين لکندا |
| | هيءُ/ هوُ | لکندو | - او | = هيءُ/ هوُ لکندو |
| | هي/ هو | لکندا | - آ | = هي/ هو لکندا |

(ii) فاعل جي جنس مؤنث ۾ هجڻ جي صورت ۾، زمان مستقبل جي گهاڙيٽي جو قاعدو:

| فعل جو ڌاتو | ضمير | اسم حاليہ | ضميري نشانيون | زمان مستقبل جو ڦيرو |
|---|---|---|---|---|
| لک | مان | لکندي | - س/ - م | = مان لکنديَس/ مان لکندَس<br>مان لکنديمَ/ مان لکندَم |
| | اسين | لکنديون | - سين | = اسين لکنديونسين |
| | تون | لکندي | - اين | = تون لکنديئين |
| | توهين/ اوهين | لکنديون | - يون | = توهين/ اوهين لکنديون |
| | هيءَ/ هُوءَ | لکندي | - اِي | = هيءَ/ هُوءَ لکندي |
| | هي/ هو | لکنديون | - يون | = هي/ هو لکنديون |

(iii) هيٺ ڏنل مثالن ۾، مذڪر ۽ مؤنث فاعلن جو، زمان مستقبل ۾ گردانن جو فرق نوٽ ڪريو:

**زمان مستقبل (فعل پڙھ)**

| مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|
| مان پڙهندس.<br>مان پڙهندُم | اسين پڙهنداسين. | مان پڙهنديَس/<br>مان پڙهنديَم. | اسين پڙهنديونسين. |
| تون پڙهندين.<br>توهين پڙهندا.<br>اوهين پڙهندا. | | تون پڙهنديئن. | توهين پڙهنديون.<br>اوهين پڙهنديون. |
| هيءُ/هو پڙهندو. | هي/هو پڙهندا. | هيءَ/هوءَ پڙهندي. | هي/هو پڙهنديون. |

## (4) زمان مستقبل استمراري:

هن زمان جي گهاڙيٽي جي قاعدي کي سمجهڻ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

(i) مان/ آءٌ خط لکندس پيو. / مان آءٌ خط پيو لکندُس.

(ii) اسين گهمڻ ويندااسين پيا/ اسين گهمڻ پيا ويندااسين.

(iii) ڇوڪرا ڪتاب پڙهندا پيا/ ڇوڪرا ڪتاب پيا پڙهندا.

(iv) تون ڪيستائين لکنديئن پئي.

(v) اوهين ڪيستائين لکنديون پئيون؟

(vi) اوهين ڪيستائين پئيون لکنديون؟

(vii) هو شام تائين پڙهندا رهندا/ هُو شام تائين پڙهنديون رهنديون.

انهن جملن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته زمان مستقبل استمراري ٺاهڻ لاءِ فعل جي زمان مستقبل واريءَ صورت جي پنيان 'پيو'، 'پيا'، 'پَئي' ۽ 'پَئيون' علامتون ملايون وينديون آهن، جيئن:

## زمان مستقبل استمراري

| مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|
| مان لکندس پيو. | اسين لکنداسين پيا. | مان لکندس پَئي | اسين لکنديونسين پَئيون. |
| تون لکندين پيو. | توهين لکندا پيا.<br>اوهين لکندا پيا. | تون لکنديئن پَئي. | توهين لکنديون پَئيون.<br>اوهين لکنديون پَئيون. |
| هيءُ لکندو پيو.<br>هو لکندو پيو. | هي لکندا پيا.<br>هو لکندا پيا. | هيءَ لکندي پَئي.<br>هوءَ لکندي پَئي. | هي لکنديون پَئيون.<br>هو لکنديون پَئيون. |

### (5) زمان حال متشڪي:

(الف) هن زمان جي گھاڙيٽي جي قاعدي کي سمجھڻ کان اڳ هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

| مذڪر ۾ گردان | مؤنث ۾ گردان |
|---|---|
| (i) مان لکندو هُوندُس. | مان لکندي هُونديَس. |
| (ii) اسين لکندا هُونداسين. | اسين لکنديون هُونديونسين. |
| (iii) تون لکندو هُوندين. | تون لکندي هُونديئن. |
| (iv) توهين/ اوهين لکندا هُوندا. | توهين/ اوهين لکنديون هُونديون. |
| (v) هيءُ/ هُو لکندو هُوندو. | هيءَ/ هُوءَ لکندي هُوندي. |
| (vi) هي/ هو لکندا هُوندا. | هي/ هو لکنديون هُونديون. |

انهن جملن جي ابياس مان معلوم ٿو ٿئي ته زمان حال متشڪي ٺاهڻ لاءِ، اسم حاليه جي پنيان، 'فعل معاون' 'آهي' جي زمان مستقبل واري گردان ملائڻ سان، 'زمان حال متشڪي' ٺهندو آهي.

(ب) هن سلسلي ۾ هيٺ ڏنل وڌيڪ جملا نوٽ ڪريو:

(i) اڪبر آمريڪا ۾ سخت محنت ڪندو هوندو.

(ii) ڇوڪرا اسڪول جي ميدان تي راند ڪيڏندا هوندا.

(iii) ڇوڪريون اسڪول جي ميدان تي راند ڪيڏنديون هونديون.

(iv) هُوءَ، هن مهل شهر ۾ ڇا ڪندي هوندي؟

(v) منهنجي ڀاءُ اسان وٽ اچڻ جي تياري ڪئي هوندي.

(vi) ڊاڪٽر آپريشن ڪندو هوندو.

## 3- اسم مفعول مان ٺهندڙ زمان:

(الف) هن ڪان اڳ ڪردنتن واري باب (باب نمبر نائين) ۾، اسم مفعول جي باري ۾ تفصيل سان سمجهايو ويو آهي. اُن ڪان پوءِ هن باب ۾، زمانن جي رچنا (ساخت) کي سمجهڻ لاءِ چارٽ ذريعي اهو ٻڌايو ويو آهي ته ڪهڙا زمان، ڪهڙي ڪردنت مان ٺهن ٿا. اُن چارٽ ۾ اهو به سمجهايو ويو آهي ته اسم مفعول جي مدد سان جيڪي زمان جڙن ٿا، اُهي زمان هي آهن:

(1) زمان ماضي مطلق، (2) زمان ماضي استمراري، (3) زمان ماضي قريب، (4) زمان ماضي بعيد، (5) زمان ماضي متشڪي، (6) زمان ماضي مدامي، (7) زمان ماضي قريب استمراري ۽ (8) زمان ماضي بعيد استمراري.

انهن سڀني زمانن جي گهاڙيٽن جي اصولن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ پهرين هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

### (1) زمان ماضي مطلق:

(الف) هن زمان جي گهاڙيٽي کي سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

| فاعل مذڪر | فاعل مؤنث |
|---|---|
| (i) مون خط لکيو. | مون خط لکيو |
| (ii) اسان خط لکيو. | اسان خط لکيو. |
| (iii) تو خط لکيو. | تو خط لکيو. |
| (iv) توهان/ اوهان خط لکيو. | توهان/ اوهان خط لکيو. |
| (v) هِنَ / هُن خط لکيو. | هِنَ / هُن خط لکيو. |
| (vi) هِنن/ هُنن خط لکيو. | هِنن/ هُنن خط لکيو. |

انهن جملن جي مطالعي مان خبر ٿي پوي ٿي ته انهن جملن ۾ ڪم آيل فعل، فعل متعدي آهي، ۽ اهي سڀ جملا، فعل متعدي 'لِکُ' جا، زمان ماضي مطلق ۾ ڦيرن/ گردانن جا مثال آهن.

(ب) هاڻي فعل لازمي 'ڊوڙ' جي زمان ماضي مطلق ۾ گردان جو ملاحظو ڪريو:

| فاعل مذڪر | فاعل مؤنث |
|---|---|
| (i) مان/ آءٌ ڊوڙيُس | مان ڊوڙيَس |
| (ii) اسين ڊوڙياسين. | اسين ڊوڙيونسين. |
| (iii) تون ڊوڙئين. | تون ڊوڙيئن. |
| (iv) توهين/ اوهين ڊوڙيا. | توهين/ اوهين ڊوڙيون. |
| (v) هيءُ/ هوُ ڊوڙيو. | هيءَ/ هوءَ ڊوڙي. |
| (vi) هي/ هو ڊوڙيا. | هي/ هو ڊوڙيون. |

(ت) اهڙيءَ طرح فعل معاون 'آهي' جو زمان ماضي مطلق ۾ گردان جو ملاحظو ڪريو. 'آهي' جو ماضي ٿيندو 'هو'.

| فاعل مذڪر | فاعل مؤنث |
|---|---|
| (i) مان هوس/ مان هُئس/ مان هئم. | مان هُيَس/ مان هُيَم. |
| (ii) اسين هئاسين. | اسين هُيونسين. |
| (iii) تون هُئين. | تون هُئيئين. |
| (iv) توهين/ اوهين هئا. | توهين/ اوهين هيون. |
| (v) هيءُ/ هوُ هو. | هيءَ/ هوءَ هئي. |
| (vi) هي/ هو هئا. | هي/ هو هُيون. |

(ث) مٿي ڏنل جملن ۾ فعل لازمي، فعل متعدي ۽ فعل معاون جا، زمان ماضي مطلق ۾ ڦيرا/ گردان ڏنا ويا آهن. انهن ڦيرن جي مطالعي مان ظاهر ٿو ٿئي ته:

(i) فعل متعديءَ جي، زمان ماضي مطلق جي گردان دوران، فاعل طور ڪم ايندڙ (ضمير خالص جي سيني قسمن) جي اصلوڪي صورت بدلجي ٿي؛

(ii) فعل سان ضميري پڇاڙيون نٿيون ملائجن. مثال طور فعل متعدي:

| ضميرن جي اصلوڪي صورت | ضميرن جي اصلوڪي صورت بدلجي ٿي | زمان ماضيءَ جي ڦيري جا مثال |
|---|---|---|
| ضمير متڪلم واحد مان | مون | مون لکيو |
| ضمير متڪلم جمع اسين | اسان | اسان لکيو |
| ضمير حاضر واحد تون | تون | تو لکيو |
| ضمير حاضر جمع توهين/اوهين | توهين/ اوهين | توهان/ اوهان لکيو |
| ضمير غائب واحد | هيءُ/ هوُ | هن لکيو/ هُن لکيو |
| ضمير غائب جمع | هي/ هو | هِنن/ هُنن، هِنن لکيو/ هُنن لکيو. |

(iii) جڏهن تہ فعل لازميءَ ۽ فعل معاون (آهي) جي زمان ماضي مطلق جي ڦيري لاءِ:

(a) فعل جي ماضيءَ واريءَ صورت سان، ضميري پڇاڙيون ضرور ملائجن ٿيون.

(b) پر فاعل طور ڪم ايندڙ ضميرن جون اصلوڪيون صورتون ساڳيون ٿيون رهن، جيئن:

| فعل لازميءَ جو ڦيرو (فاعل مذڪر) | فعل معاون جو ڦيرو (فاعل مذڪر) |
| --- | --- |
| (i) مان/ آءٌ هَليُس. | مان/ آءٌ هوس. |
| (ii) اسين هَلياسين. | اسين هُئاسين. |
| (iii) تون هَلئين. | تون هُئين. |
| (iv) توهين/ اوهين هَليا. | توهين/ اوهين هُئا. |
| (v) هيءُ/ هوُ هليو. | هيءُ/ هوُ هُئو/ هو. |
| (vi) هي/ هو هَليا. | هي/ هو هُئا. |

ڪاڪي پيروملَ، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' جي صفحي 132 تي لکيو آهي تہ:

"مطلب تہ 'هَليُس' معنيٰ آءٌ 'هليو آهيان' (زمان ماضي قريب) سنسڪرت وارو زمان ماضي قريب، سنڌيءَ ۾، زمان ماضي مطلق ٿي ڪم اچي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اصلوڪو زمان ماضي مطلق، پراڪرت مان گم ٿي ويو آهي."

ڪاڪي پيرومل جي هيءَ راءِ انهيءَ ڪري معذرت سان قبول ڪري نٿي سگهجي، تہ جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي، سنڌي ٻولي سنسڪرت کان آڳاٽي زبان آهي، تنهنڪري سنڌي ٻوليءَ جون اهي خصوصيتون پنهنجون آهن ۽ سنسڪرت تان ورتل نہ آهن تنهنڪري ائين چوڻ تہ:

"سنسڪرت وارو زمان ماضي قريبُ، سنڌيءَ ۾ زمان ماضي مطلق ٿي ڪم اچي ٿو". قبول ڪرڻ جهڙي راءِ نہ آهي.

(ج) (i) انهن مثالن کان پوءِ فعل لازمي 'ڊوڙ' ۽ فعل متعدي 'لک' جي، 'زمان ماضي مطلق' ۾ ڦيرن جو تقابلي اڀياس پيش ڪجي ٿو:

### زمان ماضي مطلق

| فعل لازمي (ڊوڙ) | | فعل متعدي (لک) | |
| --- | --- | --- | --- |
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| مان ڊوڙيُس. | مان ڊوڙيَس. | مون لکيو. | مون لکيو. |
| اسين ڊوڙياسين. | اسين ڊوڙيونسين. | اسان لکيو. | اسان لکيو. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| تون ٻوڙئين. | تون ٻوڙيئنن. | تو لکيو. | تو لکيو. |
| توهين ٻوڙيا. | توهين ٻوڙيون. | توهان لکيو. | توهان لکيو. |
| اوهين ٻوڙيا. | اوهين ٻوڙيون. | اوهان لکيو. | اوهان لکيو. |
| هيءُ ٻوڙيو. | هيءَ ٻوڙي. | هِن لکيو. | هِن لکيو. |
| هُو ٻوڙيو. | هُوءَ ٻوڙي. | هُن لکيو. | هُن لکيو. |
| هي ٻوڙيا. | هي ٻوڙيون. | هِنن لکيو. | هِنن لکيو. |
| هو ٻوڙيا. | هو ٻوڙيون. | هُنن لکيو. | هُنن لکيو. |

(ii) مٿي ڏنل جملن مان واضح ٿئي ٿو ته:

(a) فعل لازميءَ جي زمان ماضيءَ جي گردان ۾، فاعل جي صورت ساڳي ٿي رهي ۽ اُن (فاعل) ۾ ڪابه تبديلي نٿي اچي، جڏهن ته متعدي فعلن جي صورت ۾، فاعل جي صورت بدلجي ٿي.

(b) فعل لازميءَ جي زمان ماضيءَ ۾ ڦيري لاءِ، فعل جي زمان ماضيءَ واريءَ صورت جي فوراً پٺيان، ضميري پڇاڙيون ملايون وينديون آهن، جيئن زمان مستقبل جي صورت ۾، فعل جي فوراً پٺيان، ضميري پڇاڙيون ملايون وينديون آهن، جڏهن ته فعل متعديءَ سان، زمان ماضي مطلق جي ڦيري لاءِ، ڪابه ضميري پڇاڙي ڪانه ملائبي آهي.

(c) اهڙيءَ طرح فعل لازميءَ جي، زمان ماضي مطلق جي گردان ۾، فعلُ، عدد ۽ جنس جي صيغي ۾ ڦرندو آهي، پر فعل متعديءَ جي صورت ۾، ساڳئي زمان (زمان ماضي مطلق) جي ڦيري دوران، فعل عدد ۽ جنس جي صيغي ۾ نٿو بدلجي پر ساڳيو ئي ٿو رهي.

(d) ضمير غائب واحد سان، زمان ماضي مطلق جي ڦيري لاءِ، فعل لازميءَ جي صورت ۾، فعل سان ڪابه ضميري پڇاڙي نٿي ملائي وڃي، پر فعل متعديءَ سان، ساڳئي زمان (زمان ماضي مطلق) جي ڦيري لاءِ، فاعل طور ڪم ايندڙ ضمير غائب واحد جون صورتون بدلجي وينديون آهن.

(e) سرڳواسي ڪاڪو ڀيرومل، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ۾، صفحي 132 تي، سنڌي ٻوليءَ جي فعل لازميءَ جي ڦيري لاءِ، ضميري نشانين جي ملڻ واري طريقي کي، سنسڪرت جي طريقي سان ملائي ٿو، جيڪو درست نه آهي. پاڻ حاشئي ۾ لکن ٿا ته:

> 'هليس' ۽ 'ماريس' پڇاڙين ۾ جيڪو 'س' جو اُچار آهي، سو آهي اصل سنسڪرت ڌاتو 'آس' (اَسمي) = آءٌ آهيان- زمان حال- (انگريزي is). مطلب ته 'هليس' معنيٰ 'آءٌ هليو آهيان' (زمان ماضي قريب)، سنسڪرت وارو زمان ماضي قريب، سنڌيءَ ۾ زمان ماضي مطلق تي ڪم اچي ٿو. ڇاڪاڻ ته اصلوڪو زمان ماضي مطلق پراڪرت مان ئي گم ٿي ويو آهي."

ڪاڪي پيرومل جي هن راءِ سان انهيءَ ڪري اتفاق نٿو ڪري سگهجي، جو هاڻ اڪثر ماهر انهيءَ راءِ جا آهن تہ سنسڪرت خود، واديءَ سنڌ جي قديم زبان جي اُتر- اولهہ واريءَ شاخ جي هڪ لهجي 'اُديچيہ' جي هڪ صورت آهي، انهيءَ ڪي انهن خصوصيتن تي نئين سر تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

(ح) مٿي 'ج' پئرا ۾، ڏنل مثالن ۾، فعل لازمي ۽ فعل متعديءَ جي ڦيرن واري تقابلي چارٽ جي اڀياس مان ظاهر ٿو ٿئي تہ جهڙيءَ طرح 'زمان ماضي مطلق' جي ڦيري لاءِ لازمي فعل 'ڊوڙ' جي پنيان ضميري پڇاڙيون ملائي 'مان ڊوڙيُس' يا 'مان ڊوڙيَس' جملا ٺاهيا ويا، اهڙيءَ طرح متعدي فعل 'لک' جي پنيان ضميري پڇاڙيون ملائي، 'مون لکيُس' يا 'مون لکيَس' جملا ٺاهڻ، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اصولن موجب هرگز صحيح نہ ٿيندو، ۽ سنڌي ٻوليءَ جي جملن جي گهاڙيٽي جي لحاظ کان اهو صحيح گهاڙيٽو نہ ٿيندو.

تنهنڪري اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ زمان ماضي مطلق جي ڦيري لاءِ، ضميري پڇاڙيون فقط فعل لازميءَ سان ملائي سگهبيون آهن، ۽ اهڙيءَ حالت ۾ فاعل طور ڪم ايندڙ ضمير، ساڳيءَ صورت ۾ ڪم ايندا آهن، جڏهن تہ ساڳئي زمان (ماضي مطلق) جي فعل متعديءَ جي ڦيري جي صورت ۾، ضميري پڇاڙيون استعمال نہ ڪبيون آهن، پر فعل متعديءَ جي زمان ماضي مطلق جي ڦيري لاءِ، فاعل طور ڪم ايندڙ ضميرن جون صورتون بدلبيون آهن، جيئن:

| | |
|---|---|
| مون لکيو. | مان > مون |
| اسان لکيو. | اسين > اسان |
| تو لکيو. | تون > تو |
| توهان/ اوهان لکيو. | توهين > توهان |
| هِن لکيو. | اوهين > اوهان |
| | هيءُ > هِنَ |
| هُن لکيو. | هوُ > هُن |
| هِنن لکيو. | هي > هُنن |
| هُنن لکيو | هو > هُنن |

(خ) هن ڪان اڳ زمان مستقبل جي سمجهاڻي ڏيندي، اهو ٻڌايو ويو آهي تہ زمان مستقبل جي ٺاهڻ لاءِ اسم حاليہ جي پنيان، ضميري پڇاڙيون ملايون وينديون آهن، پر ضميري پڇاڙين جي مطالعي جي وڌيڪ تحقيق مان اهو بہ ظاهر ٿو ٿئي تہ سنڌي وياڪرڻ جي قاعدن موجب ٻنهي زمانن يعني 'زمان مستقبل' ۽ 'زمان ماضي مطلق' جي گهاڙيٽن ۾، ساڳيون ئي ضميري پڇاڙيون ڪم آڻبيون آهن:

(1) اتر سنڌ ۾ مان لکيو چوندا آهن، يعني اُتر سنڌ ۾ 'مان' فاعل جي صورت ساڳي رهندي

آهي، جڏهن تہ معياري لهجي ۽ ٻين لهجن ۾ 'مان' فاعل جي صورت بدلجي 'مون' ٿيندي آهي. جيئن هيٺ ڏنل مثالن مان معلوم ٿيندو:

| | ضمير | فعل زمان مستقبل جي گھاڙيٽي لاءِ ڪم ايندڙ ضميري پڇاڙيون | | | زمان ماضي مطلق جي گھاڙيٽي لاءِ ڪم ايندڙ ضميري پڇاڙيون | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | ضميري پڇاڙي | مذڪر | مونث | ضميري پڇاڙي | مذڪر | مونث |
| متڪلم | مان ڊوڙ | - س | ڊوڙندُس | ڊوڙندِيَس | - س | ڊوڙيُس | ڊوڙِيَس |
| | | - مُ(1) | ڊوڙندُم | ڊوڙنديَم | - م(1) | ڊوڙيُم | ڊوڙِيَم |
| | اسين ڊوڙ | - سين | ڊوڙنداسين | ڊوڙنديونسين | - سين | ڊوڙياسين | ڊوڙيونسين |
| | | - سون(2) | ڊوڙنداسون | - | - سون | ڊوڙياسون | - |
| حاضر | تون ڊوڙ | - اين | ڊوڙندين | | - اين | ڊوڙئين | ڊوڙيئن |
| | توهين/اوهين ڊوڙ | - آ | ڊوڙندا | | - آ | ڊوڙيا | - |
| | توهين/اوهين ڊوڙ | | - يُون | ڊوڙنديون | - يُون | | ڊوڙيون |
| غائب | هيءُ/ هُو ڊوڙ | - او | ڊوڙندو | | - او | ڊوڙيو | - |
| | هيءَ/ هوءِ ڊو | | - اي | ڊوڙندي | - اِي | - | ڊوڙي |
| | هي/ هو ڊوڙ | - آ | ڊوڙندا | | - آ | ڊوڙيا | - |
| | هي/ هو ڊوڙ | | - يون | ڊوڙنديون | - يون | | ڊوڙيون |

### (2) زمان ماضي قريب:

(الف) زمان ماضي قريب جي معنيٰ آهي تہ ويجھڙائيءَ ۾ گذري ويل زمانو يا وقت. هيءُ زمان بہ اسم مفعول جي مدد سان ٺهندو آهي. هن زمان جي گھاڙيٽي واري اصول کي سمجھڻ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

| فعل لازمي (ڊوڙ) | | فعل متعدي (لک) | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| مان ڊوڙيو آهيان. | مان ڊوڙي آهيان. | مون لکيو آهي. | مون لکيو آهي. |
| | | مان لکيو آهي. (3) | |
| اسين ڊوڙيا آهيون. | اسين ڊوڙيون آهيون. | اسان لکيو آهي. | اسان لکيو آهي. |
| تون ڊوڙيو آهين. | تون ڊوڙي آهين. | تو لکيو آهي. | تو لکيو آهي. |

(1) — م ضميري پڇاڙي فقط اُترينءَ سنڌ ۾ ڪم ايندي آهي.
(2) — سُون ضميري پڇاڙيءَ جو استعمال، فاعل مذڪر سان، اعزاز واري انداز طور ڳالهائيندڙ جي واتان ٻڌبو آهي.
(3) اترادي لهجي موجب جملي جو استعمال.

| | | | |
|---|---|---|---|
| توهين ٻوڙيا آهيو. | توهين ٻوڙيون آهيو. | توهان لکيو آهي. | توهان لکيو آهي. |
| هيءُ ٻوڙيو آهي. | هيءَ ٻوڙي آهي. | هِن لکيو آهي. | هِن لکيو آهي. |
| هُو ٻوڙيو آهي. | هُوءَ ٻوڙي آهي. | هُن لکيو آهي. | هُن لکيو آهي. |
| هي ٻوڙيا آهن. | هي ٻوڙيون آهن. | هِنن لکيو آهي. | هِنن لکيو آهي. |
| هو ٻوڙيا آهن. | هو ٻوڙيون آهن. | هُنن لکيو آهي. | هُنن لکيو آهي. |

(ب) انهن جملن ۾ فعل جي زمان ماضي مطلق جي پڇاڙيءَ سان مددي فعل (فعل معاون) 'آهي' جو زمان مضارع ۾ ملايو ويو آهي، تنهنڪري چئبو تہ ڪنهن بہ فعل لازميءَ يا فعل معديءَ جي، زمان ماضي مطلق پڇاڙيءَ، فعل معاون جو ڦيرو زمان مضارع ۾ ملائڻ سان، زمان قريب ٺهندو آهي.

(ت) زمان ماضي قريب جي مٿي ڏنل مثالن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ زمان ماضي قريب جي گردان لاءِ، فعل لازمي توڙي فعل متعديءَ جي گردانن ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ هوندو آهي، ٻنهي فعلن جا زمان ماضي قريب ۾ ڦيرا، هڪجهڙا آهن. زمان ماضي قريب جي ڦيري لاءِ، فعل لازميءَ سان ڪابہ ضميري پڇاڙي نٿي ملائي وڃي، جيئن اسين ماضي مطلق جي ڦيرن جي مثالن ۾ مٿي ڏسي آيا آهيون، مثال طور:

### فعل لازمي (ٻوڙ)

| زمان ماضي مطلق | زمان ماضي قريب |
|---|---|
| مان ٻوڙيُس / مان ٻوڙيَس. | مان ٻوڙيو آهيان/ مان ٻوڙي آهيان |
| اسين ٻوڙياسين/ اسين ٻوڙيونسين | اسين ٻوڙيا آهيون/ اسين ٻوڙيون آهيون |
| تون ٻوڙئين/ تون ٻوڙيئن | تون ٻوڙيو آهين/ تون ٻوڙي آهين |
| توهين/اوهين ٻوڙيا/ توهين/اوهين ٻوڙيون | توهين/اوهين ٻوڙيا آهيو/ توهين/اوهين ٻوڙيون آهيو |
| هيءُ/هُو ٻوڙيو/ هيءَ/هوءَ ٻوڙي | هيءُ/ هُو ٻوڙيو آهي/ هيءَ/ هوءَ ٻوڙي آهي. |
| هي/هو ٻوڙيا / هي/هو ٻوڙيون | هي/هو ٻوڙيا آهن/ هي/هو ٻوڙيون آهن. |

### (3) زمان ماضي بعيد:

(الف) زمان ماضي بعيد جي معنيٰ آهي گهڻو گذري ويل زمانو يا وقت. زمان ماضي بعيد بہ اسم مفعول جي مدد سان ٺهندو آهي.

هن زمان جي گهاڙيٽي جي اصولن کي سمجهڻ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو.

## فعل لازمي (ٻوڙ)

| زمان ماضي قريب: مذکر | زمان ماضي قريب: مؤنث | زمان ماضي بعيد: مذکر | زمان ماضي بعيد: مؤنث |
|---|---|---|---|
| مان ٻوڙيو آهيان. | مان ٻوڙي آهيان. | مان ٻوڙيو هوس. | مان ٻوڙي هُيَس. |
| اسين ٻوڙيا آهيون. | اسين ٻوڙيون آهيون. | اسين ٻوڙيا هئاسين. | اسين ٻوڙيون هيونسين. |
| تون ٻوڙيو آهين. | تون ٻوڙي آهين. | تون ٻوڙيو هئين. | تون ٻوڙي هئينءَ. |
| توهين ٻوڙيا آهيو. | توهين ٻوڙيون آهيو. | توهين ٻوڙيا هئا. | توهين ٻوڙيون هيون. |
| هيءُ/ هو ٻوڙيو آهي. | هيءَ/ هوءَ ٻوڙي آهي. | هيءُ/هو ٻوڙيو هو. | هيءَ/هوءَ ٻوڙي هئي. |
| هي/هو ٻوڙيا آهن. | هي/هو ٻوڙيون آهن. | هي/هو ٻوڙيا هئا. | هي/هُو ٻوڙيون هيون. |

(ب) انهن مثالن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ زمان ماضي بعيد ٺاهڻ لاءِ، زمان ماضي مطلق جي فعل جي پٺيان مددي فعل (فعل معاون) 'آهي' جو ڦيرو زمان ماضيءَ ۾ يعني 'هو' استعمال ڪبو آهي، ۽ فعل معاون 'هو' جي پٺيان ضميري پڇاڙيون ملايون وينديون آهن، جڏهن تہ زمان ماضي قريب ٺاهڻ لاءِ، فعل معاون 'آهي' جو ڦيرو زمان مضارع (يعني 'آهي') ۾ ڪم آڻجي ٿو، پر 'آهي' فعل جي پٺيان ڪابہ ضميري نشاني نٿي ملائجي.

(ت) انهيءَ وضاحت ڪان پوءِ، زمان ماضي بعيد ۾، فعل متعديءَ جو ڦيرو ملاحظو ڪريو:

## فعل متعدي (لک)

| زمان ماضي قريب: مذکر | زمان ماضي قريب: مؤنث | زمان ماضي بعيد: مذکر | زمان ماضي بعيد: مؤنث |
|---|---|---|---|
| مون لکيو آهي. | مون لکيو آهي. | مون لکيو هو. | مون لکيوهو. |
| اسان لکيو آهي. | اسان لکيو آهي. | اسان لکيو هو. | اسان لکيوهو. |
| تولکيو آهي. | تو لکيو آهي. | تو لکيوهو. | تو لکيو هو. |
| توهان لکيو آهي. | توهان لکيو آهي. | توهان لکيو هو. | توهان لکيو هو. |
| هِنَ/ هُنَ لکيو آهي. | هِنَ/ هُنَ لکيو آهي. | هِنَ/ هُنَ لکيو هو. | هِن/ هُن لکيو هو. |
| هِنن/ هُنن لکيو آهي. | هِنن/هُنن لکيو آهي. | هِنن/هُنن لکيو هو. | هِنن/هُنن لکيو هو. |

انهن مثالن مان اهو واضح ٿو ٿئي تہ فعل لازميءَ جي زمان ماضي بعيد ۾ ڦيري لاءِ، فعل معاون 'هو' جي پٺيان، ضميري پڇاڙيون ملايون وينديون آهن، البت ضمير غائب واحد ۽ جمع جي

صورتن ۾، ’هو‘ فعل جي پنيان ضميري پڇاڙيون نٿيون ملائجن، جڏهن تہ فعل متعديءَ جي زمان ماضي بعيد جي ڦيري دوران ڪنهن بہ ضمير سان، ضميري پڇاڙيون ملايون ڪونہ وينديون آهن.

### (4) زمان ماضي استمراري:

(الف) زمان ماضي استمراري، زمان ماضي مطلق جي پنيان استمراريءَ جون نشانيون ’پيو‘، ’پئي‘، ’پيا‘ ۽ پئيون‘ ملايون وينديون آهن، مثال طور:

| فاعل مذڪر جا مثال | فاعل مؤنث جا مثال |
|---|---|
| (i) مان ڊوڙيُس پئي/ | مان ڊوڙيَس پئي. |
| (ii) اسين ڊوڙياسين پيئي/ | اسين ڊوڙيون سين پئي. |
| (iii) تون ڊوڙين پئي/ | تون ڊوڙيئين پئي. |
| (iv) توهين ڊوڙيا پئي/ | توهين ڊوڙيون پئي. |
| (v) هيءُ/ هوُ ڊوڙيو پئي/ | هيءَ/ هوءَ ڊوڙي پئي. |
| (vi) هي/ هو ڊوڙيا پئي/ | هي/ هو ڊوڙيون پئي. |

(ب) اهي مثال، فعل لازمي ’ڊوڙ‘ جي، زمان ماضي استمراريءَ ۾ ڦيرن جا مثال هئا. هاڻي فعل متعدي ’پڙهہ‘ جا، ساڳئي زمان، زمان ماضي استمراريءَ ۾ ڦيرا ملاحظو ڪريو:

| فاعل مذڪر | فاعل مؤنث |
|---|---|
| مون پڙهيو پئي. | مون پڙهيو پئي. |
| اسان پڙهيو پئي. | اسان پڙهيو پئي. |
| تو پڙهيو پئي | تو پڙهيو پئي. |
| توهان پڙهيو پئي. | توهان پڙهيو پئي. |
| هِن/ هُن پڙهيو پئي. | هِن/ هُن پڙهيو پئي. |
| هِنن/ هُنن پڙهيو پئي. | هِنن/ هُنن پڙهيو پئي. |

انهن مثالن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ زمان ماضي استمراريءَ ۾، فعل لازميءَ ۽ فعل متعديءَ جي ڦيرن ۾ ڪو گهڻو فرق ڪونهي.

### (5) زمان ماضي متشڪي:

(الف) هن ڪان اڳ، زمان ماضي شرطيہ جي سمجهاڻي ڏني وَئي آهي ۽ ٻڌايو ويو آهي تہ زمان ماضي شرطيہ، زمان مضارع مان ٺهندو آهي، جڏهن تہ ’زمان ماضي متشڪي‘ اسم مفعول مان ٺهندو آهي.

هن زمان (زمان ماضي متشڪي) جي گهاڙيٽي ڪي سمجهڻ ڪان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

**فعل لازمي (ٻوڙ)**

| مذکر | مؤنث |
| --- | --- |
| مان ٻوڙيو هوندس. | مان ٻوڙي هونديَس. |
| اسين ٻوڙيا هونداسين. | اسين ٻوڙيون هونديونسين. |
| تون ٻوڙيو هوندين. | تون ٻوڙي هونديئن. |
| توهين ٻوڙيا هوندا. | توهين ٻوڙيون هونديون. |
| هيءُ/ هو ٻوڙيو هوندو. | هيءُ/ هوءَ ٻوڙي هوندي. |
| هي/هو ٻوڙيا هوندا. | هي/هو ٻوڙيون هونديون. |

**فعل متعدي (لک)**

| مذکر | مؤنث |
| --- | --- |
| مون لکيو هوندو. | مون لکيو هوندو. |
| اسان لکيو هوندو. | اسان لکيو هوندو. |
| تو لکيو هوندو. | تو لکيو هوندو. |
| توهان لکيو هوندو. | توهان لکيو هوندو. |
| هِن/هُن لکيو هوندو. | هِن/هُن لکيو هوندو. |
| هِنن/هُنن لکيو هوندو. | هِنن/هُنن لکيو هوندو. |

(ب) انهن جملن جي مطالعي مان واضح ٿو ٿئي تہ زمان ماضي متشڪي ناهڻ لاءِ، فعل لازميءَ جي صيغي ۾، زمان ماضي مطلق جي ڦيري جي پٺيان، فعل معاون 'آهي' جو زمان مستقبل ۾ ڦيرو ملايو ويندو آهي، جڏهن تہ متعدي فعلن جي صيغي ۾، زمان ماضي مطلق جي گردان لاءِ، فعل معاون 'آهي' جو، زمان مستقبل ۾، ضمير غائب واحد جو ڦيرو ملايو ويندو آهي، جيئن:

**فعل لازمي 'ٻوڙ'**

| | |
| --- | --- |
| (i) | مان ٻوڙيو هوندس/ مان ٻوڙي هوندس. |
| (ii) | اسان ٻوڙيا هونداسين/ اسين ٻوڙيون هونديونسين. |
| (iii) | تون ٻوڙيو هوندين/ تون ٻوڙي هونديئين. |
| (iv) | توهين ٻوڙيا هوندا/ توهين ٻوڙيون هونديون. |
| (v) | هيءُ/ هوُ ٻوڙيو هوندو/ هيءُ/ هوءَ ٻوڙي هوندي. |
| (vi) | هي/ هو ٻوڙيا هوندا/ هي / هو ٻوڙيون هونديون. |

**فعل متعدي 'لک'**

مان لکيو هوندو/ مون لکيو هوندو.
اسان لکيو هوندو/ اسان لکيو هوندو.
تو لکيو هوندو/ تو لکيو هوندو.
توهان لکيو هوندو/ توهان لکيو هوندو.
هِنَ/ هُن لکيو هوندو/ هِنَ/ هُن لکيو هوندو.
هِنن/هُنن لکيو هوندو/ هِنن/ هنن لکيو هوندو.

انهن جملن ۾ ٻنهي قسمن جي فعلن، يعني فعل لازمي ۽ فعل متعديءَ جي زمان ماضي متشڪيءَ جي ڦيري جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ فعل لازميءَ جي، زمان ماضي متشڪيءَ جي ڦيري لاءِ، فعل جي اسم مفعول واريءَ صورت کان پوءِ ڪم آيل فعل معاون (هوندو) سان ضميري پڇاڙيون ملائجن ٿيون ۽ فاعل جي شڪل ساڳي ٿي رهي، پر متعدي فعل جي حالت ۾، فعل معاون (هوندو) جي پٺيان ضميري پڇاڙيون نٿيون ملائجن پر فاعل جي شڪل بدلجي ٿي وڃي، جيئن:

مان > مون
اسين > اسان
تون > تو

توهين/ اوهين > توهان/ اوهان:

هيءُ > هِن، هيءَ > هِن

هوُ > هُن، هُوءَ > هُن

هي > هِنن

هو > هُنن

### (6) زمان ماضي مُدامي:

(الف) زمان ماضي مدامي ۽ زمان حال مُدامي ٻنهي اسم حاليہ جي مدد سان ٺهندا آهن. زمان ماضي مداميءَ جي ساخت کي سمجهڻ لاءِ هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

**زمان حال مدامي**
|
**فعل متعدي (لک)**

**مذکر** — **مونث**

**زمان ماضي مدامي**
|
**فعل متعدي (لک)**

**مذکر** — **مونث**

| زمان حال مدامي: مذکر | زمان حال مدامي: مونث | زمان ماضي مدامي: مذکر | زمان ماضي مدامي: مونث |
|---|---|---|---|
| مان لکندو آهيان. | مان لکندي آهيان. | مان لکندو هوس. | مان لکندي هُيس. |
| اسين لکندا آهيون. | اسين لکنديون آهيون. | اسين لکندا هئاسين. | اسان لکنديون هيونسين. |
| تون لکندو آهين. | تون لکندين آهين. | تون لکندو هئين. | تون لکندي هُئيئن. |
| توهين لکندا آهيو. | توهين لکنديون آهيو. | توهين لکندا هئا. | توهين لکنديون هُيون. |
| هيءُ/ هو لکندو آهي. | هيءَ/ هوءَ لکندي آهي. | هيءُ/هو لکندو هو. | هيءَ/هوءَ لکندي هُئي. |
| هي/هو لکندا آهن. | هي/هو لکنديون آهن. | هي/هُو لکندا هئا. | هِي/هُو لکنديون هيون. |

(ب) انهن جملن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ زمان حال مُدامي ۽ زمان ماضي مُداميءَ جي گهاڙيٽي ۾ هڪجهڙائي آهي. ٻنهي ۾ فرق هيءُ آهي تہ زمان حال مداميءَ جي ڦيري ۾ 'آهي' فعل جو، زمان مضارع ۾ گردان ملايو ويندو آهي، جڏهن تہ زمان ماضي مُداميءَ کي گردان لاءِ 'آهي' فعل جو گردان، زمان ماضيءَ ۾ ملائيندا آهن، جيئن:

**'آهي' فعل جو زمان مضارع ۾ ڦيرو** — **'آهي' فعل جو زمان ماضيءَ ۾ ڦيرو**

| 'آهي' فعل جو زمان مضارع ۾ ڦيرو | 'آهي' فعل جو زمان ماضيءَ ۾ ڦيرو: مذکر | مونث |
|---|---|---|
| مان آهيان | مان هوس | مان هُيَس |
| | مان هُئس | مان هُيَم |

| | | |
|---|---|---|
| اسين آهيون | اسين هئاسين | اسين هيونسين |
| تون آهين | تون هُئين | تون هُئِئن |
| توهين آهيو | توهين هئا | توهين هُيون |
| هيءُ / هوُ آهي | هيءُ/ هوُ هو | هيءَ/ هُوءَ هئي |
| هي/ هو آهن | هي/ هو هئا | هي/ هو هُيون. |

(ت) اهڙيءَ طرح 'آهي' فعل جي اسم حاليہ واري صورت 'هوندو/ هوندي' آهي. هاڻي 'هوُندو' فعل (معاون) جو زمان حال مدامي ۽ زمان ماضي مُدامي ۾ گردان جو ملاحظو ڪريو:

| زمان حال مدامي | | زمان ماضي مدامي | |
|---|---|---|---|
| مذڪر | مؤنث | مذڪر | مؤنث |
| مان هوندو آهيان. | مان هوندي آهيان. | مان هوندو هوس.<br>مان هوندو هئم. | مان هوندي هُيَس.<br>مان هوندي هُيَم. |
| اسين هوندا آهيون. | اسين هونديون آهيون. | اسان هوندا هئاسين. | اسين هونديون هيونسين. |
| تون هوندو آهين. | تون هوندي آهين. | تون هوندو هئين. | تون هوندي هئِئن. |
| توهين هوندا آهيو. | توهين هونديون آهيو. | توهين هوندا هئا. | توهين هونديون هيون. |
| هيءُ/ هو هوندو آهي. | هيءَ/ هوءَ هوندي آهي. | هيءُ/هو هوندو هو. | هيءَ/هوءَ هوندي هئي. |
| هي/هو هوندا آهن. | هي/هو هونديون آهن. | هي/هو هوندا هئا. | هي/هُوهونديون هيون. |

### (7) زمان ماضي قريب استمراري:

(الف) زمان ماضي استمراريءَ جي گهاڙيٽي کي سمجهڻ لاءِ، زمان حال استمراريءَ، زمان ماضي استمراريءَ ۽ زمان مستقبل استمراريءَ وانگر، استمراريءَ جون نشانيون پيو، پيا، پَئي ۽ پئيون، ملايون وينديون آهن، پر فرق هيءُ آهي تہ زمان ماضي قريب استمراريءَ جي گهاڙيٽي ۾، استمراريءَ جون نشانيون، بنيادي فعل کان اڳ ۽ فاعل کان فوراً پوءِ ملائبيون آهن، جيئن:

| فعل متعدي | زمان ماضي استمراري | زمان ماضي قريب | زمان ماضي قريب استمراري |
|---|---|---|---|
| لکيو | مون لکيو پئي/<br>مون پئي لکيو. | مون لکيو آهي. | مون پئي لکيو آهي. |
| | اسان لکيو پئي.<br>اسان پئي لکيو. | اسان لکيو آهي. | اسان پئي لکيو آهي. |

| | | |
|---|---|---|
| تو لکيو پئي/ توپئي لکيو. | تو لکيو آهي. | تو پئي لکيو آهي. |
| توهان لکيو پئي<br>توهان پئي لکيو. | توهان لکيو آهي. | توهان پئي لکيو آهي. |
| هِنَ لکيو پئي/ هُنَ لکيو پئي.<br>هِنَ پئي لکيو/ هُنَ پئي لکيو. | هِنَ/هُنَ لکيو آهي. | هِن/هُن پئي لکيو آهي. |
| هِنن لکيو پئي/ هُنن لکيو پئي.<br>هِنن پئي لکيو/ هُنن پئي لکيو. | هِنن/هُنن لکيو آهي. | هِنن/هُنن پئي لکيو آهي.<br>هِنن/هُنن لکيو پئي آهي. |

(ب) ساڳيءَ طرح فعل لازمي 'ڊوڙ' جو گردان ڏسو ملاحظو ڪريو:

| زمان ماضي استمراري | زمان ماضي قريب | زمان ماضي قريب استمراري |
|---|---|---|
| مان ڊوڙيس پِئي.<br>مان پِئي ڊوڙيس. | مان ڊوڙيو آهيان. | مان پِئي ڊوڙيو آهيان |
| اسين ڊوڙياسين پئي.<br>اسين پئي ڊوڙياسين. | اسين ڊوڙيا آهيون. | اسين پئي ڊوڙيا آهيون. |
| تون ڊوڙيئن پئي.<br>تون پئي ڊوڙيئن. | تون ڊوڙيو آهين. | تون پئي ڊوڙيو آهين. |
| توهين ڊوڙيا پِئي.<br>توهين پِئي ڊوڙيا. | توهين ڊوڙيا آهيو. | توهين پئي ڊوڙيا آهيو. |
| هيءُ/هُو ڊوڙيو پئي.<br>هيءُ/ هُو پئي ڊوڙيو. | هيءُ/ هو ڊوڙيو آهي. | هيءُ/ هُو پئي ڊوڙيو آهي. |
| هي/ هو ڊوڙيا پئي.<br>هي/هُو پئي ڊوڙيا. | هي/هُو ڊوڙيا آهن. | هي/ هُو پئي ڊوڙيا آهن. |

### (8) زمان ماضي بعيد استمراري:

(الف) هن زمان جو گهاڙيٽو، زمان ماضي قريب استمراريءَ جي گهاڙيٽي جهڙو آهي. مثال طور فعل متعدي 'لک' جو زمان ماضي بعيد استمراريءَ ۾ گردان جو ملاحظو ڪريو:

| زمان ماضي قريب استمراري | زمان ماضي بعيد استمراري |
|---|---|
| مون پِئي لکيو آهي. | مون پِئي لکيو هو. |

| | |
|---|---|
| اسان پئي لکيو آهي. | اسان پئي لکيو هو. |
| تو پئي لکيو آهي. | تو پئي لکيو هو. |
| توهان پئي لکيو آهي. | توهان پئي لکيو هو. |
| هِن/ هُن پئي لکيو آهي. | هِن/ هُن پئي لکيو هو. |
| هِنن/ هُنن پئي لکيو آهي. | هِنن / هُنن پئي لکيو هو. |

(ب) انهن جملن جي مطالعي مان زمان ماضي قريب استمراريءَ ۽ زمان ماضي بعيد استمراريءَ جي ڳهاڙيٽي ۾ فرق هيءُ آهي تہ زمان ماضي قريب استمراريءَ جي گردان لاءِ، زمان ماضيءَ جي ڦيري جي پٺيان مددي فعل 'آهي' جو زمان مضارع ۾ گردان ملايو ويندو آهي، جڏهن تہ زمان ماضي بعيد جي ڦيري لاءِ، مددي فعل 'آهي' جي زمان ماضيءَ ۾ 'هو' صورت جو گردان ملايو ويندو آهي، جيئن:

| زمان ماضي قريب استمراري | زمان ماضي بعيد استمراري |
|---|---|
| مون پئي لکيو آهي. | مون پئي لکيو هو. |
| اسان پئي لکيو آهي. | اسان پئي لکيو هو. |
| تو پئي لکيو آهي. | تو پئي لکيو هو. |
| توهان پئي لکيو آهي. | توهان پئي لکيو هو. |
| هِن/ هُن پئي لکيو آهي. | هِن/ هُن پئي لکيو هو. |
| هِنن/ هُنن پئي لکيو آهي. | هِنن/ هُنن پئي لکيو هو. |

هاڻي صفحي 209 تي ڏنل چارٽ جي مدد سان 'لک/ ڊوڙ' فعلن جو سيني زمانن ۾ ڦيرن جو تقابلي چارٽ ڏجي ٿو:

| زمان | جنس | ضمير متڪلم واحد | ضمير متڪلم جمع | ضمير حاضر واحد | ضمير حاضر جمع | ضمير غائب واحد ويجهو | ضمير غائب واحد ڏور | ضمير غائب جمع ويجهو | ضميرغائب جمع ڏور |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | مان / آءٌ | اسين | تون | توهين/ اوهين | هيءُ/ هيءَ | هُو / هُوءَ | هي | هو |
| 12- زمان مستقبل | مذڪر | مان ڊوڙندس.<br>مان ڊوڙندم.<br>مان لکندس.<br>مان لکندم | اسين ڊوڙنداسين.<br>اسين لکنداسين. | تون ڊوڙندين.<br>تون لکندين. | توهين ڊوڙندا.<br>توهين لکندا. | هيءُ ڊوڙندو.<br>هيءُ لکندو. | هُو ڊوڙندو.<br>هُو لکندو. | هي ڊوڙندا.<br>هي لکندا. | هو ڊوڙندا.<br>هو لکندا. |
| | مؤنث | مان ڊوڙنديس.<br>مان ڊوڙيندم.<br>مان لکنديس.<br>مان لکنديم | اسين ڊوڙنديونسين.<br>اسين لکنديونسين. | تون ڊوڙنديئن.<br>تون لکنديئن. | توهين ڊوڙنديون.<br>توهين لکنديون. | هيءَ ڊوڙندي.<br>هيءَ لکندي. | هُوءَ ڊوڙندي.<br>هُوءَ لکندي. | هي ڊوڙنديون.<br>هي لکنديون. | هو ڊوڙنديون.<br>هو لکنديون. |
| 13- زمان مستقبل استمراري | مذڪر | مان ڊوڙندس<br>پيو.<br>مان لکندس<br>پيو. | اسين ڊوڙنداسين<br>پيا.<br>اسين لکنداسين<br>پيا. | تون ڊوڙندين<br>پيو.<br>تون لکندين<br>پيو. | توهين ڊوڙندا پيا.<br>توهين لکندا پيا. | هيءُ ڊوڙندو<br>پيو.<br>هيءُ لکندو<br>پيو. | هُو ڊوڙندو<br>پيو.<br>هُو لکندو<br>پيو. | هي ڊوڙندا<br>پيا.<br>هي لکندا<br>پيا. | هو ڊوڙندا پيا.<br>هو لکنداپيا. |
| | مؤنث | مان ڊوڙنديس<br>پئي.<br>مان لکنديس<br>پيئي. | اسين ڊوڙنديونسين<br>پيون.<br>اسين لکنديونسين<br>پيون. | تون ڊوڙنديئين<br>پيئي.<br>تون لکنديئن<br>پيئي. | توهين ڊوڙنديون<br>پيئون.<br>توهين لکنديون<br>پيئون. | هيءَ ڊوڙندي<br>پيئي.<br>هيءَ لکندي<br>پيئي. | هُوءَ ڊوڙندي<br>پيئي.<br>هُوءَ لکندي<br>پيئي. | هي ڊوڙنديون<br>پيئيون.<br>هي لکنديون<br>پيئيون. | هو ڊوڙنديون<br>پيئيون.<br>هو لکنديون<br>پيئيون. |

# باب ٻارهون: فعلن جون معروفي ۽ مجهولي صورتون/ فعلن جا پريوگ

1- هن کان اڳ، باب اٺين ۾، فعل جا قسم ڄاڻايا ويا آهن. فعل جا ٻِهي قسم هي آهن: فعل لازمي ۽ فعل متعدي. فعلن جي انهن ٻنهي قسمن جا وري اڳتي ٻه ٻه قسم آهن. انهن سڀني قسمن کي، هيٺ ڏنل چارٽ ذريعي سمجهي سگهجي ٿو:

**فعل**
- **فعل لازمي**
  - **فعل لازمي معروف**
  - **فعل لازمي مجهول**
- **فعل متعدي**
  - **فعل متعدي مجهول**
  - **فعل متعدي بالواسطہ**
    - **فعل متعدي بالواسطہ معروف**
    - **فعل متعدي بالواسطہ مجهول**
    - **فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ**
      - **فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ معروف**
      - **فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ مجهول**

مٿي ڏنل چارٽ جي اڀياس کان پوءِ چئي سگهجي ٿو تہ فعل جا ڪل ملائي قسم هي آهن:

(1)
- (i) **فعل لازمي معروف**
- (ii) **فعل لازمي مجهول**

(2)
- (i) **فعل متعدي معروف**
- (ii) **فعل متعدي مجهول**
- (iii) **فعل متعدي بالواسطہ معروف**
- (iv) **فعل متعدي بالواسطہ مجهول**
- (v) **فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ معروف**
- (vi) **فعل متعدي ٻٽو بالواسطہ مجهول**

اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ فعلن جي انهيءَ مطالعي کي 'فعلن جا پريوگ' بہ چئبو آهي.
مرزا قليچ، پروفيسرو ڀيرومل آڏواڻيءَ، واحد بخش شيخ ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي فعلن جي

معروفي ۽ مجهولي صورتن جي مطالعي کي 'فعلن جا پريوگ' جي عنوان سان، پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۾ پيش ڪيو آهي، جيئن هن باب ۾ اڳتي هلي معلوم ٿيندو.

هاڻي هيٺ فعل جي هرهڪ قسم جو مطالعو پيش ڪجي ٿو.

**(الف) فعل لازمي معروف:**

(1) فعل لازمي معروف جي وصف ۾، اڳ ۾، اهو ٻڌايو ويو آهي ته فعل لازميءَ مان مراد اهو فعل آهي جنهن ۾ فاعل (ڪم جو ڪندڙ)، معروف يعني ظاهر هوندو آهي ۽ فعلُ پنهنجي اُن فاعل پٺاندر، عدد ۽ جنس ۾ ڦرندو آهي (پيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي وياڪرڻ، ص 170)، جيئن:

(i) اڪبر اچي ٿو.

(ii) مان هلان ٿو.

(iii) فرزانه ڊوڙندي.

(iv) اسڪول جا ٻار جهولي ۾ لڏندا.

(v) گهوڙا ڊوڙيا.

انهن جملن ۾ اڪبر، مان، فرزانه، ٻار ۽ گهوڙا فاعلن (ڪم ڪندڙن) طور ڪم آيا آهن، جيڪي انهن جملن ۾ بلڪل ظاهر ظهور بيٺا آهن. انهن جملن ۾ فعلَ پنهنجن فاعلن پٺاندر، عدد ۽ جنس ۾ مٽجن ٿا، تنهنڪري انهن فعلن جو 'پريوگ ڪَرتري' چئبو.[1] اهي 'فعل لازمي معروف' به چئبا.

(2) پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ جو خيال آهي ته "سنسڪرت ۾ 'ڪَرتر' يا 'ڪَرتا' معنيٰ ڪم ڪندڙ يعني 'فاعل' ۽ 'ڪَرتري' معنيٰ 'فاعلي نسبت' يا لاڳاپو[2]". پروفيسر آڏواڻي 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ڪتاب ۾، صفحي 170 تي پريوگ لفظ جي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو ته:

"مٿين جملن ۾ فعل، پنهنجي فاعل پٺاندر عدد، جنس ۽ ضمير ۾ موافقت رکي ٿو. عربيءَ ۾ موافقت معنيٰ ميلاپ. سنسڪرت لفظ پريوگ جي به بنيادي معنيٰ آهي 'ميلاپ'، پر رواجي طرح معنيٰ اٿس 'صورت'. اهي معنائون وٺي چئبو ته پريوگ مان اها خبر پوي ٿي ته فعل، معروف صورت وارو آهي يا مجهول صورت وارو، ۽ جنهن لفظ پٺاندڙ اهو عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي ٿو، سو جملي ۾ فاعل آهي يا مفعول آهي."

(3) ٻئي ماهر يعني پروفيسر پيرومل آڏواڻي ۽ مرزا قليچ بيگ فعل لازمي معروف جي ڦيري کي 'ڪَرتري پريوگ' سڏين ٿا. پروفيسر پيرومل اڳتي صفحي 171 تي، 'ڪرتري پريوگ' جي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو ته:

---

(1) پيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڇاپو ٻيو، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، 1985ع/ 1405ھ، ص 701.
۽ پڻ ڏسو: قليچ بيگ مرزا: سنڌي وياڪرڻ (4 ڀاڱا)، ڄام شورو، سنڌي ادبي بورڊ، نئين ڇاپي جو ٻيو ايڊيشن، 1992ع/ 1413ھ، ص 56.
(2) ايضاً

"ڪرتري پريوگ ۾ فعلُ پنهنجي فاعل پٺاندڙ مٽجي ٿو، تنهنڪري اهو نالو پيو اٿس."
پروفيسر صاحب اجا بہ اڳتي، ساڳئي صفحي 171 تي لکي ٿو تہ:

"مٿي چيوسين تہ 'پريوگ' جي رواجي معنيٰ معروف 'صورت' بہ آهي. انهيءَ معنيٰ موجب چئبو تہ 'ڪَرتري پريوگ' معنيٰ 'معروف صورت'. معروف صورت ۾ فعل هميشہ پنهنجي فاعل ڏي ڏيان ڇڪائي ٿو. مطلب تہ 'ڪرتري پريوگ' اهو آهي جنهن ۾ فعل سدائين معروف صورت وارو آهي ۽ سدائين پنهنجي فاعل پٺاندڙ، عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مٽجي ٿو.

سڀ فعل، ڇا لازمي، ڇا متعدي، جي معروف صورت وارا آهن، سي 'ڪرتري پريوگ' ۾ رهن ٿا."

## (ب) فعل لازمي مجهول:

(1) فعل لازمي مجهول مان مراد، اهو فعل آهي جنهن جو فاعل (ڪم جو ڪندڙ) نامعلوم هجي، يعني جنهن جو فاعل ظاهر نہ هجي. اهڙي فعل کي پروفيسر پيرومل، 'فعل اَڪَر ترڪ' يا 'فعل بي فاعل' سڏيو آهي (پيرومل: ص 95)، مثال:

(i) پينگهي ۾ لُڏجي ٿو.

(ii) پينگهي ۾ لڏبو آهي.

انهن جملن ۾ ڪم آيل لفظ 'لُڏڻ' فعل لازمي آهي. فعل لازميءَ کي، مفعول ڪونہ ٿيندو آهي، ويتر هن قسم جي جملن ۾، فعل جي ڦيري دوران، فاعل بہ ظاهر ڪونهي، تنهنڪري ڪاڪي پيرومل، هن قسم جي فعل کي، 'فعل اڪرترڪ' يا 'فعل بي فاعل' سڏيو آهي (پيرومل: ص 95).

(2) پروفيسر آڏواڻي، پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي صفحي 95 تي 'فعل بي فاعل' يا 'فعل اَڪرترڪ' جي عنوان هيٺ وڌيڪ لکيو آهي تہ:

(i) آءٌ پينگهي ۾ لڏان ٿو.

(ii) پينگهي ۾ لڏجي ٿو.

هنن جملن مان پهرئين جملي ۾ آءٌ (فاعل)، پنهنجي بابت پينگهي ۾ لُڏڻ جي ڳالهہ ڪريان ٿو، ۽ ٻئي جملي ۾ ڪنهن خاص ماڻهوءَ جي لُڏڻ جي ڳالهہ ڪانهي پر رڳو عام حقيقت ڄاڻايل آهي تہ:

پينگهي ۾ لڏجي ٿو.

پهرئين جملي ۾ 'آءٌ' ضمير فاعل آهي، جو معروف يعني ظاهر يا پڌرو بينو آهي، تنهنڪري چئبو تہ 'لڏان ٿو' معروف صورت وارو فعل آهي.

ٻئي جملي ۾، فعل 'لڏجي ٿو' جو ڪوبہ فاعل ظاهر ڪونهي، تنهنڪري چئبو تہ اِهو فعلُ بي فاعل' يا 'فاعل' کان سواءِ آهي. هن کي 'اَڪر ترڪ فعل' چئبو آهي. سنسڪرت ۾ 'اَ' معنيٰ

’نہ‘، ’ڪَرتَر يا ڪرتار‘ معنيٰ ڪم ڪندڙ (فاعل) ۽ ’اڪرترڪ فعل‘ معنيٰ اهو فعل جنهن کي فاعل ڪونهي، يعني ’بي فاعل فعل‘.

پروفسر آڏواڻي صاحب پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾، ’اڪَرترڪ فعل‘ يا ’فعل بي فاعل‘ واريءَ راءِ جي، صفحي 96 تي، وڌيڪ وضاحت ڪئي آهي، ۽ هن قسم جي فعلن کي، ’فعلن جون مجهولي صورتون‘ ڄاڻائي لکي ٿو تہ:

> ”فعل لازميءَ جون بہ صورتون، يعني فعل لازمي معروف ۽ فعل لازمي مجهول واريون صورتون، سنڌي ٻوليءَ جي خاص خصوصيت ۾ شامل آهن.

سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ، ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾، ’فعل بي فاعل‘ ڪونهي، تنهنڪري هن قسم جي جملن جو، ٻيءَ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿي ڪين سگهندو.

ٻي ڳالهہ تہ ٻين ٻولين ۾ رڳو فعل متعدي، معروف ۽ مجهول صورت وٺي ٿو، پر سنڌيءَ ۾ فعل لازمي بہ آهي جيڪو ٻئي صورتون وٺي ٿو. اهو نمونو، آڳاٽيءَ سنسڪرت مان ورتل آهي. ’لڏڻ‘ فعلُ لازمي آهي ڇاڪاڻ تہ اُن کي مفعول ڪونہ ٿيندو آهي. ’لڏڻ‘ لفظ ۾ ’ج‘ ڳنڍڻ سان، ’لڏجڻ‘ ٺهي ٿو. مٿي اڳي ئي چيو ويو آهي تہ فعل ۾ ائين ’ج‘ ڳنڍجي ٿو تہ فعلُ مجهول صورت وارو ٿي پوي ٿو: تنهنڪري چئبو تہ ’فعل لازميءَ‘ جون بہ بہ صورتون آهن: هڪڙي معروف صورت ۽ ٻي مجهَول صورت“.

(3) ’فعل اڪرترڪ‘ يا ’فعل بي فاعل‘ واري عنوان تي، سنڌ جو ٻيو وياڪرڻ، ’شيخ واحد بخش‘ صاحب پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو‘ ۾، صفحي 383 تي، پنهنجي راءِ ڏني آهي، ۽ لکي ٿو تہ:

> ”اُهو فعل، جو جملي ۾ ڪنهن فاعل جو محتاج نہ هجي، تنهن کي ’اڪرترڪ‘ يا ’فعل بي فاعل‘ چئبو آهي. هي فعل هميشہ مجهولي صورت ۾ هوندو آهي: مثلاً:
>
> (i) موسم آهر لباس ڍڪڻ گهرجي.
>
> (ii) ڪيترو بہ ڀڄبو تہ بہ موت کان بچي نہ سگهبو.
>
> (iii) محنت ڪبي تہ ڦل پائبو.

## 2- مجهولي فعلن جا گهاڙيٽا:

(الف) سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي مطالعي دوران، ماهرن سنڌي ٻوليءَ جي مجهولي فعلن جي گهاڙيٽن طرف خاص طور نشاندهي ڪئي آهي، ۽ اهڙن مجهولي فعلن جي گهاڙيٽن جا اصول بہ مقرر ڪيا آهن.

ماهرن جي راءِ موجب، سنڌي ٻوليءَ جي ’فعل لازمي مجهول‘ توڙي ’فعل متعدي مجهول‘

جون زمان مضارع، زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي ڦيرن پٽاندر، الڳ الڳ 'نشانيون' يا 'علامتون' آهن. اُهي نشانيون يا علامتون، فعل جي ڌاتوءَ سان (اُن ڌاتوءَ جي آخر ۾) ملايون ويندیون آهن جيئن: تہ:

(1) زمان مضارع جي ڦيري لاءِ، فعل لازمي مجهول توڙي فعل متعدي مجهول جي علامت 'ج' آهي، جيڪا فعل جي ڌاتوءَ جي پنيان ملائي ويندي آهي، مثال طور:

| فعل جو ڌاتو + | مجهولي فعل جي نشاني | زمان مضارع جي نشاني + | زمان مضارع پٽاندر ڦيرو |
|---|---|---|---|
| لُڏ (فعل لازمي) | - ج | آن، اُون | لُڏجان، لڏجون |
| | | اين، او | لڏجين، لڏجو |
| | | اي، آن | لڏجي، لڏجن |
| مار (فعل متعدي) | - ج | آن، اُون | مارجان، مارجون |
| | | اِين، او | مارجين، مارجو |
| | | اي، آن | مارجي، مارجن |

(2) زمان حال جي ڦيري لاءِ بہ، فعل لازمي مجهول ۽ فعل متعدي مجهول جي علامت 'ج' آهي، جيڪا فعل جي ڌاتوءَ جي پنيان ملائي ويندي آهي، مثال طور:

| فعل جو ڌاتو + | مجهولي فعل جي نشاني+ | زمان حال جي نشاني + | | زمان حال پٽاندر ڦيرو |
|---|---|---|---|---|
| مار (فعل متعدي) | - ج | آن ٿو | = | مارجان ٿو |
| | | اُون ٿا | = | مارجون ٿا |
| | | اين ٿو | = | مارجين ٿو |
| | | او ٿا | = | مارجو ٿا |
| | | اي ٿو | = | مارجي ٿو |
| | | آن ٿا | = | مارجن ٿا |

(3) زمان ماضي مطلق جي ڦيري لاءِ، فعل لازمي مجهول توڙي فعل متعدي مجهول جي علامت 'ويو' آهي، جيڪا فعل جي پنيان ملائي ويندي آهي. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ زمان ماضيءَ جي ڦيري لاءِ، فعل مجهول جي علامت جي پنيان، فعل سان ضميري پڇاڙيون بہ ملايون ويندیون آهن، جيئن:

| فعل جو ڌاتو + | زمان ماضيءَ واري علامت | مجهولي فعل جي علامت | + | فعل جي پٺيان ملندڙ ضميري نشاني | | زمان ماضيءَ پٺاندڙ ڦيرو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مار | + يو | ويو | + | - س | = | ماريو ويس |
| | + يا (جمع جي صورت) | ويا | + | - سين | = | ماريا وياسين |
| | | | | - سُون | = | ماريا وياسون |
| | + يو | ويو | + | - اين | = | ماريو وئين |
| | + يا (جمع جي صورت) | ويا | + | - آ | = | ماريا ويا |
| | | | | - او | = | ماريو ويو |
| | + يو | ويو | + | - آ | | ماريا ويا |
| | + يا (جمع جي صورت) | ويا | + | | | |

(4) (i) زمان مستقبل جي ڦيري لاءِ، فعل لازمي مجهول ۽ فعل متعدي مجهول جي علامت 'بو' آهي، جيڪا فعل جي ڌاتوءَ جي پٺيان ملائي ويندي آهي. اهو به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته زمان ماضيءَ وانر، زمان مستقبل جي اهڙي ڦيري لاءِ، فعل جي پٺيان ضميري نشانيون ملايون وينديون آهن، جيئن:

| فعل جو ڌاتو | + | مجهولي فعل جي نشاني | + | فعل جي پٺيان ملندڙ ضميري نشاني | | زمان ماضيءَ پٺاندڙ ڦيرو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مار | + | + بو | + | - س | = | ماربس |
| | + | + با (جمع جي صورت) | + | - سين | = | مارباسين |
| | + | + بو | | - سُون | = | مارباسون |
| | + | + با (جمع جي صورت) | + | - اين | = | ماربين |
| | + | + بو | + | - | = | ماربا |
| | + | + با (جمع جي صورت) | + | - | = | ماربو |
| | | | + | - | | ماربا |

(ii) زمان مستقبل جي ڦيري لاءِ، مجهولي فعل جو هڪ ٻيو به گهاڙيٽو آهي. زمان مستقبل جي مجهولي. فعل جي اهڙي گهاڙيٽي لاءِ، مجهولي فعل جي زمان ماضيءَ واري ڦيري جي پٺيان، زمان ماضيءَ لاءِ فعل جي مجهولي نشاني 'ويو' جو زمان مستقبل ۾ ڦيرو ملايو ويندو آهي، جيئن:

| فعل جو ذاتو | + | فعل جي زمانِ ماضيءَ واري صورت | + | فعل جي زمان ماضيءَ واريءَ نشانيءَ 'وھ' جو زمان مستقبل ۾ ڦيرو | | مجهولي فعل جو زمان مستقبل پٽاندر ڦيرو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| مار | + | + يو | + | + ويندس | = | ماريو ويندس |
| | + | + يا (جمع جي صورت) | + | وينداسين | = | ماريا وينداسين |
| | + | + يا | | ويندا سون | = | ماريا ويندا سون |
| | + | + يو | + | ويندين | = | ماريو ويندين |
| | + | + يا (جمع جي صورت) | + | ويندا | = | ماريا ويندا |
| | + | + يو | + | ويندو | = | ماريو ويندو |
| | | + يا (جمع جي صورت) | + | ويندا | = | ماريا ويندا |

(iii) سنڌي ٻوليءَ جي ڪن لهجن جي مطالعي مان اهو ٻہ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ جي ڪن خطن جا ماڻهو، زمان مستقبل جي ڦيري لاءِ، زمان مضارع ۽ زمان حال وارِي، مجهولي فعل واري علامت 'ج' بہ ملائيندا آهن، مثال طور:

| زمان مستقبل جو عام مجهولي فعل | ڪن خطن ۾ مجهولي فعل جو استعمال |
|---|---|
| ماربو، لکبو، ڪُسبو، لڏبو | مارجندو، لکجندو، ڪُسجندو، لڏجندو |

(ب) (i) پروفيسر پيرومل، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ڪتاب ۾ صفحي 114 تي هڪ عنوان تي بحث ڪيو آهي؛ اهو عنوان آهي: 'مجهول فعلن جو اسم حاليہ'؛ پر منهنجيءَ ناقص راءِ موجب، پروفيسر پيرومل جي انهيءَ عنوان تي، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين کي سوچي، پنهنجي راءِ ڏيڻ جي ضرورت آهي. پروفيسر صاحب، پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي صفحي 113 تي، 'اسم حاليہ جوڙڻ جون واٽون' واري عنوان هيٺ لکيو آهي تہ:

"فعل جي ذاتوءَ جي پٺيان، 'اَندو' يا 'اِندو' پڇاڙيءَ گڏڻ سان اسم حاليہ ٺهي ٿو."

پروفيسر صاحبُ، اڳتي اسم حاليہ جي صورتن جي باري ۾ پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو تہ:

""هل + اَندو' يا 'ڏاھ + اِندو' اسم حاليہ جون معروفي صورتون آهن."

هاڻ جيڪڏهن پروفيسر پيرومل جي اها راءِ قبول ڪبي، يعني فعل جي مجهولي صورتن مان، اسم حاليہ جي ٺهڻ واري راءِ قبول ڪبي، تہ پوءِ فعل جي مجهولي صورتن 'مارج'، 'ماريو ويو' ۽ 'ماربو' مان اسم حاليہ واريون صورتون جوڙڻيون پونديون، جيڪا راءِ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اصولن موجب قبول ڪرڻ جهڙي ڪانهي. لهاذا پروفيسر صاحب جي انهيءَ راءِ کي سنڌس

ڪتاب مان حذف ڪرڻو پوندو. ڇاڪاڻ تہ مجهولي فعل مارجندو مان، اسمِ حاليہ جو نهڻ ممڪن نہ آهي.

(ii) دراصل، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ سڀني فعلن جون، معروفي توڙي مجهولي صورتون، مختلف زمانن پٽاندڙ ڦرنديون آهن، انهيءَ ڪري جيئن باب نائين ۾ وضاحت ڪندي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اصولن موجب، سڀني زمانن جوڙڻ جا ٽي ماخذ آهن، اُهي آهن:
زمان مضارع، اسمِ حاليہ ۽ اسمِ مفعول

(ت) مٿي پئرا 2 جي 'الف' حصي جي (i)، (ii)، (iii) ۽ (iv) جزن هيٺ، زمانن پٽاندر، مجهولي فعلن جي ڦيرن لاءِ ٻڌايو ويو آهي تہ:

(i) زمان مضارع جي ڦيري لاءِ، فعل لازمي مجهول توڙي متعدي مجهول جي نشاني 'ج' آهي.

(ii) زمان حال جي ڦيري لاءِ بہ، فعل لازمي مجهول توڙي فعل متعدي مجهول جي نشاني 'ج' آهي.

(iii) زمان ماضي مطلق جي ڦيري لاءِ، فعل لازمي مجهول ۽ فعل متعدي مجهول جي نشاني 'وِيو' آهي.

(iv) زمان مستقبل جي ڦيري لاءِ، فعل لازمي مجهول ۽ فعل متعدي مجهول جي نشاني 'بو' آهي. زمان مستقبل جي ڦيري پٽاندر، لهجي وار ٻوليءَ جا بہ ڪي مثال آهن، جيئن: ماربو، ماريو ويندو يا مارجندو.

(ث) (i) هيٺ، انهن چئني زمانن پٽاندر، مجهولي فعلن جي ڦيرن جا مثال ڏجن ٿا:

| زمان | فعل لازمي معروف جو ڦيرو | فعل لازمي مجهول جو ڦيرو | فعل متعدي معروف جو ڦيرو | فعل متعدي مجهول جو ڦيرو |
|---|---|---|---|---|
| مضارع | لڏان، لڏون | لڏجي | لڪان، لڪون | لڪجي |
| حال | لڏان ٿو، لڏون ٿا | لڏجي ٿو | لڪان ٿو، لڪون ٿا | لڪجي ٿو |
| ماضي | لڏيس، لڏياسين | لڏيو ويو | لڪيم، لڪيوسين | لڪيو ويو |
| مستقبل | لڏندس، لڏنداسين | لڏبو<br>لڏيو ويندو،<br>لڏيو وجبو<br>لڏجندو | لڪندس، لڪنداسين | لڪبو، لڪيو ويندو<br>لڪجندو |

(ii) انهن مثالن ۾ فعل لازمي مجهول وارن جملن جي مطالعي مان ظاهر ٿو ٿئي تہ فعل لازمي مجهول جو فاعل ظاهر ڪونهي، يعني انهن جملن ۾ فاعل نامعلوم آهي. لازمي مجهول وارن انهن فعلن مان اها خبر نٿي پوي تہ:

• پينگهي ۾ ڪير لڏي رهيو آهي؟
• پينگهي ۾ ڪير لڏيو؟
• پينگهي ۾ ڪير لڏندو؟

اهوئي سبب آهي جو پروفيسر پيرومل انهن فعلن کي ’فعل اَڪرترڪ‘ يا ’فعل بي فاعل‘ سڏيو آهي. پروفيسر پيرو مل ۽ مرزا قليچ بيگ، فعل لازميءَ جي مجهولي صورتن واري ڦيري کي، فعل جو ’ڪرتري پريوگ‘ سڏيو آهي.

(ج) سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي هڪ ٻئي ماهر واحد بخش شيخ، پنهنجي ڪتاب، ”سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو“ جي پهرئين ڀاڱي جي صفحي 375 تي، فعل جي مجهولي صورت جي باري ۾ لکي ٿو ته:

”مجهول جي هڪ ٻي صورت، مجهول جي مصدر جي، حرف ’ج‘ ۽ ’ب‘ ۾ تبديل ڪرڻ سان ٺهندي آهي، جا جنس ۽ عدد ۾ ڦري سگهندي آهي: مثلاً: چئبو، ڳولبو، ليکبو وغيره. مجهول جي هن ترڪيب مان مستقبل ۾ ڪم ٿيڻ، يا هلندڙ ۽ گذريل زماني ۾، هميشه جاري رهڻ جي معنيٰ نڪرندي آهي، جيئن هيٺ ڏنل گردان مان معلوم ٿيندو:

| مذڪر | | مؤنث | |
|---|---|---|---|
| واحد | جمع | واحد | جمع |
| ليکبو | ليکبا | ليکبي | ليکبيون |

واحد بخش شيخ صاحب، شاهه سائينءَ جي ڪلام مان، فعل لازمي مجهول ۽ فعل متعدي مجهول جي ڦيرن جا، حوالي طور، ڪي مثال ڏنا آهن، جيئن:

(i) توٽي ڪنبن ڪات، ته به ساڳي سلن ڪينڪي
(ii) صباح سيپئي، پسبيون پاتار ۾
(iii) هتان لاهوتي لڏ، ته گر ڪي گڏبين ڪاپڙي
(iv) ته نانگا تنهنجو ناءُ، لکجي لاهوتين سين
(v) جيسين ڏنهه هڻءِ، اديون لکجي آئيو
(vi) جوڳي جال ڏنام، پر ڪوڪو ليي ڪاپڙي
(vii) انت نه ڏجي عام کي، لوڪان ڪجي لڪ

(ح) (i) فعل لازمي مجهول جو اڳتي ڏنل ٻين جملن ۾، عدد ۽ جنس جي ڦيري پٽاندر، مطالعو ٿو ڪجي ته اها خبر پئي پوي ته فاعل، لازمي فعل جي مجهولي صورت سان، ڪهڙيءَ جنس ۽ ڪهڙي عدد پٽاندر ڦريو آهي، يا ڦريو به آهي يا نه؟ مثال طور:

سنڌيءَ، اهو طريقو سنسڪرت ۽ پراڪرت کان ورثي ۾ حاصل ڪيو آهي ۽ اڄاتائين پاڻ وٽ سلامت رکيو آهي. ٻئي طرف ٻين آريہ ٻولين ۾ اهڙا روپ هاڻي ڪتب نٿا اچن."

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب دراصل سنڌي ٻوليءَ جي سنسڪرت مان ڦُٽي نڪرڻ واريءَ راءِ تان هٽ ڪڻ لاءِ تيار نہ آهي ۽ انهيءَ سبب جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي پنهنجي اصلوڪي خصوصيت ڪي بہ نٿو مڃي، نہ تہ مٿي مجهولي فعلن جي گهاڙيٽن جي سمجهاڻي ڏيندي مجهولي فعلن جي، زمانن پٽاندر ڦيرن لاءِ، مجهولي فعلن جي نشانين /ج/، ويو/ ۽ /بو/ جي باري ۾ واضح لفظن ۾ سمجهايو ويو آهي.

(ت) (i) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، پنهنجي مقالي ۾ لکيو آهي تہ:

"سنسڪرت ۾، ڪرمڻي پريوگ ٺاهڻ لاءِ، فعل جي بنياد ۾ /ي/ نشاني لڳائبي آهي. اها نشاني پراڪرت ۾ بدلجي / ايئہ/ يا / اِج/، ۽ سنڌيءَ ۾ /اِج/ يا /ج/ ٿي آهي، جيئن:

| سنسڪرت | پراڪرت | سنڌي |
| --- | --- | --- |
| پِيپتي (پيئجي ٿو) | پِئجَئي | پيئجي |
| گيَتي (ڳائجي ٿو) | گائجَئہ | ڳائجي |

سنسڪرت ۽ پراڪرت وانگر، سنڌيءَ ۾ اسين فعل لازميءَ ۾ پڻ اهي پڇاڙيون لڳائي سگهندا آهيون. اهڙن فعلن وارا جملا 'ڀاوي پريوگ' جا مثال آهن، جيئن:

| سنسڪرت | پراڪرت | سنڌي |
| --- | --- | --- |
| جِيوِيَتي (جيئجي ٿو) | جيئجَئي | جيئجي |

سنڌيءَ ۾ ٻيا مثال آهن: هلجي، نچجي ۽ ٻيهجي وغيره.

(ii) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، 'پريوگ ڀاويءَ' جي سلسلي ۾ جيڪا راءِ ڏني آهي، اُن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب پريوگ ڀاويءَ جي سلسلي ۾ بہ منجهيل آهي. سنڌي وياڪرڻ جو ڪوبہ ڄاڻو ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سان، سندس هن راءِ ۾ اتفاق نہ ڪندو تہ:

"سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪرمڻي پريوگ، فعل معاون جي استعمال ذريعي، ظاهر ڪيا ويندا آهن."

(iii) درحقيقت، سنڌي ٻوليءَ ۾، ڪرمڻي پريوگَ، فعل متعدي مجهول جي استعمال ذريعي ظاهر ڪيا ويندا آهن.

اها ڳالهہ بہ ڌيان طلب آهي تہ فعل جي ڦيري جي جنهن صورت کي، ڊاڪٽر جيٽلي فعل جو ڪرمڻي پريوگ سڏيو آهي، فعل جي اُن ساڳيءَ صورت (ڦيري) کي، پروفيسر ڀيرومل فعل جي مجهولي صورت سڏيو آهي. فعل جي اُنهن ٻنهي صورتن جو مقصد ساڳيو، يعني فعل لازمي مجهول واريءَ صورت کي پريوگ ڪري چئجي ٿو، تہ فعل متعدي مجهول واريءَ صورت کي پريوگ ڪرمڻي چئبو آهي، پر اها راءِ صحيح نہ آهي تہ فعل جو 'ڪرمڻي پريوگ' چئجي ٿو. گهٽو ڪري فعل معاون جي استعمال ذريعي ظاهر ڪيو ويندو آهي، جيئن ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جو رايو آهي.

4-(الف) ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي اها راءِ به قبول ڪرڻ جهڙي نه آهي ته "سنڌي ٻوليءَ /ا/ يا /ج/ نشانيون، سنسڪرت ۽ پراڪرت کان ورثي ۾ حاصل ڪيون آهن، ۽ اڄاتائين پاڻ وٽ سلامت رکيون آهن، جڏهن ته ٻين آريه ٻولين ۾ اهڙا روپ ڪتب نٿا اچن" (جيٽلي ص 77).

(ب) شروع ۾ اهو چيو ويو آهي ته، سنڌي ٻولي، سنسڪرت ۽ پراڪرت کان آڳاٽي، سنڌوماٿر جي قديم 'سنڌئي' ٻولي آهي. سنسڪرت ته پاڻ، اُنهيءَ 'سنڌئي ٻوليءَ' جي اُتر- اولهه واريءَ شاخ جي هڪ لهجي (اَمبي لهجي) جو هڪ سڌاريل ۽ سنواريل روپ آهي، جيڪو سنڌو- ماٿر جي اُتر- اولهه واريءَ 'امبي رياست' واري خطي ۾، سنڌوءَ جي ڪناري واريءَ ايراضيءَ ۾ ڳالهايو ويندو هو. ان لحاظ کان، سنڌو تهذيب جي 'سنڌئي ٻولي'، سنسڪرت کان نه فقط آڳاٽي آهي، پر سنڌي ٻوليءَ جون اهي خصوصيتون، سنڌوماٿر جي قديم سئنڌئي زبان واريون آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جون پنهنجيون اصلوڪيون خصوصيتون آهن ۽ اهي ڪنهن به ٻيءَ ٻوليءَ تان ورتل نه آهن. سنڌي ٻوليءَ ۾ پريوگن وارن روپن جي هجڻ ۽ ٻين آريائي ٻولين ۾ پريوگن جي روپن جي نه هجڻ جو، منهنجي خيال ۾، هي سبب ٿو ٿي سگهي ته سنڌي ٻوليءَ جون اهي وياڪرڻي خصوصيتون، سنسڪرت کان ورتل نه آهن، پر سنڌي ٻوليءَ جون اِهي پنهنجيون اصلوڪيون خصوصيتون آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ قديم زماني کان وٺي پاڻ وٽ سانديون آهن ۽ سلامت رکيون آهن.

(ت) هن کان اڳ، فعل لازمي مجهول ۽ فعل متعدي مجهول جا زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي ڦيرن پٺاندر مثال ڏيئي، انهن جي سمجهاڻي ڏني وَئي آهي. انهيءَ سمجهاڻيءَ مان اهو بلڪل واضح ٿئي ٿو ته فعل جا ڪرمڻي پريوگ، فعل معاون جي استعمال ذريعي نه، پر جيئن مٿي چيو ويو آهي، پريوگ ڪرتري ۽ پريوگ ڪرمڻيءَ جي ڦيري لاءِ، فعل جي پڻيان، هر زمان پٺاندر، مجهولي فعلن جي ڪا مقرر علامت/ نشاني ملائي ويندي آهي، جيئن مٿي ڏنل مثالن ۾ سمجهايو ويو آهي.

(ث) اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته زمان مضارع، زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي ڦيري لاءِ فعل لازمي مجهول ۽ فعل متعدي مجهول جون علامتون جدا جدا نه، پر ساڳيون آهن. جيئن مٿي پئرا 2 (الف) جي بيان ۾ سمجهايو ويو آهي.

**5_ فعل متعدي:**

(الف) فعل متعدي معروف: هن کان اڳ، باب انين ۾، فعل متعدي معروف جا بيشمار مثال ڏنا ويا آهن. فعل متعدي معروف جي ڦيري ڏيکاريندڙ جملن ۾، فاعل (ڪم جو ڪندڙ) ۽ مفعول (جنهن تي ڪم ٿيندو آهي)، ٻئي ظاهر يعني معلوم هوندا آهن. اهڙي فعل يعني فعل متعدي معروف جي وصف بيان ڪندي، پروفيسر پيرومل آڏواڻي، 'وڏو وياڪرڻ' ڪتاب ۾، صفحي 93 تي لکي ٿو ته:

"متعدي معروف اهو فعل آهي، جو هميشه پنهنجي فاعل ڏانهن، (مفعول کان وڌيڪ) ڌيان ڇڪائي، هيءَ ڳالهه ڄاڻائي ٿو ته هو (فاعل) ڪنهن ٻئي تي ڪم ڪري ٿو."

(ب) فعل متعدي مجهول: هن کان اڳ، فعل لازمي مجهول جي مثالن ۾ اهو ڏٺو ويو ته اُنهن فعلن (لازمي مجهول فعلن) ۾ فاعل يعني ڪم جو ڪندڙ، ظاهر نه هو، پر نامعلوم هو. اهڙيءَ طرح فعل متعدي مجهول جي ڦيري وقت به، جملن ۾ فاعل ظاهر ڪونه هوندو آهي، پر هن قسم جي فعلن يعني فعل متعدي مجهول جي ڦيري دوران مفعولُ (جنهن تي ڪم ٿيندو آهي) فاعل جي جاءِ وٺندو آهي، جيئن:

| زمان | فعل | فعل متعدي معروف جو ڦيرو | فعل متعدي مجهول جو ڦيرو | متعدي فعل جي مجهولي صورت جي علامت |
|---|---|---|---|---|
| حال | لک، | مان خط لکان ٿو | خط لکجي ٿو | - ج - |
| | | اسين خط لکون ٿا. | خط لکجي ٿو. | - ج - |
| | | اسين خطَ لکون ٿا. | خط لکجن ٿا | - جن - |
| ماضي | لک | مون خط لکيو. | خط لکيو ويو. | - ويو - |
| | | اسان خط لکيو | خط لکيو ويو. | - ويو - |
| | | اسان خطَ لکيا. | خط لکيا ويا | - ويا - |
| مستقبل | لک | مان خط لکندس | خط لکبو | - بو - |
| | | اسين خط لکنداسين | خط لکبو | - بو - |
| | | اسين خطَ لکنداسين. | خط لکبا | - با - |

انهن مثالن جو جڏهن غور سان مطالعو ٿو ڪجي ته معلوم ٿو ٿئي ته متعدي مجهول فعلن جي ڦيري وقت، فاعل نامعلوم هوندو آهي، ۽ اها خبر نٿي پوي ته فاعل ڪير آهي؟ اهو (فاعل) مرد آهي يا ڪا عورت؟ انهن مثالن (هرهڪ جملي) مان البت اهو ظاهر ٿو ٿئي ته جملي اندر، فعل جو اصل مفعول ڦري، فاعل ٿيو آهي ۽ فعلُ پنهنجي نئين فاعل سان (جيڪو متعدي معروف فعل جي ڦيري وقت مفعول هو)، عدد ۽ جنس پٽاندر ڦري ٿو.

متعدي مجهول فعل جي اهڙي ڦيري کي، پوفيسر آڏواڻيءَ، فعل جو ڪرمڻي پريوگ سڏيو آهي، يعني 'فعل جي مفعولي نسبت' چاڪاڻ ته فعل پنهنجي مفعول پٽاندر ڦري ٿو.

(ت) (i) اڳ ۾، پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ جي حوالي سان، 'پريوگ' لفظ جي معنيٰ ۽ اُن جي وياڪرڻي حيثيت ٻڌائي وَئي آهي، تنهنڪري 'ڪرمڻي پريوگ' معنيٰ متعدي فعل جي مجهولي صورت، جنهن ۾ مفعول ڦري، فاعل ٿئي ٿو. پروفيسر پيرومل جي راءِ ۾ 'ڪرمڻي پريوگ' اهو آهي، جنهن ۾ متعدي فعل سدائين مجهولي صورت وارو هوندو آهي، جنهنڪري جملي ۾، مفعول ڦري فاعل ٿئي ٿو، ۽ اُن پٽاندر عدد ۽ جنس ۾ مڃجي ٿو، (پيرومل: ص 171).

(ii) پروفيسر پيرومل پنهنجي ساڳئي ڪتاب (وڏو سنڌي وياڪرڻ) ۾ صفحي 93 تي لکيو آهي ته:

"متعدي مجهول اهو فعل آهي جنهن ۾ مفعول ڦري جملي جو فاعل ٿئي ٿو، ۽ فعل هميشه انهيءَ ڏانهن (ڪر ڪندڙ کان وڌيڪ) ڌيان ڇڪائي، اٿين ڄاڻائي ٿو ته هن تي ڪو ڪم ٿئي ٿو.

(ث) واحد بخش شيخ صاحبَ، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو' ٻاڳي ڀڃرئين ۾، صفحي 370 تي، 'فعل متعدي مجهول' جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي:

"اهو فعل متعدي، جنهن جو فاعل ڄاڻايل نه هجي ۽ اُن جو مفعول، فاعل جو قائم مقام هجي، تنهن کي فعل متعدي مجهول چئبو آهي. مجهول جي معنيٰ آهي 'اڻڄاتل'؛ مثلاً:

(i) ڪائنات کي هڪ مقرر عرصي لاءِ خلقيو ويو آهي.

(ii) مغرور انسان کي، دوزخ جي باھ ۾ وڌو ويندو.

(iii) زمينَ هر سان کيڙبي آهي.

انهن جملن ۾ 'خلقيو ويو آهي'، 'وڌو ويندو' ۽ 'کيڙبي آهي' متعدي مجهول فعل جا صيغا آهن، جن ۾ اصل فاعلَ 'ڪائنات جو خالق'، 'باھ ۾ وجهڻ وارو' ۽ 'زمين کيڙڻ وارو'، ڄاڻايل ڪونهن، ۽ انهن جاين تي، مفعول جي لفظن، 'ڪائنات'، 'انسان' ۽ 'زمين'، کي نمايان ڪيو ويو آهي."

(ج) پروفيسر پيرومل پنهنجي ساڳئي ڪتاب (وڏو سنڌي وياڪرڻ) جي صفحي 93 تي، اڳتي لکي ٿو ته:

"مجهولي صورت ۾ 'ڪر ڪندڙ' اڪثر ظاهر نٿو ڄاڻائجي، ۽ جيڪڏهن ڄاڻائبو، ته اُن جي حالت فاعلي نه پر حالت جري ٿيندي، جيئن:

گهوڙو سوار کان مارجي ٿو.

هتي سوار (ڪر ڪندڙُ) حالت جريءَ سببان 'کان' حرفَ جر جي، (جملي ۾ فاعلُ حالت فاعليءَ بدران (حقيقتئون حالت سببي) يعني حالت جريءَ ۾ ڪر ايندو آهي).

اهڙيءَ طرح جملي جو فاعل جڏهن ڳجهو رکجي ٿو يا حالت فاعليءَ بدران حالت جريءَ ۾ ڪر آڻجي ٿو، تڏهن انهيءَ ڳالهه جو نتيجو اهو ٿو ٿئي جو مفعول ڦري، جملي جو فاعل ٿئي ٿو، ۽ فعل اُن پٺاندر عدد ۽ جنس ۾ مَڃجي ٿو."

پروفيسر پيروملَ، فعل جي اهڙي ڦيري کي، 'پريوگ ڪرمٽي' سڏيو آهي، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي.

(ح) شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ، پنهنجي ڪتاب 'سنڌي وياڪرڻ' صفحي 57 تي 'ڪرمٽي پريوگ' جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي ته:

"ڪوبه فعل جڏهن پنهنجي اصلوڪي يا سچي پچي مفعول پٺاندر عدد، جنس ۽ ضمير ۾ مڃجي، تڏهن انهيءَ جو پريوگ ڪرمٽي چئجي ٿو. 'ڪرمٽي پريوگ' معنيٰ 'مفعولي نسبت'. ڪرم = مفعول، مثال طور:

(i) گهوڙو مارجي ٿو.

(ii) گهوڙي مارجي ويئي.

هت 'گهوڙو' فاعل آهي، پر سچ پچ تہ اهو مفعول آهي. ڇاڪاڻ تہ اصلوڪو يا سچو پچو فاعل 'سوار' يا ٻيو ڪو آهي. هتي فعل، پنهنجي اصلوڪي يا سچي پچي مفعول پٺاندر، عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿو، تنهنڪري هيءُ 'ڪرمڻي پريوگ' جو مثال آهي."

(خ) **فعل متعدي بالواسطہ:**

(i) سنڌي ٻوليءَ ۾، متعدي معروف فعلن وانگر، متعدي بالواسطہ معروف فعلن جي مجهولي صورتن جو استعمال بہ عام آهي، جيئن:

| زمان | فعل | فعل متعدي معروف | فعل متعدي مجهول | فعل متعدي بالواسطہ معروف | فعل متعدي بالواسطہ مجهول |
|---|---|---|---|---|---|
| حال | لک | مان خط لکان ٿو. | خط لکجي ٿو<br>خط مون کان لکجي ٿو | مان خط لکايان ٿو | خط لکائجي ٿو.<br>خط مون کان لکائجي ٿو. |
| | پڙهہ | اسين ڪتاب پڙهون ٿا. | ڪتاب پڙهجي ٿو.<br>ڪتاب اسان کان پڙهجي ٿو. | اسين ڪتاب پڙهايون ٿا. | ڪتاب پڙهائجي ٿو.<br>ڪتاب اسان کان پڙهائجي ٿو. |
| ماضي | پڙهہ | مون ڪتاب پڙهيو. | ڪتاب پڙهيو ويو.<br>ڪتاب مون کان پڙهايو ويو | مون ڪتاب پڙهايو. | ڪتاب پڙهايو ويو.<br>ڪتاب مون کان پڙهايو ويو |
| مستقبل | پڙهہ | مان ڪتاب پڙهندس | ڪتاب پڙهبو.<br>ڪتاب مون کان پڙهائبو. | مان ڪتاب پڙهائيندس. | ڪتاب پڙهائبو.<br>ڪتاب مون کان پڙهايو ويندو. |

(ii) پروفيسر ڀيرومل پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾، صفحي 95 تي، فعل جي ڌار ڌار صورتن وارن ڀيرن جي سلسلي ۾ لکي ٿو ته:

"حاصل مطلب ته سنڌي ٻوليءَ ۾ فعل متعدي ٽي علحديون صورتون وٺي ٿو:

(1) معروف صورت، (2) مجهول صورت ۽ (3) بالواسطه صورت، جنهن ۾ فعلُ ٻٽي بالواسطه صورت به وٺي ٿو."

پروفيسر صاحب اڃا به اڳتي، ساڳئي صفحي تي لکي ٿو ته:

"ڪهڙي به متعدي فعل (معروف توڙي مجهول) ڪي بالواسطه صروت ۾ آڻي سگهجي ٿو، ۽ بالواسطه صورت ۾ به فاعل، ڪڏهن معروف ۽ ڪڏهن مجهول رهي ٿو، مثلاً:

| معروف | مجهول |
|---|---|
| زال، مڙس ڏي خط لکايو/ لکارايو | مڙس ڏي خط لکايو/ لکارايو" |

**6_ ڪرتري پريوگ ۽ ڪرمڻي پريوگ جي وچ ۾ فرق:**

هن ڪان اڳ، فعلن جي معروفي ۽ مجهولي صورتن جي ڀيرن جي مطالعي کان پوءِ، فعلن جي 'ڪرتري پريوگ' ۽ 'ڪرمڻي پريوگ' جون صورتون واضح طور سمجهايون وَيون آهن. پروفيسر آڏواڻيءَ 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' ڪتاب ۾، صفحي 172 تي، 'ڪرتري پريوگ' ۽ 'ڪرمڻي پريوگ' جي وچ ۾، فرق جي وڌيڪ وضاحت ڪئي آهي؛ هوُ لکي ٿو ته:

"ڪرتري پريوگ ۾، فعل سدائين پنهنجي فاعل پٺاندر مڃجي ٿو، ۽ 'ڪرمڻي پريوگ' ۾، جملي جو مفعول ڦري، فاعل ٿئي ٿو، ۽ فعلُ اُن پٺاندر ڦري ٿو. هاڻ چئبو ته ٻنهي پريوگن ۾ فعل، پنهنجي فاعل پٺاندر مڃجي ٿو، پر ٻنهي ۾ تفاوت هيءُ آهي ته 'ڪرتري پريوگ' ۾، فاعل سدائين حالت فاعليءَ ۾ ڪم اچي ٿو، ۽ 'ڪرمڻي پريوگ' ۾ فاعل يا ته ڄاڻائبو ئي ڪونهي، يا جي ڄاڻائبو ته اهو حالت فاعليءَ بدران حالت جريءَ ۾ بيهندو."

پروفيسر آڏواڻي اڃا به اڳتي، انهيءَ موضوع جي هنن لفظن ۾ وضاحت ڪئي آهي:

"ٻوليءَ جا سڀ معروف صورت وارا فعل 'ڪرتري پريوگ' ۾ رهن ٿا."

پروفيسر صاحب، پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾، صفحي 115 تي هيءَ راءِ به ڏني آهي؛ هوُ لکي ٿو ته:

"اسمِ مفعول مان نهيل پنجن ماضي زمانن ۾، فعل سدائين 'ڪرمڻي پريوگ' ۾ رهن ٿا، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ، بلڪ ٻين ڏيهي ٻولين ۾، اسم مفعول سدائين مجهول صورت وارو آهي: 'مارڻ- مارجڻ'، ٻنهي مان اسم مفعول ٿيندو 'ماريو'، پر 'مارجيو' نه چئبو. ساڳيءَ طرح 'پرکڻ- پرکجڻ' ٻنهي مان اسم مفعول 'پرکيو' ٿيندو، پر 'پرکجيو' نه چئبو. هن مان ڏسڻ ۾ ايندو ته فعل متعدي مجهول جي ڌاتوءَ مان، اسم مفعول نه جڙندو."

**7_ پريوگ پاوي:**

(الف) هن ڪان اڳ، ڊاڪٽر جيتلي جي مضمون جي حوالي سان 'پريوگ پاوِيءَ' جو ذڪر ڪيو ويو آهي، يعني 'پريوگ پاوي' پريوگن جو ٽيون قسم آهي.

پروفيسر ڀيرومل پنهنجي ساڳئي ڪتاب ۾، صفحي 171، 175 ۽ صفحي 176 تي، ۽ مرزا قليچ بيگ بہ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي وياڪرڻ' ۾ صفحي 57 تي، 'پريوگ پاويءَ' جي باري ۾، وضاحت سان لکيو آهي. پروفيسر آڏواڻيءَ لکيو آهي تہ:

| | | |
|---|---|---|
| (1) | (i) ڇوڪري، ڇتونءَ کي جهليو.<br>(ii) ڇوڪرن، ڇتونءَ کي جهليو. | عدد ۾ ڦيرو |
| (2) | (i) ڇوڪريءَ ڇتونءَ کي جهليو.<br>(ii) ڇوڪرين ڇتونءَ کي جهليو. | جنس پٽاندر ڦيرو |

اهي مثال ڏيئي، پروفيسر ڀيرومل لکيو آهي تہ "هتي عدد توڙي جنس ۾، فعلُ، نڪي فاعل، نڪي مفعول پٽاندر متجي ٿو (ص 174)". پروفيسر ڀيرومل جي راءِ ۾، فعل جي اهڙيءَ صورت کي، عام طرح، 'پريوگ پاوي' چون ٿا ۽ وڌيڪ لکي ٿو تہ "پلي تہ اهو رواج قائم رهي، پر حقيقت ۾ هن طرح آهي تہ:

(i) ڇوڪري ڇَتون جهليو.

(ii) ڇوڪريءَ، بلبل جهلِي.

هتي فعلُ، پنهنجي مفعول پٽاندر ڦري ٿو، تنهنڪري هي 'ڪرمڻي پريوگ' آهي (ص 175)".

پروفيسر ڀيرومل، ساڳئي ڪتاب جي، ساڳئي صفحي (ص 175) تي اڳتي لکي ٿو تہ:

"مفعول کي وڌيڪ چٽيءَ طرح ڄاڻائڻ لاءِ جيڪڏهن پهرئين جملي ۾، مفعول پنيان رکُو 'کي' حرف جر وجهجي ٿو، تہ فعل جو ڦرڻ بند ٿي ٿو وڃي، تنهنڪري چئبو تہ هيءُ 'ڪرمڻي پريوگ' جو هڪ ڦريل نمونو آهي؛ پر پلي تہ اهو 'پاوي پريوگ' سڏين، سچو پچو پاوي پريوگ جنهن کي چئجي ٿو سو هيٺ ڄاڻائجي ٿو:

(i) پينگهي ۾ لڏجي ٿو.

(ii) پينگهي ۾ لڏبو آهي".

پروفيسر صاحب اڳتي، انهن جملن جي باري ۾ ساڳئي صفحي تي لکي ٿو تہ:

"'لڏڻ' فعل لازمي آهي. فعل لازميءَ کي مفعول اڳي ئي ڪونہ ٿئي، ويتر هن قسم جي جملن ۾ فاعل بہ ڪم نٿو اچي؛ تنهنڪري هن قسم جي فعلن کي 'اکر ترڪ' يا 'فعل بي فاعل' چئبو آهي. هي مجهول صورت وارا فعل آهن. اهڙن فعلن کي نڪو فاعل، نڪو مفعول ٿئي ٿو،

تنهنڪري اهي رڳو پنهنجو 'ڀاڱُ' (سڀاءُ) يا سڀاويڪ حالت ظاهر ڪن ٿا، يعني رڳو حقيقت ظاهر ڪن ٿا. اهو سچو پچو 'ڀاوي پريوگ' آهي. مطلب ته جڏهن فعل لازمي مجهولي صورت وٺندو آهي تڏهن اهو اڪثر فعل بي فاعل ٿي ڪم ايندو آهي، جنهنڪري ڪم جي رڳو ذاتي ڀاءُ يا سڀاويڪ حالت جي معنيٰ ظاهر ڪندو آهي، اُن کي 'ڀاوي پريوگ' يا علحدي نسبت چئبو آهي."

پروفيسر ڀيرومل جي راءِ سان، معذرت سان، اختلاف رکندي، اهو عرض ڪرڻ جي اجازت چاهيان ٿو ته:

(i) پينگهي ۾ لڏجي ٿو.

(ii) پينگهي ۾ لڏبو آهي.

جملن ۾ 'لڏجي ٿو' يا 'لڏبو آهي' فعلَ، 'پريوگ ڪرتريءَ' موجب ڦرن ٿا ۽ نه ڪ 'پريوگ ڀاويءَ' موجب، پروفيسر صاحب به پاڻ به ڀهرين اها راءِ ڏني آهي.

(ب) (1) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ به 'سنڌي وياڪرڻ' ڪتاب ۾، صفحي 57 تي، 'پريوگ ڀاويءَ' جي سمجهاڻي ڏني آهي. هوُ لکي ٿو ته:

"(i) ڪتي ٻلي کي جهليو.

(ii) ڪتي ٻليءَ کي جهليو.

(iii) ڪتي ٻلن کي جهليو.

(iv) ڪتي ٻلين کي جهليو.

انهن جملن ۾ فعل، نڪي فاعل سان، نڪي مفعول پٺاندر، عدد ۽ جنس ۾ مٽجي ٿو، پر سيني هنڌن تي ضمير غائب واحد مذڪر جي صورت ۾ بيٺو آهي. هيءَ ڀاوي پريوگ آهي".

(2) 'ڀاوي پريوگ' جي سلسلي ۾، مرزا صاحب ٻيا به مثال ڏنا آهن، جيئن:

(i) پينگهي ۾ لڏجي ٿو.

(ii) پينگهي ۾ لڏبو آهي.

مرزا صاحب اهڙن فعلن کي 'فعل اڪرترڪ' به سڏيو آهي (ص 57)؛ پر اڳتي لکي ٿو ته:

"جيڪو فعل، نڪي پنهنجي فاعل، نڪي مفعول پٺاندر عدد ۽ جنس ۾ مٽجي، يا جو فعل، فاعل توڙي مفعول نه هئڻ سبب، جيئن جو تيئن رهي، تنهن جو 'پريوگ ڀاوي' (علحدي نسبت' چئجي ٿو."

مرزا صاحب جي هيءَ راءِ ساڳي پروفيسر ڀيرومل واري راءِ آهي جيڪا مٿي ڪيل بحث کان پوءِ قبول ڪري نٿي سگهجي. مرزا صاحب جيڪي جملا ڏنا آهن، اُنهن ۾ فعلن جو ڦيرو 'پريوگ ڪرتريءَ' وارو آهي ۽ نه ڪ 'پريوگ ڀاويءَ' وارو.

8- (الف) مٿي ڄاڻايل ٽنهي پريوگن، يعني 'پريوگ ڪرتري'، 'پريوگ ڪرمڻي' ۽ 'پريوگ ڀاويءَ' جي باري ۾، مٿي ڏنل مثالن جي جائزي کان پوءِ، هيئن ثابت ٿئي ٿو ته:

(1) پريوگ ڪرتري: 'پريوگ ڪرتري'، 'فعل لازمي مجهول' جي اُن ڦيري کي چوندا آهن، جنهن ۾ اُن فعل جو فاعل ظاهر يا نمايان ڪونہ هوندو آهي، جيئن:

(i) پينگهي ۾ لڏجي ٿو./ پينگهن ۾ لڏجي ٿو.

(ii) پينگهي ۾ لڏيو ويو./ پينگهن ۾ لڏيو ويو.

(iii) پينگهي ۾ لڏبو./ پينگهن ۾ لڏبو.

(2) پريوگ ڪرمڻي: 'پريوگ ڪرمڻي'، 'متعدي مجهول فعل' جي اُن صيغي کي چوندا آهن، جنهن ۾ فعل سدائين مجهول صورت وارو هوندو آهي. اهڙي ڦيري لاءِ، فاعل ظاهر نہ هوندو آهي، ۽ مفعول پنهنجي اصلوڪي جاءِ بدلائي، فعل جي فاعل طور ڪم ايندو آهي، ۽ مفعول پنهنجي اصلوڪي جاءِ بدلائي، فعل جي فاعل طور ڪم ايندو آهي، ۽ فعل اُن نئين فاعل پٺاندر عدد ۽ جنس ۾ ڦرندو آهي، جيئن:

| | |
|---|---|
| (i) انب ڪاٽجي ٿو. | انب ڪاٽجن ٿا. |
| (ii) خط لکيو ويو. | خط لکيا ويا. |
| (iii) چٺي لکي وَئي. | چٺيون لکيون وَيون. |
| (iv) نانگ ماربو. | نانگ ماربا. |
| (v) ڇوڪر آڻبو. | ڇوڪرِي آڻبي. |

(3) پريوگ ڀاوي: پريوگ ڀاوي، فعل جي اُن نسبت کي چئبو آهي، جنهن موجب فعلُ، نہ پنهنجي فاعل پٺاندر ڦرندو آهي ۽ نہ ئي وري پنهنجي مفعول پٺاندر ڦرندو آهي، مثال طور:

| | |
|---|---|
| (i) ڪتي ٻلي کي جهليو. | ڪتي ٻليءَ کي جهليو. |
| (ii) ڪتي ٻلن کي جهليو. | ڪتي ٻلين کي جهليو. |
| (iii) ڪُتن ٻلن کي جهليو. | ڪُتين ٻلن کي جهليو. |
| (iv) ٻلين ڪتي کي جهليو. | ٻلين ڪتن کي جهليو. |

انهن مثالن ۾ 'جهليو' فعلُ، نہ پنهنجي فاعل پٺاندر ڦري ٿو، ۽ نہ ئي وري پنهنجي مفعول پٺاندر. اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ 'پريوگ ڀاويءَ' جي صورت ۾، مفعول جي پٺيان، 'کي' حرف جر جو استعمال ضروري هوندو آهي.

پروفيسر ڀيروملَ هن سلسلي ۾ صفحي 93 تي ڄاڻايو آهي تہ "مجهول صورت ۾ ڪم ڪندڙ اڪثر ظاهر نٿو ڄاڻائجي، ۽ جي ڪڏهن ڄاڻائبو بہ تہ اُن جي حالت فاعلي نہ، پر حالت جري ٿيندي، جيئن:

گهوڙو سوار کان مارجي ٿو.

هتي 'سوار' (ڪم ڪندڙ) جي حالت جريءَ سان 'کان' حرف جري جي (جملي جو فاعلُ)،

حالت فاعليءَ بدران حالت جري (حقيقتون حالت سببيءَ) ۾ ڪم ايندو آهي.“

(ب) ديوان جهمٹ مل نارومل وسناڻيءَ، پنهنجي ڪتاب ’A New Grammar of Sindhi Language‘ ۾ صفحي 128 تي، پريوگ لفظ جي معنيٰ ۽ پريوگن جي قسمن جي باري ۾، لکيو آهي ته:

”پريوگ جو اَرٿ آهي ميلاپ يعني ’ڪريا‘ ۽ ’ڪرياناٿ‘ جي پاڻ ۾ شاملئت. هن جو مطلب هي آهي ته ’ڪريا‘، ’ڪرتا‘ موجب، ڦرندي آهي يا ’ڪرم‘ موجب ڦرندي آهي، يا نياري رهندي آهي يعني انهن ٻنهي مان ڪنهن سان نه ملندي آهي. اهڙيءَ طرح سنڌيءَ ۾ ٽي پريوگ آهن:

ڪرتري پريوگ، جنهن ۾ ڪريا، ڪرتا موجب، ڦرندي آهي.

ڪرمڻي پريوگ، جنهن ۾ ڪريا، نه ڪرتا موجب ۽ نڪي ڪرم موجب ڦرندي آهي.“

ڀاوي پريوگ، جنهن ۾ ڪريا، نه ڪرتا موجب ۽ نڪي ڪرم موجب ڦرندي آهي.“

**9۔ متعدي مجهول فعلن جا ڪي خاص ڦيرا:**

(الف) سنڌي ٻوليءَ ۾، متعدي مجهول فعلن جي ڦيرن جا ڪي اهڙا خاص مثال به ملن ٿا جن ۾ فاعل ظاهر هوندو آهي، پر اهڙيءَ صورت ۾:

(i) فاعلُ ۽ مفعولُ، علم نحو جي قانونن کي ٽوڙي، جملن ۾ پنهنجون مقرر جايون مٽائيندا آهن، يعني فاعلُ، مفعولَ جي جاءِ وٺندو آهي، ۽ مفعولُ وري فاعلَ جي جاءِ وٺندو آهي، مثال طور:

| فعل متعدي معروف جو ڦيرو | فعل متعدي مجهول جو ڦيرو |
| --- | --- |
| مان خط لکان ٿو. | خط مون کان لکجي ٿو. |
| اسين ڪتاب پڙهون ٿا. | ڪتاب اسان کان پڙهجي ٿو. |

(ب) (i) پر هيءُ نقطو به ذهن ۾ رکڻ گهرجي ته انهن جملن جي مطالعي کان پوءِ، ائين ٿو معلوم ٿئي ته اهڙن جملن ۾ اصل فاعل ظاهر نه هوندو آهي، پر اهو فاعلُ مفعولَ طور ڪم ايندو آهي. اهڙيءَ صورت ۾، انهيءَ نئين مفعول (جيڪو اصل ۾ فاعل) آهي، جي فوراً پٺيان، ’کان‘ حرف جو ڪم آندو ويو آهي، جيئن:

| | |
| --- | --- |
| خط مون کان لکجي ٿو. | خط مون کان لکجن ٿا. |
| چٺي مون کان لکجي ٿي. | چٺيون مون کان لکجن ٿيون. |

(ii) اِنهن جملن ۾، مون ضمير (متڪلم واحد)، جيڪو متعدي معروف جي صيغي ۾ دراصل سچي پچي فاعل طور ڪم آيو هو، سو مفعول جي صورت ۾ ڪم آيو آهي. انهيءَ نئين مفعول، ’مون‘، جي فوراً پٺيان، ’کان‘ حرف جر ڪم آندو ويو آهي. وڌيڪ مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| زمان | فعل متعدي معروف جو ڦيرو | فعل متعدي مجهول جو ڦيرو |
|---|---|---|
| حال | مان انبُ کان ٿو. | اَنبُ مون کان کائجي ٿو. |
| | مان اَنبَ کان ٿو | اَنبَ مون کان کائجن ٿا. |
| | ڇوڪري ماني کائي ٿي. | ماني ڇوڪريءَ کان کائجي ٿي. |
| | ڇوڪريون ماني کائين ٿيون. | ماني ڇوڪرين کان کائجي ٿي. |
| | مون انبُ کاڌو. | انب مون کان کاڌو ويو. |
| | مون انبَ کاڌا. | اَنبَ مون کان کاڌا ويا. |
| | ڇوڪريءَ ماني کاڌي. | ماني ڇوڪريءَ کان کاڌي وَئي. |
| | ڇوڪرين ماني کاڌي. | ماني ڇوڪرين کان کاڌي وَئي. |
| | مان انبُ کائيندس. | انب مون کان کائبو. |
| | مان انبَ کائيندس. | انبَ مون کان کائبا. |
| | ڇوڪري ماني کائيندي. | ماني ڇوڪريءَ کان کائبي. |
| | ڇوڪريون ماني کائينديون. | ماني ڇوڪرين کان کائبي. |

# باب تيرهون: حرف جملو

1- (الف) محترم واحد بخش شيخ، پنهنجي ڪتاب ’سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو‘ جي ٻاڳي ٻئي ۾، صفحي 97 تي ’حرف‘ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

”حرف انهيءَ لفظ کي چئجي ٿو جو جملي ۾ اسم يا ضمير جو لاڳاپو ٻن لفظن، جملي جي ٻن ڀاڱن يا ٻن جملن کي ڳنڍي يا ڌار ڪري، اسم ۽ ضمير جي اضافت بيان ڪري يا جنهن مان سڏ، آواز، آرزو، ارمان، عجب، تعريف يا توهين جي معنيٰ نڪري.“

محترم واحد بخش شيخ جي بيان ڪيل اها وصف، حرفن جي هيٺ ڏنل قسمن جي باري ۾ گڏيل وصف آهي. انهيءَ وصف جي آڌار تي، مرحوم شيخ صاحب حرفن جا جيڪي قسم ڄاڻايا آهن، اُهي هي آهن:

1. حرف جر
2. حرف جملو
3. حرف اضافت
4. حرف ندا
5. حرف تمنا يا دعا
6. حرف تعجب
7. حرف تاسف
8. حرف تحسين
9. حرف نفرين

(ب) دراصل انهن سيني قسمن مان، قسم نمبر 4 کان وٺي قسم نمبر 9 تائين، شيخ صاحب حرف جا جيڪي قسم ڄاڻايا آهن، اُهي سڀ حرف ندا جا ئي قسم آهن. حقيقت هيءَ آهي ته شيخ صاحب، عربي گرامر جي اصولن کي سامهون رکي، ’حرف جر‘ ۽ ’حرف اضافت‘ کي به ’حرف جملي‘ واري حصي ۾ شامل ڪيو آهي، پر حقيقت ۾ ’حرف جر‘ ۽ ’حرف اضافت‘، سنڌي وياڪرڻ جي لحاظ کان، ’حرف جملي‘ کان ڌار، ’ڳالهائڻ جي لفظن‘ (Parts of Speech) جا قسم آهن. انهيءَ ڪري انهن سيني کي گڏي، هڪ قسم هيٺ بيان ڪرڻ، يعني هڪ قسم ڪري سمجهڻ، سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب صحيح راهِ ڪانهي.

2- (الف) حرف جملي جي وصف ۽ وضاحت/ سمجهاڻيءَ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

(i) امين ۽ اڪبر به ڀائر آهن.

(ii) ڇوڪرو يا ڇوڪري هن اسڪول ۾ داخل ٿي سگهن ٿا.

(iii) مان ڊاڪٽر آهيان ۽ هيءَ نرس آهي.
(iv) آءٌ جلسي ۾ ڪونه ويس چاڪاڻ تہ مون کي وقت ملي نہ سگهيو.
(v) جيڪڏهن اهو ڪم ڪندين تہ نقصان ۾ ويندين.
(vi) هن ڀين کي نصيحت ڪئي پر پاڻ اُن تي عمل نہ ڪيائين.
(vii) هن وٽ گهڻي دولت آهي تہ بہ مسڪينن وانگر رهندو آهي.
(viii) هوُ وڃي يا تون وڃ، پر ٻنهي مان هڪڙو ضرور وڃي.
(ix) هن اسڪول ۾ ڏهہ ڇوڪريون ۽ ويهہ ڇوڪرا پڙهندا آهن.
مٿي ڏنل جملن ۾ 'ء' ۽ 'يا'، 'چاڪاڻ تہ'، 'تہ'، 'پر'، 'تہ بہ'، اهڙا لفظ آهن جيڪي ٻن لفظن يا ٻن جملن يا ٻن جملن جي حصن/ جزن (parts) کي ملائين ٿا. اهڙن ملائيندڙ لفظن کي حرف جملو/ حرف جملا چئبو آهي.

(ب) لفظن يا جملن ۾، حرف جملي جي استعمال جا ڪي ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(i) 'پيءُ' ۽ 'پُٽ' : 'ء' حرف جملو ٻن اسمن کي ڳنڍي ٿو.
(ii) 'تون' ۽ 'آءٌ' : 'ء' حرف جملو ٻن ضميرن کي ملائي ٿو.
(iii) 'تون' يا 'آءٌ' : 'يا' حرف جملو ٻن ضميرن کي ڌار نٿو ڪري، پر اُن جي وسيلي، ٻن ڄڻن جي ڳالهہ ڪڏ ڪجي ٿي.
(iv) حرف جملو ٻن جملن جي ميلاپ لاءِ ڪم آڻبو آهي، جيئن: صرفو ڪرين تہ پٽ هَنداءِ.
ظلم قائم آهي پر ظالم قائم رهي نہ سگهندو.
مڙس تجي يا مڙس جي پناهہ ۾ رهجي.
مڙس جو ڪتيو ۽ زال جي سهيڙ.
(v) شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ، 'ڪِ' حرف جملو بہ پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندو آهي، جيئن:
سچ ڪِ اُنا مينهن، مونهان پوءِ ملير ۾

(ت) مٿي ڏنل مثالن ۾، حرف جملي کي استعمال جي لحاظ کان، چئن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(1) ٻن لفظن يا جملن کي ملائيندڙ حرف جملا
(2) شرطيہ حرف جملا
(3) رعايت وارا حرف جملا
(4) بالواسطہ حرف جملا
انهن مان هرهڪ قسم جا هيٺ مثال ڏجن ٿا:

**(1) ٻن لفظن يا ٻن جملن کي ملائيندڙ حرف جملا:** مٿي ڏنل جملن ۾، ملائيندڙ لفظ، جهڙوڪ

’۽‘، ’ٻ‘، ’تہ ٻ‘، ’يا‘، ’پر‘ ۽ ’ڇاڪاڻ تہ‘ اھڙا حرف جملا، يعني ملائيندڙ/ ڳنڍيندڙ لفظ آھن جيڪي ٻن لفظن يا ٻن جملن کي پاڻ ۾ ملائين ٿا، جيئن:

(i) مان ۽ تون گڏجي ھلنداسين.

(ii) تون پلي وج پر مان گھر ۾ رھندس.

(iii) اھو اسڪول بيشڪ وڏو آھي پر منجھس صفائيءَ جو ڪوبہ بندوبست ڪونھي.

(iv) مان بيمار آھيان تہ بہ ڊيوٽيءَ تي آيو آھيان.

(v) توھين ڪامياب ٿيا ڇاڪاڻ تہ/ جوتہ محنت ڪئي ھُيَوَ.

(2) **شرطيہ حرف جملا:** سنڌي وياڪرڻ ۾، جملن ۾ ’جيڪڏھن‘، ’جي- تہ‘، ’جيڪر‘، ’تہ‘، ’اگر‘ ۽ ’بشرطيڪ‘ اھڙا لفظ آھن، جيڪي ’شرطيہ‘ حرفن طور جملن ۾ ڪم ايندا آھن. شرطيہ حرف جملا، ٻن جملن کي ’ملائڻ‘ يا ’ڳنڍڻ‘ جو ڪم ڪندا آھن، جيئن:

(i) جي ھو اچي ھا تہ عزت مليس ھا.

(ii) جيڪر ھو پڙھي ھا تہ اڄ وڏو مرتبو ماڻي سگھي ھا.

(iii) جيڪڏھن تون محنت ڪرين ھا تہ ضرور ڪامياب ٿين ھا.

(iv) تون پلي وج بشرطيڪ سڀاڻي جلدي موٽندين.

(v) اگر دير سان سمھندين تہ سوير اُٿي نہ سگھندين.

اھڙيءَ طرح ’اگرچ‘، ’مگر‘، ’ليڪن‘ ۽ ’بلڪ‘ بہ انھيءَ قسم وارا حرف جملا آھن. اھڙيءَ طرح عربي ٻوليءَ جو ’وَ‘ حرف جملو (حرف عطف) ۽ فارسي ٻوليءَ جا لفظ ’نيز‘ ۽ ’ھَم‘ بہ انھيءَ قسم جا حرف جملا آھن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ڪم آڻبا آھن. شاھ لطيف جي ڪلام ۾ شرطيہ قسم وارا حرف جملا بہ ڪم آندل ملن ٿا، جيئن:

ڪانھي ڪڙائي، چکين ’جي‘ چيت ڪري.

(3) **رعايت وارا حرف جملا:** ھن قسم جي حرف جملن جا مثال ھيٺ ڏجن ٿا:

’جيتوڻيڪ‘، ’جڏھن بہ‘، ’جڏھن تہ‘، ’تنھن ھوندي بہ‘، ’تڏھن بہ‘، ’جيئن‘، ’جيئن تہ‘، ’تيئن‘ ھن قسم جي حرف جملن جو، جملن ۾ استعمال ڏسو:

(i) جيتوڻيڪ چيو ھو مانِ، تڏھن بہ ھوُ ڪونہ آيا.

(ii) گھڻوئي سمجھايو ھومانس، تنھن ھوندي بہ ھوُ ڪونہ مُڙيو.

(iii) جڏھن مان آفيس پھتس، تڏھن مون کي اھا خبر پئي.

(iv) جيئن ئي اوھان کي موڪل ملي، تيئن سڌو گھر اچجو.

(v) جڏھن ھن پڇيو، تڏھن مون جواب ڏنس.

اھڙيءَ طرح ’جيئن- تيئن‘ حرف جملي کي لطيف سائين بہ پنھنجي ڪلام ۾ ڪم آندو آھي،

مثال طور:

مون کي طعنيٰ تہ ڏئين، جيئن تہ پروڙين سڄ

–

توڙي لهين نہ پيو، تہ پڻ راحت رڻ ۾.

–

پينر آءُ پلياس، نہ تہ سڪ سمهڻ ڇا لڳي.

(4) **بالواسطہ حرف جملا:** هن قسم جي حرف جملن جا مثال هي آهن: 'جنهن صورت ۾'، 'تنهن صورت ۾'، 'ڇاڪاڻ تہ'، 'ڇوجو'، 'ڇالاءِ جو'، ۽ 'ڇا لاءِ تہ'.

ظاهر طور نظر ائين ٿو اچي تہ اهي مثالَ 'شرطيہ حرف جملي' جا آهن، پر استعمال جي لحاظ کان، اهي بالواسطہ حرف جملي جا مثال آهن؛ جيئن هيٺ ڏنل مثالن مان ظاهر آهي:

(i) اوهين ڪامياب ٿيا ڇاڪاڻ تہ اوهان محنت ڪئي هئي.

(ii) جنهن صورت ۾ تون هوشيار شاگرد آهين، تنهن صورت ۾ توکي انعام ملڻ گهرجي.

(iii) تون سويل پهچي وِئين ڇوجو تو وٽ پنهنجي سواري هئي.

(iv) هوُ جلسي ۾ ڪونہ ويو ڇاڪاڻ تہ طبيعت ٺيڪ نہ هُيس.

(v) آءٌ هنن وٽ ويندس ڇالاءِ تہ هنن بہ اسان وٽ اهڙو پير پريو هو.

# باب چوڏهون

# حرف ندا

مرزا قليچ بيگ حرف ندا جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"اهو لفظ جو الڳ اچي ٿو ۽ عجب يا افسوس، يا ڏک يا خوشي، يا ڪا ٻي دل جي حالت ڏيکاري ٿو، يا سڏ ڪرڻ لاءِ ڪم اچي ٿو. 'ندا' لفظ جي معنيٰ عربيءَ ۾ سڏ آهي، تنهنڪري فقط سڏ ڪرڻ وارا سچا پچا حرف ندا آهن، جيئن ته: 'اي، اڙي، او' ۽ عربيءَ ۽ فارسيءَ ۾ 'أي يا آيا' (ص 268).

مرزا صاحب ساڳئي صفحي تي لکي ٿو ته:

"ٻيا جيڪي سنڌي لفظ حرف ندا هيٺ اچن ٿا، تن لاءِ عربي ۽ فارسيءَ ۾ جدا نالا آهن، اُهي هي آهن: هاءِ، هئي، شال يا شَلَ، مارِ، واهه، ٻيلي، گهوڙا، هائو، ها، آنهن نه، پلا، جيءُ، مر، وَرُ، ٻوڏ، ڦوٽ، چيت، شابس يا شاباس، اَلو اَلو، مانَ يا مَنَ، اَلهه توهار، ڦِٽِ، ٿُو، ڇي، هيٺ، آها، ٻَر ٻَر، ووءِ، هوءِ، نڇاٽا، انهيءَ جي ته، ٻَل يا ٻَلي.

گهڻا حرف ندا عربي، فارسي آهن، جيئن ته: هاءِ، واءِ يا اَي، آيا، هيهات، حيف، بلي، خير، والله اعلم، شاباس، انشاء الله، بسم الله، الحمد لله، سبحان الله، عجب، خبردار، واويلا، وَيل."

مرزا صاحب اڃا به اڳتي لکي ٿو ته:

"حرف ندا لاءِ سنڌيءَ ۾ ڪڏهن ڪڏهن اسم جي پنيان 'الف' به آئيندا آهن، جيئن فارسيءَ ۾ آهي، مثلاً: خدايا ۽ وجيجا وغيره" (ص 268).

پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ به حرف ندا جي لڳ ڀڳ اهائي وصف ڏني آهي جيڪا مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي وياڪرڻ' ۾ ڏني آهي. هوُ لکي ٿو:

"جيڪي حرف ندا آهن سي اڪثر جملي ۾ الڳ ڪري بيهاريا آهن. راڳ ڳائڻ مهل اَلو اَلو، پلو، پلو ميان، ني، وي ۽ ٻيا اهڙا لفظ ڪم آئيندا آهن سي به 'حرف ندا' آهن. ماٺ!، چپ!، صبر، سچ' ۽ چڱو! اهي لفظ جي اصل اسم ۽ صفت آهن سي به حرف ندا ڪري ڪم آڻيا آهن" (ص 162).

مطلب ته هر زبان ۾ اهڙا بيشمار ندائي آواز ۽ لفظ ڪم آندا ويندا آهن، جن مان خوشي، رنج، الم، غم، تعجب، تمنا، خواهش، نفرت، حيرت، اقرار، انڪار ۽ شاباس جو اظهار ڪيو وڃي.

اهڙن سيني لفظن کي 'حرف ندا' چئبو آهي، مثال طور:

| | |
|---|---|
| **(i) خوشيءَ جي اظهار لاءِ لفظ:** | **جملن ۾ انهن لفظن جو استعمال** |
| واهه! واهه! | واهه واهه! آءٌ پاس ٿي ويس! |
| | واهه واهه! تو ڏاڍو سٺو ڪم ڪيو! |
| | واهه واهه! مون کي انعام مليو! |
| **(ii) افسوس ۽ رنج جي اظهار لاءِ لفظ:** | |
| هاءِ هاءِ! | هاءِ هاءِ! هن ظلم ڪري ڇڏيو! |
| افسوس! | افسوس! آءٌ تنهنجي مدد ڪري نه سگهيس! |
| ڙي! | ڙي! هوُ تباهه ٿي ويو! |
| گهوڙا! | گهوڙا! هن جي ٽنگ ڀڄي پئي! |
| **(iii) تعجب/ حيرت جي اظهار جا لفظ:** | |
| مار! | مار! هن ههڙو قهر ڪيو! |
| اڙي! | اڙي! هيءُ ڇا ڪَيُئي! |
| **(iv) تمنا ۽ خواهش جي اظهار وارو لفظ:** | |
| شال! | شال! تون ڪامياب ٿين! |
| ڪاش! | ڪاش! مان تنهنجي مدد ڪري سگهان ها! |
| **(v) نفرت جي اظهار وارا لفظ:** | |
| ٿوُ! | ٿوُ! تون وڏو بزدل نڪتين! |
| حيف! | حيف! تون مون کي دوکو ڏنو! |
| ٻوڏ! | ٻوڏ! ٻڏي وڃي مر. |
| ڦوٽ! | ڦوٽ! تون بيڪار ماڻهو آهين. |
| مَرِ! | مَرِ! ٻڏي وڃي مر! |
| **(vi) سڏ لاءِ ڪم ايندڙ لفظ:** | |
| اڙي! | اڙي! هيڏانهن اچ! |
| **(vii) همت افزائيءَ لاءِ لفظ:** | |
| شاباس! | شاباس! تو اهو تعريف جوڳو ڪم ڪيو! |

ياڳو ڀيو

# علم صرف جو اڀياس

## باب پهريون: علم صرف جي وصف، ڪارج ۽ مفهوم

1- علم صرف جي اڀياس لاءِ اول هي معلوم ڪرڻ گهرجي تہ 'علم صرف' ڇا کي چئبو آهي ۽ اُن جي وصف ڪهڙي آهي؟ 'علم صرف' جي وصف بيان ڪندي مرزا قليچ بيگ لکي ٿو تہ:

"حرفن مان لفظن جو جڙڻ ۽ لفظن مان جملن ٺاهڻ کي 'علم صرف' چئبو آهي" (سنڌي وياڪرڻ: ب. ٿ. ص 97).

پر مرزا صاحب توڙي سنڌ جي ٻين وياڪرڻين جي بيان ڪيل اها وصف، جديد لسانيات جي اصولن موجب، علم صرف جي وياڪرڻي ڪارج جو پورو مفهوم ادا نٿي ڪري. هن سلسلي ۾ لسانيات جي جڳ مشهور ماهر، 'بلومفيلڊ'، علم صرف جي وصف هن طرح بيان ڪئي آهي:

"هي (علم صرف) اهو علم آهي جنهن جي مدد سان، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن ۽ اُنهن (لفظن) جي جُزن جي جوڙجڪ، سٽاءَ ۽ گهاڙيٽن جي خبر پوندي اهي". (ص 207)

ساڳيو ماهر (بلومفيلڊ) اڳتي لکي ٿو:

"ڪنهن بہ ٻوليءَ جي علم صرف جي اڀياس مان اسان جي مراد آهي تہ ڪنهن بہ لفظ جي اُها ساخت، سٽاءَ يا رچنا، جنهن مان اُن ٻوليءَ جي 'آزاد صورتن' (Free forms) يا 'پَرَ- وَس' / 'پابند صورتن' (Bound forms) جي استعمال/ ڪارج جي خبر پوي ٿي" (ص 270).

2- (الف) ڪنهن بہ ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي اڀياس لاءِ اُن کي ٻن مکيہ ڀاڱن ۾ ورهايو ويندو آهي. اهي بہ ڀاڱا آهن: 'علم صرف' (Morphology) ۽ 'علم نحو' (Syntax).

مٿي پئرا نمبر 1 ۾، مرزا قليچ بيگ ۽ بلومفيلڊ طرفان 'علم صرف' جي بيان ڪيل وصف ڏني وَئي آهي. بلومفيلڊ جي بيان ڪيل وصف مان ظاهر ٿو ٿئي تہ 'علم صرف' لفظن جي جوڙجڪ، ساخت ۽ سٽاءَ يعني رچنا ۽ گهاڙيٽن سان واسطو ٿو رکي، جڏهن تہ هن علم (علم صرف) جو واسطو جملن جي جوڙجڪ سان بلڪل ڪونهي. وياڪرڻ جو ٻيو ڀاڱو آهي 'علم نحو' (syntax). هي علم (علم نحو)، فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ، اُنهن جي استعمال، جملن جي سٽاءَ ۽ ساخت، جملن

جي قسمن، جملن اندر اسمن ۽ فعلن جي ڦيرن/ گردانن، صيغن، حالتن ۽ عددن مطابق گردانن کان سواءِ، 'جهيلار' (Intonation) جي استعمال ۽ اُن (جهيلار) جي 'اُتار' (falling pitch) ۽ 'چڙهاءُ' (rising pitch) جي ڪري، جملن اِندر معنائن ۾ ڦيرڦار ۽ تبديليءَ سان واسطو ٿو رکي. انهيءَ ڪري جيستائين 'علم صرف' ۽ 'علم نحو' جي قانونن ۽ اصولن، ۽ انهن جي پنهنجي پنهنجي دائري اندر لفظن جي گهاڙيٽن، اُنهن جي ممڪن گروهن (sets)، ۽ اهڙيءَ طرح فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي استعمال، بيهڪ، ترتيب (order) ۽ انتخاب (selection) وغيره جي ڄاڻ نہ هوندي، تيستائين ڪنهن بہ ٻوليءَ جي وياڪرڻي اصولن، 'صوتيہ' (phoneme) ۽ 'صرفيہ' (morpheme) ۽ انهن ٻنهي جي گروهن جي پنهنجي پنهنجي دائري اندر استعمال جي خبر پئجي ڪانہ سگهندي.

(ب) لفظن جي گروهن (sets) جي سلسلي ۾ ماهرن ڪيترائي سوال اُٿاريا آهن. مثال طور، محترم سراج الحق ميمڻ، 'نئين زندگي' رسالي ۾ ڇپيل پنهنجي هڪ مقالي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين جو ڌيان ڇڪائي، هي سوال ڪيو هو:

"'ڪارنهن'، 'ڪاراڻ' ۽ 'ڪارٽ' (ڪارانهن' لفظن ۾ جيڪي پڇاڙيون يا پڇاڙيءَ جا پَدَ (suffixes) آهن، يعني 'اَ' يا '-اَنهن'، '- اَڻ' ۽ '- ٽِ' (يا – اَٽ)، اهي اصل ۾ ڇا آهن؟ انهن جي پنهنجن ڌاتُن جي کهڙي ضرورت آهي يا ڪئي؟ ڇا اِن پوئين سوال تي اچجي ٿو تہ ٻين اهڙين صفتن ۾، انهن جو استعمال محدود ڇو ٿو نظر اچي؟ مثلاً 'ڳاڙهو' مان 'ڳاڙهاڻ' ۽ 'ڳاڙهہ' اسم نهن ٿا پر 'ڳاڙهِن' يا 'ڳاڙٽ' نٿا نهن؛ لفظ 'سائو' مان 'ساءُ' يا 'ساوَ' ۽ 'سائنهن' يا 'سائٽ' يا 'ساوٽ' ڪونہ ٿا نهن. انهن جي برعڪس 'ساواڻ' ۽ 'ساوڪ' لفظن جو نئون نمونو ۽ نئين ترڪيب ملي ٿي. لفظ 'پيلو' مان فقط هڪ ئي لفظ 'پِيلاڻ' نهي ٿو، ۽ باقي ٻي ڪابہ ترڪيب اُن مان نٿي نهي. جڏهن اُهي سمورا لفظ هڪ ئي گروهہ جا ۽ نحوي طرح رنگن سان لاڳاپيل صفتون آهن تہ انهن مان اسم نهڻ جا قاعدا قانون الڳ الڳ ڇو آهن"؟

محترم سراج الحق ميمڻ طرفان ڄاڻايل انهن مسئلن جي اپياس جو واسطو علم صرف جي اپياس سان آهي.

(ب) **صرفيہ ڇا آهي؟** هيءُ نقطو بہ ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ علم صرف واري حصي جي مطالعي لاءِ 'صرفيہ' (morpheme) جي مفهوم ۽ ڪارج کي، هر ٻوليءَ جي اپياس لاءِ سمجهڻ ضروري آهي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن لفظن جي گهاڙيٽن ۽ رچنائن کي سمجهڻ ۾ مدد ملي سگهي.

(i) صرفيہ اها وياڪرڻي معنيٰ ڀري/ معنيٰ دار (معندار) 'صورت' (form) آهي جيڪا ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ڳالهاءِ/ گفتار جو حصو يا جزو هوندي آهي. مثال طور: 'هي ماڻهو ڊوڙيو'.

هن جملي ۾ 'هي'، 'ماڻهو' ۽ 'ڊوڙيو' ٽي ڌار ڌار وياڪرڻي صورتون آهن. اهڙيءَ طرح 'ٻُٽ'، 'ٻَٽ'، 'ڄاڻ' ۽ 'ڇوڪرو' وغيره ٻين صورتن جا مثال آهن. ساڳيءَ طرح 'ڪَرُ'، 'ڪِرُ'

’ڪَندي‘، ’ڪيل‘، ’ڪيو‘، ’ڪرڻو‘ ۽ ’ڪري‘ وغيره اهڙيون ٻيون صورتون اڳتي ٻن قسمن ۾ ورهايل آهن. هڪڙيون پوريون ’خودمختيار صورتون‘ (Free forms) ۽ ٻيون اڻپوريون ’پَرَ- وَس/ پابند صورتون‘ (Bound forms). انهن ٻنهي قسمن وارين صورتن جو ايندڙ صفحن ۾ تفصيلي اڀياس ڪيو ويو آهي.

مطلب تہ ’علم صرف‘ (Morphology) اهو علم آهي جنهن جي مدد سان، هر ٻوليءَ جي ٻڌل لفظن ۽ اُنهن (لفظن) جي جوڙجڪ، سِٽا، رَچنا ۽ گهاڙيٽن جي خبر پوي ٿي. هن علم جي مدد سان، هر ٻوليءَ جي وياڪرڻي ساخت ۾ جيڪي خودمختيار/ آزاد صورتون (Free forms) يا پر- وس/ پابند صورون (Bound forms) آهن، انهن جي استعمال جي خبر پوندي آهي.

(ii) علم صرف جي اڀياس جي دائري ۾ فقط لفظ ۽ اُنهن لفظن جا قسم اچن ٿا، پر فقرا ۽ جملا علم صرف جي اڀياس جي دائري ۾ نٿا اچن، يعني تہ فقرن ۽ جملن جي بناوت، جوڙجڪ، انهن جي قسمن، لفظن جي استعمال جي جملن اندر ’ترتيب‘ (order) ۽ انتخاب (selection) وغيره سان علم صرف جو ڪوبہ واسطو ڪونهي.

## 3- لفظ ۽ صرفيہ (Word and Morpheme) جي معنيٰ ۽ مفهوم:

لفظ، هر ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾، خاص اهميت ٿو رکي. هڪ لفظ مان ٻين لفظن ۽ ڪردنتن جي ڦٽي نڪرڻ يا صادر ٿيڻ وارن اصولن جي ڄاڻ، يعني انهن اصولن کي سمجهڻ لاءِ پهرين ’صَرفيہ‘ (morpheme) جي معنيٰ ۽ اُن جي مفهوم کي سمجهڻ ضروري هوندو آهي. اُن جو خاص سبب هيءُ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي هر وياڪرڻيءَ، لفظ جي وصف پنهنجي پنهنجي خيال موجب ڏني آهي. علم اللسان جي نئين ڄاڻ ۽ سکيا جي روشنيءَ ۾ اهي پراڻيون وصفون هاڻ قبول ڪري سگهجن ٿيون يا نہ، اُن جي باري ۾ سنڌي ٻوليءَ جا شاگرد ۽ اُستاد، هن باب جي اڀياس ڪان پوءِ، پاڻ ئي سوچين. انهن (پراڻين) وصفن موجب، مرزا قليچ بيگ مرحوم فرمائي ٿو:

> ”ٻولي لفظن مان جڙيل آهي، ۽ لفظ پورو خيال پيدا ڪن ٿا. اُهي خيال يعني اُهو مطلب، انهن لفطن جي دستوري يا رواجي معنيٰ، يعني اصطلاح تي منحصر آهي، ۽ جملن جي ڳالهائڻ ۾ جي لفظ ڪم اچن ٿا، تن جو پاڻ ۾ ڪهڙو واسطو آهي، يا انهن جي هڪٻئي سان ڪهڙي نسبت آهي. اُنهن مان ڪهڙو مطلب ٿو نڪري، سو گرامر مان معلوم ٿو ٿئي“. (ص 2)

هن وصف مان هيءُ مراد ظاهر ٿي ٿئي تہ لفظ پورو خيال ظاهر ڪن ٿا. اهو خيال ۽ مفهوم لفظن مان معلوم ٿو ٿئي. مرزا صاحب مرحوم جي هن وصف مان ٻہ نتيجا ٿا نڪرن: هڪڙي نتيجي موجب لفظ کي دستوري يا رواجي معنيٰ ٿي ٿئي، ۽ ٻئي نتيجي موجب، اهي لفظ جيڪي جملن ۾ ڪم اچن ٿا، انهن مان نڪتل معنيٰ کي ’گرامر واري معنيٰ‘ چئبو. مرزا صاحب جو هي ٻہ رايو آهي تہ:

”گرامر جي اصولن موجب ڪابہ ٻولي لفظن مان جڙي ٿي، ۽ لفظ فقط ’اُچار‘ يا ’آواز‘ آهن، جن مان ڪو خيال پيدا ٿئي ٿو ۽ انهن جو پاڻ ۾ واسطو معلوم ٿئي ٿو“ (ص 2).

پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ ۽ مرزا قليچ بيگ جي ڏنل وصف، لڳ ڀڳ ساڳي آهي.

مٿين ماهرن جي ڏنل وصفن جي جائزي کان پوءِ لفظ جي وصف ڪي چندي چاٽي، اُن کي جديد لسانيات جي اصولن موجب نئين سر مقرر ڪرڻ جي ضرورت آهي، ۽ وياڪرڻ جي مذڪور ڪتابن ۾ لفظن جا جيڪي بہ قسم مقرر ڪيا ويا آهن، يا انهن قسمن جي سمجهاڻ لاءِ لفظن جون جيڪي لڙهيون ڏنيون ويون آهن، انهن تي پڻ نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي.

جيئن هر ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ لفظ جي بناوت، جوڙجڪ، ساخت ۽ سٽاء ۾، آواز يعني ’صوت‘ (phone) ۽ ’صوتيہ‘ (phoneme) خاص اهميت رکن ٿا، تيئن هر ٻوليءَ جي ’وياڪرڻي ڊانچي‘ ۾، ’علم صرف‘ واري هن باب ۾، ’صرف‘ (morph) ۽ ’صرفيہ‘ (Morpheme) جي تنظيم ۽ اُن جو اڀياس بہ خاص اهميت رکن ٿا.

اهو بہ ياد رکڻ گهرجي تہ ’وياڪرڻ جي اڀياس‘ کان اڳ، جيستائين ’صرفيہ‘ ۽ اُن جي استعمال جو مفهوم سمجهيو نہ ويو آهي، تيستائين ’لفظ‘ جي وصف مقرر ڪرڻ، يا اُن جو مفهوم ۽ ڪارج سمجهڻ ۽ سمجهائڻ مشڪل ڪم آهي.

’صرفيہ‘ جي وصف سمجهڻ لاءِ پهرين ٻوليءَ جي وياڪرڻي ’صورت‘ (Form) کي سمجهڻ ۽ اُن جي وصف جو اڀياس ڪرڻ ضروري آهي.

### 4- ’صورت‘ (Form) ڇاکي چئبو آهي؟

(الف) ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي ’ڳالهاءُ‘ يا ’گفتار‘ جي جائزي مان معلوم ٿيندو تہ اُن جو ’ڳالهاءُ‘، ڪيترن ئي معندار يا غير- معندار يعني اڻپورن جزن تي مشتمل هوندو آهي. اُن مان هر جُزي کي ’صورت‘ (form) چئبو آهي، مثال طور:

ڇگو ماڻهو ڊوڙيو.

هن جملي ۾ ’ڇگو‘، ’ماڻهو‘ ۽ ’ڊوڙيو‘ ڌار ڌار صورتون آهن. اهڙيءَ طرح ’ماڻهو‘، ’انسان‘، ’پَٽ‘، ’ڄاڻ‘ ۽ ڇوڪر وغيره بہ ڌار ڌار پُورين معنيٰ پري/ معندار صورتن جا مثالَ آهن.

### (ب) خودمختيار (Free) ۽ پَرَ- وس/ پابند (Bound) صورتون:

(i) مٿي صورتن جا جيڪي مثال ڏنا ويا آهن تن مان هرهڪ جزو يا صورت پنهنجي ليکي الڳ ۽ دائمي معنيٰ رکي ٿي. هر اُهو ’جزو‘ يا هر اُها ’صورت‘ جيڪا ڪنهن بہ رواجي ڳالهہ ٻولهہ ۾، ’اڪيلي سر‘ ۽ ’پنهنجي ليکي/ پنهنجي سر‘ ڪنهن معنيٰ سان ڪم ايندي هجي، ۽ پنهنجي مفهوم ۽ معنيٰ لاءِ ڪنهن بہ ٻيءَ صورت جي محتاج نہ هجي، تہ اهڙيءَ ’صورت‘ کي ’خودمختيار‘ يا ’پاڻ- وسيلي‘ ’پاڻ پَرِي‘، پورِي يعني آزاد

صورت' (Free form) چئبو آهي، پر اهو جزو يا هر اُها صورت جيڪا پنهنجي سر اڪيلي يعني اڪيلي سر ڪم نہ ايندي هجي، پر ڪنهن ٻيءَ صورت يا ڪن ٻين صورتن سان گڏجي ڪم اچڻ سان ئي معندار ٿيندي هجي؛ يعني اُن صورت جي معنيٰ ۽ اُن جو ڪارج، ڪنهن خودمختيار صورت جي 'وَسَ' ۾ هجي، يعني اُها صورت، پنهنجي معنيٰ ۽ مفهوم لاءِ، اُن خودمختيار صورت تي مدار رکندي هجي، تہ اهڙيءَ اٽپوريءَ صورت کي 'پَرَ- وس' يا 'پا- بند صورت' (bound form) چئبو آهي.

(ii) مٿي ڏنل مثالن ۾ 'ماڻهو'، 'پُٽ'، 'جاڻ'، 'انسان' ۽ 'ڇوڪرو' وغيره صورتون، سنڌي ٻوليءَ ۾، پنهنجي سر، يعني اڪيلي سِر ڪم اچن ٿيون ۽ اڪيلي سِر ڪا نڪا پوري معنيٰ يا پورو استعمال رکن ٿيون. اهڙين سڀني صورتن کي 'خودمختيار' يا 'آزاد صورتون' چئبو آهي، پر 'آسَروَند'، 'عقلمَند'، 'اَجاڻ'، 'اَڻجاڻ'، 'هُوند'، 'اَڻهوند'، 'وِڇڙو'، 'پُٽيتو'، 'سُڃيت'، 'ڏَنل'، ۽ 'لڪيل' وغيره صورتن ۾ '-وَند'، '- مَند'، 'اَ-'، 'اَڻ-'، '-اُو'، '- ايتو'، 'سُ-'، '- ل' ۽ '- يَل' وغيره صورتون پنهنجي سر يعني اڪيلي سر، ڪنهن بہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڳالهايون يا استعمال ۾ ڪونہ اينديون آهن. اهڙين سڀني اٽپورين صورتن کي 'پَرَ- وس' يا 'پابند' صورتون چئبو آهي.

(iii) هت هيءُ نقطو بہ غور طلب آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لغتن ۾، 'اَ-' جي معنيٰ 'نہ' ڏني وَئي آهي، پر جيئن مٿي چيو ويو آهي تہ 'اَ-' صورت جي پنهنجي سر ڪابہ 'معنيٰ' ڪانهي جيستائين اُن کي ڪنهن خودمختيار صورت جي اڳيان ملائبو نہ آهي. مثال طور 'اَملهہ' ۽ 'اَجاڻ' وغيره لفظن ۾، جيڪڏهن ڪنهن لغت ۾ 'اَ-' 'پر- وس' صورت کي داخل ڪري اُن جي معنيٰ 'نہ' ڏني وَئي آهي تہ پوءِ ٻين پر- وس صورتن، جهڙوڪ: 'سُ'، 'سَ-'، 'ڪُ-'، 'ڏُ-'، 'اَڻ-'، '-ايتو' ۽ '- اَل' وغيره پر- وس صورتن کي ڪهڙي سبب جي ڪري اُنهيءَ ئي يا ٻين لغتن ۾ داخل نہ ڪيو ويو آهي. دراصل ڪنهن بہ پر- وس صورت کي، لغتن ۾، بنيادي صورت طور يعني ڌاتوءَ جي حيثيت ۾ داخل ڪرڻ نہ گهرجي، البت جن جن لفظن سان اهي پر- وس صورتون گڏ ڪم اچن تہ اهڙن لفظن جي معنيٰ بيان ڪندي، انهن جي وياڪرڻي حيثيت، يعني اڳياڙي ۽ پڇاڙيءَ واري حيثيت، معنيٰ سميت ڏيڻ گهرجي تہ جيئن ديسي توڙي پرديسي محقق، اُنهن جي وياڪرڻي ڪارج مان واقف ٿي سگهن.

(iv) سڀئي خودمختيار توڙي پر-وس صورتون، علم صرف ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. لسانيات جي ماهرن، اهڙن سڀني خودمختيار ۽ پر-وس صورتن کي 'صرفيہ' (morpheme) سڏيو آهي. انهيءَ راءِ جي روشنيءَ ۾، 'ماڻهو'، 'پَٽ'، 'پُٽ'، 'جاڻ' ۽ 'هوند' وغيره صورتن توڙي 'سُ-'، 'ڪُ-'، 'اَ-'، '- مند'، '- وند' ۽ '- آڻ' وغيره جهڙين

پر- وس صورتن کي ’صرفيہ‘ (morpheme) چئبو آهي. تنهنڪري ياد رکڻ گهرجي تہ ڪابہ اهڙي ’خودمختيار‘ يا ’پر-وس‘ صورت، جنهن کي وڌيڪ ننڍي ۾ ننڍي معندار جزي ۾ ٽوڙي نہ سگهجي تہ اهڙيءَ صورت کي وياڪرڻ ۾ ’صرفيہ‘ (morpheme) چئبو آهي.

ٻوليءَ جي ننڍي ۾ ننڍي مراد رکندڙ (خودمختيار يا پَر وَس) جزي (The smallest meaning full unit) مان مطلب ”اهو جزو آهي جيڪو اڳتي وڌيڪ ڇيد ڪرڻ يا ڀڃڻ سان، ٻين وڌيڪ معندار جُزن ۾ ورهائي نہ سگهجي، پر جيڪڏهن اُن جزي کي اڳتي وڌيڪ ڀڃڻ جي ڪوشش ڪبي تہ حاصل ٿيل جزن جي يا تہ معنيٰ ۾ فرق اچي ويندو، يا مورڳو اُن جزي جي ڪابہ معنيٰ نہ رهندي.

مٿئين بحث مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ ’صرفيہ‘ جا ٻہ قسم ٿيندا آهن: هڪڙيون ’خودمختيار يا آزاد صرفيہ‘ ۽ ٻيون ’پَر-وس‘ يا ’پابند‘ صرفيہ. خودمختيار صرفين جهڙوڪ: ’پَٽ‘، ’پُٽ‘، ’جاڻ‘ وغيره مان، هرهڪ صورت کي اڳتي ننڍين جزن ۾ ٽوڙبو تہ ’پَ ۽ ٽ‘ يا ’پُ ۽ ٽُ‘ جزا ٿين ٿا.ا هي سڀ جزا يعني ’پ‘، ’ٽ‘ ۽ ’ٽ‘ پنهنجي سر ڪابہ معنيٰ نٿا رکن، يعني اهي ’بي معنيٰ‘ جزا آهن. ساڳيءَ طرح ’ڇوڪر‘، ’ماڻهو‘ ۽ ’جاڻ‘ وغيره جهڙين خودمختيار صروتن کي بہ اڳتي ٽوڙي، ننڍين معندار جزن ۾ ورهائي نٿو سگهجي. تنهنڪري چئبو تہ ’پٽ‘، ’پَٽ‘، ’ماڻهو‘، ’ڇوڪر‘ ۽ ’جاڻ‘ وغيره صورتون، سنڌي ٻوليءَ ۾، ننڍي ۾ ننڍيون معندار صورتون آهن، جن کي اڳتي وڌيڪ ننڍين معندار صورتن يا جزن ۾ ورهائي نٿو سگهجي، پر ’اَجاڻ‘‘ ’سُپٽ‘ ۽ ’پَٽيتو‘ وغيره ۽ اهڙين ٻين صورتن کي جڏهن اڳتي ٽوڙي/ ڀڃجي ٿو، تڏهن اُهي ’اَ + جاڻ‘، ’سُ + پٽ‘ ۽ ’ڦوٽ + ايتو‘ معندار صورتن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. اُنهن مان هرهڪ صورت، لفظ جي اشتقاق ۾ معنيٰ رکي ٿي، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي. تنهنڪري چئبو تہ ان صورت ۾ ’اَجاڻ‘، ’سُپٽ‘ ۽ ’پَٽيتو‘ صورتن مان هرهڪ صورت ۾ ٻہ ٻہ صرفيہ شامل آهن.

### 5- لفظ:

(الف) هن ڪان اڳ، ’خودمختيار‘ ۽ ’پَر-وس‘ صورتن جي بيان ڪيل وصفن جي آڌار تي ئي ’لفظ‘ جي وصف مقرر ڪري سگهبي.

’لفظ‘ ٻوليءَ جي اها ننڍي ۾ ننڍي، هڪ صرفيہ يا ٻہ صرفيہ صورت آهي، جنهن کي اڳتي وڌيڪ ٻين اهڙين ننڍين صورتن ۾ ڀڃي نہ سگهجي، تہ اهڙين ننڍين ۾ ننڍين هڪ صرفيہ يا ٻہ صرفيہ صورتن کي ’لفظ‘ چئبو آهي.

سنڌي وياڪرڻ ۾، ’لفظ‘ جي هيءَ وصف بلڪل نئين آهي. هن وصف مان اهو بلڪل واضح ٿو ٿئي تہ وياڪرڻ ۾ جهڙيءَ طرح خودمختيار صورتون اهميت رکن ٿيون، تهڙيءَ طرح ’پَر- وَس‘ صورتن جي موجودگي بہ غيرضروري نہ، بلڪ اهم آهي. اهي (پر-وس) صورتون بہ سنڌي وياڪرڻ ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون. اهڙين صورتن کي، سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن، ’اڳياڙين‘ ۽ ’پڇاڙين‘ جي درجي کان وڌيڪ ڪابہ اهميت ڪانہ ڏني آهي، پر ’علم صرف‘ ۾ اهي تمام اهم حيثيت رکن ٿيون.

**(ب) لفظن جا قسم:**

’لفظ‘ جي وصف معلوم ڪرڻ کان پوءِ ڏسڻ گهرجي تہ سنڌي وياڪرڻ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي ساري ذخيري ڪي، لفظن جي ساخت ۽ سٽاءَ جي لحاظ کان ڪهڙن ڪهڙن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. هن سلسلي ۾، هن کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين (بزرگن) لفظن جا جيڪي قسم ڄاڻايا آهن، اُنهن تي نئين سر نظر وجهڻ جي ضرورت آهي.

(i) سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا هيٺيان ٻہ قسم بيان ڪيا آهن: (1) مفرد لفظ ۽ (2) مرڪب لفظ (مرزا قليچ بيگ، 1992: 74)، پر لفظن جي سٽاءَ، ساخت ۽ گهاڙيٽي جي لحاظ کان، لسانيات جي ماهرن لفظن کي هيٺين مکيہ ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي:

هڪڙا ’ابتدائي يا بنيادي لفظ‘ (primary words) ۽ ٻيا ’ثانوي لفظ‘ (secondary words). پهريان يعني ’ابتدائي يا بنيادي‘ لفظ اُهي آهن جن مان ٻيا يعني ’ثانوي لفظ‘ ٺهن ٿا، پر اُهي يعني ابتدائي يا بنيادي لفظ خود ڪنهن ٻئي لفظ يا ٻين لفظن مان جڙيل نہ هوندا آهن. سنڌي ٻوليءَ جا لفظ: ’وڏو‘، ’ننڍو‘، ’ڇوڪر‘، ’ماڻهو‘ ۽ ’پٽ‘ وغيره، ’ابتدائي‘ يا ’بنيادي لفظ‘ آهن، اهي ۽ اهڙي قسم جا ٻيا سڀيئي لفظ، ڪنهن ٻئي لفظ (ذاتوءَ يا بنياد) مان جڙيل نہ آهن، پر اِهي لفظ خود ذاتو يا بنياد طور ڪم ايندا آهن. اهڙن لفظن کي ’مفرد لفظ‘ (simple words) يا ’سادا لفظ‘ يا ’ابتدائي لفظ‘ (primary words) چئبو آهي. جديد لسانيات موجب، ’مفرد‘ لفظ اُهي صورتون آهن جن کي اڳتي وڌيڪ معنادار جزن ۾ ٽوڙي يا ڀڃي نہ سگهجي، مثال طور: ’پُٽ‘، ’پَتِ‘، ’ماڻهو‘، ’ڄاڻ‘، ’ڇوڪر‘ ۽ ’ننڍو‘ وغيره، پر ’وَڏائي‘، ’وڏپڻ‘، ’وڏتڻ‘، ’ننڍپڻ‘، ’ماڻهپو‘، ’پُٽيتو‘ ۽ ’سُپَٽ‘ وغيره لفظ بنيادي لفظ نہ آهن؛ اهي سڀ ’ثانوي‘ (secondary) لفظ آهن، ڇاڪاڻ تہ اهي لفظ، ٻين بنيادي يعني ابتدائي لفظن مان جُڙيل آهن؛ بلڪل ساڳيءَ طرح ’گهَرَ- ڏَٽي‘، ’مَلڪ - راڄ‘، ’آب هوا‘، ’مُنهَن جوت‘ ۽ ’سَٽ ڪُٽ‘ وغيره لفظ، بنيادي يعني ابتدائي لفظ نہ آهن، پر اهي ۽ اهڙا ٻيا سڀيئي لفظ ثانوي لفظ آهن. ثابت ٿيو تہ، ’ثانوي لفظ‘، ’ابتدائي‘ يعني بنيادي لفظن مان ٺهي نهندا يا جڙندا آهن.

(ت) ثانوي لفظن کي وري، جديد لسانيات جي ماهرن اڳتي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي. اُهي آهن: (i) ’مرتب لفظ‘ (complex words) ۽ ’مرڪب لفظ‘ (compound words). هن نقطي کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ هيٺيون خاڪو ذهن ۾ رکڻ کپي:



سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، 'مرتب' ۽ 'مرڪب' لفظن جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي، تنهن کي اهم نہ سمجهي، اُن (فرق) کي نظرانداز ڪيو ويو آهي. اُنهن (وياڪرڻين)، مرتب ۽ مرڪب لفظن کي هڪ ئي قسم، يعني مرڪب لفظ سڏيو آهي. اهوئي سبب آهي، جو سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، مرتب ۽ مرڪب قسمن وارن لفظن کي هڪ ئي قسم، يعني 'مرڪب لفظ'، بيان ڪيو آهي.

(ث) مٿي بيان ڪيل مثالن مان اهو ثابت ٿيو تہ ٻنهي قسمن يعني مرتب ۽ مرڪب لفظن جي جوڙجڪ ۽ رچنا ۾ بہ وڏو فرق آهي. سنڌي بزرگن نہ فقط مرتب ۽ مرڪب لفظن جي وصف ۽ سندن طرفان ڏنل انهن ٻنهي قسمن (مرتب ۽ مرڪب لفظن) جي مثالن ۾ ڪوبہ فرق نہ ڏيکاريو آهي، پر لسانيات جي هڪ ٻئي نقطي، يعني لفظن جي تڪرار (reduplication)، جيئن 'هنڌ هنڌ، وِڪَ وِڪَ، ويران وير، راند روند، هلڻ چلڻ، ڏسڻ وائسڻ ۽ ماني ٻاني' وغيره لفظن جي مفهوم ۽ وياڪرڻي ڪارج کي بہ درست نموني سمجهايو آهي. انهيءَ ڪري، اِن وضاحت ڪان پوءِ هِن باب ۾، لفظن جي تڪرار يعني ڏُهراءَ کي، لسانيات جي اصولن موجب هيٺ سمجهايو ويو آهي:

(1) مفرد لفظ (Simple words): اُهو لفظ جيڪو هڪ ئي خودمختيار صورت وارو هجي ۽ جنهن سان ڪابہ پر-وس صِورت مليل/ ملايل نہ هجي، اهڙي لفظ کي 'مفرد لفظ' چئبو آهي. جديد لسانيات جي ماهرن، اهڙن لفظن کي بنيادي لفظ (primary words) بہ سڏيو آهي. مفرد لفظن جا مثال هي آهن:

'چوڪر'، 'ماڻهو'، 'پيءُ'، 'پٽ'، 'پٽ'، 'هاٿي' ۽ جاڙ وغيره.

(2) مرتب لفظ (complex words): (الف) اُهو لفظ جنهن سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پَر-وَس صورتون شامل ڪيل هجن، اهڙي لفظ کي 'مُرتب لفظ' (complex word) چئبو آهي. مثال طور: 'سُپت'، 'واڄٽ'، 'پُٽيتو'، 'ڪٽمنڙو'، 'اٿهوُند'، 'اَجاڻ'، 'اٿچاٽپ'، 'ڏُنڙ'، 'سُچيتائي' ۽ 'ڪُپَتيو' وغيره.

انهن لفظن ۾ 'سُ-'، '- ت'، '- ايتو'، '- ڙو'، 'اَڻ-'، 'اَ-'، '- پَ'، 'ڏُ-'، '- آئي'، 'ڪُ-'، ۽ '-يو' پَرَ- وس صورتون شامل آهن. اهڙيون (پر-وس) صورتون، مفرد لفظن سان هرگز شامل نٿيون رهن، پر جڏهن اُنهن مان، مرتب لفظ ناهٺا هوندا آهن، تڏهن اهڙين پر-وس صورتن جو، مرتب لفظن جي حالت ۾، ساڻن شامل هجڻ لازمي ۽ ممڪن هوندو آهي. ساڳيءَ طرح، مفرد لفظن وانگر مرڪب لفظن سان تہ پر- وس صورتن کي شامل ڪرڻ ممڪن ئي نہ آهي، تنهنڪري اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ جنهن بہ لفظ سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ کي پر-وس صورتون شامل هجن تہ اهڙي لفظ کي 'مرتب لفظ' چئبو، ۽ نہ ڪ مرڪب لفظ.

هڪ ٻي ڳالهہ بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ مفرد لفظن جي پويان جڏهن کي بہ پر- وس صورتون (پڇاڙيون) ملايون وينديون آهن تڏهن اهڙين 'پر- وس' صورتن (پڇاڙين) ملائڻ کان اڳ، بنيادي لفظ (ڌاتوءَ) جي آخر ۾ آيل 'صوتيہ' (سُر صوتيہ) ۾ صوتي تبديلي ايندي آهي. ايندڙ صفحن ۾، صفتن،

مثال طور:

(i) 'اُٺ'، 'ڏُٺ' ۽ 'ڪُڪُڙ' وغيره لفظن جي پويان '-اِي' پڇاڙي (پروس صورت) ملائڻ وقت، انهن لفظن جي پهرئين پد (syllable) ۾ ڪم آيل سر صوتيه /اُ/ بدلجي /او/ ٿئي ٿو ۽ لفظ جڙن ٿا: /اُٺ + اِي = اوٺِي/، /ڏُٺ + اِي = ڏوٺِي/ ۽ /ڪُڪُڙ + اِي = ڪوڪڙِي/.

(ii) اهڙيءَ طرح 'پِتل'، 'نِڪر' ۽ 'چِڙ' لفظن جي پهرئين پد ۾ ڪم آيل سُر صوتيه/ -اِي/يا/-آڪ/ پڇاڙيون ملائڻ ڪان اڳ، بدلجي /اي/ ٿئي ٿي؛ مثلاً: /پِتل+ اِي = پيتلي/، نڪر+ اِي = نيڪري/ ۽ / چِڙ + آڪ = چيڙاڪ/.

(iii) ساڳيءَ طرح 'ٺَڪَرُ' ۽ 'چَپَرُ' وغيره لفظن جي پهرئين پد واري سُر صوتيه /اَ'، اُو/ پڇاڙي ملائڻ ڪان اڳ بدلجي / آ/ ٿئي ٿي، مثال طور: /ٺَڪَرُ + اُو = ٺاڪرو/ ۽ چَپَرُ + اُو = چاپرُو.

(ت) اهڙيءَ طرح جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته مرتب لفظن ناهڻ مهل، مفرد لفظن سان ڪيتريون ئي پر- وس صورتون، اڳياڙين جي حالت ۾ به ملايون وينديون آهن، مثال طور:

| مرتب لفظ | اڳياڙي + اسم | مرتب لفظ | اڳياڙي + اسم |
|---|---|---|---|
| سُتَرُ | سُ + تَرُ | اَڻجاڻ | اَڻ + جاڻ |
| ڏُجڻ | ڏُ + جڻ | اَمُلهه | اَ + مُلهه |
| ڪُپَت | ڪُ+ پَت | | |

(ث) اهڙيءَ طرح هيٺين مرتب لفظن ۾ هڪ ڪان وڌيڪ پر-وس صورتون،ا ڳياڙين ۽ پڇاڙين جي صورتن ۾ شامل آهن، مثال طور:

| مرتب لفظ | اڳياڙي | مفرد لفظ | پڇاڙي |
|---|---|---|---|
| سُپَتيو | سُ - | + پَت | - يو |
| ڪُپَتيو | ڪُ - | + پَت | - يو |
| ڪُمَهلو | ڪُ - | + مَهلَ | - او |
| اَڻپُڇو | اَڻ - | + پُڇا | - او |
| نِروڳي | نِ - | + روڳ | - اِي |
| ناڪارو | نا - | + ڪارِ | - او |
| اَچيتائي | اَ - | + چيتِ | - آئِي |
| نِڌڻڪو | نِ - | + ڌڻي | - اِڪو |

مرحوم مرزا قليچ بيگ، پروفيسر ڀيرومل آڏواڻي ۽ هيسڪل، مٿي 'ث' پئرا هيٺ ڏنل

لفظن کي مرڪب لفظ سڏيو آهي، جيڪو صحيح نہ آهي. پروفيسر ڀيرومل پنهنجي دعويٰ جي دليل طور لکن ٿا:

"اهڙيءَ طرح ڪن اڳياڙين گڏڻ سان مرڪب لفظ ٺهن ٿا". (ڀيرومل: 94)

ساڳيءَ طرح مرزا صاحب بہ 'نا چڱو'، 'بي لڄو'، 'اَوَتڙ'، 'سَڦلو' ۽ 'سڀوجهو' جهڙن لفظن کي 'مرڪب لفظ' ڪوٺيو آهي، جيڪي حقيقت ۾ 'مرتب' لفظن جا مثال آهن ۽ نہ ڪ 'مرڪب' لفظن جا.

## (3) مرڪب لفظ:

(الف) سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن، هن کان اڳ، 'مرڪب لفظن' جي جيڪا وصف مقرر ڪئي آهي، تنهن تي لسانيات جي جديد اصولن موجب، نظرثاني ڪري، انهن کي نئين سر مقرر ڪرڻ گهرجي. هن ڏس ۾ مرحوم مرزا قليچ بيگ مرڪب لفظ جي جيڪا وصف بيان ڪئي آهي، تنهن موجب لکي ٿو:

"ڀهرين انڪاري حرف، اَ، اَڻ، نا، نر، نہ ۽ مَ، لفظن جي اڳيان آڻڻ سان مرڪب لفظ جڙن ٿا، مثال طور: اَچيت، اَچيتائي، اَڻتيڻو، ناڪارو، ناچڱو، نِڪٿو، نِڪمو، مَچڏ، نراس ۽ نڌڻڪو (مرزا قليچ بيگ: 94).

ياد رکڻ گهرجي تہ اِهي لفظ توڙي 'سَڦلو'، 'سَڀوجهو'، 'سُپتيو'، 'ڪُپَتيو'، 'سُڪار' ۽ 'ڏڪار' لفظ جيڪي مرزا صاحب جي خيال موجب 'مرڪب لفظ' آهن، سي حقيقت ۾ مرڪب لفظ نہ، پر مرتب لفظ آهن.

(ب) (i) مرزا صاحب اڳتي پنهنجي جوڙيل وياڪرڻ ۾ لکي ٿو تہ:

"سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن جي ٻن يا وڌيڪ لفظن مان جڙيل آهن، جن مان ڪيٰ ساڳيا بہ ٻہ ڀيرا ٿا اچن، ڪي هڪجهڙا ۽ موافق آهن ۽ ڪي مخالف آهن. ڪن ۾ ساڳئي قسم يا قافئي يا وزن جو لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي ڪابہ معنيٰ ڪانهي، فقط استعمال ۽ اصطلاح ۾ ڪم ايندا آهن؛ ڪن ۾ جدا جدا فعل جا موافق يا مخالف زمان ڪم آيل آهن، مثال طور:

ناچڱو، نردوئي، نِڌڻڪو، بي لڄو، اَوَتڙ، سَڀوجهو، اَڀوجهو ۽ اَمُلهہ.

(ii) پل پل، دم دم، سراسر، سربسر، وير اَوير، مٺ سٺ، ٻاجي ٻُتي، ٻڪ شڪ ۽ پئسو پنجڙ (مرزا قليچ بيگ: 94).

مرزا صاحب جي ڏنل انهن مثالن مان پهرئين قسم وارن لفظن تي مٿي بيان ڪيل مرتب لفظن جي عنوان هيٺ، روشني وڌي وَئي آهي، باقي ٻئي قسم وارا، پٺرا (ii) هيٺ بيان ڪيل لفظ، جهڙوڪ: پل پل ۽ دم دم وغيره 'مڪرر لفظن' (reduplicated words) جا مثال آهن. انهن لفظن کي بہ مرڪب لفظ ڪوٺي سگهجي ٿو، جيئن ايندڙ صفحن ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(b) پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ، مٿي ڏنل وصف کان سواءِ، مرڪب لفظ جي جيڪا وصف بيان ڪئي آهي سا هن ريت آهي:

”سنڌيءَ ۾ ڪنهن به مرڪب لفظ ۾ ٻن کان وڌيڪ اسم ٻيهاري سگهجن ٿا“. (پيرومل آڏواڻي: 286)

پنهنجي انهيءَ وصف جي آڌار تي، پروفيسر پيرومل نه صرف ’گهر ڌڻي‘، ’چگهڙسي‘ ۽ ’آگ گاڏي‘ لفظ مثال طور ڏنا آهن، پر ساڳئي وقت ’سُپتيو‘، ’ڪُپتيو‘ ۽ ’اٽپچو‘ جهڙن لفظن کي به مرڪب لفظ ٺهرايو آهي. ساڳيءَ طرح سنڌي وياڪرڻ جو هڪ غير سنڌي ماهر، مسٽر هيسڪل به، ’اچيتائي‘، ’اُچيت‘، ’اَٺويساهي‘، ’ناچگائي‘، ’ناچگو‘، ’مچڏو‘، ’نڌٽڪو‘، ’سُڪار‘، ’سُچيت‘، ’ڪُپَت‘ ۽ ’سباجهو‘ لفظن کي مرڪب لفظ ٺهرايو آهي. (Haskell, c. w: 137 & 139). اِهي لفظ حقيقت ۾، مرڪب لفظ نه، پر مرتب لفظ آهن، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

(c) مٿئين جائزي کان پوءِ هي نتيجو ٺهي نڪري ٿو ته سنڌي وياڪرڻ ۾ مرڪب لفظ جي وصف، جديد لسانيات جي اصولن موجب، هيءَ ٿيندي:

”مرڪب لفظ، اُن لفظ کي چئبو آهي، جنهن ۾ به يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار صورتون (مفرد لفظ) گڏيل هجن. اهڙن لفظن (مرڪب لفظن) سان پر-وس) صورتن جو گڏجي ڪم اچڻ بلڪل ممڪن نه آهي.“

مرتب ۽ مرڪب لفظن ۾ اهوئي ته خاص فرق آهي، يعني مرتب لفظ اهو آهي، جنهن سان هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پَرَ-وس صورتون شامل هجن، مثال طور: ’ڪنمنڙو‘، ’پرمتڙيو‘، ’اُچيتائي‘ ۽ ’چگهڙسي‘ وغيره، پر مرڪب لفظ جي حالت ۾ اُن سان به يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار صورتون يعني مفرد لفظ گڏيل هوندا آهن، مثال طور:

’گهرڌڻي‘، ’آگ گاڏي‘ ۽ ’پَرَ-وسُ‘ لفظ. اهو به ياد رکڻ ضروري آهي ته ڪڏهن ڪڏهن، مرڪب لفظن سان ڪا موزون پر-وس صورت ملائي، اُن مان مرتب لفظ ٺاهبو آهي، جيئن:

پَرَوَسِيڪو لفظ. هن لفظ ۾، ’پر-وس‘ مرڪب لفظ سان ’-اِڪو‘ پڇاڙي ملائي، مرتب لفظ ’پروسيڪو‘ ٺاهيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا مرتب لفظ هي به آهن:

’رت ورنو‘، ’سون ورنو‘ ۽ ’نندڙاڪڙو‘ وغيره.

(d) سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻن مفرد لفظن مان جڙيل مرڪب لفظ گهڻائي ملن ٿا، پر ٽن مفرد لفظن مان ٺهيل مرڪب لفظ، تمام گهٽ آهن. ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ’مهراڻ‘ رسالي ۾ ڇپيل پنهنجي مقالي ۾ اهڙن ڪجهه لفظن جا مثال ڏنا آهن، جيئن:

سترامداس (ست + رام + داس)

جئرامداس (جئه + رام + داس)

هرنامداس (هر+ نام+ داس)

گڻيشانند (گڻ+ ايش+ آنند)

پيتامبر لال (پيت+ آمبر+ لال)

(ت) مرڪب لفظن جي بيان ڪرڻ لاءِ ضروري آهي تہ نہ فقط اهو ڄاڻجي تہ ڳالهائڻ جي لفظن (parts of speech) مان ان مرڪب لفظ جي وياڪرڻ ۾ ڪهڙي حيثيت آهي، يا اُن مرڪب لفظ جو وياڪرڻي نالو ڇا آهي؟ اهڙيءَ طرح اهو ڄاڻڻ بہ ضروري آهي تہ ڪهڙا ڪهڙا وياڪرڻي گروهہ يا لفظ گڏجي، مرڪب لفظ ٺاهين ٿا. انهن لفظن کي هڪٻئي سان ملائڻ يا جوڙڻ جي 'ترتيب' (Order) ڪهڙي آهي؟ يعني ڪهڙا ڪهڙا لفظ، مرڪب لفظ ۾ پهرئين جز طور ۽ ڪهڙا ڪهڙا لفظ پوئين جز طور، ڪم آيا آهن ۽ اُن مرڪب لفظ جي ٺاهڻ ۾ ڪم آيا آهن. مثال طور 'گهرَڌڻي' مرڪب لفظ ۾، مفرد لفظ 'گهرُ' پهرئين جز طور ۽ 'ڌڻي' مفرد لفظ پوئين جز طور ملايو ويو آهي. اهو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ ٻنهي مفرد لفظن جي گڏجڻ کان اڳ، پهرئين جز 'گهرُ' جي پوئين سُرَ صوتيہ 'اُ' بدلائي 'اَ' ڪئي وئي، ۽ پوءِ اُن جي پويان 'ڌڻي' لفظ ملائيجي ٿو. صوتين جي اهڙي تبديل ٻين بہ گهڻن ئي لفظن ۾ ڏني وئي آهي، جيئن اڳتي هلي معلوم ٿيندو. اهڙيءَ حالت ۾، 'اَ' زَبَرَ حرف اضافت جي معنيٰ ڏيکاري ٿي. ترڪيب ۾ اُن کي 'زبر اضافت' چئي سگهجي ٿو. قابل توجهہ نڪتو هي بہ آهي تہ سنڌي وياڪرڻ ۾ 'اَ' يعني زبر اضافت جو مفهوم هوُبهو فارسي وياڪرڻ جي زير اضافت جهڙو آهي. جيڪڏهن مرڪب لفظ جي جُڙڻ واريءَ ترتيب ۾ ڦيرگهير آڻي 'گهَرَ ڌڻي' جي بدران 'ڌڻيءَ گهر' يا 'ڌڻي گهر' چئبو يا لکبو تہ پوءِ اِنهن ٻنهي لفظن مان اُها معنيٰ يا اُها مراد هرگز نٿي نڪري، جيڪا 'گهَرَ ڌڻي' لفظ مان نڪري ٿي.

(ث) انهيءَ وضاحت کان پوءِ، سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب، لفظن جي گهاڙيٽن جا جيڪي اصول ۽ قانون محسوس ڪجن ٿا، اُهي هي آهن:

(i) لفظن جي ترتيب يعني Order

(ii) لفظن جو انتخاب/ چونڊ يعني Selection

(iii) لفظن يا گروهن جا مقرر ميلُ يعني Sets

(i) انهن اصولن مان پهريون اصول ترتيب (order) آهي. ترتيب واري اصول موجب ڏسڻو هي آهي تہ 'مرتب' لفظ جي ٺاهڻ / جوڙڻ/ رچنا واريءَ حالت ۾، ڪهڙيون ڪهڙيون 'پروس صورتون' 'اڳياڙيون' ٿي ڪم اچن ٿيون، ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون پر-وس صورتون، 'پڇاڙيون' ٿي ڪم اينديون آهن. اهڙيءَ طرح 'مرڪب لفظن' جي حالت ۾، 'ترتيب' وارو اصول (order)، مرڪب لفظن جي گهاڙيٽن جي اڀياس ۾ بہ ساڳي مدد ٿو ڪري، يعني ڪهڙا ڪهڙا مفرد لفظ، پاڻ ۾ ملي، مرڪب لفظ ٺاهين ٿا، ۽ ساڳئي وقت اهو بہ ڏسڻو آهي تہ ڪهڙا ڪهڙا مفرد لفظ، مرڪب لفظ ۾ 'پهرئين جز' يعني 'constituent part' طور ڪم اچي سگهن ٿا، ۽ ڪهڙا ڪهڙا مفرد لفظ،

مرڪب لفظن جي گهاڙيٽن ۾ مرڪب لفظن ۾ 'پوئين جز' طور ڪم اچي سگهن ٿا. مثال طور ترتيب واري اصول موجب، 'گهر ڏٽي' لفظ ۾ 'گهر' مفرد لفظ، پهرئين جز طور پنهنجي جاءِ وٺندو آهي، جڏهن ته 'ڏٽي' مفرد لفظ 'پوئين جز طور' پنهنجي جاءِ ورتي آهي. ائين هرگز ممڪن ڪونهي ته 'گهر ڏٽي' لفظ جي بدران اسين 'ڏٽي گهر' لفظ چئي يا لکي سگهون ٿا. سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب مرڪب لفظ جي اهڙيءَ ترڪيب، يعني 'ڏٽي گهر' جي استعمال، ڪي صحيح نہ سمجهيو ويندو، پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ، 'ڏٽي گهر' لفظ استعمال ڪٿي بہ ڪيو تہ بہ انهيءَ لفظ مان، 'گهر ڏٽي' مرڪب لفظ واري معنيٰ نٿي نڪري. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر جيٽلي پنهنجي مذڪور مقالي ۾ بلڪل درست فرمايو آهي تہ:

"'اچ- وڃ' مرڪب لفظ آهي، اُن ۾ لفظن جي ترتيب، ٻوليءَ جي رواج موجب مقرر ٿي وئي آهي. اُن ڪي بدلائي، اسين 'وڃ – اچ' مرڪب لفظ ٺاهي نہ سگهنداسين. ساڳيءَ طرح 'اُٿ – ويهہ' لفظ ڪي بدلائي اسين 'ويهہ – اُٿ' مرڪب لفظ ٺاهي نہ سگهنداسين".

(ii) اهڙيءَ طرح ٻيو قانون آهي لفظن جو 'انتخاب'يا 'چونڊ' (selection). هن قانون موجب اهو ڏسڻو آهي تہ مرتب لفظن جي گهاڙيٽن/ رَچنا جي حالت ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون پروس صورتون، ڪهڙن ڪهڙن بنيادي لفظن سان ملي/ گڏجي مرتب لفظ ٺاهين ٿيون. مثال طور جيئن هن باب جي شروع ۾، سراج صاحب جي مقالي جي حوالي سان، اهو چيو ويو آهي تہ سراج صاحب، سوال ڪيو هو تہ:

"ڪارنهن، ڪاراڻ ۽ ڪارٽ/ ڪاراٽ" لفظن ۾، جيڪي پڇاڙيون يا 'پڇاڙيءَ جا پد' (suffixes) آهن، يعني 'اَ، نهن، اَنهن، آڻ، ٽ، يا آٽ، اهي اصل ۾ ڇا آهن، انهن جي پنهنجن ذاتن جي ڪهڙي صروت آهي يا هئي؟ جو ان پوئين سوال تي اچجي ٿو تہ ٻين اهڙين صفتن ۾، انهن جو استعمال محدود ٿو نظر اچي: مثلاً ڳاڙهو مان ڳاڙهاڻ اسم نهن ٿا پر 'ڳاڙنهن' ۽ 'ڳاڙٽ' نٿا نهن: لفظ 'سائو' مان 'ساءَ' يا 'وَ' ۽ 'سائنهن' يا 'سائٽ' يا 'ساوٽ' ڪونہ ٿا نهن، پر انهن جي برعڪس 'ساواڻ' ۽ 'ساوڪ' جو نئون نمونو ۽ نئين ترڪيب ملي ٿي. لفظ 'پيلو' مان هڪ ئي لفظ 'پيلاڻ' نهي ٿو ۽ باقي ٻي ڪابہ ترڪيب اُن مان نٿي نهي".

سراج صاحب جي هن نقطي جي وضاحت لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي 'بنيادي لفظن' يا 'ڌاتوئن' سان اڳياڙين ۽ پڇاڙين شامل ڪرڻ واري اصول جو دارومدارُ انتخاب/ چونڊ (selection) واري اصول سان واسطو ٿو رکي. هن اصول جي اڀياس مان خبر پوي ٿي تہ '- آڻ' پڇاڙي، ڪهڙن ڪهڙن ڌاتوئن (بنيادي لفظن) سان ملي سگهي ٿي، ۽ اهڙيءَ طرح '- ٽ' يا '- آٽ' پڇاڙيون، 'اَڇو'، 'پيلو' ۽ 'سائو' وغيره ڌاتوئن سان انهيءَ ڪري ملائي نٿيون سگهجن، جو اهي پڇاڙيون انهيءَ گروهہ ۾ 'لفظن جي جوڙ' (set) واريون نہ آهن. اهڙيءَ طرح انتخاب وارو قانون مرڪب لفظن سان بہ لڳندو آهي، جيئن 'گهر ڏٽي' مرڪب لفظ جي مثال ۾ سمجهايو ويو آهي.

5- (الف) علم صرف جي مٿي بيان ڪيل اصولن جي روشنيءَ ۾ جيڪڏهن ڏسجي تہ 'ترتيب' ۽ 'انتخاب' وارن اصولن موجب، اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي، سنڌي ٻوليءَ ۾ نوان لفظ ڪيئن ٺاهن ۽ ڪهڙن ڪهڙن بنيادي لفظن جي گروهن سان ڪهڙيون ڪهڙيون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي ٿيون سگهجن؟

سنڌي ٻوليءَ جي علم صرف جي قانونن موجب، خودمختيار (مفرد لفظي) صورتن جي اڳيان يا پويان ممڪن ۽ مقرر اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي نوان مرتب لفظ ٺاهيا آهن. اهڙين اڳياڙين ۽ پڇاڙين کي علم صرف موجب 'جوڙ' (affixes) چئبو آهي. انهن پروس صورتن کي، علم صرف جي ڪارج موجب اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي صورتن ۾، ممڪن بنيادي لفظن سان ملايو ويندو آهي، جيئن هيٺ ڏنل مثالن مان سمجهي سگهبو.

اهو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ، مرڪب لفظن جي صورت ۾، ڪيترائي لفظ فارسي ٻوليءَ مان اُڌارا ورتا آهن، جن ۾ وچياڙيون (Infixes) بہ ڪم اينديون آهن. مثال طور: آمد و رفت، گفت و شنيد ۽ خواه مخواه وغيره. انهن لفظن ۾ 'وَ' ۽ 'مَ' صورتون وچياڙين طور ڪم آيون آهن.

(ب) (i) اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ سنڌي وياڪرڻ ۾، جيئن سنڌي صوتيات ۾ آوازن يا آوازن جي ميلن ۽ جوڙن ۽ انهن جي عمل لاءِ ڪي اصول ۽ قانون مقرر ٿيل آهن تيئن سنڌي ٻوليءَ جي مرتب لفظن ٺاهڻ لاءِ، اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي ميلاپ يا جوڙ لاءِ بہ ڪي قانون ۽ اصول مقرر ٿيل آهن جن جو اڃا تائين اڀياس ڪيو ئي نہ ويو آهي.

(ii) هر ٻوليءَ جي لفظن جي ساخت، گهاڙيٽن يا رچنائن ۾، لفظن جا ڌار ڌار گروهہ هوندا آهن جن مان مخصوص بنيادي لفظن جي گروهن سان مخصوص اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي سگهبيون آهن، ۽ هر گروهہ سان انهن اڳياڙين ۽ پڇاڙين جو ميلاپ يا جوڙ ممڪن نہ هوندو آهي.

(ت) (i) انهيءَ وضاحت کان پوءِ ڏسڻ گهرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اصولن موجب، علم صرف جي اڀياس لاءِ اڳياڙين ۽ پڇاڙين جا ڪهڙا ڪهڙا گروهہ، ڪهڙن ڪهڙن بنيادي لفظن جي گروهن سان، ملائي سگهبا آهن. اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي ميلاپ وارا اصول، علم صرف جي 'ترتيب' (order) ۽ 'انتخاب' (selection) وارن اصولن ۽ قانونن موجب عمل ڪن ٿا، جيئن هيٺ ڏنل مثالن مان معلوم ٿيندو.

| ترتيب واري اصول موجب ڪم ايندڙ اڳياڙيون | انتخاب واري اصول موجب ممڪن بنيادي لفظن جا گروهہ | نوان جُڙيل / گهڙيل لفظ |
|---|---|---|
| اَ - | جاڻ، مَر، مُلهہ، ڪُٽ، | اَجاڻ، اَمر، اَمُلهہ، اَڪُٽ، |
| اَڻ - | جاڻ، هوندَ، پڙهيل | اَڻجاڻ، اَڻهُوند، اَڻپڙهيل |

| ترتيب واري اصول موجب<br>ڪر ايندڙ پڇاڙيون | انتخاب واري اصول موجب<br>ممڪن بنيادي لفظن جا گروهه | نوان جُڙيل / گهڙيل لفظ |
|---|---|---|
| - تِ | پورهيو، جوڙ | پورهيتِ، جوڙيَت |
| - ٺَ | ٻاٽي، ڪارو | ٻاٽيٺُ، ڪارٺِ |
| - آٺ | ٻاٽي، ڪارو | ٻاٽياٺُ، ڪاراٺِ |
| - پڻ | مُڪي، وَڏو، ٻال (ٻار) ٻُڍو | مُڪپَڻ، وَڏپڻ، ٻالپڻ، ٻڍاپڻ |
| - پڻو | مُڪي، وَڏو، ٻال، ٻُڍو | مُڪيپڻو، وڏپڻو، ٻالپڻو، ٻڍاپڻُو |
| - تَڻ | مُڪي، وَڏو، ٻال | مُڪتڻ، وڏتڻ، ٻالتڻ |
| - پِي | ٻاءُ | ٻائپي |
| - پو | سيڻُ، ٻاءُ | سيڻپو، ٻائپو |
| - ڪارَ | ٺَڊو، اَنڊو، وڻ، هِندُو | ٺڊڪارَ، اَنڊڪارَ، وَڻڪارَ، هندڪارَ |
| - آرُ | ٻَڪَرُ، اُٺُ، پِنُ، لوهُ، فن | ٻڪرارُ، اوٺارُ، پِينارُ، لوهارُ، فنڪار |
| - آرو | پڳَ، پِچُ، هاڪَ، نام | پاڳارو، پيچارو، هاڪارو، نامپارو |
| - آري | ٻِيکَ، ڪيڏُ | ٻيڪاري، ڪيڏاري |
| - اِرُ | گاڏي، ڪاٺِي، جَهپِ، ڪاٺُ | گاڏيَرُ، ڪاٺيَرُ، جَهپِرُ، ڪاٺيَرُ |
| - ايل | ڏاڙو، ٺُرُ | ڏاڙيل، ٺاريل |
| - اُو | ڇَپَرُ، ٺَڪَرُ، جَبَلُ | ڇاپرُو، ٺاڪِرُو، جابِلو |
| - آئون | هَنڌ، لوهُ | هنڌائون، لوهائون |
| - او | ٻَڪَرُ، اُٺُ | ٻاڪرو، اوٺو |
| - آڻو | ٻاٽي، ڪَلَرُ، ڇَپَرَ، ٺِڪَرُ | ٻاٽياڻو، ڪَلراڻو، ڇپراڻو، ٺڪراڻو |
| - اوڪو | ڪالَهه، پَرِ، راتِ، اڄُ | ڪالهوڪو، پَروڪو، راتوڪو، اڄوڪو |
| - اِڪو | واٽيون، جَت، جَٽ، خواجو، ميمڻ | واٽِڪو، جَتڪو، جَٽڪو، خواجڪو، ميمڻڪو |
| - ايڪو | هَٽُ، وَسُ، سَٽ | هَٽيڪو، وَسِيڪو، سانِيڪو |
| - لو | لاڏ، جاڳ | لاڏلو، جاڳلو |
| - هارِ | اُپائڻ، خلقڻ، پالَڻ، سرجَڻ | اُپائڻهار، خلقڻهار، پالڻهار، سرجڻهار |

- اَٿ        واڄو، گهوگهو، سُوسُو        واڄَٽُ، گهوگهٽُ، سُوسَٽ

(iii) اِنهن ۽ اِهڙن ٻين مثالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي زبان ۾ لفظن جي گهاڙيٽن ۽ رچنائن لاءِ نہ فقط ڪي مقرر اصول آهن، پر پنهنجن لفظن جي مخصوص گروهن سان اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي، پنهنجا انيڪ ۽ نوان نوان لفظ ناهڻ ۾ مدد ڪري ٿي. مٿي جيڪي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون مثالن طور ڏنيون وَئيون آهن، اُنهن مان ڪي تجربي طور لفظن جي ڪنهن ٻئي گروهہ جي بنيادي لفظن سان ملائي ڏسو تہ خبر پئجي ويندي، ۽ محترم سراج الحق ميمڻ جي سوال جو جواب ملي ويندو تہ:

مثلاً 'ڳاڙهو' مان 'ڳاڙهاڻ' اسم نهي ٿو، پر 'ڳاڙهڻ' يا 'ڳاڙٽ' نٿا نهن: لفظ 'سائو' مان 'ساءَ' يا 'سائنهن' يا 'سائٽ' ۽ 'ساوٽ' ڪونہ ٿا نهن، انهن جي برعڪس 'ساوڪ' ۽ 'ساواڻ' جو نئون نمونو ۽ نئين ترڪيب ملي ٿي، لفظ 'پيلو' مان هڪ ئي لفظ 'پيلاڻ' اسم نهي ٿو ۽ باقي ڪابہ ترڪيب اُن مان نٿي نهي."

(ث) ساڳيءَ طرح سنڌيءَ ۾ 'ترتيب' ۽ 'انتخاب' وارا اصول قسمين قسمين 'مرڪب لفظن' سان بہ لڳن ٿا. اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ 'مرڪب لفظ' 'گهر ڌڻي' جي ترتيب ۾ ڦيرگهير آڻي، اُن جي بدران 'ڌڻي گهر' يا 'ڌڻيءَ گهر' لفظ چئبو يا لکبو تہ پوءِ پوين ٻنهي لفظن مان اُها معنيٰ يا مراد هرگز نٿي نڪري، جيڪا 'گهر ڌڻي' مرڪب لفظ مان نڪري ٿي. هيٺ ڏنل مرڪب لفظن جي جائزي مان مٿي بيان ڪيل نُڪتن جي وضاحت ٿئي ٿي. اهڙن سڀني مرڪب لفظن مان ڪن جي گهاڙيٽن يا رچنائن جي باري ۾ ڄاڻ هيٺ ڏنل مثالن مان معلوم ٿئي ٿي.

| وياڪرڻي ڪارج | | خودمختيار صورتن (مفرد لفظن) جي ميلاپ/ جوڙ جي ترتيب | جزيل مرڪب لفظ |
|---|---|---|---|
| (i) اسم | اسم + اسم | ڳوٺَ وَڏيرو، گهرَ ڌڻي، راڄَ ڌڻي، آڳ گاڏي، ڪُتا مار، نڙَ ٻيت، جَهنگ ٻلو، جهنگ ڪُڪڙ، اُتَرَ واءُ، پوت خانو، شهرَ پناهہ، آب هوا، موم بتي، مس ڪُپڙي، رڻ پٽ، ڏند ڪٿا، آرام ڪرسي، ڪِل مُک، نانگ وَل، مُنهن جوت، مُنهن صفا، رَسَ وَل، انڊلٺ، تتر ڪَرڙي، علم دوست، ڪل يوڳ | مرڪب لفظ |
| (ii) صفت | اسم+ فعل | هَٿَ ڦاڙ، وياج خور، ڪفن ڪش، آدم خور، ڪَنَ چير، | |
| (iii) اسم | صفت + اسم | مهاراڻي، مهاراج، مهاتما، ڪاڻُو پُٽ | |
| (iv) اسم | ظرف + اسم | قطب تارو | |
| (v) اسم | صفت + فعل | ڪاڻُو پٽ | |
| (vi) اسم | فعل + فعل | اچ وڃ، ڏي وٺ، وٺ پڪڙ، اُٿ ويهہ، پٽ ڪوهہ، | |

آهي، تڏهن هيٺيان اصول معلوم ٿيندا آهن:

(a) '-يو' پڇاڙي، ڪنهن بہ فعلي ڌاتوءَ جي پويان فقط تڏهن ئي ملائي سگهبي آهي، جڏهن اُن (پڇاڙيءَ) جي ملائڻ کان اڳ، ڌاتوءَ ۾ بنيادي طور ڪابہ تبديلي ڪانہ ايندي آهي.

(b) '-او' پڇاڙي، ڪنهن بہ فعلي ڌاتوءَ جي پٺيان تڏهن ملائبي آهي جڏهن ان ڌاتوءَ جو فعل لازمي هوندو، ۽ اها پڇاڙي، ڌاتوءَ جي پٺيان ملائڻ کان اڳ، ڌاتوءَ جي پوئين وينجن يعني پد ۾ صوتي تبديل ايندي آهي، مثال طور:

- وَس > وَٺ + او = وَٺو (پهرين /س/ صوتيہ کي /ٺ/ صوتيہ ۾ بدلايو ويو ۽ پوءِ '-او' پڇاڙي ملائي وَئي.
- ڏِهُ > ڏِٺ + او = ڏِٺو (پهرين /هہ/ صوتيہ کي /ٺ/ صوتيہ ۾ بدلايو ويو ۽ پوءِ -اءِ پڇاڙي ملائي وَئي.
- ڦِس > ڦٿ + او = ڦِٿو (پهرين /س/ صوتيہ کي /ٿ/ صوتيہ ۾ تبديل ڪيو ويو ۽ پوءِ '-او' پڇاڙي ملائي وَئي.

اهڙيءَ طرح:

- ڪام > ڪاڻ + او = ڪاڻون (پهرين /م/ صوتيہ کي /ڻ/ صوتيہ ۾ بدلايو ويو ۽ پوءِ '-او' پڇاڙي ملائي وَئي آهي.
- 'ڪاڻون' فعل ۾، /ڻ/ گهٽي وينجن جي اثر ڪري /ڻ/ کان پوءِ يا اُن کان اڳ ۾ آيل سُر، متاثر ٿي، 'اَنو سُوار' / گهٽا هٽا' (nasalized) ٿي پوندا آهن.

(ت) فعلي ڌاتوئن مان زمان ماضي ناهڻ لاءِ، صرفيہ جي انهن ٽنهي صورتن جو استعمال، 'انتخاب' (selection) جي اصول تي مدار ٿو رکي، پر انتخاب جو اهو اصول 'خودڪار' يعني 'پاڻمرادو' (automatic) آهي. جيئن مٿي چيو ويو آهي، ڪوبہ اهلِ زبان، ڌاتوءَ جي پويان، انهن ٽنهي صورتن جي استعمال ۾ ڪڏهن بہ غلطي ڪونہ ڪندو آهي. انهن ٽنهي صورتن جي صرفيائي معنيٰ ساڳي يعني ڳالهائيندڙ جي مراد، زمان ماضي ناهڻ واري هوندي آهي، پر انتخاب جي اصول موجب، پڇاڙيءَ جي استعمال ڌاتوءَ جي پوئين پَد/ جُز تي مدار رکي ٿو. انهن ٽنهي صورتن يعني -يو، -او ۽ -اُون ۾ صوتياتي لحاظ کان فرق آهي؛ ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ -يو، - او ۽ - اُون پڇاڙين جو استعمال ڌاتوءَ جي پوئين پَدَ/ جُز تي مدار رکي ٿو. انهن ٽنهي صورتن، يعني - يو، - او، ۽ -اوُن کي ساڳيءَ 'صرفيہ جا متبدل' (alternates) چئبو آهي. زمان ماضيءَ جي، انهن ٽنهي 'متبديل صرفيائي صورتن' يعني —يو، -او ۽ - اوُن ۾ صوتياتي لحاظ کان فرق آهي، تنهنڪري انهن کي صوتي تبديل (phonetic alternate) چئبو آهي. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ صرفيائي صورتن ۾، اهڙي تبديلي ڪنهن اصول موجب ٿيندي آهي، تنهنڪري اهڙيءَ تبديليءَ کي 'باقاعدي تبديل' (regular change) چئبو آهي.

(ث) اهڙين صوتي تبديلين کي ماهرن جن قسمن ۾ ورهايو آهي، اُهي قسم هي آهن:

(a) اندروني تبديل (Internal change)، (b) ڪاٽو تبديل (minus change)، (c) ٻڙي تبديل (zero change) ۽ (d) صورت بدلائڻ يعني (suppletion)، جن جي هرهڪ قسم جو هيٺ مثالن سان تفصيلي اڀياس پيش ڪجي ٿو:

(a) اندروني تبديل (Internal change):

(i) علم صرف ۾ صرفيائي تبديليءَ جي پهرئين قسم کي 'اندروني تبديل' (Internal change) چئبو آهي. اها تبديلي، علم صرف جي اصولن ۽ قانونن موجب ٿيندي آهي: ڪن ٻه 'خودمختيار' يا 'آزاد صورتن' (مفرد لفظن جي اڳيان يا پٺيان اڳياڙين، پڇاڙين يا فعلي نشانين جي ملائڻ کان اڳ، ڌاتوءَ جي بنيادي صورت ۾ تبديلي ٿئي ٿي. اهڙيءَ تبديليءَ کي 'اندروني تبديل' (Internal change) چئبو آهي، مثال طور:

وَسُ: /س/ > /ٿ/+ -او = وَٿو (/س/ > / ٿ/ يعني وينجن ۾ تبديلي،

بيهُ: /ه/ > /ٺ/+ -او = بيٺو (/ه/ > / ٺ/ يعني وينجن ۾ تبديلي،

پڄُ: /ڄ/ > /ڳ/+ -او = پڳو (/ڄ/ > / ڳ/ يعني وينجن ۾ تبديلي،

لهہ: /ه/ > /ٿ/+ -او = لٿو (/ه/ > / ٿ/ يعني وينجن ۾ تبديلي،

ڪاءُ: /ء/ > /ڌ/+ -او = ڪاڌو (/ء/ > / ڌ/ يعني وينجن ۾ تبديلي،

پَچ: /چ/ > /ڪ/+ -او = پڪو (/چ/ > / ڪ/ يعني وينجن ۾ تبديلي،

پهچ: /چ/ > /ت/+ -او = پهتو (/چ/ > / ت/ يعني وينجن ۾ تبديلي،

روءِ: /ء/ > /ن/+ -او = رُنو (/ء/ > / ن/ يعني وينجن ۾ تبديلي.

(ii) فعلي ڌاتوئن کان سواءِ، اسمن جي ڌاتوئن ۾ اندروني تبديلين جا ڪيترائي مثال موجود آهن، جيئن:

اوٺار: هن لفظ ۾ 'اُٺ' ڌاتوءَ جي پٺيان- آر پڇاڙي ملائڻ کان اڳ، /اُٺ/ڌاتوءَ جي پهرئين پد ۾ آيل سر صوتيہ /اُ/ بدلجي /او/ ٿئي ٿي، مثال طور:

اُٺ > اوٺ + - آر = اوٺار

انهيءَ تبديليءَ جا ٻيا مثال هي آهن:

ڏُڏُ > ڏوڏ + - اِي = ڏوڏي (پهرئين پد ۾ آيل 'اُ' > 'و')

ڏُٿُ > ڏوٿ + - اِي = ڏوٿي (ايضاً)

ڪُڪُڙ > ڪوڪڙ + - اِي = ڪوڪڙي (ايضاً)

ڪُتر > ڪوتر + - اِي = ڪوترِي (ايضاً)

(iii) اهڙيءَ طرح ڪن ڌاتوئن جي پهرئين پد واري سر صوتيہ، '- اِ' پڇاڙي ملائڻ کان اڳ بدلجي /اي/ ٿئي ٿي، مثال طور:

پِن > پين + - آر = پينار

چِڙ > چيڙ + - آڪ = چيڙاڪ

هڪُ > هيڪ + - اوٽُو = هيڪوٽو

(iv) ڪن ڏاتوئن جي پهرئين پد واري سر صوتيہ / اُ/ پڇاڙيءَ ملائڻ ڪان اڳ بدلجي / آ/ صوتيہ ٿئي ٿي، جيئن:

ٻَڪَرُ > ٻاڪر + - او = ٻاڪرو

ٿَڪَرُ > ٿاڪر + - اُو = ٿاڪرُو

ڇَپَرُ > ڇاپر + - اُو = ڇاپرُو

گهَڙُ > گهاڙ + - ايٽو = گهاڙيٽو

(v) سنڌي ٻوليءَ ۾ 'اندروني تبديل' جا ڪجهہ اهڙا مثال بہ موجود آهن جن جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪن لفظن جا ڏاتو/ بنيادي ماده اهڙا بہ آهن جن ۾ اندروني صوتي تبديلي آڻڻ سان، نوان نوان لفظ ٺاهي سگهجن ٿا.

(a) مثال طور ڪنهن بہ خودمختيار (مفرد لفظ) جي آخري پد واريءَ 'اعراب' کي تبديل ڪرڻ سان، نوان لفظ جڙن ٿا، جيئن:

| | لفظ | آخري پد ۾ آيل اعراب ۾ تبديلي | = | نئون جڙيل لفظ |
|---|---|---|---|---|
| | تورِ | اِ > اَ | | تورَ |
| | روڪِ | اِ > اَ | | روڪَ |
| | پوڪِ | اِ > اَ | | پوڪَ |
| (i) | لُٽِ | اِ > اَ | | لُٽَ |
| | مارِ | اِ > اَ | | مارَ |
| | گهورِ | اِ > اَ | | گهورَ |
| | موٽُ | اُ > اَ | | موٽَ |
| | وٽُ | اُ > اَ | | وَٽَ |
| | ڊوڙُ | اُ > اَ | | ڊوڙَ |
| | رَڪُ | اُ > اَ | | رَڪَ |
| (ii) | ڪِلُ | اُ > اَ | | ڪِلَ |
| | گُهرُ | اُ > اَ | | گُهرَ |
| | لِڪُ | اُ > اَ | | لِڪَ |
| | اَڄو | او > اَ | | اَڄَ |
| (iii) | سوڙهو | او > اَ | | سوڙهہ |

(b) اهڙيءَ طرح اهڙا بہ خودمختيار (مفرد) لفظ موجود آهن، جن جي پهرئين پد ۾ تبديلي آڻڻ سان، نوان لفظ ٺاهي سگهجن ٿا، جيئن:

| لفظ | آخري پد ۾ آيل اعراب ۾ تبديلي | = | نئون جڙيل لفظ |
|---|---|---|---|
| ڊِگهو | اِ > اِي | | ڊيگهه |
| ڦِس | اِ > اِي | | ڦيهه |
| نَچ | اَ > آ | | ناچ |
| سَڙُ | اَ > آ | | ساڙ |
| پَچُ | اَ > آ | | پاچ |
| ٻَرُ | اُ > آ | | ٻار |
| ٻُڏُ | اُ > او | | ٻوڏِ |
| ٽُٽُ | اُ > او | | ٽوڙِ |
| جُڙُ | اُ > او | | جوڙ |

(b) ڪاٽو تبديل (Minus change):

علم صرف جي اصولن موجب، ڪيترن ئي نون لفظن ٺاهڻ لاءِ، بنيادي لفظن يعني ڌاتوئن سان اڳياڙيون يا پڇاڙيون ملائڻ ڪان اڳ بنيادي لفظ ۾ ڪا صوتيہ حذف ڪرڻي پوندي آهي، يعني اها صوتيہ ڪاٽڻي يا هٽائڻي پوندي آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ڪنهن صوتيہ کي حذف ڪرڻ يا ڪاٽڻ/ هٽائڻ واري اصول کي بہ تبديليءَ جو هڪ قسم چئبو آهي. يعني تہ اها تبديلي، جنهن موجب ڪنهن بنيادي لفظ يا ڌاتوءَ سان اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائڻ ڪان اڳ، اُن مان ڪنهن صوتيہ کي ڪاٽي ڇڏجي يا گم ڪري ڇڏجي، تہ اهڙيءَ تبديليءَ کي 'ڪاٽو تبديل' چئبو آهي. هن تبديليءَ جا مثال، ننڍي ڪنڊ جي ٻين ٻولين ۾ بہ ملن ٿا. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪاٽو بتديليءَ جا ڪي مثال هي آهن:

| ڌاتو/ بنيادي صورت | ماضيءَ جي پڇاڙي | ڪاٽيل صوتيہ | فعل ٿيو |
|---|---|---|---|
| ڪَر | - يو | /ر/ | ڪيو |
| مَر | - او | /ر/ | مُئو |
| سُڻ | - او | /ڻ/ | سئو |
| وِڪڻُ | - او | /ڻ/ | وڪيو |

### (c) ٻڙي تبديل (Zero change):

سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙيون ڪيتريون صورتون ملن ٿيون، جن جي جمع صورتن ناهڻ لاءِ، انهن جي بنيادي صورتن/ ڌاتوئن جي پويان ڪابہ پڇاڙي يا اعراب نٿي ملائجي ۽ نہ ئي وري ڌاتوءَ جي بنيادي صورت ۾ ڪا تبديل ٿئي ٿي، تنهن هوندي بہ انهن صورتن مان جمع صورت جي معنيٰ نڪري ٿي، مثال طور:

| واحد صورت | جمع صورت | جملن ۾ استعمال: واحد | جمع |
|---|---|---|---|
| هاٿي | هاٿي | هاٿي وڃي ٿو. | هاٿي وڃن ٿا. |
| هاري | هاري | هاري اچي ٿو. | هاري اچن ٿا. |
| راجا | راجا | راجا حڪم هلائي ٿو. | راجا حڪم هلائين ٿا. |
| داتا | داتا | داتا ڏئي ٿو. | داتا ڏين ٿا. |
| وڇون | وڇون | وڇون ڏنگي ٿو. | وڇيون ڏنگين ٿا. |
| ڳئون | ڳئون | ڳئون کير ڏئي ٿي. | ڳئون کير ڏين ٿيون. |
| ماڻهو | ماڻهو | ماڻهو کائي ٿو. | ماڻهو کائين ٿا. |

مٿي ڏنل مثالن مان 'هاٿي'، 'هاري'، 'راجا'، 'داتا'، 'وڇون'، 'ڳئون' ۽ ماڻهو صورتون، بنا ڪنهن پڇاڙي ملائڻ جي يا اعراب شامل ڪرڻ جي، جمع جي صورتن ۾ بہ ڪم اچن ٿيون ۽ انهن ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ آئي آهي. اهڙي اصول يا اهڙيءَ تبديل کي 'ٻڙي تبديل' (Zero change) يا 'ٻڙي پڇاڙي' چئبو آهي.

### (d) صورت بدلائڻ (Suppletion):

تبديل جو هي هڪ اهڙو قسم آهي جنهن ۾ بنيادي لفظ جي ڪنهن بہ صورت جو نہ ڪو جُز بدلائجي ٿو ۽ نہ ئي وري ڪو جُز يا پَد گم ٿئي ٿو، پر هن حالت ۾ اُهو بنيادي لفظ يا صورت، سڄي جي سڄي بدلائجي ٿي. مٿي ڏنل مثالن ۾، اندروني تبديليءَ جي مثالن ۾ بنيادي صورت جو ڪو حصو يا ڪو جُز، ڪنهن ٻيءَ صورت ۾ بدلايو ويو، پر 'صورت بدلائڻ واري اصول' موجب، بنيادي لفظ جي سڄي جي سڄي صورت بدلائي ويندي آهي ۽ اُن جي بدران يا اُن جي جاءِ ڪا نئين صورت وٺندي آهي. انهن ٻنهي نئُن صورتن جو هڪٻئي سان ڪوبہ واسطو ڪونہ هوندو آهي. مثال طور: سنڌي ٻوليءَ ۾، زمان ماضيءَ جون پڇاڙيون -يو، - او، يا -اوُن، بنيادي لفظ يا ڌاتوءَ جي پٺيان ملائڻ سان، اُهو ڌاتو يا اُها بنيادي فعلي-صورت، ماضيءَ جي صورت وٺندي آهي، پر جڏهن ڪنهن بنيادي لفظ يا بنيادي صورت جي جاءِ تي ڪا ٻي سڄي جي سڄي صورت، زمان ماضيءَ طور ڪم اچي، تہ اهڙيءَ تبديل کي 'صورت جي بدلائڻ' (suppletion) واري تبديل چئبو، مثال طور:

آهي > هو

'آهي' ۽ 'هو' به اهڙيون صورتون آهن جن مان 'آهي' فعل جو زمان ماضي ناهڻ لاءِ، اُن (آهي) صورت جي بدران 'هو' صورت ڪم آڻبي آهي. اهڙيءَ تبديل کي 'صورت بدلائڻ' واري تبديل چئبو آهي.

## 7- ڏهرايل لفظ/ تڪراري لفظ (Reduplicated words) يا ٻٽا لفظ:

علم صرف ۾ ڏهرايل يا تڪراري لفظ به هر لحاظ کان توجهه گهرن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي سيني وياڪرڻين، 'ڏهرايل لفظن' يعني 'تڪراري لفظن' (reduplicated words) کي مرڪب لفظ سڏيو آهي. هن سلسلي ۾ مرحوم مرزا قليچ بيگ پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي وياڪرڻ ڀاڱي ٽئين' ۾ فرمايو آهي ته:

> "سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ آهن جي ٻن يا وڌيڪ لفظن مان جڙيل آهن، جن مان ڪي ساڳيا ۽ به ٻيرا ڪم ٿا اچن: ڪي هڪجهڙا ۽ موافق آهن ۽ ڪي مخالف آهن: ڪن ۾ ساڳئي قسمَ يا قافيه يا وزنَ جو لفظ ڪم آيل آهي، جن جي ڪابه معنيٰ ڪانهي، فقط استعمال ۽ اصطلاح ۾ ڪم ايندا آهن: ڪن ۾ جدا جدا فعلن جا موافق يا مخالف زمان ڪم آيل آهن: ڪي اسم ۽ فعل گڏ، ڪي اسم ۽ صفت گڏ، ڪي عربي، فارسي ۽ سنڌي گڏ، مثال طور:
>
> پل پل، دم دم، دمبدم، سراسر، سربسر، ويرا وير، گهٽ وڌ، ڄُهڙ ڦُڙ، ليڪو چوڪو، ڏي وٺ، ڪِنو ڇِنو، ڄُٽ ڦِٽ، اچ وڃ، خريد فروخت، ڏيتي ليتي، ڇيڙڇاڙ، ڪپڙو لٽو، نوڪر چاڪر ۽ ڏوڙ ڇائي، وغيره.
>
> ٻَڪَ شَڪَ، پيسو پنجڙ، چلم ڏلم، چوڪر ٻاڪر، فلاڻو ٽيرو، ٻاڄي ٻُتو، ڪک ٻک، ڪنولو ٻنولو، ماٺهو چيٺو، گاهه پٺو ۽ وَهٽ واٽو وغيره.
>
> ڪي فعل به ٻي معنيٰ ڪم ايندا آهن، جيئن:
>
> ڏسڻ وائسڻ، ڇُرڻ ٻُرڻ، ڦرڻ گهرڻ، پڙهڻ ڪڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ".

حقيقت ۾ هن کان اڳ، 'لفظ' جي بيان واري حصي ۾، مرڪب لفظ جي باري ۾ وضاحت سان روشني وڌي وَئي آهي، ۽ اهو به چيو ويو آهي ته تڪراري لفظن ۽ مرڪب لفظن جي ساخت يعني رچنائن ۾ وڏو فرق آهي. لسانيات جي ماهرن، لفظن جي اهڙي استعمال کي 'لفظن جو تڪرار' (reduplication of word) سڏيو آهي. لسانيات جي ماهرن 'تڪراري لفظن' (reduplicated word) جي وصف هن ريت بيان ڪئي آهي:

> "Reduplication is the repetition of all or part of the base, with or without material change, before or after the base itself". Bloch & Trager: 57).

يعني: "تڪرار، ڪنهن لفظ جي سڄيءَ صورت يا اُن جي ڪنهن بنياد يا جُز کي ڏهرائڻ واري عمل کي چئبو آهي، جنهن جي ڏهرائڻ سان لفظ يا اُن جي ڪنهن حصي ۾ ڪابه اندروني تبديل ڪانه

ايندي آهي.“

لهاذا ڊُهرايل لفظن کي مرتب يا مرڪب لفظن وارن گروهن ۾ نه، پر ٽئين قسم يعني ڊُهرايل يا ٻٽن يعني تڪراري لفظن جي قسم هيٺ ڏار رکڻو پوندو. جيتوڻيڪ پروفيسر پيرومل ۽ مرزا قليچ بيگ انهن لفظن کي مرڪب لفظ سڏين ٿا، پر اهي لفظ مرڪب نه، پر 'ڊُهرايل' يا 'تڪراري لفظ' (reduplicated words) آهن.

ڊُهرايل لفظن جي باري ۾، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پنهنجي مقالي ۾ صفحي 25 تي لکي ٿو ته:

”لفظن جي رچنا جو هڪ ٻيو قسم ڏسو:

'گهر گهر، هٽون هٽ، مناٿي ٻناٿي، ڦٽ ڦٽ، ڪڙڪڙ، ڦناڦٽ، ٻڪ ٻڪيو وغيره. انهن لفظن ۾ بنيادي روپ يا اُنهن جي هوبهو يا ڪي قدر تبديل سان ڊُهرايل صورت آهي. 'گهرگهر' ۾ 'گهر' ٻه دفعا آيو آهي؛ 'هٽون هٽ' ۾ 'هٽ' لفظ ڪي قدر تبديل سان ٻه دفعا ڪتب آيو آهي؛ 'ٻڪ ٻڪيو' ۾ 'ٻ' لفظ کي ٻه دفعا ڊُهرائي، پنيان 'يو' پڇاڙي لڳائي وَئي آهي. اهڙن لفظن کي ڊُهراءَ وارا ڊُهرايل لفظ (reduplicated words) چئجي ٿو'.

جيٽلي صاحب، سندس مقالي ۾ (صفحي 28 تي) لفظن جي قسمن جو جيڪو خاڪو ڏنو آهي اُن ۾ 'ڊُهرايل لفظن' کي، 'مشتق' (derived) قسم وارن لفظن ۾ شامل ڪيو اٿس، ۽ صفحي 40 تي، اُنهن کي 'ڊُهرايل مرڪب' لفظن جو سِرو (heading) ڏيئي لکي ٿو:

> ”ڊُهرايل (reduplicated compound words) لفظن جي رچنا، عام رواجي لفظن کان علحدي آهي. اهي مرتب هوندا آهن (جيئن ٻڪ ٻڪيو ۽ ڦنڦني) يا مرڪب هوندا آهن. ڊُهرايل لفظن ۾ بنيادي لفظن سمورو يا انهيءَ جو ڪو حصو ڊُهرايو ويندو آهي. اهو ڊُهراءُ، بنيادي روپ جي اڳيان يا پنيان اندروني تبديل سان گڏ، يا انهيءَ کان سواءِ، يا ڊهراءَ جي وچ ۾ ڪو ظرف وجهڻ سان گڏ هوندو آهي“ (ص 40).

جيٽلي صاحب، صفحي 41 تي، هن قسم وارن لفظن جا ڪيترائي مثال به ڏنا آهن.

مون پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' جي ٻئي ڇاپي ۾، صفحي 78 کان وٺي صفحي 83 تائين، هن موضوع تي، 'تڪرار' (reduplication) جي عنوان سان، مثالن جي مدد سان، بحث ڪيو آهي، ۽ ڊهرايل قسم وارن لفظن کي ٻن قسمن کي 'پورڻ' يعني complete ۽ 'اَپُورڻ' (partial) قسمن ۾ ورهايو آهي. منهنجيءَ سمجهه مطابق ڊُهرايل لفظن يعني مڪرر لفظن کي نه مرڪب لفظ چئبو، ۽ نه ئي وري انهن کي مرتب لفظ ڪوٺبو. مثال طور پل پل ۽ دم دم وغيره مڪرر يا ڊُهرايل لفظ آهن، جن کي 'ٻٽا لفظ' ته چئجي ٿو، پر انهن کي مرڪب لفظ هرگز ڪوٺي نه سگهبو. مون مذڪوره ڪتاب (سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس) ۾ مرڪب ۽ مرتب لفظن جي گهاڙيٽن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته:

”سنڌي بزرگ وياڪرڻين، نه فقط مرتب ۽ مرڪب لفظن جي وصف ۽ سندن طرفان ڏنل مثالن ۾ ڪوبه فرق ڪونه ڏيکاريو آهي، پر لسانيات جي هڪ ٻئي نقطي يعني 'تڪرار'

(reduplication)، يعني 'مڪرر لفظن'، جهڙوڪ: 'هنڌ هنڌ'، 'وِڪَ وِڪَ'، 'ويرا وير'، 'راند روند'، 'هلڻ چلڻ'، 'ڏسڻ وائسڻ' ۽ 'ماني ٻاني' وغيره جي مفهوم ۽ ڪارج ڪي بہ درست نموني سمجهايو نہ آهي. 'تڪرار' جي مفهوم ۽ ڪارج تي لسانيات جي اصولن موجب هڪ ڌار مقالي لکڻ جي ضرورت آهي."

آءٌ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي سان، سندس هن راءِ (مقالي جو صفحو 40) سان اتفاق ڪريان ٿو، جنهن ۾ هن لکيو آهي تہ:

"ٻُهرايل لفظن جي رچنا، عام رواجي لفظن جي رچنا کان علحدي آهي".

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سان آءٌ سندس هن راءِ سان اختلاف ٿو ڪريان جنهن موجب هن لکيو آهي تہ:

"اِهي (ٻُهرايل لفظ) 'مرتب' هوندا آهن (جيئن ٻڪ ٻڪيو، ڦڙڦڙي) يا مرڪب هوندا آهن".

منهنجيءَ راءِ ۾ جيڪڏهن ٻُهرايل لفظن مان ڪي 'مرتب' آهن ۽ ڪي 'مرڪب'، تہ پوءِ انهن لفظن جي رچنا ڪي، عام رواجي لفظن جي رچنا کان علحدو ڇو سمجهجي، جيئن جيٽلي صاحب چيو آهي؛ ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪي لفظ مرتب آهن ۽ ڪي مرڪب، تہ پوءِ جيٽلي صاحب، پنهنجي مقالي ۾ ڏنل چارٽ ۾، انهن لفظن کي 'مشتق' (derived words) جو ٽيون قسم هجڻ جي دعوا ڪيئن ٿو ڪري؟ ڪيس ڪرڻ هيئن ڪپندو هو تہ ٻُهرايل لفظن مان جيڪي مرتب لفظ آهن، اُنهن کي مرتب لفظن جي لڙهيءَ ۾ شامل ڪري ها، ۽ اُنهن ٻُهرايل لفظن مان جيڪي سندس خيال موجب مرڪب لفظ آهن، اُنهن کي مرڪب لفظن ۾ شامل ڪري ها؛ پر ائين ڪرڻ بہ غلط ٿئي ها. ڇاڪاڻ تہ سنڌي وياڪرڻ ۾ ٻُهرايل لفظن جو ڪارج بلڪل نرالو آهي. انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ بہ فرق آهي، تنهنڪري انهن ٻُهرايل لفظن جي ذخيري کي الڳ عنوان/ سِري هيٺ 'ٻُهرايل' يا 'ٻِٽا لفظ' عنوان ڏيئي، هڪ ڌار قسم بيان ڪرڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو؛ پر جيڪڏهن بقول ڊاڪٽر جيٽلي، انهن جي رچنا عام رواجي لفظن جي رچنا کان علحدي آهي تہ پوءِ انهن ٻُهرايل لفظن کي ثانوي لفظن (مشتق) جو هڪ ڌار قسم قبول ڪري، انهن کي ڌار عنوان/ سِري هيٺ رکجي، جيئن اميريڪي، برطانوي ۽ ٻين ماهرن ڪيو آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سان، سندس مذڪوره مقالي جي شايع ٿيڻ کان پوءِ، هن موضوع (ٻهرايل لفظ) تي، مون اختلاف ڪري، ڪيس خط لکيو هو، جنهن ۾ ڪيس لکيو هئم تہ: "منهنجي خيال ۾ انهن ٻُهرايل لفظن ۽ اهڙن ٻين لفظن کي مرڪب لفظ سڏڻ مناسب نہ آهي. منهنجي خط جي جواب ۾، ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، سندس خط مورخ، 29 جون، 1990ع ۾ لکيو تہ:

"'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ۾ اوهان تڪراري لفظن (reduplicated words) کي جدا قسم ڄاڻايو آهي، اهو طريقو پڻ درست آهي، جيئن، اندروني بناوت جي لحاظ کان، تڪراري لفظ، مرڪب ۽ مرتب لفظن جي قسمن جا ملن ٿا، انهيءَ ڪري انهن کي مرڪب ۽ مرتب لفظن جي دفعي ۾، هڪ نرالو قسم بہ ڪٿي سگهجي ٿو، جيئن مون پنهنجي مضمون ۾ ڄاڻايو آهي؛ مطلب تہ ٻئي طريقا ٺيڪ آهن."

منهنجي خيال ۾، جيٽلي صاحب 'ٻئي طريقا ٺيڪ آهن' جملو لکي، صحيح رايو نہ ڏنو آهي، ۽ نہ ئي وري منهنجي رهنمائي ڪيائون. مطلب تہ مون کي جيٽلي صاحب جي جواب مطمئن نہ ڪيو، البت سندس مضمون ۾ لکيل هيٺين جملن منهنجي مدد ڪئي، جنهن ۾ لکيو هئائون:

"ڊُهرايل لفظن جي رچنا، عام رواجي لفظن جي رچنا کان علحدي آهي."

جيٽلي صاحب جي هن وصف کان پوءِ، مون پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ۾ لفظ ۽ اُن جا قسم جو نئون چارٽ ٺاهيو، جيڪو مون هن ڪتاب ۾ صفحي 41 تي ڏنو آهي، پر هن حصي ۾، اُهو چارٽ وري ڊُهرايان ٿو:

**لفظ**

- ابتدائي يا بنيادي لفظ (مفرد) — Primary word
- ثانوي لفظ — (Composite or Secondary)
  - ڊُهرايل يا ٻٽا لفظ — (Reduplicated words)
  - مرڪب لفظ — (Compound words)
  - مرتب لفظ — (Complex words)

مطلب تہ ڊُهرايل لفظن (reduplicated words) يا ٻٽن لفظن جي رچنا يعني گهاڙيٽا، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾، عام رواجي لفظن، يعني مرتب ۽ مرڪب لفظن جي رچنا، کان علحده آهن.

لفظن جي تڪرار جا قسم:

ماهرن تڪراري لفظن کي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي. اُهي ٻہ قسم هي آهن:

(الف) پُورَڻ يا مڪمل تڪرار (complete reduplication)

(ب) اَپُورَڻ/ جُزوي تڪرار (Partial duplication) يعني لفظ جي ڪنهن حصي يا جُزي تي تڪرار

(الف) پُورڻ يعني مڪمل تڪرار: جڏهن ڪوبہ لفظ جملي يا فقري ۾ ٻہ يا ٻن کان وڌيڪ ڀيرا، ساڳيءَ حالت ۾، يعني سواءِ ڪنهن صوتي ڦيرڦار جي لڳاتار ڊُهرائجي، تہ لفظ جي اهڙي ڊُهرائڻ واري عمل کي، علم صرف موجب، 'مڪمل تڪرار' يعني 'پورڻ تڪرار' چئبو آهي، مثال طور:

| لفظ | مڪمل تڪراري صورت | لفظ | مڪمل تڪراري صورت |
|---|---|---|---|
| پَل | پَل پَل | هنڌ | هنڌ هنڌ |
| وِکَ | وِکَ وِکَ | دم | دم دم |
| گهڙي | گهڙي گهڙي | هَرَ | هَرَ هَرَ |

جملن يا فقرن ۾، انهيءَ قسم جو تڪرارُ جملن جي معنيٰ ۽ وياڪرڻي مفهوم ۽ ڪارج ۾،

وڏو ڦيرو آڻي ٿو، ۽ 'عام نَحو' (syntax) جي مطالعي ۾، اهڙين تڪراري صورتن جي وياڪرڻي ڪارج جي پڻ خبر پوي ٿي، مثال طور:

| | |
|---|---|
| ڪَپ ڪٽي اچ. | يعني هڪ ڪپ ڪٽي اچ. |
| ڪپ ٻَٽ ڪٽي اچ. | يعني ڪَپَ جهڙي ڪا شئي ڪٽي اچ، جنهن سان ڪا شيءِ وَڍي يا ڪپي سگهجي. |
| ڪپ ڪپ ڪٽي اچ. | يعني هرهڪ ڪپ ڪٽي اچ. |

ڪارا وارَ
ڪارا سارا وارَ
ڪارا ڪارا واراَ

ٿُلهو ماٺهوُ
ٿلهوُ ٻلهو ماٺهو
ٿلهو ٿلهو ماٺهو

ٻارَ کي پَيسو ڏي.
ٻارَ کي پَيسو پَيسو ڏي.
ٻارَ ٻارَ کي پيَسو پيسو ڏي.

انهن مثالن ۾ ڪپ، ڪارا، ٿُلهو، ٻار ۽ پَيسو صورتون، جملي ۾ پهرين هڪ دفعو ڪم آنديون وَيون ۽ پوءِ وري وري ڏُهرايون ويون. جملن ۾ لفظن جي اهڙي تڪرار واري استعمال کي 'پورڻ' يعني 'مڪمل' تڪرار چئبو آهي.

(ب) **اَپوُرڻ يعني جُزوي تڪرار**- جنهن فقري يا جملي ۾ ڪنهن لفظ/ صورت جي تڪرار واري عمل ۾، اُن لفظ / صوپرت جو 'پهريون جُز' يا 'پويون جُز' بدلائجي ۽ لفظ / صورت جو باقي حصو ساڳيو رهي تہ اهڙي تڪرار کي 'جُزوي' يا اَپوُرڻ تڪرار' چئبو آهي، جيئن:

| لفظ | اَپورڻ/ جزوي تڪرار | لفظ | اَپوُرڻ/ جزوي تڪرار |
|---|---|---|---|
| جُٺ | جُٺ ڦِٺ | جهڙي | جهڙي تهڙي |
| مَٽ | مَٽ سَٽَ | هَلَڻ | هلَڻ چلَڻ |
| رِلَڻ | رِلَڻ مِلَڻ | جاچڻ | جاچَڻ جوُچَڻ |
| راند | راند روُند | ڪَپَت | ڪَپَت سَپَت |
| ماني | ماني ٻاني | چوڪر | چوڪر ٻاڪَر |
| | | ڏيتي | ڏيتي ليتي |

اپوُرڻ تڪرار جي انهن مثالن جي مطالَعي مان ظاهر ٿو ٿئي تہ 'جُٺ ڦٺ'، 'مَٽ سَٽ' ۽ اهڙن

ٻين مثالن ۾، بنيادي لفظ جي پويان ايندڙ تڪراري صورت جو پهريون جُز بدلجي ڪم آيو آهي. اهڙيءَ طرح 'جاچڻ جوُچڻ'، 'راند روند' ۽ 'مٽي مائٽي' صورتن ۾ به تڪراري صورت ۾ وڏو فرق آهي، جيئن اڳتي ڏسو:

| لفظ | اَپُورڻ تڪرار | لفظ | اَپُورڻ تڪرار |
|---|---|---|---|
| پَيسو | پيسو پنجڙ | ٻاجي | ٻاجي ٻُتو/ ٻاجي ٻُتي |
| مال | مال وَجهُو | ڪپڙو | ڪپڙو لَٽو |
| ماڻهوُ | ماڻهوُ چيٽو | نوڪر | نوڪر چاڪَر |
| ليڪو | ليڪو چوڪو | چور | چور چَڪار |

انهن مثالن ۾ اَپُورڻ تڪراري صورتون، بنيادي صورتن کان بلڪل مختلف آهن.

تڪرار جي مٿي ڏنل مثالن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صرفي سٽاءَ جي دلچسپ مطالعي لاءِ ٻي به گهڻي معلومات موجود آهي. هيٺ سنڌي ٻوليءَ جي ڪن جملن ۾ سنڌي شاعريءَ مان به ڪي مثال، پڙهندڙن جي مطالعي لاءِ ڏجن ٿا:

**عام گفتگو مان ڪي مثال:**

سيٺ جو گهر وڏو آهي.
سيٺ جو گهر گهر وڏو آهي.
سيٺ سيٺ جو گهر گهر وڏو آهي.
سيٺ سيٺ جو گهر گهر وڏو وڏو آهي.
سيڪو پنهنجي گهر وڃي
سيڪو پنهنجي پنهنجي گهر وڃي.
سيڪو سيڪو پنهنجي پنهنجي گهر وڃي.
سيڪو سيڪو پنهنجي پنهنجي گهر گهر وڃي.

**سنڌي شاعريءَ مان ڪي مثال:**

مُٺ مُٺ سُورن سيڪنهن، مون وٽ وَٿاٿان
پريون ڪيون پُٺانِ، ويا وِهائو نڪري.
(لطيف)

وساريل وساريل، ڏڪاريل ڏڪاريل
نماڻا نماڻا، نرالا نرالا.
(امداد حسيني)

# ڀاڱو ٽيون

## علم نحو جو اڀياس

## باب پهريون: علم نحو جي وصف ۽ ان جا اصول

1- اهو علم، جنهن جي مدد سان ڪنهن ٻه ٻوليءَ ۾ فقرن ۽ جملن جي 'ساخت' (گهاڙيٽن) ۽ 'رچنا' ۾ (انهن فقرن ۽ جملن ۾) لفظن جي 'ٻيهڪ' ۽ 'سٿاءُ' جي خبر پوي، اهڙي علم کي 'علم نحو' (syntax) چئبو آهي.

هرهڪ ٻوليءَ جي هرڪا گفتار، مڪمل صورت تي مشتمل هوندي آهي. انهن مڪمل صورتن کي ماهرن ٻن قسمن يعني لفظن ۽ جملن ۾ ورهايو آهي. انهن مان لفظن جي وصف، 'علم صرف' واري باب ۾ تفصيل سان سمجهائي وَئي آهي. ماهرن جي راءِ موجب: اها مڪمل گفتار جيڪا اُن ٻوليءَ جي 'جهيلارَ' يا 'ڍارَ' (Intonation) مان ڪنهن ٻه هڪ جهيلار يا ڍار تي ختم ٿئي ته اهڙيءَ گفتار کي 'جملو' چئبو آهي.

2- (الف) ٻوليءَ ۾ ڪي جملا هڪ لفظ وارا ٻه ٿيندا آهن، جيئن:

وَڃ.
ڊوڙُ.
اُٿُ.
ٻيهه.

اهي سڀ 'يڪ لفظا' يعني هڪ لفظ وارا جملا آهن، جيڪي ڪنهن ٻه هڪ 'جهيلار' تي ختم ٿين ٿا.

(ب) اهڙيءَ طرح ڪن جملن ۾ هڪ کان وڌيڪ لفظ ٻه ڪم ايندا آهن، جيئن:

(i) ڇوڪر انب کائي ٿو.
(ii) انب ڇوڪر ٿو کائي.
(iii) ڇوڪر ٿو انب کائي؟ (1)
(iv) کائي ٿو ڇوڪر انب؟
(v) ڇوڪر کائي ٿو انب؟

(i) مان وڃان ٿو.
(ii) مان ٿو وڃان؟
(iii) وڃان ٿو مان؟
(iv) مان نٿو وڃان.
(2) (v) مان وڃان نٿو.
(vi) نٿو وڃان مان.
(vii) ڇا، مان وڃان ٿو؟
(viii) مان وڃان ٿو ڇا؟

(i) تون وَڃ.
(ii) وڃ تون!
(iii) تون نہ وڃ.
(iv) تون وڃ نہ!
(3) (v) نہ، تون وڃ.
(vi) نہ، تون نہ وڃ.
(vii) وڃ نہ تون!
(viii) نہ وڃ تون!

جملن جي انهن ٽنهي 'گروهن' (sets) جي اڀياس مان اهو معلوم ٿو ٿئي تہ هر گروهہ (set) ۾ ڏنل جملن جي سٽاء ۽ ترتيب ۾ گهڻو فرق آهي. ٻين ٻولين وانگر سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ جملن اندر لفظن کي انهن جي مقرر ترتيب يعني جملن اندر انهن جي ٻيهڪ موجب ڪم آڻبو آهي. جملن اندر، لفظن جي اهڙيءَ مقرر ترتيب ۽ ٻيهڪ واري طريقي کي ئي 'علم نحو' چئبو آهي.

(ت) هي نقطو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ جملن اندر لفظن جي جڳهہ يعني ٻيهڪ مقرر هوندي آهي. عام طور هر جملي ۾ لفظن جي انهيءَ ترتيب يا ٻيهڪ ۾ ڪابہ تبديلي ڪانہ ڪبي آهي، پر روزمره جي ٻوليءَ واريءَ گفتار ۾، ڪنهن بہ لفظ جي مقرر ترتيب ۾ جيڪڏهن ڪابہ تبديلي آندي وَئي تہ پوءِ اهڙيءَ حالت (يعني لفظن جي ٻيهڪ واريءَ ترتيب ۾ تبديلي آڻڻ واريءَ حالت ۾، جملي جي گفتار واري عام اُتار يا چڙهاءَ، يعني 'جهيلار' يا 'ڍار' (Intonation) ۾ بہ تبديلي اَچي آهي. جملن جي 'جهيلار' يا 'ڍار' جي اهڙي اُتار ۽ چڙهاءَ ۾ فرق محسوس ڪرڻ لاءِ، انهيءَ گفتار کي 'آڊيو ڪئسيٽ' (audio cassette) تي رڪارڊ ڪري ٻڌڻ سان فرق محسوس ڪري سگهبو آهي.

3- (الف) سنڌي ٻوليءَ جي جملن جي عام نحوي سٽاءَ موجب لفظ جي ٻيهڪ جي ترتيب جا اصول ۽ قانون:

عام طور ڪنهن به مفرد سنڌي جملي جو 'نحوي سٽاءُ' هن ريت هوندو آهي:

(i) سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به جملي ۾ فاعل جو سَٽُ پهرين ڪر ايندو آهي ۽ اُن کان پوءِ فاعل ايندو آهي.

(ii) فعل هميشه جملي جي آخر ۾ ايندو آهي.

(iii) جيڪڏهن جملي جو فعل متعدي هوندو ته پوءِ جملي ۾ لفظن جي ترتيب هن ريت ٿيندي:

فاعل ← مفعول ← فعل، يا

فاعل جو سَٽُ ← فاعل ← مفعول جو سَٽُ ← مفعول ← فعل جو سَٽُ ← فعل

(iv) هر جملي ۾ صفت هميشه، موصوف کان اڳ، پر اُن جي بلڪل پر ۾ ايندي آهي.

(v) فعل جو وڌاءُ (فعل جو سَٽُ)، هميشه فعل کان اڳ ڪر آڻبو آهي، مثلاً: ظرف هميشه فعل جي وڌاءَ طور، فعل کان اڳ ڪر ايندو آهي.

(vi) حرف جر هميشه اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ، پر اُنهن جي بلڪل پر ۾ پنهنجي جاءِ وٺندو آهي.

(ب) فاعل – فعل وارو سٽاءُ:

سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به جملي جي 'نحوي ٻيهڪ' يعني 'نحوي سٽاءَ' جي اپياس لاءِ سڀ کان پهرين هيٺ ڏنل مثال ڏسو:

(i) ڇوڪر ڊوڙي ٿو.

(ii) اڪبر پاڻي پيئي ٿو.

(iii) منهنجو ڀاءُ خط لکي ٿو.

(iv) منهنجو ننڍو ڀاءُ پنهنجي دوست ڪي خط لکي ٿو.

مٿي ڏنل جملن مان، ڪنهن جملي جو ڪوبه حصو هڪ جهڙو نه آهي؛ پر سڀني جملن ۾، لفظن جي ٻيهڪ ۽ ترتيب (arrangement and order) ۽ سٽاءُ هڪجهڙو آهي. انهن مان هر جملي ۾ لفظن جي اهڙي ٻيهڪ ۽ ترتيب جنهن موجب فاعل پهرين ۽ فعل پوءِ اچي، ته اهڙي سٽاءُ کي فاعل- فعل وارو سٽاءُ يا ترتيب چئبو آهي.

(ت) جملن اندر لفظن جي ٻيهڪ يعني ترتيب (سٽاءُ) جا ڪي اصول:

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾، جيئن علم صرف واري باب ۾، لفظن جي گهاڙيٽن ۾ 'چونڊ'

(selection) ۽ ترتيب (Order) لاءِ ڪي اصول ۽ قانون ڄاڻايا ويا آهن، تيئن جملن ۾ بہ اهڙن ئي اصولن ۽ قانونن موجب لفظ پنهنجي پنهنجي جاءِ وٺندا آهن.

مٿي بيان ڪيل جملن مان ظاهر آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ فاعل- فعل واري سٽاء ۾، هر جملي جا 'بہ مکيہ جزا' يعني Constituent parts هوندا آهن. اُنهن مان هرهڪ جزو يا تہ هڪ لفظ وارو هوندو آهي ۽ يا هڪ فقري وارو، پر طريقي يا ترتيب سان اهي جُزا يعني لفظ ۽ فقرا، فاعل- فعل واري سٽاء موجب، جنهن ترتيب سان هڪٻئي سان گڏي ڪم آندا ويا آهن، يعني جنهن ترتيب ۽ سٽاء سان جملي اندر ٻيهاريا ويندا آهن، تنهن لاءِ بہ ڪي اصول ۽ قانون هوندا آهن. ماهرن جي راءِ موجب اهي قانون هي آهن:

**(I) لفظن جو انتخاب يا چُونڊ (Selection)**- ڪنهن بہ ٻوليءَ جي فاعل- فعل واريءَ سٽاء ۾، جملن اندر، لفظن جي ٻيهڪ يعني ترتيب ۽ سٽاء وارن اصولن مان پهريون اصول آهي 'لفظن جو انتخاب' يا لفظن جي چونڊ. ڪيترين ئي ٻولين جي نحوي سٽاء ۾، انتخاب يعني جملن جي سٽاء ۾، لفظن جي چونڊ وارو اصول اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. انتخاب جا بہ ماهرن ڌارڌار نمونا مقرر ڪيا آهن.

(i) انتخاب جا نمونا: ماهرن جي راءِ موجب، سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاء جو مطالعو ڪندي معلوم ٿو ٿئي تہ انتخاب جا بہ مختلف نمونا آهن. مثال طور هرهڪ جملي ۾، فعل، فاعل سان، عدد، جنس ۽ حالت مطابق ڦرندو آهي، جيئن:

| | | |
|---|---|---|
| حالت فاعلي، جنس مذڪر ۽ عدد واحد | : | ڇوڪر ڊوڙي ٿو. |
| حالت فاعلي، جنس مذڪر ۽ عدد جمع | : | ڇوڪرا ڊوڙن ٿا. |
| حالت فاعلي، جنس مؤنث ۽ عدد واحد | : | ڇوڪري ڊوڙي ٿي. |
| حالت فاعلي، جنس مؤنث ۽ عدد جمع | : | ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون. |
| حالت مفعولي، جنس مذڪر ۽ عدد واحد | : | ڇوڪرو خطُ لکي ٿو. |
| حالت مفعولي، جنس مذڪر ۽ عدد جمع | : | ڇوڪرا خطَ لکن ٿا. |
| حالت مفعولي، جنس مؤنث ۽ عدد واحد | : | ڇوڪري خطُ لکي ٿي. |
| حالت مفعولي جنس مؤنث ۽ عدد جمع | : | ڇوڪريون خطَ لکن ٿيون. |

(ii) سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاء موجب، جملي ۾ جڏهن بہ فاعل ڪم آيا هجن، ۽ هرهڪ فاعل جمع واريءَ صورت ۾ هجي تہ اهڙيءَ حالت ۾ فعل، ويجهي ۽ پرواري فاعل سان، عدد، جنس ۽ حالت مطابق ڦرندو آهي، جيئن:

زالون ۽ مرد ڳالهيون ڪري رهيا آهن.

مرد ۽ زالون ڳالهيون ڪري رهيون آهن.

اهو ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن مرد ۽ زالون ڳالهيون ڪري رهيا آهن، جملو استعمال ڪبو تہ اهو سنڌي ٻوليءَ جي نحوي اصولن موجب غلط جملو سمجهيو ويندو.

(iii) پر جڏهن فعل جي پر وارو فاعل، عدد واحد ۾ ڪم آندل هوندو، تڏهن بہ فعل عدد

جمع جي صيغي ۾ پر واري فاعل سان، جنس ۾ حالت موجب ڦرندو، جيئن:

چوڪريون ۽ چوڪرو پڙهن ٿا.

چوڪرو ۽ چوڪريون پڙهن ٿيون.

(iv) جڏهن جملي ۾ ٻه فاعل هوندا آهن، ۽ هر فاعل عدد واحد ۾ هوندو آهي، تڏهن فعل، جنس مذڪر ۽ عدد جمع جي صيعي ۾ ڦرندو آهي؛ جئين:

چوڪرو ۽ چوڪري وجن ٿا.

چوڪري ۽ چوڪرو وجن ٿا.

هوا ۽ پاڻي اُتي وڪجن ٿا.

اڪبر ۽ سندس پيءُ اچن ٿا.

(v) جڏهن ٻه ڪن جملن ۾ فاعل هڪ کان وڌيڪ هجن ۽ اُنهن جي پٺيان، انداز ڏيکاريندڙ عدد يعني 'ٻئي'، 'ٽيئي' يا 'سڀيئي' ۽ اهڙيون ٻيون صفتون ڪم آنديون ويون هجن ته اهڙيءَ حالت ۾ فعل جمع جي صيغي ۾ ڦرندو آهي، مثال طور:

ميان غلام شاهه، ميان مراد شاهه ۽ ميان عطرخان ٽيئي ميان نورمحمد ڪلهوڙي جا پٽ هئا.

(vi) ڪنهن ٻه جملي ۾ جڏهن هڪ کان وڌيڪ ضمير خالص ڪم ايندا هجن، ۽ جيڪڏهن اُن جملي ۾ ضمير متڪلم جمع، فاعل جي صورت ۾ ڪم آيل هجي ته اهڙيءَ حالت ۾، فعل، اُن ضمير يعني ضمير متڪلم جمع جي صيغي ۾ ڦرندو، جيئن:

اسين ۽ تون ڪراچيءَ هلنداسين.

تون ۽ اسين ڪراچيءَ هلنداسين.

اسين ۽ هيءُ ڪراچيءَ ويندااسين.

هيءُ ۽ اسين ڪراچيءَ ويندااسين.

(vii) جڏهن جملي ۾ ضمير حاضر واحد ۽ ضمير متڪلم واحد، فاعل طور ڪم ايندا آهن ته اهڙيءَ حالت ۾ فعل، ضمير متڪلم جمع جي صيغي ۾ ڦرندو آهي، جيئن:

تون ۽ آءٌ گهمڻ هلنداسين.

آءٌ ۽ تون گهمڻ هلنداسين.

(viii) پر جڏهن جملي ۾ ضمير غائب واحد يا جمع ۽ ضمير متڪلم واحد، فاعل طور ڪم ايندا آهن ته اهڙيءَ حالت ۾ فعل، ضمير متڪلم جمع جي صيغي ۾ ڦرندو آهي، جيئن:

هوُ ۽ آءٌ ڪراچيءَ وياسين.

اُهي ۽ آءٌ ڪراچيءَ وياسين.

آءٌ ۽ هوُ ڪراچيءَ وياسين.

آءٌ ۽ اُهي ڪراچيءَ وياسين.

(ix) پر جيڪڏهن فاعلُ ضمير حاضر واحد ۽ ضمير غائب واحد ۽ جمع جي صيغي ۾ ڪم آيو هوندو تہ اهڙيءَ حالت ۾ فعلُ ضمير حاضر جمع جي صيغي ۾ ڦرندو، جيئن:

تون ۽ هوُ هت اچو ٿا.
توهين ۽ هوُ هت اچو ٿا.
تون ۽ اُهي هت اچو ٿا.
تون ۽ هوُءَ هت اچو ٿا.
هوُءَ ۽ توهين هت اچو ٿا.
هوُ ۽ تون هت اچو ٿا.
هوُءَ ۽ تون هت اچو ٿا.
توهين ۽ هوُءَ هت اچو ٿا.
هوُءَ ۽ توهين هت اچو ٿا.

(x) جيڪڏهن ڪو فاعلُ 'معزز' (honourable) ماڻهو يا ڪو بزرگ شخص هوندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ فاعلُ ضمير حاضر جمع جي صيغي ۾ ڪم آڻبو آهي؛ ۽ اهو جنس مؤنث ۽ عدد واحد ۾ هجي تہ اِن حالت ۾ بہ بعضي فعل عدد جمع ۽ جنس مذڪر جي صيغي ۾ ڦرندو آهي، جيئن:

محترم چنا صاحب! توهين ڪراچيءَ وڃو ٿا؟
بيگم عباسي صاحبہ! اوهين ڪراچيءَ وڃو ٿا؟
اما، اوهين هلو ٿا؟
پاپي، اوهين هي ڪتاب وٺو ٿا؟

پر جيڪڏهن فاعل جنس مؤنث عدد واحد ۾ آهي تہ عزت خاطر بہ فعلُ، جنس مؤنث ۽ عدد جمع جي صيغي ۾ ڦرندو آهي، جيئن:

جيجي اوهين هلو ٿيون؟
پاپي، اوهين اهو ڪتاب وٺو ٿيون؟
اما جن سپاٽي ويندين.

**(2) پريوگن موجب فعلن جا ڦيرا:**

هن کان اڳ فعلن جي معروفي ۽ مجهولي صورتن جي بيان وقت 'پريوگ' لفظ ڪم آندو ويو آهي، ۽ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ پريوگ جا ٽي قسم آهن، اُهي آهن:

(a) پريوگ ڪرتري، (b) پريوگ ڪرمڻي ۽ (c) پريوگ ڀاوي.

هرهڪ پريوگ جي خصوصيت ڌار ڌار آهي، جيئن:

(a) پريوگ ڪرتري: فعل جو اهو گردان يا ڦيرو جنهن ۾ فعل، فاعل سان عدد ۽ جنس مطابق

گردان ڪري تہ فعل جي اهڙي ڦيري/ گردان کي پريوگ ڪرتريءَ وارو ڦيرو يا گردان چئبو آهي، مثال طور:

مون ورتو.

مون جهليو.

تو لکيو.

اسان لکيو.

(b) پريوگ ڪرمڻي: فعل جو اهو گردان يا ڦيرو جنهن ۾ فعلُ، مفعول سان، عدد ۽ جنس ۾ ڦري يعني گردان ڪري تہ فعل جي اهڙي ڦيري يا گردان کي پريوگ ڪرمڻيءَ وارو ڦيرو يا گردان چئبو، جيئن:

مون ڪتاب ورتو.

مون چور جهليو.

تو خط لکيو.

اسان خط لکيو.

(c) پريوگ ڀاوي: ڪي جملي اندر ڪوبہ فعل، فاعل ۽، مفعول سان ڪوبہ ڦيرو يا گردان نہ ڏيکاري، ڪي مفعول جي پٺيان 'کي' حرف جر جو استعمال ٿئي تہ فعل جي اهڙي ڦيري کي، پريوگ ڀاويءَ موجب ڦيرو چئبو، هيٺ ٽنهي قسمن جي پريوگن جي ڦيرن جا مثال ڏجن ٿا:

| پريوگ ڪرتري | پريوگ ڪرمڻي | پريوگ ڀاوي |
|---|---|---|
| مون جَهليو آهي. | مون چورُ جهليو آهي. | مون چورَ کي جهليو آهي |
| مون جهليا آهن. | مون چورَ جهليا آهن. | مون چورن کي جهليو آهي. |
| اسان جهليو آهي. | اسان چورُ جهليو آهي. | اسان چور کي جهليو آهي. |

### (3) جملن اندر لفظن جي بيهڪ يعني ترتيب (Order):

سنڌي ٻوليءَ جي 'نحوي سٽاءَ' موجب، فاعل- فعل واريءَ بيهڪ يعني ترتيب وارو اصول سمجهڻ بہ ضروري آهي. هر اهلِ زبان کي اها خبر هوندي آهي تہ ڳالهائڻ وقت يا ڪنهن بہ گفتگو ۾ هن کي جملي ۾، ڪهڙو جزو (part) ڀيرين ڪر آڻڻ گهرجي ۽ ڪيس ڪهڙو جزو پوءِ استعمال ڪرڻ گهرجي؛ مثال طور سنڌي ٻوليءَ جي هر ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ کي اها خبر آهي تہ:

(i) ڇوڪر ڊوڙي ٿو.

(ii) ڇوڪر پاڻي پيئي ٿو، ۽

(iii) اسڪول جا ٻار ميدان تي راند پيا ڪن.

انهن ٽنهي جملن جو سٽاءُ، فاعل- فعل واري سٽاء موجب آهي، پر:

(i) ٽو ڊوڙي ڇوڪر

(ii) ڇوڪر ٽو ڊوڙي

(iii) ڊوڙي ٽو ڇوڪر

مٿين ٽنهي مثالن ۾، لفظن جي ميڙ کي فاعل- فعل واري سٽاء يا ترتيب چئي ٿو سگهجي؛ ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته ڪنهن به جملي اندر، لفظن کي، پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڦيرائي يا بدلائي نٿو سگهجي، پر لفظن جي ترتيب لاءِ به ڪي اصول ۽ قانونن آهن. اهڙي سٽاء يا ترتيب کي فاعل- فعل وارو سٽاء يا بيهڪ يا ترتيب چئبو آهي.

(a) جهيلار يا ڍار متي جاٿايل فاعل- فعل واري سٽاء موجب، سنڌي ٻوليءَ جي هر جملي ۾ فاعل هميشه فعل کان اڳ پنهنجي جاءِ وٺندو آهي. عام جهيلار/ ڍار (Intonation)، جنهن جو 'انتخاب' واري حصي ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، تنهن موجب سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاء لاءِ اِهائي ترتيب عام ۽ درست سمجهي ويندي آهي، يعني ته سنڌي ٻوليءَ جي ڪنهن به جملي جي عام سٽاء موجب، فاعل پهرين ۽ فعل پوءِ اچڻ گهرجي، پر جيڪڏهن جملو متعدي فعل وارو هوندو آهي ۽ جملي ۾ فاعل سان گڏ فاعل جو سَٽُ ۽ مفعول سان گڏ مفعول جو سَٽُ به استعمال ٿيل هوندا آهن ته اهڙيءَ حالت ۾، جملي جي بيهڪ، هيٺ ڏنل ترتيب موجب ٿيندي:

فاعل جو سٽُ/ وڌاءُ، مفعول جو سٽُ/ وڌاءُ، فعل جو سٽُ/ وڌاءُ ۽ آخر ۾ فعل ڪم آڻبو.

هن ترتيب جي سمجهڻ لاءِ، هيٺ ڏنل جملي کي سمجهڻ گهرجي. سنڌ جي هڪ رحمدل حاڪم، ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، 1768ع ۾ حيدرآباد جو شهر اڏايو.

هن جملي جي ترتيب هن ريت آهي:

| فاعل جو وڌاءُ/ سٽُ | فاعل | مفعول جو وڌاءُ/ سٽُ | مفعول | فعل جو وڌاءُ | فعل |
|---|---|---|---|---|---|
| سنڌ جي رحمدل حاڪم، ميان ڪلهوڙي | غلام شاهه | حيدرآباد جو | شهر | 1768ع ۾ | اڏايو |

پر فعل جيڪڏهن لازمي هوندو ته پوءِ اُن جملي جي ترتيب هن ريت ٿيندي:

منهنجو ڀاءُ هڪ تمام بهادر ۽ دلير جوان آهي.

| فاعل جو وڌاءُ/ سٽُ | فاعل | فعل جو پورائو ڪندڙ/ وڌاءُ | فعل |
|---|---|---|---|
| منهنجو | ڀاءُ | هڪ تمام بهادر ۽ دلير جوان | آهي |

هن جملي ۾ سٽاءُ يا ترتيب موجب پهرين فاعل جو وڌاءُ، پوءِ فاعل، پوءِ فعل جو پورائو ڪندڙ / وڌاءُ ۽ آخر ۾ فعل آيو آهي.

(b) **جهيلارَ ۾ تبديليءَ جو اثر-** (i) انتخاب واري حصي ۾ اهو چيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءُ موجب، جملي ۾، لفظن جي بيهڪ ۽ سٽاءُ (ترتيب) ۾، تيستائين ڪابه تبديلي ممڪن ڪانه هوندي آهي جيستائين اُن جملي ڳالهائڻ ۾، 'جهيلار' ۾ تبديلي ڪانه ڪئي ويندي آهي. ڪنهن به جملي ڳالهائڻ ۾، جڏهن جهيلار ۾ تبديلي آڻبي آهي تڏهن اُن جملي ۾ ڪم آيل فاعل، مفعول ۽ فعل جي ترتيب يعني انهن جي بيهڪ ۽ سٽاءُ ۾ تبديلي ضرور آڻبي آهي؛ تنهنڪري جيڪڏهن ڪنهن به جملي جي ڳالهائڻ ۾، جهيلار ۾ تبديلي آئي ته اُن جملي ۾ استعمال ٿيل لفظن جي بيهڪ ۽ سٽاءُ ۾ به تبديلي اچڻ لازمي آهي. ساڳيءَ طرح جيڪڏهن ڪنهن به جملي اندر لفظن جي سٽاءُ ۽ ترتيب ۾ تبديلي ڪئي وَئي ته اُن جي جملي ڳالهائڻ مهل، جهيلار ۾ به ضرور تبديلي آڻڻي پوندي. اهڙيءَ حالت ۾، ڪنهن به جملي جي جهيلارَ ۽ لفظن جي ترتيب ۽ سٽاءُ ڪي بدلائڻ سان، جملي جي معنيٰ ۽ اُن جو مفهوم به بدلجي ويندو آهي، جيئن هيٺ ڏنل جملن مان ظاهر آهي:

| عام جهيلار موجب فاعل- فعل ترتيب وارا جملا | جهيلار ۾ تبديلي آڻبي ته لفظن جي بيهڪ ۽ ترتيب ۾ تبديلي ايندي |
| --- | --- |
| ڇوڪر انب کاڌو. | انب ڇوڪر کاڌو.<br>انب کاڌو ڇوڪر؟<br>کاڌو ڇوڪر انب؟ |
| ڇوڪر مٺو انب کاڌو. | مٺو انب ڇوڪر کاڌو.<br>ڇوڪر انب مٺو کاڌو.<br>ڇوڪر کاڌو مٺو انب؟<br>ڇوڪر کاڌو انب مٺو؟<br>کاڌو مٺو انب ڇوڪر؟<br>کاڌو ڇوڪر مٺو انب؟ |
| ڇوڪر انب کاڌو ڇا؟ | ڇا، ڇوڪر انب کاڌو؟<br>ڇوڪر، انب کاڌو ڇا؟<br>انب ڇا، ڇوڪر کاڌو؟<br>انب، ڇوڪر ڇا کاڌو!<br>کاڌو ڇا، ڇوڪر انب؟<br>کاڌو ڇا، انب، ڇوڪر؟<br>ڇا انب ڇوڪر کاڌو؟<br>انب کاڌو ڇا، ڇوڪر؟ |

| عام جهيلار موجب فاعل- فعل ترتيب وارا جملا | جهيلار ۾ تبديلي آڻبي ته لفظن جي بيهڪ ۽ ترتيب ۾ تبديلي ايندي |
|---|---|
| | ڇوڪر ڪونہ انب کاڌو؟ |
| | ڪونہ ڇوڪر انب کاڌو؟ |
| | ڪونہ کاڌو انب، ڇوڪرَ؟ |
| ڇوڪر انب ڪونہ کاڌو. | انب ڇوڪر ڪونہ کاڌو؟ |
| | ڪونہ کاڌوڇوڪر انب؟ |
| | ڪونہ انب ڇوڪر کاڌو؟ |
| | انب کاڌو ڇوڪر، ڪونہ؟ |
| | انب ڇوڪر کاڌو ڪونہ؟ |

(ii) سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاء موجب، عام جهيلار جي ڪم آڻڻ وقت 'نہ' هميشہ ظرف ناڪاريءَ (ظرف نفي) طور ڪم ايندو آهي، جيئن:

نہ وڃ.
گهر نہ وڃ.
نہ کاءُ.
ماني نہ کاءُ.
هي ڪم نہ ڪر.
هي ڪم مَ ڪر.

(iii) پر اهڙن ناڪاري جملن جي عام جهيلار ۾، ڳالهائڻ مهل تبديلي آڻڻ سان، جملي ۾ ڪم آيل لفظن جي عام ترتيب ۽ سٽاء ۾ بہ تبديلي آڻبي آهي. اهڙيءَ حالت ۾، عام جهيلار ۾ تبديلي آڻڻ سان ۽ لفظن جي بيهڪ/ ترتيب ۾ ڦيرڦار ڪرڻ سان، ۽ 'نہ' ظرف تي 'زور' (stress) ڏيڻ سان، 'نہ' ظرف جو ڪارج، ناڪاريءَ (نفيءَ) مان بدلجي 'زور ڏيندڙ هاڪاري' ٿيو پوي، ۽ ساڳئي وقت اُن (ظرف) جي هاڪاريءَ واريءَ معنيٰ ۽ مفهوم تي وڌيڪ 'زور' (emphasis) ٿو پوي، جيئن:

| عام جهيلار موجب ترتيب | جهيلار ۾ تبديلي آڻبي ته لفظن جي ترتيب ۾ بہ تبديلي ايندي ۽ معنيٰ ۾ فرق ايندو |
|---|---|
| نہ ٻُڌ. | ٻُڌ نہ! |
| گهر نہ وڃ. | گهر وڃ نہ!/ وڃ نہ گهر! |
| نہ کاءُ. | کاءُ نہ! |
| نہ ويهہ. | ويهہ نہ! |

(iv) جملن اندر ظرف 'نہ' جو 'تڪراري' (reduplicated) استعمال، فاعل تي وڌيڪ زور ٿو آڻي، جيئن:

| غير تڪراري/ عام استعمال | تڪراري استعمال |
|---|---|
| نہ! تون ويھہُ. | نہ نہ! تون ويھہُ. |
| نہ! ويھہ. | نہ نہ! ويھہُ. |
| نہ! ڳالھہ هيئن آهي. | نہ نہ! ڳالھہ هيئن آهي. |

(٧) سنڌي ٻوليءَ جي عام نحوي سٽاء موجب ظرفي صورت 'ڪالهہ'، جملي ۾ فاعل کان پوءِ ۽ مفعول کان اڳ ايندي آهي، جيئن:

مون ڪالهہ ماني کاڌي.

هن جملي ۾ ظرفي صورت 'ڪالهہ' تي زور ڏنو ويو آهي، پر جيڪڏهن اها ظرفي صورت يعني 'ڪالهہ' کي فاعل کان اڳ يا مفعول کان پوءِ ۽ فعل کان اڳ ڪم آڻبو تہ عام جيھلار ۾ تبديلي آڻڻي پوندي، جيئن:

| عام جهيلار موجب ترتيب | جهيلار ۾ تبديلي، تہ لفظن جي ترتيب ۾ تبديلي ايندي |
|---|---|
| مون ڪالهہ ماني کاڌي. | ڪالهہ مون ماني کاڌي. |
| | مون ماني ڪالهہ کاڌي. |

اهڙيءَ طرح:

| | |
|---|---|
| حيدرآباد جي شهر جو بنياد، سن 1768ع ۾ پيو. | سن 1786ع ۾، حيدرآباد شهر جو بنياد پيو. |

مٿي پهرئين جملي ۾ ساڄي طرف واري مثال ۾ عام جهيلار موجب 'ڪالهہ' ظرف تي زور ڏنو ويو آهي، يعني وقت تي زور ڏنو ويو آهي، پر کاٻي طرف واري جملي ۾ فاعل، 'مون' تي زور ڏنو ويو آهي، يعني ڪالهہ مون ماني کاڌي ۽ نہ ڪنهن ٻئي. ٻئي جملي ۾ (کاٻي طرف) اهو زور ڏنل آهي تہ مون ماني، ڪالهہ کاڌي هئي ۽ نہ ڪ اڄ.

**(c) لفظن جي ترتيب ۾ تبديليءَ سان وياڪرڻي ڪارج ۾ تبديلي:**

(1) سنڌي ٻوليءَ جو نحوي سٽاءُ، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي صورتن يعني ڳالهائڻ جي لفظن، جهڙوڪ اسم، ضمير، صفت، فعل ۽ ظرف جي وياڪرڻي ڪارج ۽ مفهوم جي اپياس ۾ مدد ڪري ٿو. مثال طور، لسانيات جو مشهور امريڪي ماهر بلو مفيلڊ لکي ٿو:

"اهو سمجهڻ هڪ غلطي ٿيندي تہ اسان جي ٻوليءَ ۾ ڳالهائڻ جا لفظ – اسم، ضمير، صفت، ظرف ۽ فعل وغيره ٻوليءَ جي هر گفتار ۾، ساڳي ٻيهڪ وٺن ٿا."

مثال طور عام وصف موجب 'چڱو' لفظ صفت آهي ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اصولن موجب اهو لفظ، 'اسم' يا پنهنجي ٻئي ڪنهن موصوف جي اڳيان اچڻ گهرجي، جيئن:

چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.

هن جملي ۾ ’چڱو‘ لفظ صفت طور ڪم آيو آهي ۽ پنهنجي موصوف ’گهوڙو‘ جي خاصيت بيان ڪري ٿو.

پر سنڌي ٻوليءَ جي ڪيترن ئي جملن ۾، لفظ ’چڱو‘ سدائين پنهنجي موصوف جي اڳيان پنهنجي جاءِ نٿو وٺي، پر ڪڏهن ڪڏهن، ڪن جملن ۾ فعل جي اڳيان ٻه ايندو آهي، مثلاً:

گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

هن جملي ۾ ’چڱو‘ لفظ، اسم سان نه پر فعل سان لڳي ٿو ۽ فعل جي اڳيان آيو آهي ۽ ڪم ڪرڻ جي ’ريت‘ بيان ڪري ٿو. انهيءَ ڪري اهڙي سٽاءَ، جنهن ۾ ’چڱو‘ يا اهڙيون ٻيون صفتون جڏهن فعل سان لڳن، تڏهن اُنهن صورتن کي صفت نه پر ظرف چئبو. سنڌي ٻوليءَ ۾ اهڙا ٻيا به انيڪ مثال ملن ٿا. هت ڪي ٿورا مثال، لطيف سائينءَ جي ڪلام مان ڏجن ٿا:

مَٿا مُهايَن جا پيا نه ڏسين پَٽَ

(سر ڪلياڻ)

لَطيف سائينءَ جي هن مصرع ۾، فعلي صورت ’پيا‘ جو ڪارج عام رواجي فعل وارو نه آهي؛ پر ’پيا‘ لفظ لطيف سائينءَ جي هن مصرع ۾، جيڪا ٻيهڪ وٺيو بيٺو آهي، سنڌي ٻوليءَ جي نحوي اصولن موجب هن مصرع ۾ ’پيا‘ لفظ، فعل جو ڪارج ادا نٿو ڪري، پر ظرف طور ڪم آيو آهي. اهڙيءَ طرح لطيف سائينءَ جي رسالي ۾ هيٺ ليڪ ڏنل لفظ ڌيان طلب آهن:

(i) وحده جي **وڍيا**، الا الله **اڏ ڪيا**.

(ii) وحده جي **وڍيا**، ڪيا الاالله اڏ

(iii) وحده جي وهانءَ، جي **ويا** سي **وڍيا**

مٿي ڏنل ٽنهي مصرعن جي پيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته پهرينءَ مصرع ۾ ’وڍيا‘ ۽ ’ڪيا‘ صورتون، فعل نه آهن، پر انهن مصرعن ۾ اهي صورتون ’اسم مفعول‘ طور ڪم آيون آهن؛ پر ٻيءَ مصرع،

وحده جي **وڍيا**، **ڪيا** الاالله اڏ

هن مصرع ۾ ’ڪيا‘ لفظ فعل طور ڪم آيو آهي ۽ اُن جو گردانُ زمان ماضي مطلق مطابق آهي. انهن ٽنهي مثالن جي پيٽ، هيٺ ڏنل خاڪي ذريعي پيش ڪئي وَئي آهي:

| | |
|---|---|
| وحده جي **وڍيا**، الا الله **اڏ ڪيا**. | وحده جي وڍيا، **ڪيا** الا الله اڏ. |
| وحده جي **وڍيا**، الا الله اڏ **ڪيا**. | وحده جي وهانءَ جي ويا سي **وڍيا**. |

ساڄي طرف وارن مثالن ۾ ’ڪيا‘ اسم مفعول جِي ’ڪيا‘ فعل متعدي معروف، زمان ماضي مطلق سان پيٽ ڪئي وَئي آهي. ٻئي مثال ۾ ’وڍيا‘ اسم مفعول جِي ’وڍيا‘ فعل سان پيٽ ڪئي

وَئي آهي.

اهڙيءَ طرح:

- هي ڪُتل ڪڪڙ آهي.
- هي ڪُڪُڙ، ڪُتل آهي.

حاصل مطلب ته نحوي سٽاءَ جو اڀياس، هر ٻوليءَ جي وياڪرڻي ڍانچي جي اڀياس ۾ گهڻي مدد ٿو ڪري.

**(d) صفتن جي ويهڪ ۾ تبديلي:**

(الف) صفت جي وصف بيان ڪندي، منشي اُڌارام ٿانورداس لکي ٿو:

”هيءَ گهڻو ڪري اسم جو گڻ ڏيکاريندي آهي، جيئن:

چڱو ماڻهو

منو ڏاڙهون“

منشي اُڌارام اڳتي لکي ٿو:

”صفتِ جنس، عدد ۽ حالت ۾ اسم وانگر مٽبي آهي، ۽ گهڻو ڪري صفت جي پڇاڙيءَ ۾ ’او‘ ايندو آهي، جيئن:

گدلو، ڪارو ۽ ڪنو وغيره.

تنهنڪري ’او‘ جي پڇاڙيءَ وارن اسمن وانگر، اهي صفتون ڦرن ٿيون، جيئن:

| اسم مذڪر موجب گردان | اسم مؤنث موجب گردان |
|---|---|
| ڏاهو مڙس | ڏاهي زالَ |
| ڏاها مُڙسَ | ڏاهيون زالون |
| ڏاهي مڙسَ جو | ڏاهيءَ زالَ جو |
| ڏاهَن مُڙسن جو | ڏاهين زالُن جو |

منشي صاحب جي راءِ موجب”سنڌيءَ ۾ صفت گهڻو ڪري اسم جي اڳيان ايندي آهي“.

شيخ واحد بخش، صفت جي وصف بيان ڪندي، لکي ٿو:

”اهو لفظ جو جملي ۾ اسم جي وصف، چڱي يا خراب خاصيت يا اُن جو انداز، مقدار يا عدد بيان ڪري، ۽ اُن جي اڳيان واقع ٿئي، اُن کي ’صفت‘ چئبو آهي، ۽ صفت سان لاڳو اسم کي موصوف چئبو آهي، مثال طور:

(i) سيد هوشيار آهي.

(ii) ڪنو پاڻي شهر کان ٻاهر نيڪال ڪرڻ گهرجي.

(iii) قدرت انسان کي پنج حواس ڏنا آهن.“

مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"اهو لفظ، جو ڪنهن اسم يا ضمير سان لاڳو ٿي، اُن جي خاصيت (خاص ڳالهہ) يا وڌيڪ حقيقت ڄاڻائي، تنهن کي صفت چئبو آهي."

(ب) مرزا قليچ بيگ مرحوم جي بيان ڪيل وصف مان معلوم ٿو ٿئي تہ مرزا صاحب، سنڌي وياڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي وياڪرڻي صورتن تي ڪافي سوچيو آهي ۽ پنهنجيءَ وصف ۾ ڪافي گنجائش پڻ رکي اٿن. اهڙيءَ طرح ديوان ڏولي مل ۽ ديوان ڪشنچند گلاب سنگ بہ صفت جي چنڊڇاڻ ڪرڻ وقت، گهڻيءَ سوچ کان ڪم ورتو آهي. مثال طور مرزا صاحبُ هڪ هنڌ هڪ مثال ڏيئي سمجهائي ٿو تہ:

| مثال-2 | مثال-1 |
|---|---|
| هڪڙو آيو ۽ ٻيو ويو. | هڪڙو ماڻهو |

انهن مثالن ڏيڻ کان پوءِ مرزا صاحب لکي ٿو تہ:

"اهي عدد جڏهن پاڻمرادو ڪم اچن، تڏهن اُهي اسم تي ڪم اچن ٿا (جيئن مثال 2 ۾ آهي)، پر جڏهن ڪنهن اسم سان لاڳو ٿي، اُن جو عدد يا انداز ڄاڻائين تڏهن اهي صفت آهن (جيئن مثال-1 ۾)."

(ت) سنڌي ٻوليءَ جا سڀيئي ماهر انهيءَ راءِ جا آهن تہ سنڌي ٻولي ڳالهائيندي، ٻوليءَ ۾ اهڙا لفظ بہ ڳالهائبا آهن جيڪي اسمن جا 'گڻ'، 'اوگڻ' يا 'عدد' ڏيکاريندا آهن. گڻ، اوگڻ يا عدد ڏيکاريندڙ لفظ، ڳالهائڻ وقت، فقرن يا جملن ۾ هميشہ اسمن جي اڳيان پنهنجي جاءِ وٺندا آهن، مثال طور:

(i) ننڍو ڇوڪر

(ii) ڪاري ٻڪري

(iii) پنج رڍون.

انهن يا اهڙن ٻين سڀني فقرن يا جملن ۾ 'ننڍو'، 'ڪاري' ۽ 'پنج' توڙي اهڙيون ٻيون سڀيئي صورتون جيڪي ڳالهائڻ ۾ 'ڇوڪر'، 'ٻڪري' ۽ 'رڍون' توڙي ٻين اسمن جي اڳيان پنهنجي جاءِ وٺن ٿيون، ۽ سندن پويان ايندڙ اسمن جو 'گڻ'، 'اوگڻ'، 'عدد' يا 'خاصيت' ڏيکارين ٿيون، اهڙين صورتن کي وياڪرڻ ۾ 'صفت' سڏيو ويو آهي.

صفت جي وصف بيان ڪرڻ لاءِ اهي مثال ڪافي آهن، پر مٿي ڏنل مثالن جي، هيٺ ڏنل فقرن سان ڀيٽ ڪرڻ سان ڪي وڌيڪ حقيقتون ظاهر ٿين ٿيون، جيئن:

| نوان مثال | مٿي ڏنل مثال |
|---|---|
| ڇوڪر ننڍو | ننڍو ڇوڪر |
| ٻڪري ڪاري | ڪاري ٻڪري |
| رڍون پنج | پنج رڍون |

مٿي ڪابي طرف ڏنل فقرن ۾ 'ننڍو'، 'ڪاري' ۽ 'پنج' صورتون 'ڇوڪر'، 'ٻڪري' ۽

’ڙڊون‘ اسمن جي پويان آيون آهن.

ٻنهي طرفن يعني ساڄي ۽ کاٻي طرف ڏنل مثالن جي پيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته ’ننڊو ڇوڪر‘، ’ڪاري ٻڪري‘ ۽ ’پنج ڙڊون‘ فقرن ۾، ’ننڊو‘، ’ڪاري‘ ۽ ’پنج‘ صورتون ’ڇوڪر‘، ’ٻڪري‘ ۽ ’ڙڊون‘ اسمن جا گڻ، خاصيتون ۽ عدد ڏيکارين ٿيون، پر ’ڇوڪر ننڊو‘، ’ٻڪري ڪاري‘ ۽ ’ڙڊون پنج‘ فقرن ۾ ’ننڊو‘، ’ڪاري‘ ۽ ’پنج‘ صورتون، اسمن جي گڻن يا خاصيتن طرف ڪوبه اشارو نٿيون ڪن. تنهنڪري انهيءَ حالت ۾ اهي صورتون، صفت وارو مفهوم ادا نٿيون ڪن.

اهڙيءَ طرح:

- چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.
- گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

انهن جملن ۾ ’چڱو‘ اهڙين ٻين صورتن جي ترڪيب ڪندي هروڀرو اها دعوا ڪرڻ نه کپي ته اهڙين سڀني صورتن، جهڙوڪ چڱو، سٺو، اڇو ۽ ڪارو وغيره، کي وياڪرڻ جي اصولن موجب صفت ڪوٺي سگهبو، پر انهن صورتن جي ’وياڪرڻي نالي‘ ڏيڻ کان اڳ، اهو ڏسڻو پوندو ته ’چڱو‘ توڙي ان جهڙيون ٻيون صورتون، ڌار ڌار جملن يا فقرن ۾ ڪهڙو ڪارج ادا ڪن ٿيون. ڌار ڌار فقرن ۽ جملن ۾، اهڙين صورتن جي بيهڪ، وياڪرڻ جي لحاظ کان، تمام اهم آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته ڏسڻ گهرجي ته بحث هيٺ آيل صورتون، ’چڱو‘ ۽ ’سٺو‘ وغيره، ڳالهائڻ مهل، جملي يا فقري ۾، اسمن کان اڳ آيون آهن يا اسمن کان پوءِ.

مثي جيڪي ٻه جملا ڏنا ويا آهن، اُهي آهن:

- چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.
- گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

انهن ٻنهي جملن مان، پهرئين جملي ۾، ’چڱو‘ صورت جي ترڪيب ڪندي، اُن کي صفت ڪوٺبو ڇاڪاڻ ته اُن جملي جي سٽاءَ ۾، ’چڱو‘ صورت، ’گهوڙو‘ اسم جي بلڪل اڳيان، اُن جي پر ۾ جاءِ وٺي بيٺو آهي ۽ اُن اسم يعني ’گهوڙو‘ جي خاصيت بيان ڪري ٿو. پر ٻئي جملي ۾ ڪم آيل ’چڱو‘ صورت جي ترڪيب ڪندي، اُن کي صفت ڪونه چئبو. ڇاڪاڻ ته اُن (ٻئي) جملي ۾ ’چڱو‘ صورتَ، اسم جي باري ۾ ڪابه وضاحت نٿي ڪري. هن جملي ۾ ’چڱو‘ صورتَ، فعل جي اڳيان پنهنجي بيهڪ (جاءِ) وٺي بيٺي آهي، ۽ فعل جي باري ۾ ٻڌائي ٿي. ’چڱو‘ صورت جي انهيءَ بيهڪ واريءَ حالت مان، ’ڊوڙي ٿو‘ فعل بابت سوال اُٿي ٿو، يعني:

’گهوڙو ڪيئن ٿو ڊوڙي‘؟ پهرئين مثال ۾، ’چڱو‘ صورت جڏهن ’گهوڙو‘ اسم جي اڳيان آئي، تڏهن ’گهوڙي‘ جي باري ۾ سوال پڇيا ويا؛ مثلاً: ’ڪهڙو گهوڙو‘؟

انهيءَ وضاحت کان پوءِ اهو ظاهر ٿو ٿئي ته پوئين جملي ۾ ’چڱو‘ صورت جو وياڪرڻي ڪارج صفت وارو نه آهي، هن حالت ۾، اُن جي ڪارج مان ’گڻ‘ يا ’خاصيت‘ جي باري ۾ ڪوبه جواب نٿو ملي، پر فعل جي ’ريت‘ جي باري ۾ خبر پوي ٿي. تنهنڪري ياد رکڻ گهرجي ته جيڪا

صورت فعل جي 'ريت' متعلق ڄاڻ ڏئي، تنهن صورت کي 'صفت' نہ پر 'ظرف' چئبو آهي.

هن وضاحت کي وڌيڪ آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ 'چڱو' يا اهڙين ٻين صورتن جا جملن ۾ سندن ٻيهڪ مطابق ڌار ڌار مثال ڏجن ٿا:

| 'گڻ'/ 'خاصيت' ڏيکاريندڙ ٻيهڪ | 'ريت' ڏيکاريندڙ ٻيهڪ |
|---|---|
| (i) احمد چڱو ماڻهو آهي. | احمد ماڻهو چڱو آهي. |
| (ii) سنو ٻار روزانہ پڙهندو آهي. | ٻار روزانہ سنو پڙهندو آهي. |
| (iii) هيءَ ڪاري ٻڪري آهي. | هيءَ ٻڪري ڪاري آهي. |
| (iv) هي مانيٽو ٻار آهي. | هي ٻار مانيٽو آهي. |

(3) (الف) مٿي ڏنل وضاحت جي مطالعي لاءِ 'تشريحي لسانيات' (Descriptive linguistics) جي اصولن کيقبول ڪرڻ ضروري آهي. 'تشريحي لسانيات' جي مطالعي جي مدد سان اهو ثابت ٿيو آهي تہ هر ٻوليءَ ۾ کي وياڪرڻي صورتون، انفرادي استعمال واريءَ حالت ۾، وياڪرڻ ۾ هڪڙو ڪارج ادا ڪن ٿيون، پر اُهي ئي صورتون جڏهن فقرن يا جملن ۾ ڳالهائيون وينديون آهن، تڏهن اُنهن فقرن يا جملن ۾ اُنهن جو ڪارج، سندن ٻيهڪ مطابق بدليل هوندو آهي. مثال طور 'هي' لفظ جي، سنڌي وياڪرڻ موجب، وياڪرڻي صورت، 'ضمير' آهي، پر ڪنهن فقري يا جملي اندر، اِهائي صورت 'هي' جڏهن ڪنهن اسم جي اڳيان ايندي آهي، تڏهن اُن حالت ۾ اُها صورت ضمير نہ پر صفت جو مفهوم ادا ڪندي آهي، جيئن:

| ضميري ڪارج | صفتي ڪارج |
|---|---|
| هي هوشيار ڇوڪرو آهي. | هي ڇوڪرو هوشيار آهي. |
| هوُ ماني کائي ٿو. | هوُ ماڻهو ماني کائي ٿو. |

(ب) سنڌي ٻوليءَ جي 'روايتي' (Traditional) وياڪرڻ موجب، 'منهنجو' ۽ 'پنهنجو' صورتون، انفرادي صورت ۾، ضمير جو مفهوم ادا ڪن ٿيون، پر ڪن فقرن يا جملن ۾، انهن صورتن جي ٻيهڪ پٽاندر، انهن صورتن جي ڪارج ۽ مفهوم جو جڏهن اڀياس ڪجي ٿو تڏهن روايتي وياڪرڻ واريءَ وصف کي قبول نہ ڪرڻ لاءِ ڪافي سبب ۽ دليل ملن ٿا. مثال طور هيٺ ڏنل جملن ۾ انهن صورتن جو جائزو وٺو:

| ضميري ڪارج | صفتي ڪارج |
|---|---|
| (i) هي ڪتاب منهنجو آهي. | هي منهنجو ڪتاب آهي. |
| (ii) گهوڙو منهنجو ڊوڙي ٿو. | منهنجو گهوڙو ڊوڙي ٿو. |
| (iii) پئسو پنهنجو ڪم ايندءِ. | پنهنجو پئسو ڪم ايندءِ. |

مٿين مثالن ۾، ساڄي ۽ کاٻي طرف ڏنل مثالن جي ڀيٽ ڪرڻ سان 'منهنجو' ۽ 'پنهنجو' صورتن جي وياڪرڻي ڪارج جي خبر پوي ٿي. روايتي وياڪرڻ موجب اهي ضمير آهن. اهڙن ضميرن لاءِ، مرزا قليچ بيگ لکي ٿو:

"جيڪي ضمير صفت ٿي ڪم اچن، تن کي 'ضميري صفت' چئبو آهي."

مرزا صاحب جي ڏنل انهيءَ وصف مان ظاهر آهي ته مٿي ساڄي طرف ڏنل جملن ۾، 'منهنجو' ۽ 'پنهنجو' صورتون، صفت جو ڪارج ادا ڪن ٿيون ۽ نه ڪ ضميرن جو.

(ت) ساڳيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جي 'روايتي وياڪرڻ' موجب 'لکيل'، 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' وغيره صورتن کي ماهرن 'اسم مفعول' سڏيو آهي. حقيقت ۾، جيئن اڳ ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ته سنڌي وياڪرڻ ۾ ڪي صورتون، انفرادي استعمال موجب، وياڪرڻي ڪارج هڪڙو ڏيکارين ٿيون، پر فقرن ۽ جملن ۾، اهڙين صورتن جي نحوي بيهڪ موجب، انهن جي وياڪرڻي ڪارج ۾ وڏو فرق اچيو وڃي. هيٺ ڏنل مثالن جي مطالعي مان ظاهر ٿو ٿئي ته فقرن ۽ جملن ۾ 'لکيل'، 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' وغيره صورتون، اسم مفعول جي صورت ۾ بلڪل ڪم نٿيون اچن، پر اُهي صفت جو مفهوم ادا ڪن ٿيون، مثال طور:

| اسم مفعول وارو ڪارج | صفت وارو ڪارج |
|---|---|
| (i) هي خط لکيل آهي. | هي لکيل خط آهي. |
| (ii) هي ڇوڪر پڙهيل آهي. | هي پڙهيل ڇوڪر آهي. |
| (iii) هي انب پڪل آهي. | هي پڪل انب آهي. |

مٿي ساڄي طرف وارن مثالن ۾ 'لکيل'، 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' صورتن جو واسطو فعل سان آهي ۽ وقت ٻڌائين ٿيون، جڏهن ته کاٻي طرف وارن مثالن ۾ 'لکيل'، 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' صورتون، 'خط'، 'ڇوڪر' ۽ 'انب' اسمن جي خاصيتن جي اُپٽار ڪن ٿيون ۽ اُنهن اڳيان پنهنجي جاءِ وٺيو بيٺيون آهن. اهڙين صورتن کي صفت چئبو آهي. انهيءَ ڪري کاٻي هٿ طرف وارن جملن ۾ 'لکيل'، 'پڙهيل' ۽ 'پڪل' صورتون اسم مفعول نه پر صفت جو ڪارج ادا ڪن ٿيون.

(ث) (i) اهڙيءَ طرح، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جو اڀياس ڪندي، زمان ماضيءَ جا ڪيترائي فعل ڪن جملن ۾ اهڙي بيهڪ وٺن ٿا جو اُهي اُنهن جملن ۾ فعل نه پر صفت جو ڪارج ادا ڪن ٿا، مثال طور:

| فعل | فعل جو ڪارج | صفتي ڪارج |
|---|---|---|
| ڪٽيو | مون داڻ ڪٽيو. | ڪٽيو تنهنجو رائگان ويو. |
| ڏُڏو | مون کير ڏڏو. | ڏڏو کير ٽٽين نه پوي. |
| ڇُٽو | تير ڇُٽو. | ڇُٽو تير واپس ڪين موٽي. |

مٿي کاٻي طرف ڏنل مثالن ۾ 'ڪٽيو'، 'ڏڏو' ۽ 'ڇُٽو' صورتن جو ڪارج 'صفت' وارو آهي.

(ج) (i) سنڌي ٻوليءَ جي روايتي وياڪرڻ موجب ’لڳٽي‘، ’مارٽو‘، ’ويڙهو‘ ۽ ’ڳالهائيندڙ‘ صورتون، ’اسم فاعل‘ طور ڪم اينديون آهن. سنڌي وياڪرڻ جا بزرگ وياڪرڻي. ديوان ڪشنچند گلابسنگ گدواڻي ۽ ديوان ڏيارام وسڻ مل ميرچندائي، پنهنجن ڪتاب ۾ ’لکندڙ‘ صورت کي، اسم فاعل ليکيندي لکن ٿا:

هن ڪتاب جو لکندڙ ڪاليداس آهي.

پر انهن ٻنهي بزرگ وياڪرڻين، ڪجهه سوچ کان پوءِ، انهيءَ ساڳيءَ صورت (لکندڙ) کي، ٻئي جملي ۾، ٻيءَ جاءِ تي ڏسي، اُن جي ٻي معنيٰ ۽ ٻيو ڪارج محسوس ڪري، پنهنجن ڪتابن ۾، سندن طرفان مٿي ڏنل وصف کي ڦيرايو آهي؛ مثال طور لکن ٿا:

ڳائيندڙ ڇوڪريءَ کي انعام مليو.

هن جملي ۾ ’ڳائيندڙ‘ لفظ جي معنيٰ، مٿي ڏنل جملي ۾ ڪم آيل لفظ ’لکندڙ‘ جي معنيٰ ۽ ڪارج ۾ فرق آهي. هيٺ ڏنل مثالن ۾، ’لکندڙ‘ لفظ جو ڪارج ساڳيو نہ آهي، جيئن:

| مثال-2 | مثال-1 |
|---|---|
| ڪتاب لکندڙ ڇوڪريءَ کي انعام مليو. | هن ڪتاب جو لکندڙ، ڪاليداس هو. |

انهن ٻنهي جملن جي ڀيٽ ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ مثال نمبر پهرئين ۽ مثال نمبر ٻئي ۾ ’لکندڙ‘ لفظ جي ڪارج ۾ فرق آهي. مثال نمبر پهرئين ۾ ’لکندڙ‘ لفظ اسم فاعل طور ڪم آيو آهي، جڏهن تہ مثال نمبر ٻئي ۾ انهيءَ ساڳئي لفظ يعني ’لکندڙ‘ جو ڪارج صفت وارو آهي. اهوئي سبب آهي جو ٻئي بزرگ وياڪرڻي، يعني ديوان ڪشنچند گلابسنگ گدواڻي ۽ ديوان ڏيارام وسڻمل ميرچندائي لکن ٿا تہ: -

”’ڳائيندڙ ڇوڪريءَ کي انعام مليو‘ جملي ۾ ’ڳائيندڙ‘ لفظ ڳائڻ مان نڪتو آهي ۽ ڏيکاري ٿو تہ ڳائڻ جو ڪم ڪير ٿو ڪري، تنهنڪري اُن لفظ کي اسم فاعل چئبو، پر هتي ڳائيندڙ لفظ ڇوڪريءَ سان لڳي ٿو ۽ صفت جو ڪم ڪري ٿو.“

(ii) اهڙيءَ طرح ’مارٽو‘، ’ويڙهوُ‘ ۽ ’لڏندڙ‘ اسم فاعل بہ، ڪن جملن ۾ صفت جو ڪارج ادا ڪن ٿا، مثال طور:

| مثال-2 | مثال-1 |
|---|---|
| هي مارٽو ڏڳو آهي. | (i) هي ڏڳو، مارٽو آهي. |
| هي ويڙهو ماڻهو آهي. | (ii) هي ماڻهو، ويڙهو آهي. |
| لڏندڙ پينگهو پڇي پيو. | (iii) پينگهو لڏندڙ آهي. |
| هيءَ لڳٽي ٻيڙي آهي. | (iv) هيءَ ٻيڙي، لڳٽي آهي. |

انهن مثالن ۾، نمبر ٻئي ۾ ’مارٽو‘، ’ويڙهو‘، ’لڏندڙ‘ ۽ ’لڳٽي‘ لفظن جو وياڪرڻي ڪارج صفت وارو آهي. سنڌي لوڪ گيتن ۾ اهڙا ڪيترائي مثالن ملن ٿا، جيئن:

ستڙي ڪتڙي ڇيڙ نہ ڪجي.

هن مصرع ۾، 'سٺڙي' لفظ صفت جو ڪارج ادا ڪري ٿو ۽ ڪتي جي باري ۾ ٻڌائي ٿو.

(ح) (i) سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن، روايتي وياڪرڻ موجب، 'اسم استقبال' جي سري هيٺ جن صورتن جو ذڪر ڪيو آهي، اُنهن ۾ 'وڃڻو' ۽ 'ڪرڻو' وغيره صورتون اچي وڃن ٿيون، مثال طور:

(i) چوڪر ٻاهر وڃڻو آهي.

(ii) منهنجو دوست اَچڻو آهي.

(iii) مون کي توسان حساب ڪرڻو آهي.

(iv) اسان کي اوهان سان ملڻو آهي.

روايتي وياڪرڻ موجب، 'وڃڻو'، 'اَچڻو'، 'ڪرڻو' ۽ 'ملڻو' صورتن کي، 'اسم استقبال' چئبو آهي، پر انهن ساڳين صورتن يعني 'وَڃڻو'، 'اچڻو'، 'ڪرڻو' ۽ 'ملڻو' جي ڪن ٻين جملن ۾ بيهڪ جو اڀياس ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي ته اهي صورتون صفت طور به ڪم اينديون آهن. ديوان ڪشچند گلابسنگ گدواڻي ۽ ديوان ڏيارام وسٹمل ميرچنداڻي لکن ٿا ته:

"هائي 'وڃڻو'، 'ڪرڻو' ۽ اهڙي قسم جون ٻيون صورتون ڏيکارين ٿيون ته ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي. اهڙا لفظ بعضي صفت ۽ بعضي اسم جو ڪم ڪن ٿا."

ٻئي ماهر اڳتي هلي صفحي 98 تي، اسم استقبال جي وصف بيان ڪندي لکن ٿا ته:

"اهڙا لفظ جي فعل مان نڪتل هجن ۽ صفت يا اسم جو ڪم ڏين، ۽ ڏيکارين ته ڪم ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي تن کي اسم استقبال چئجي ٿو".

(ii) هيٺ ڏنل مثالن مان ثابت ٿو ٿئي ته 'اَچڻو'، 'وڃڻو' ۽ 'ڪرڻو' وغيره صورتون، اهو بلڪل نٿيون ڏيکارين ته ڪو ڪم، ايندڙ وقت ۾ ٿيڻو آهي، پر اُن جي برعڪس اهي صورتون جملن ۾ پنهنجي بيهڪ موجب پنهنجي موصوف (اسم) جي باري ۾ ڪجهه ٻڌائين ٿيون ۽ اُن جي وضاحت ڪن ٿيون، مثال طور:

(i) وڃڻي شيءِ نيٺ وَئي.

(ii) اَچڻو اَجل ڪير روڪي نٿو سگهي.

اهڙيءَ طرح ٻين جملن ۾ به انهن لفظن جي بيهڪ ۾ فيرقار ڪرڻ سان اهي لفظ يعني 'وَڃڻو' ۽ 'اَچڻو' وغيره صفتي ڪارج ڏيکارين ٿا: جيئن:

| اسم استقبال وارو ڪارج | صفت وارو ڪارج |
|---|---|
| (i) چوڪري ڪراچيءَ وڃڻي آهي. | وڃڻي وَٽ نيٺ وَئي. |
| (ii) چوڪر اڄ اَچڻو آهي. | اَچڻو اجل ڪير به روڪي نٿو سگهي. |

(خ) اهڙيءَ طرح 'ٽڪائيندڙ'، 'ويڙهائيندڙ' ۽ 'ڊوڙائيندڙ' ۽ اهڙيون ٻيون صورتون، 'اسم فاعل' (Noun of Agency) جو ڪارج ادا ڪن ٿيون، جيئن:

(i) هيءَ موسم ٽڪائيندڙ آهي.
(ii) هي ماڻهو ويڙهائيندڙ آهي.
(iii) هي ڪتو مون کي ڊوڙائيندڙ آهي.

انهن جملن ۾ 'ٽڪائيندڙ'، 'ويڙهائيندڙ' ۽ 'ڊوڙائيندڙ' صورتن جو وياڪرڻي ڪارج اسم فائل وارو آهي، پر ڪن ٻين جملن ۾، انهن صورتن جي بيهڪ بدلائڻ سان اهي صورتون صفت جو وياڪرڻي ڪارج ادا ڪن ٿيون، جيئن:

| صفت وارو ڪارج | اسم فاعل وارو ڪارج |
|---|---|
| هيءَ ٽڪائيندڙ موسم آهي. | (i) هيءَ موسم ٽڪائيندڙ آهي. |
| هي ويڙهائيندڙ ماڻهو آهي. | (ii) هي ماڻهو ويڙهائيندڙ آهي. |

(د) سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاء ۾، فاعل- فعل واريءَ تنظيم جي ٽين مکيہ خصوصيت 'سنڌيءَ' (assimilation) جو استعمال آهي. جيئن علم صرف جي بيان ۾ اِهو ٻڌايو ويو آهي تہ 'سَنڌيءَ' جي قانونن موجب، لفظن ۾ صوتي تبديليون اينديون آهن. ساڳيءَ طرح سنڌيءَ جو اهو قانون، علم نحو تي بہ اثرانداز ٿيندو آهي ۽ ڪنهن بہ گفتار ۾، جملن اندر فاعل ۽ فعل جي ميلاپ وقت، لفظن اندر صوتي تبديليون اينديون آهن، پر جيڪڏهن فاعل ۽ فعل، الڳ الڳ ڳالهائبا تہ پوءِ انهن ۾ ڪنهن بہ صوتي تبديليءَ جو امڪان ڪونہ هوندو آهي، پر ڪنهن بہ گفتار ۾ اهو امڪان ممڪن ئي نہ آهي تہ لفظ الڳ الڳ ڳالهائجن، مثال طور:

| گفتار ۾ عام گفتگوءَ سان | الڳ الڳ ڳالهائڻ سان |
|---|---|
| مون وٽ پينَ ڪانهي. | (i) مون وٽ پين ڪانہ آهي. |
| مون وٽ پَيسو ڪونهي. | (ii) مون وٽ پَيسو ڪونہ آهي. |
| اهو ڇاهي؟ | (iii) اهو ڇا آهي؟ |
| اُهي ڪراچيءَ وياهِن. | (iv) اُهي ڪراچيءَ ويا آهن. |
| هو مدد ڪندِن. | (v) هوُ مدد ڪندو اٿن. |
| هو ڪتاب ڏيندُن. | (vi) هوُ ڪتاب ڏيندو اٿن. |

# باب ٻيو:

## جملي يا فقري جا مکيہ ڀاڱا (Immediate Constituents)

1- (الف) هاڻي ڏسڻو آهي تہ ڪنهن بہ جملي يا فقري جا اهم جزا ڪهڙا آهن ۽ اُنهن اهم جزن/ ڀاڱن (Immediate Constituents) جي ڇيد يا ترڪيب ڪرڻ لاءِ ڪهڙا ڪهڙا اصول اختيار ڪبا آهن. اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ جملي يا فقري جي ڇيد ڪرڻ سان، ٻوليءَ جي نحوي بناوتن ۽ نحوي صورتن جي وياڪرڻي ڪارج جي خبر پوي ٿي. مثال طور جيڪڏهن ڪو ماڻهو چاهي تہ هيٺ ڏنل جملي جو ڇيد ڪري تہ ڪيس اهو يعني ڇيد، هيٺ ڏنل اصولن موجب ڪرڻو پوندو:

اسان جا گهوڙا اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا.

هن جملي ۾ ست لفظ ڪم آندا ويا آهن: جيئن:

اسان
جا
گهوڙا
اڄ ميدان
تي
ڊوڙن ٿا.

(ب) انهن مان هرهڪ لفظ جو، ٻئي لفظ سان ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان لاڳاپو آهي. انهن لفظن جي پاڻ ۾ اندروني لاڳاپي ۽ نسبت ڏيکارڻ لاءِ، مٿي ڏنل جملي جي نحوي سٽاءَ تي، روشني وجهي سگهجي ٿي. انهيءَ جملي جوا پيپاس ڪرڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ اُن ۾ 'اسان جا' ۽ 'گهوڙا' لفظن جي وچ ۾، سڌوسنئون لاڳاپو آهي. اسان جا ۽ 'اڄ' لفظن جي وچ ۾ اهڙو ڪوبہ سڌوسنئون لاڳاپو ڪونهي، پڙهندڙ شايد ائين سمجهن تہ اسان جا ۽ گهوڙا صورتون، هڪ ٻئي جي پر ۾ بيٺل/ آيل آهن، ۽ اهي ٻئي صورتون هڪ ٻئي سان لاڳاپو رکن ٿيون.

هن جملي ۾ 'گهوڙا' ۽ 'اڄ' لفظ هڪ ٻئي جي پر ۾ بيٺل ضرور آهن پر انهن ٻنهي لفظن جي وچ ۾ بہ اهڙو ڪو لاڳاپو ثابت نٿو ٿئي. مٿي ڏنل جملي ۾، جيڪي لفظ هڪٻئي سان تمام گهڻو ۽ گهاٽو لاڳاپو رکن ٿا، اُهي آهن:

اسان جا گهوڙا
ميدان تي
اڄ ڊوڙن ٿا.

(ت) انهن لفظن ۾ هرهڪ لفظ، پاڻ سان لاڳاپيل لفظ يا ڀاڱي جو هڪ ڀاتي يعني (member) آهي. اهڙيءَ طرح هر گفتار يا هر جملو يا فقرو، ڪن اهم ڀاڱن يا حصن (Constituent parts) ۾ ورهائي سگهجي ٿو. انهن مان هڪ 'اهم ڀاڱو' (Immediate Constituent) هوندو آهي، جنهن تي ٻيو ڀاڱو 'آڌاريل' هوندو آهي. انهيءَ آڌاريل ڀاڱي کي (Subordinate part) يعني 'ماتحت ڀاڱو' چئبو آهي. اهو ياد رکڻ گهرجي ته اهم ڀاڱي سان، ڪنهن به جملي ۾، گفتار يا فقري جا ٻيا حصا جُڙيل هوندا آهن. مثلاً ڏنل جملي،

'اسان جا گهوڙا اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا'.

جا ٻه ڀاڱا آهن؛ پهريون ڀاڱو آهي:

اسان جا گهوڙا

۽ ٻيو ڀاڱو آهي:

اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا.

پر جيڪڏهن ڪو صاحب، جملي کي (اسان جا) ۽ (گهوڙا اڄ) (ميدان تي ڊوڙن ٿا)، ڀاڱن/ جزن ۾ ورهائيندو، ته سندس اهو ڇيد درست نه سمجهبو، ڇاڪاڻ ته سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاء موجب، انهيءَ جملي جو ڇيد ٿيندو آهي:

اسان جا گهوڙا/ اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا.

وري اڳتي جڏهن (اسان جا گهوڙا) جُزي/ ڀاڱي جو ڇيد ڪبو، ته انهيءَ حصي جا اهم جزا ٿيندا: (اسان جا) ۽ (گهوڙا)

اهڙيءَ طرح:

'اڄ ميدان تي ڊوڙن ٿا'.

حصي کي جڏهن اڳتي مکيه ڀاڱن ۾ ڀڃبو ته ان حصي جا هي ڀاڱا ٿيندا: (اڄ ميدان تي) ۽ (ڊوڙن ٿا)

اهڙيءَ طرح وري جڏهن (اڄ ميدان تي) حصي جا ڀاڱا ڪبا ته اُن جا اڳتي جزا ٿيندا (اڄ) ۽ (ميدان تي)

2- اهڙيءَ طرح اڳتي جڏهن مرتب ۽ مرڪب جملن جو ڇيد ڪبو ته انهن جا به اهم ڀاڱا ڄاڻائي سگهبا، مثال طور، هن جملي جو ملاحظو ڪريو:

'سهڻيءَ سنڌ جي هڪ سخي حاڪم، مياں غلام شاهه ڪلهوڙي، 1768ع ۾، حيدرآباد ۾، هڪ مضبوط وڏو قلعو اڏايو'.

هن جملي جي ڇيد ڪرڻ سان جيڪي اهم جزا/ ڀاڱا ٿين ٿا، سي هي آهن:

| | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سهڻيءَ سنڌ جي هڪ سخي حاڪم ميان غلام شاھ ڪلهوڙي | 1768ع ۾ حيدرآباد ۾ هڪ مضبوط قلعو اڏايو | | | | | | | | | | |
| سهڻيءَ سنڌ جي | هڪ سخي حاڪم ميان غلام شاھ ڪلهوڙي | 1768ع ۾ حيدرآباد ۾ | هڪ مضبوط وڏو قلعو | اڏايو | | | | | | | |
| سهڻيءَ | سنڌ جي | هڪ سخي حاڪم | ميان غلام شاھ ڪلهوڙي | 1768ع ۾ حيدرآباد ۾ | هڪ مضبوط وڏو قلعو | اڏايو | | | | | |
| سهڻيءَ سنڌ جي | هڪ سخي | حاڪم | ميان | غلام شاھ ڪلهوڙي | 1768ع ۾ | حيدرآباد ۾ | هڪ | مضبوط وڏو قلعو | اڏايو | | |
| | هڪ | سخي | غلام شاھ | ڪلهوڙي | 1768ع | ۾ | حيدرآباد | ۾ | مضبوط | وڏو | |

هن جملي جي ڇيد ڪرڻ سان خبر پوي ٿي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾، هر لفظ جي وياڪرڻي صورت ڪهڙي ٿي سگهي ٿي؟ هن قسم جي ڇيد ڪرڻ جي مدد سان، جملي ۾ ڪم آندل لفظ، اسم، فعل، ضمير، صفتون ۽ ظرف وغيره جي وصف مقرر ڪري سگهجي ٿي. اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي مثال ڏيئي سگهجن ٿا.

# باب ٽيون: جملن جا قسم

1- هن موضوع تي، وضاحت سان روشني وجهڻ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملا غور سان پڙهو:

(i) ڇوڪر انب کائي ٿو.

(ii) ڇوڪري انب کائي ٿي.

(iii) اڪبرَ پاڻي پيتو ۽ امينَ چانهه پيتي.

(iv) جيڪڏهن اهو ڪم ڪندين ته نقصان پائيندين.

(v) مان ڪونه آيس ڇاڪاڻ ته مون کي وقت ملي نه سگهيو.

(vi) جو ڪتاب تنهنجي هٿ ۾ آهي، سو منهنجي دوست جو آهي.

(vii) هن ٻين کي نصيحت ڪئي، پر پاڻ اُن تي عمل نه ڪيائين.

اِنهن جملن جي اڀياس مان اهو واضح ٿئي ٿو ته لفظن وانگر، سنڌي ٻوليءَ جا جملا به، ڌار ڌار قسمن ۾ ورهايل هوندا آهن. عام طور سنڌي ٻوليءَ جا اهي جملا ٽن قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا، جيئن:

مفرد جملا (Simple Sentences)

مرتب جملا (Complex Sentences)

مرڪب جملا (Compound Sentences)

انهن مان هرهڪ قسم جي جملي جي گهاڙيٽي جي سمجهاڻي مثالن سان، هيٺ ڏجي ٿي:

**(1) مفرد جملا (Simple Sentences):**

اُهي جملا جن ۾ صرف هڪ فعل ڪم آندو ويو هجي، ته اهڙن جملن کي 'مفرد جملا' (Simple Sentences) چئبو آهي؛ جيئن:

(i) ڇوڪر خط لکي ٿو.

(ii) ڇوڪر خط لکي ٿي.

(iii) گهوڙو ڊوڙي ٿو.

(iv) گهوڙا ڊوڙن ٿا.

(v) مان ماني کان ٿو.

انهن پنجن ئي جملن ۾ هڪ هڪ فعل ڪم آيو آهي، انهيءَ ڪري انهيءَ جملي کي 'مفرد جملو' چئبو. اهڙن 'مفرد' جملن جا ڪجهه ٻيا مثال به هيٺ ڏجن ٿا:

(i) ڇوڪر ڊوڙندو گهر ويو.

(ii) ڇوڪرِي ماني کائي، اسڪول وَئي.

انهن جملن ۾ بنيادي فعل رڳو هڪ آهي: 'ڊوڙندو' ۽ 'ڪاٺي' وغيره جهڙيون صورتون فعل نہ آهن، جيئن اڳ ۾ ڪردنتن جي مثالن ۾ سمجهايو ويو آهي. 'ڊوڙندو' اسم حاليہ جي صورت آهي ۽ 'ڪاٺي' اسم عطفيہ يعني ماضي معطوفيءَ جي صورت آهي.

انهيءَ ڪري اهو ياد رکڻ گهرجي تہ اُهي جملا جن ۾ فقط هڪ بنيادي فعل ڪم آندو ويو هجي، چاهي انهن جملن اندر اسم حاليہ، اسم عطفيہ، يا ٻيا بہ ڪردنت ڪم آندا ويا هجن، پر اهڙن جملن کي 'مفرد جملا' چئبو.

واحد بخش شيخ پنهنجي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو، ڀاڱو ٻيو' ۾ صفحي 140 تي مفرد جملي جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"مفرد جملو انهيءَ جملي کي چئبو آهي، جنهن ۾ فقط هڪڙو فعل ٿوندو آهي ۽ معنيٰ جي لحاظ کان مڪمل هوندو آهي. هن کي 'سادو جملو' بہ چئبو آهي، مثلاً:

(i) علم انسان جو زيور آهي.

(ii) اڄ ڪلهہ هوائي جهاز جو سفر عام ٿي پيو آهي.

(iii) مينهن وسڻ سان هوا ۾ گهم پيدا ٿيندي آهي.

**(2) مرتب جملا (Complex Sentences):**

(الف) اُهي جملا جن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل ڪم آندا ويا هجن ۽ اُن جملي جا بہ حصا يعني 'بنيادي حصو' (Principle clause) ۽ 'ماتحت حصو' يعني (Subordinate clause) هجن، تہ اهڙن جملن کي 'مرتب جملا' چئبو آهي، مثال طور:

(i) احمد چوڪرو آهي، جنهن کي تون سڃاڻندو آهين.

(ii) منهنجو پاءُ، جنهن کي تو ڪتاب ڏنو هو، سو مون کان نديو آهي.

(iii) جيڪڏهن اهو ڪم ڪندين، تہ تون نقصان پائيندين.

(iv) ڌرتي، جنهن تي اسين رهون ٿا، سا گول آهي.

انهن جملن ۾، جن جملن جي هيٺان ليڪ ڏني وَئي آهي، اُهي 'ماتحت جملا' (Subordinate clauses) آهن، ۽ جن جملن هيٺان ليڪ ڏنل نہ آهي، اُهي 'بنيادي جملا' (Principle clauses) آهن. اهڙن سڀني جملنکي مرتب جملا چيو ويندو آهي.

(ب) اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ ڪن مفرد جملن ۾، ماتحت جملا، بنيادي جملن کان اڳ ۾ بہ ڪم آڻي سگهجن ٿا، پر اهو تڏهن ٿي سگهي ٿو جڏهن ماتحت جملن تي زور ڏنو ويندو آهي، مثال طور:

(i) جيڪڏهن اهو ڪم ڪندين تہ نقصان پائيندين.

(ii) جيڪو ڪتاب تنهنجي هٿ ۾ آهي، سو مون کي ڏيکار.

(iii) جيڪي ڳالهايون هن ٻڌايون، سي مون ڪونہ سمجهيون.

(iv) اهو ماڻهو جيڪو ڪالهه آيو هو، سو منهنجو اُستاد هو.

(v) جن شاگردن کي مون ڏنو هو، سي سڀ هاڻ وڏا ٿي ويا آهن.

انهن جملن ۾ 'جيڪڏهن'، 'جيڪو'، 'جيڪي'، ۽ 'جن' صورتون ڪم آنديون ويون آهن، اهي سڀ اسم سان لڳن ٿيون.

واحد بخش شيخ صاحب 'مرتب جملي' کي، 'مخلوط جملو' سڏيو آهي. 'مخلوط جملي' جي وصف بيان ڪندي، شيخ صاحب صفحي 144 تي لکي ٿو:

> "مخلوط جملو اهو آهي، جنهن ۾ مطلق يا مکيه جملي سان گڏ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ تابع يا ذيلي جملا هجن. 'مخلوط' جي معنيٰ آهي گڏيل."

شيخ صاحب اڳتي لکي ٿو:

> "مخلوط جملي ۾ مطلق جملو فقط هڪڙو هوندو آهي ۽ باقي ٻيا ذيلي جملا هوندا آهن، جن جو انحصار، مطلق جملي تي هوندو آهي. ڪوبه تابع يا ذيلي جملو پنهنجي سِر بيهي نه سگهندو آهي. هڪ ذيلي جملو، ٻئي ذيلي جملي سان، حرف عطف جي ذريعي ڳنڍيل هوندو آهي يا وري هڪ ذيلي جملو ٻئي ذيلي جملي جي ماتحت هوندو آهي. ذيلي جملو مطلق جملي سان، ضمير موصول، ضمير استفهام، ظرف يا فعل جو پورائو ٿي ڪم ايندو آهي. مخلوط جملي جا ڪُجھ مثال هيٺ ڏجن ٿا:
>
> (i) اهو سون ئي گهوريو، جو ڪن چني.
>
> (ii) اها حقيقت آهي ته هر جاندار شيء پاڻيء مان پيدا ٿي آهي.
>
> (iii) انسان کي معلوم ناهي ته سندس مقدر ۾ ڇا لکيل آهي، ۽ سندس حياتي ڪيتري آهي".

(3) مرڪب جملا (Compound sentences):

(الف) اهي جملا جيڪي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ مفرد جملن مان، حرف جملن جي مدد سان ٺهيل هجن، اهڙن جملن کي 'مرڪب جملا' چيو ويندو آهي.

اهو نوٽ ڪرڻ گهرجي ته مرڪب جملن اندر شامل مفرد جملا، هڪٻئي جي ماتحت نه هوندا آهن، مثال طور:

(i) مان پروفيسر آهيان ۽ هوُ ڊاڪٽر آهي.

(ii) تون مون وٽ اچ يا تنهنجو ڀاءُ اچي.

(iii) هن وٽ گهڻي دولت آهي ته به مسڪينن وانگر رهندو آهي.

(iv) هوُ وڃي يا تون وڃ، پر اوهان مان هڪڙو ماڻهو ضرور وڃي.

(v) اوهين ڪامياب ٿيا، پر هوُ ڪامياب ٿي نه سگهيو.

اِنهن جملن ۾ 'ءِ'، 'يا'، 'تہ بہ' ۽ 'پر' لفظ 'حرف جملا' (conjunctions) آهن. انهن 'حرف جملن' جي مدد سان، هر 'مرڪب جملي' ۾، مفرد جملن کي ملايو ويو آهي، پر ڪوبہ مفرد جملو، ٻئي مفرد جملي جي ماتحت نہ آهي، ۽ هر مفرد جملو 'بنيادي جملو' آهي.

(ب) واحد بخش شيخ صاحب پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو' (پاڱو پهريون)، صفحي 142 تي، مرڪب جملي جي وصف بيان ڪندي هيئن لکيو آهي:

"مرڪب جملو، اُهو آهي جنهن ۾ هڪ کان وڌيڪ فعل يا جملا ڪم آندل هجن، جي پاڻ ۾ 'حرف عطف' سان ڳنڍيل هجن، جن کي جيڪڏهن هڪٻئي کان جدا ڪجي تہ پنهنجي سر ڌار ڌار پورا جملا جڙي پون. 'مرڪب' لفظ جي معنيٰ آهي ڳنڍيل'."

شيخ صاحب مرڪب جملن جا جيڪي مثال ڏنا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن.

(i) ڪوڙو ماڻهو قسم کڻندو، تہ بہ ڪوئي مٿس ويساهہ نہ ڪندو.

(ii) انسان جي حياتي پوري ٿي ويندي، مگر سندس خواهشون پوريون ٿي نہ سگهنديون.

# باب چوٿون:

## عبارت/ اُسلوب (Style) جي لحاظ کان جملن جا قسم

1- اُسلوب بيان يعني عبارت جي لحاظ کان، جملن کي هيٺين قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

(الف) بياني جملا (Affirmative sentences/ statements)

(ب) سواليہ جملا (Interrogative sentences)

(ت) اِنڪاري جملا (Negative sentences)

(ث) سوالي، انڪاري جملا (Interrogative/ Negative sentences)

(ج) تعجب وارا جملا (Exclamatory Sentences)

هيٺ هرهڪ جملي جي سمجهاڻي ۽ مثال ڏجن ٿا، پر پهرين هي جملا ڏسو:

1. اڪبر انب کائي ٿو.
2. ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اچن ٿيون.
3. ڇوڪريون ۽ ڇوڪرا اچن ٿا.
4. توهين سياڻي ايندا ڇا؟
5. ڇا، توهين سياڻي ايندا؟
6. توکي پگهار مليو؟
7. مون خط ڪونہ لکيو.
8. هُت ڪوبہ ڪونهي.
9. هيءُ ڇوڪر منهنجو ڀاءُ نہ آهي.
10. هي ڪهڙو ڪتاب آهي؟
11. هي ڀڪي ڪهڙو نہ سهڻو آهي!
12. واهہ! واهہ! آءٌ پاس ٿيس!

انهن مثالن ۾، جملن جا ڌار ڌار سڀ قسم ڏنا ويا آهن. هاڻي انهن جملن جي ڌار ڌار قسمن کي، مثالن جي مدد سان سمجهايو ويندو.

(الف) بياني جملا: اهي جملا جن ۾ ڳالهائيندڙ عام انداز ۾ ڳالهہ ڪندو آهي، جيئن:

(i) اڪبر انب کائي ٿو.

(ii) اسان جو ڪم نوين بجي کان شروع ٿيندو آهي.

(iii) مون کي هن ڏانهن خط لکڻ وسري ويو.

(iv) موٽرڪار جو هارن وڄڻ لڳو.

(v) هن چيو تہ "آءٌ ٿڪجي پيو آهيان".

انهن سڀني جملن ۾ ڳالهائڻ جو انداز، عام بياني انداز وارو آهي، تنهنڪري انهن ۽ اهڙن بين سڀني جملن کي 'بياني جملا' چئبو آهي.

**(ب) سواليہ جملا:** (a) اهي جملا جن جي مدد سان ڪي سوال پڇيا وڃن يا ڪنهن ماڻهوءَ جي ڳالهائڻ جو انداز سواليہ هجي تہ اهڙن جملن کي 'سواليہ جملا' چئبو آهي.

(b) اهو ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ سواليہ جملن کي ٽن قسمن/ طريقن ۾ ورهائي سگهجي ٿو، يعني:

(1) ضمير استفهام 'ڇو' يا 'ڇا' کي ڪم آڻي، سوال پڇيا وڃن.

(2) جملي جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ کي، جهيلار/ ڏار جي چڙهاءَ واري طريقي (rising pitch) سان سوال پڇيا وڃن.

(3) جملي ۾ 'ڪهڙو'، 'ڪڏهن' يا 'ڪيئن' ظرف، يا 'ڪير' ۽ 'ڪنهن' ضمير مبهم کي جملي جي مُنڍ، وچ يا آخر ۾ ڪم آڻي، سوال پڇڻ سان.

هيٺ انهن ٽنهي قسمن جي مثالن جي مدد سان سواليہ جملن جي سمجهاڻي ڏني وئي آهي، جيئن:

**(1) 'ڇا' ضمير استفهام جي ڪم آڻڻ سان:**

(i) ڇا، توهين ڪراچيءَ وڃو ٿا؟
(ii) ڇا، اوهين اسان سان گڏ هلندا؟
(iii) ڇا، هوءَ هميشہ اوهان جي مدد ڪندي؟

(i) هن لفظ جي معنيٰ ڇا آهي؟
(ii) اوهان کي ڇا کپي/ گهرجي؟
(iii) هيءَ ڇا آهي؟
(iv) هن ڪمري ۾ ڇا آهي؟
(v) هِت ڇاجو گوڙ لڳايو اٿو؟

(i) اوهين ڪراچيءَ هلندا ڇا؟
(ii) هو هُتي آهي ڇا؟
(iii) هوُ هُتي هو ڇا؟
(iv) اوهين هنن سان مليا هئا ڇا؟
(v) هوُ سڀاڻي اسان وٽ ايندو ڇا؟

**(2) 'ڇو' ضمير استفهام جي ڪم آڻڻ سان:**

(i) اوهين هن سان ڇو ملندا؟

(ii) ڇو، اوهين هن سان ملندا؟

(iii) تون بي صبر ڇو ٿيو آهين؟

(iv) اوهين لاهور ڇو ويا؟

(v) اوهين ڇو آيا آهيو؟

(vi) ڇو اوهين آيا آهيو؟

(vii) هن خط ڇو لکيو؟

(viii) ڇو هن خط لکيو؟

**(2) جملي جي آخر ۾ ڪم ايندڙ لفظ کي جهيلار/ ڍار جي چڙهاءِ واري طريقي (rising pitch) جي ڪم آڻڻ سان:**

(i) اوهان ماني کاڌي؟

(ii) اوهان کي پگهار مليو؟

(iii) هن توکي ڏنو؟

(iv) تنهنجي پاءِ تقرير ڪئي؟

(v) مان اندر اچان؟

**(3) (الف) ڪهڙو، ڪهڙي، ڪيترا، ڪيتريون، گهڻو، گهڻا، ڪٿي ۽ ڪيئن ظرف ڪم آڻڻ سان، سواليہ جملا ٺاهڻ:**

(i) هي ڪهڙو شخص آهي؟

(ii) سنڌ مان ڪهڙي ندي وهندي آهي؟

(iii) ڪهڙو ماڻهو اوهان وٽ اچڻو آهي؟

(iv) هوُ ڪٿي رهندو آهي؟

(v) هُتي ڪيترا ٻار هئا؟

(vi) تنهنجي هٽ ۾ ڪيتريون شيون آهن؟

(vii) ڪيترا ماڻهو سڏايا اٿو سڀاڻي؟

(viii) سڀاڻي ڪيترا ماڻهو سڏيا اٿو؟

(ix) اوهين ڪيئن آيا آهيو؟

(x) ڪيئن آيا آهيو، اوهين؟

(xi) بالٽيءَ ۾ گهڻو پاڻي آهي؟

(xii) هن گهر ۾ گهڻا ماڻهو رهن ٿا؟

(xiii) اوهان جو گهر ڪٿي آهي؟

**(ب) ڪنهن، ڪيرُ، ڪيرِ، ڪيرَ ۽ ڪنهن ضمير مبهم ڪم آڻڻ سان سواليہ جملا ٺاهڻ:**

(i) هن ڪي ڪنهن هٽ اچڻ کان روڪيو هو؟

(ii) هن ڪي هٽ اچڻ کان ڪنهن روڪيو هو؟

(iii) ڪنهن هن ڪي روڪيو هو، هٽ اچڻ کان؟

(iv) توکي ڪنهن سڏ ڪيو هو؟

(v) هوُ ڪيرُ آهي؟

(vi) هيءَ ڪيرِ آهي؟

(vii) هيءَ آهي ڪيرَ؟

(viii) ڪيرَ بيمار آهن؟

(ix) آهن ڪير بيمار؟

**(ت) انڪاري جملا:** اهي جملا جن جي ڳالهائڻ مهل انڪار يا نفيءَ جو مفهوم نڪري، انهن کي 'انڪاري جملا' چئبو آهي. انڪاري جملا بہ ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجن ٿا، جيئن:

(1) اُهي جملا جن جي ڳالهائڻ وقت 'انڪار' ظرف 'نفيءَ' تي زور ڏنو ويو هوندو آهي.

(2) مطلق يا صاف (definite) انڪار جي اظهار ڪرڻ لاءِ، مذڪر جي حالت ۾ 'ڪونہ' ۽ مؤنث جي حالت ۾ 'ڪانہ' لفظ استعمال ڪيا وڃن. انهن ٻنهي قسمن جي سمجهاڻيءَ لاءِ هيٺ مثال ڏنا وڃن ٿا:

**(1) اُهي انڪاري جملا جن جي ڳالهائڻ مهل، ظرف نفيءَ تي زور ڏنو ويندو آهي:**

| بياني/ اقراري جملا | بياني انڪاري جملا |
|---|---|
| (i) هيءَ ڇوڪر آهي. | هي ڇوڪر نہ آهي. |
| (ii) تون ماني کاءُ. | تون ماني نہ کاءُ. |
| (iii) تون اچ. | تون نہ اچ. |
| (iv) هي ڪم ڪر. | هي ڪم نہ ڪر. |
| (v) گهر وڃ. | گهر نہ وڃ. |
| (vi) مون خط لکيو. | مون خط نہ لکيو. |

**(2) مطلق (definite) انڪار جي اظهار ڪرڻ لاءِ:**

(الف) مٿي چيو ويو آهي تہ مذڪر جي حالت ۾ 'ڪونہ' ۽ مؤنث جي حالت ۾ 'ڪانہ' ظرف استعمال ڪيا ويندا آهن. اهو بہ ڌيان ۾ رکڻ کپي تہ 'ڪونہ' ۽ 'ڪانہ' ظرفن جي ڪم آڻڻ ۾ بہ هڪ خاص فرق آهي. اهو فرق هي آهي تہ 'ڪونہ' يا 'ڪانہ' ظرف جي استعمال ۾ 'نہ' تي زور ڏنو ويندو آهي ۽ جملي جي معنيٰ ۾ فرق ظاهر محسوس ڪبو آهي، جيئن:

| 'ڪونہ' يا 'ڪانہ' جو استعمال | 'نہ' جو استعمال |
|---|---|
| مون خط ڪونہ لکيو (يعني مون خط هرگز ڪونہ لکيو) | (i) مون خط نہ لکيو. |
| مان اُتي ڪونہ هوس | (ii) مان اُتي نہ هوس. |
| مان اُتي ڪانہ هُيَس. | (iii) مان اُتي نہ هُيَس. |
| مان ڪونہ آهيان/ مان ڪانہَ آهيان. | (iv) مان نہ آهيان. |

انهن جملن جي اِيپاس/ ڳالهائڻ مان ائين ٿو ظاهر ٿئي تہ اهڙن جملن ۾ 'ڪونہ' يا 'ڪانہ' جي استعمال ۾، 'هرگز'، 'قطعاً'، 'اصل'، 'بلڪل'، 'بِنهِہ' لفظن جو استعمال ڳجهو هوندو آهي.

(ب) سنڌي ٻوليءَ جي انڪاري جملن جي مطالعي سان معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي انڪاري جملن ۾، 'ظرف نفي'، فعلن کان پهرين ڪم آڻبو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ اُهي انڪاري جملا، انڪاري جملا نہ، پر تعجب وارن جملن جي صورت ۾ ڪم ايندا آهن. اهڙن جملن ۾ فاعل تي زور ڏنو ويندو آهي تہ اهو ڪم ضرور ڪر/ ڪج، مثال طور:

| ظرف نفيءَ جي جڳهہ ۾ تبديلي ڪرڻ کان پوءِ تعجب وارا جملا ٿيڻ | عام انڪاري جملا |
|---|---|
| هي ڇوڪر آهي نہ! | (i) هي ڇوڪر نہ آهي. |
| اچ نہ! | (ii) نہ اچ. |
| گهر وڃ نہ! | (iii) گهر نہ وڃ. |

**(ت) تعجب وارا جملا:**

هن قسم وارن جملن ٺاهڻ لاءِ ہہ طريقا اختيار ڪيا ويندا آهن، جيئن:

(I) پهرئين طريقي موجب 'ظرف نفي' (انڪاري) پنهنجي جاءِ بدلائي، جملي ۾ فعل کان پوءِ جاءِ وٺندا آهن، مثال طور:

| تعجب وارا جملا | انڪاري جملا |
|---|---|
| هيءُ اهو ڇوڪرو آهي نہ! | (i) هيءُ اهو ڇوڪر نہ آهي. |
| اچ نہ! | (ii) نہ اچُ. |
| گهر وڃ نہ! | (iii) گهر نہ وڃ. |
| (iv) هيءُ گهر ڪيڏو نہ وڏو آهي! | |
| (v) هن اسڪول ۾ ڪيترا نہ ٻار آهن! | |
| (vi) اچ ڪهڙي نہ سٺي خبر ٻڌائي اٿئي؟ | |

(2) ٻئي طريقي موجب، ڪنهن بہ جملي ۾، جهيلار جي چڙهاءُ واري طريقي، يعني جملي جي آخري لفظ کي، چڙهاءُ واري انداز (rising pitch) موجب اُچاريو ويندو آهي. اهڙن جملن ۾ 'تہ' 'حرف جملي' کي، فعل جي اڳيان ڪم آڻبو آهي. اهڙيءَ حالت ۾، فعل تي زور ڏبو آهي، جيئن:

| تعجب وارا جملا | بياني جملا |
|---|---|
| هيءَ بلا تہ ڏسو! | (i) هيءَ بلا ڏسو. |
| ماٺ تہ ڪر! | (ii) ماٺ ڪر. |

### (ج) سوالي- انڪاري جملا:

(1) هن قسم وارن جملن جي ٺاهڻ لاءِ ضمير استفهام 'چو' ۽ 'چا' جملن ۾، ڪڏهن جملن جي شروعات/ مُنڍ ۾ تہ ڪڏهن وري جملن جي وچ ۾ ڪم آڻبا آهن. اهڙن جملن جي ڳالهائڻ مهل، جهيلار کي چڙهاءُ واري انداز ۾ استعمال ڪبو آهي، ۽ فعلُ، جملي جي آخر ۾ ايندو آهي، مثال طور:

| سوالي- انڪاري جملا | انڪاري جملا |
|---|---|
| چا هيءُ اهو چوڪر نہ آهي؟ | (i) هي اهو چوڪر نہ آهي |
| هيءُ اهو چوڪر نہ آهي چا؟ | |
| چا، هوُ گهر ۾ نہ آهي؟ | (ii) هوُ گهر ۾ نہ آهي. |
| هو گهر ۾ نہ آهي چا؟ | |
| چو، هو گهر ۾ نہ آهي؟ | |
| هوُ گهر ۾ چو نہ آهي؟ | |
| هوُ گهر ۾ نہ آهي، چو؟ | |
| هوُ ڪو نہ آيو؟ | (iii) هوُ ڪو نہ آيو. |
| هوُ آيو ڪو نہ؟ | |
| هوُ چو ڪو نہ آيو؟ | |
| چا، هوُ ڪو نہ آيو؟ | |
| هوُ ڪو نہ آيو چا؟ | |

(2) جملي اندر فعل تي زور ڏيڻ ۽ جهيلار کي سَنوت واري طريقي (level pitch) ۾ استعمال ڪرڻ سان:

(i) مان نہ اچان؟

(3) جملي اندر ضمير کي آخر ۾ استعمال ڪرڻ سان، ۽ اُن (ضمير) تي زور ڏيڻ ۽ جهيلار کي لهنڊڙ / اُتار واري انداز/ طرز ۾ (falling pitch) استعمال ڪرڻ سان:

(i) مان نہ اچان.　　　　　اچان نہ، مان؟
تون نہ وڃ　　　　　وڃ نہ تون؟
اوهين نہ ڊوڙو.　　　　　ڊوڙو نہ اوهين؟

2- واحد بخش شيخ صاحب، پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو صرف ۽ نحو' جي ٻئي ڀاڱي ۾، مفرد يا مُجَرد يعني اڪيلو يا 'جدا'، مرڪب يعني ڳنڍيل ۽ 'مخلوط يا مُلتف' يعني 'گڏيل' جملن ڪان سواءِ (ص 140 ڪان 147) لکي ٿو تہ: "معنيٰ جي لحاظ ڪان جملي جا هيٺان قسم آهن (148):

(1) جملو بياني، (2) جملو سوالي، (3) جملو اقراري، (4) جملو انڪاري، (5) جملو معطوفي، (6) جملو شرطي، (7) جملو سببي، (8) جملو استدراڪي، (9) جملو تنبيهي، (10) جملو ندائي، (11) جملو قسمي، (12) جملو اظهاري، (13) جملو دعائي، (13) جملو تشبيهي، (14) جملو تمثيلي، (15) جملو اظهاري، (16) جملو تضميني، (17) جملو تلميحي، (18) جملو مدلل ۽ (19) جملو معترض".

محترم شيخ صاحب طرفان ڄاڻايل انهن قسمن مان 'جملو معطوفي' اهو جملو آهي جنهن کي مون 'مرتب جملن' ۾ آندو آهي؛ 'جملو شرطي' اهو جملو آهي جيڪو دراصل مرڪب جملي جو مثال آهي: 'جملو سببي' بہ مرڪب جملو آهي؛ 'جملو استدراڪي' دراصل مرڪب جملي وارو قسم آهي. شيخ صاحب، پنهنجي ڪتاب ۾ صفحي 142 تي، مرڪب جملي جي بيان ۾ اهڙن جملن کي مرڪب جملا سڏيو آهي، جيئن:

"انسان جي حياتي پوري ٿي ويندي مگر سندس خواهشون پوريون ٿي نہ سگهنديون."

شيخ صاحب، ساڳيءَ طرح پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي صفحي 160 تي 'استدراڪي جملي' جي سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو:

"هيٺيان لفظ جملي کي استدراڪي بڻائيندا آهن:
بلڪ، پر، رڳو، سواءِ، فقط، ليڪن ۽ مگر وغيره."

اڳتي صفحي 161 تي لکي ٿو:

"جملي استدراڪيءَ جا مثال:
هرڪو انسان گنهگار آهي، مگر پيغمبر معصوم آهن.

مني آواز تي نہ فقط ماڻهو، پر مرون بہ مست ٿيو پون."

اهڙيءَ طرح شيخ صاحب طرفان ڄاڻايل جملا جهڙوڪ:

(1) جملو تنبيهي، (2) جملو ندائي، (3) جملو قسمي، (4) جملو اظهاري، (5) جملو دعائي، (6) جملو تشبيهي، (7) جملو تمثيلي، (8) جملو تضميني، (9) جملو تلميحي، (10) جملو مدلّل ۽ (11) جملو معترض- اهڙي قسم جا جملا آهن جن کي علم نحو واري باب ۾ رکڻ جي بدران يا انهن جي سمجهاڻيءَ لاءِ، انهن ۽ اهڙن ٻين جملن کي علم بديع ۽ علم معنويءَ واري باب ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. اِن علم يعني علم معنويءَ جو اڀياس، 'صنايع ۽ بدايع' واري حصي ۾ اچي ٿو ۽ نہ ڪ علم نحو واري حصي ۾.

# باب پنجون: ضمير متصل جو استعمال

1- سنڌي ٻوليءَ جي هر وياڪرڻيءَ اهو قبول ڪيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ ضمير متصل جو استعمال، سنڌي ٻوليءَ جي اهم خصوصيتن منجهان هڪ خصوصيت آهي. متصل ضميرن کي ضميري پڇاڙيون چئبو آهي.

پروفيسر ڀيرومل پنهنجي مشهور ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' (ٻهريون ڇاپو) ۾ صفحي 88 تي لکي ٿو:

> "ضميري پڇاڙيون رڳو ڪشميريءَ، لهندا، سرائڪيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ آهن: مثلاً ڪشميري 'مورم'، سرائڪي 'ماريم' (ماري-م) ۽ سنڌيءَ ۾ 'ماريم' معنيٰ مون ماريو. اهي پڇاڙيون انهن ٻولين کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ (هندي وغيره) ۾ ڪينهن، پر ايراني ٻولين ۾ آهن. انهيءَ سبب چئبو ته سڄي هندستان ۾ رڳو اسان جي سنڌي ٻولي هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙو يا وچ وارو ڏاڪو آهي، جا هندستان جي ٻولين کي ايراني ٻولين سان ڳنڍي بيٺي آهي" (ڀيرومل: 1956ع، ص 88).

پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ اهو ڄاڻائڻ مناسب ٿيندو ته ننڍي کنڊ جي ٻولين ۾، سنڌي ٻوليءَ کان سواءِ، دراوڙي ٻولين، گجراتي، راجستاني ٻوليءَ جي سڀني لهجن (مارواڙي، ميواڙي، جيسلميري، پوربي وغيره)، پاڪستان ۾ پنجابي، هندڪو، ڪودان، داردي، شينا وغيره ٻولين ۾ متصل ضميرن يعني ضميري پڇاڙين جو استعمال عام آهي.

پروفيسر ڀيرومل جي مٿي ڏنل اها راءِ اهو ثابت نٿي ڪري ته "انهيءَ سبب چئبو ته سڄي هندستان ۾ رڳو اسان جي سنڌي ٻولي هڪ ڳنڍيندڙ ڪڙو يا وچ وارو ڏاڪو آهي، جا هندستان جي ٻولين کي ايراني ٻولين سان ڳنڍي بيٺي آهي". پر مون پنهنجي هڪ ٻئي مقالي ۾، روس جي ماهر پروفيسر ڊاڪٽر گئنڪومسڪيءَ جي حوالي سان اهو ثابت ڪيو آهي ته جيئن ته قديم ايران جو مشرقي حصو خوزستان (هاڻي نورستان)، ڪرمان ۽ سيستان وارا علائقا، واديءِ سنڌ جي، قديم دور ۾، واديءِ سنڌ جو حصو هئا، انهيءَ ڪري قديم 'سِنڌي ٻوليءَ' جون خصوصيتون، جهڙوڪ متصل ضمير، فعل متعدي بالواسطه ۽ فعل ٻنو ۽ ڏهرو بالواسطه، قديم ايراني ٻولين ۾ شامل ٿي وَيون هيون. اهوئي سبب آهي، جو قديم واديءِ سنڌ جي، قديم سِنڌيءَ ٻوليءَ جي شاخن، جهڙوڪ سنڌي، داردي، ڪشميري، پنجابي، هندڪو، سرائڪي، گجراتي ۽ راجستاني ٻولين ۾، 'سِنڌي ٻوليءَ' جي اهم خصوصيت، يعني متصل ضمير يا ضميري پڇاڙيون، انهن ٻولين اڄ به پاڻ وٽ، پنهنجي روزمره جي استعمال ۾ قائم رکيون آهن. اهي خصوصيتون انهن ٻولين جون پنهنجون خصوصيتون آهن ۽ نه ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ کان اُڌاريون ورتل آهن.

2- متصل ضمير يا ضميري پڇاڙيون ڇا آهن ۽ انهن جو استعمال ڪيئن ۽ ڪهڙو آهي، انهن

سيني ڳالهين جي سمجهڻ لاءِ، پهرين هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

(i) هَٿَ ۾ ڪتاب اٿم.

(ii) پُٽم ڪالهه آيو آهي.

(iii) پُٽس ڪراچيءَ ويو آهي.

(iv) ڌيئس ڊاڪٽرياڻي آهي.

(v) ڪيس هڪ ڳالهه ٻڌايمِ.

(vi) ڇا ڪپيئي؟

(vii) ڇيومانس تہ هليو وڃي.

(viii) چوانس ٿو تہ سياڻي اچي.

(ix) سياڻي ڪينِ خط لکندس.

(x) ڇا آندو اٿوَ.

(xi) ڇا خريد ڪيو اٿنِ.

(xii) چاچُم ڪالهه آيو هو.

(xiii) هڪ ڳالهه ٻڌايانوَ ٿو.

(xiv) چؤ تہ ڇا ڏيانءِ.

(xv) ٻاهر ڪو سڏيوَ ٿو.

مٿي ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل لفظ، توجهہ لطب آهن. اهي لفظ هي آهن: 'اٿم'، 'پُٽم'، 'پُٽس'، 'ڌيئس'، 'ڪيس'، 'ٻڌايمِ'، 'ڪپيئي'، 'ڇيومانس'، 'ڪينِ'، 'اٿوَ'، 'اٿنِ'، 'چاچُم'، 'ٻڌايانوَ'، 'ڏيانءِ'، ۽ 'سڏيوَ'. انهن لفظن سان 'م'، 'س'، 'ئي'، 'نِ'، 'و' ۽ 'ءِ' وغيره ضميري پڇاڙيون ملايون وَيون آهن، جيڪي اسمن، ضميرن، فعلن ۽ حرف جرن سان ملايون وَئيون آهن. اهڙين ضميري پڇاڙين يا ضميري نشانين کي 'ضمير متصل' چئبو آهي. انهيءَ قسم جو مطالعو، سنڌي ٻوليءَ ۽ ڪن ٻين ٻولين جي مطالعي جي خاص خصوصيتن ۾ شامل ڪيو ويندو آهي. اهڙو مطالعو ٻوليءَ جي علم نحو سان واسطو ٿو رکي.

3- مٿي ڏنل جملن ۾ ڪم آيل متصل ضميرن جي مطالعي مان خبر پوي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ضمير متصلُ، ٽن طريقن سان استعمال ٿيندو آهي، جيئن:

(الف) اسمن سان گڏجي/ شامل ٿي، ملڪيت جو مقصد يا مفهوم ظاهر ڪرڻ.

(ب) جملن ۾، فعلن سان گڏجي، ضمير خالص جي بدران ڪم اچڻ.

(ت) حرف جر سان شامل ٿي ڪم اچڻ.

هاڻ هيٺ ضمير متصل جي استعمال جي انهن طريقن جو مثالن ذريعي تفصيلي اڀياس پيش ڪجي ٿو.

| | |
|---|---|
| (ii) هُن کي خط لکندس/ هن کي خط لکندُم | آءٌ هن کي خط لکندس. |
| (iii) ڇا خريد ڪيو اٿيئي | |
| (iv) ڇا خريد ڪيو اَٿوَ. | تو ڇا خريد ڪيو آهي؟ |
| (v) ماني کاڌي اَٿس. | اوهان ڇا خريد ڪيو آهي. |
| (vi) ماني کاڌي اَٿن. | هن ماني کاڌي آهي. |
| | هنن ماني کاڌي آهي. |

اهڙيءَ طرح ٻيا جملا به ڏسو:

| ضمير متصل جو استعمال | ضمير خالص جو عام استعمال |
|---|---|
| (i) هَٽَ ۾ ٻه ڪتاب اٿم. | منهنجي هٽ ۾ ٻه ڪتاب آهن. |
| (ii) هٽن ۾ ڪتابَ اَٿئون. | اسان جي هٽن ۾ ڪتاب آهن. |
| (iii) ڪيسي ۾ ڪهڙي شيءِ اٿيئي؟ | تنهنجي ڪيسي ۾ ڪهڙي شيءِ آهي؟ |
| (iv) ڪيسي ۾ ڇا اَٿوَ؟ | اوهان جي ڪيسي ۾ ڇا آهي؟ |
| (v) مٿي تي ٽوپي اٿس. | هن جي مٿي تي ٽوپي آهي. |
| (vi) ماني ڪانہ کاڌي اَٿئون. | اسان ماني ڪانہ کاڌي. |
| (vii) ٻاهران ڇا آندو اٿن؟ | هنن ٻاهران ڇا آندو آهي. |
| (viii) ڇاڇُن ڇا چيو اَٿن؟ | هنن جي ڇاڇي هنن کي ڇا چيو آهي؟ |
| (ix) پُٽنِ ڇا لکيو اَٿوَ؟ | اوهان جي پٽ اوهان کي ڇا لکيو آهي. |

(2) اهڙيءَ طرح 'اَچُ' فعل جو زمان مضارع ۾، ضمير متصل سان گردان ڏسو:

فعل 'اَچ'

| ضمير خالص | مذڪر: متصل واحد | مذڪر: متصل جمع | مؤنث: متصل واحد | مؤنث: متصل جمع |
|---|---|---|---|---|
| حاضر | اَچانءِ (تو وٽ اچان) | اَچانوَ (توهان وٽ اچان) | اچانءِ (تو وٽ اچان) | اَچانوَ (توهان وٽ اچان) |
| غائب | اَچانس (هُن وٽ اچان) | اَچانِن (هنن وٽ اچان) | اَچانس (هُن وٽ اچان) | اچانِ (هُنن وٽ اچان) |

(3) 'آهي' فعل جو، زمان ماضيءَ ۾، ضمير متصل سان گردان ڏسو: 'آهي' فعل جو ماضي ٿيندو 'هو'. هاڻي 'هو' فعل سان، ضمير متصل جو استعمال ڏسو:

(4) (الف) 'لک' فعل جو ضمير متصل سان، زمان ماضيءِ ۾ گردان:

**فعل لک (ماضي لکيو)**

| ضمير خالص | مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | لِکيُم<br>(مون لکيو) | لکيوسين<br>(اسان لکيو) | لِکيُم | لکيوسين |
| حاضر | لِکيُوَ لکيووَ<br>(تو لکيو) | لِکيُوَ/ لکيووَ<br>(توهان لکيو) | لکيُئِہ | لکيُوَ / لکيووَ |
| غائب | لکيائين<br>(هن لکيو) | لکيائون<br>(هنن لکيو) | لکيائين | لکيائون |

(ب) 'لکيو' ۽ ٻين فعلن جو ضمير متصل ۽ ضمير خالص جي صيغي ۾ گردان جو اڀياس:

| ضمير متصل سان گردان | ضمير خالص سان گردان |
|---|---|
| (i) ڪتاب کوليُم. | مون ڪتاب کوليو. |
| (ii) هڪ آکاڻي لکيمَ. | مون هڪ آکاڻي لکي. |
| (iii) ڪتاب جو صفحو لِکيُئِہ. | تو ڪتاب جو صفحو لکيو. |
| (iv) هُن ديوار تي ڇا لکيو اٿيئي؟ | تو هن ديوار تي ڇا لکيو آهي؟ |
| (v) وڏو خرچ ڪيُوَ. | اوهان وڏو خرچ ڪيو. |
| (vi) وڏو خرچ ڪيو اٿوَ. | اوهان وڏو خرچ ڪيو آهي. |
| (vii) ڪالهہ ٻہ ماڻهو پُڇَڻ آيانِ. | ڪالهہ ٻہ ماڻهو هنن کي پڇڻ آيا. |
| | ڪالهہ ٻہ ماڻهو هنن لاءِ پڇڻ آيا. |
| (viii) دڪان تان ڪي شيون ورتيونسين. | اسان دوڪان تان ڪي شيون ورتيون. |
| (ix) هاڻي وَٽِنِ ڪوبہ ڪونہ ويندو. | هاڻي هنن وٽ ڪوبہ ڪونہ ويندو. |
| | هاڻي ڪوبہ ڪونہ ايندونِ/ ايندُنِ. |
| (x) سڀاڻي وَٽِنِ مهمان اچڻا آهن. | سڀاڻي هنن وٽ مهمان اچڻا آهن. |
| (xi) سڀاڻي مهمان اِينداُنِ. | سڀاڻي هنن وٽ مهمان ايندا. |

(ت) اهڙيءَ طرح هيٺ ڏنل جملا پڙهو:

(i) ڪيڏيءَ مهل دروازو کوليُئہ.

(ii) ڪالهہ ڀاڻس کان ڇني آيس.

(iii) ڪونہ کو سڏڻ ايندُنِ.

(iv) هَتن ۾ ڪي ٻہ شيون ڪونہ هُيونِ.

(v) دوستن وٽان خط آيونِ.

(vi) امتحان جي خوب تياري ڪئي هوُنديوَ؟

(vii) ڏاڍي سڪ لڳي اٿنِ.

(viii) هت ايندي ڪيترا ڏينهن ٿيانِ؟

(ix) ريڊيو تي ڪهڙيون خبرون ٻڌيوُنوَ؟

(x) ايترا سارا پئسا ڇا تي خرچ ٿيوءِ؟

(ث) شاھ لطيف جو سڄو رسالو متصل ضميرن جي استعمال سان ڀريو پيو آهي. هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا:

(i) ڇُٽانِ تيئن ڇٽيج، تہ ڪنياتا! خوش هئين.

(ii) ٻانهن وجهي وات، ريهون ڪيانِ رُجن ۾.

(iii) ڪانگ نہ ڪُ وڙهوُنِ، پريان سندي پار جا.

(iv) سورَ سنديمر سيرين، ڪَيَس جن ڪباب.

(v) جي هوُ اَوَڳڻ ڪَنَئي اَسوُنهين، تون ڳُڻاني ڳن.

(vi) رَتيءَ جي ريهاڻ، جيءَ اَڙايُمر جت سين.

(vii) سندو سُورن خط، ڏنمر هوت هٿن سين.

(viii) ڏينڊءِ لک لطيف چيي، راڄَ راهُوءَ جي رس.

(ix) جَتن ڪر جتنَ جو، آيا ڪي ايندءِ.

(x) لڌيسون لطيف، چئي، ڪنا ڏاتر ڏات.

(xi) ڪيئن اَڙايُئَيِ پاند، پلؤ پرڏيهين سين؟
متيون موڙهئي سئي، ڪَيُئي ڪوهيارو ڪانڌ،
رُلي پانيُئي راند، پانڻ عشق ٻروچ جو.

(xii) اُمڙ ڪوءِ گهروءِ، مُونهان ساڙو وڃي نگيو.

(xiii) ڪلي جو ڪنيوءِ، سو مٽان ور وسارئين.

(xiv) ڏکي ڪنڌئي ڏار، ماڻڪ ڏيئي مُٺ ۾.

(xv) قادر شال ڪندوءِ، ميڙو هن مسڪين سين.

### (5) حرف جر سان شامل ٿي ڪم اچڻ:

ضمير متصل جا، حروف جر سان شامل ٿي استعمال ٿيڻ جا، ڪيترائي مثال ملن ٿا. اهڙن مثالن ۾ جنس جي استعمال ۾ ڪوبہ فرق نٿو ٿئي، جيئن:

## حرف جر 'کي' جو استعمال

| ضمير خالص | مذکر — واحد | مذکر — جمع | مؤنث — واحد | مؤنث — جمع |
|---|---|---|---|---|
| متکلم | - م = کيم (مون کي) | - | - م= کيم (مون کي) | - |
| حاضر | - | - | - | - |
| غائب | - س = کيس (هُن کي) | - نِ = کين (هُنن کي/ اُنهن کي هِنن کي/ اِنهن کي) | - س= کيس (هُن کي/ اُن کي) | - نِ = کين (هُنن کي/ انهن کي هِنن کي/ اِنهن کي) |

## حرف جر 'ساڻ' جو استعمال

| ضمير | مذکر — واحد | مذکر — جمع | مؤنث — واحد | مؤنث — جمع |
|---|---|---|---|---|
| متکلم | - م = ساڻم (مون سان) | - اُون = ساڻئون (اسان سان) | - م= ساڻم | - اُون= ساڻئون |
| حاضر | - ءِ = ساڻءِ (توسان/ ساڻ) | - وَ = ساڻوَ (توهان سان) | - ءِ= ساڻءِ | - وَ= ساڻوَ |
| غائب | - س = ساڻس (هُن سان/ اُن سان هِن سان/ اِن سان) | - نِ = ساڻن (هُنن سان/ اُنهن سان هِنن سان/ اِنهن سان) | - س= ساڻس | - نِ = ساڻن |

## حرف جر ’وَٽ‘ جو استعمال

| ضمير | مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | - م = وَٽُم<br>(مون وٽ) | - اون= وٽئون<br>(اسان وٽ) | - م= وٽم | - اُون = وٽئون |
| حاضر | - ءِ = وَٽ ءِ | | - ءِ = وٽَ ءِ | - |
| غائب | - س = وٽس<br>هُن وٽ/ اُن وٽ | - نِ = وٽن<br>(هُنن وٽ/ انهن وٽ<br>هِنن وٽ/ انهن وٽ | - س= وٽس | - نِ = وٽن |

## حرف جر ’جهڙو‘ ’جهڙي‘ جو استعمال

| ضمير | مذڪر: واحد | مذڪر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | - م = جَهڙُم/ جهڙوم<br>(مون جهڙو) | اُون= جهڙوئُون<br>(اسان جهڙو) | - م= جهڙيم | - اُون= جهڙيون ئون |
| حاضر | - ءِ = جَهڙُءِ<br>(تو جهڙو) | - و جَهڙُوَ/ جهڙووَ<br>(توهان جهڙو) | - ءِ = جهڙيَءِ | - وَ= جهڙوَ/ جهڙيون وَ |
| غائب | - س = جَهڙُس | - نِ = جَهڙونِ<br>(هُنن جهڙو/ اُنهن جهڙو<br>هِنن جهڙو/ اِنهن جهڙو) | - س= جَهڙيَس<br>(هُن جهڙي/ اُن جهڙي<br>هِن جهڙي/ اِن جهڙي) | - نَ = جَهڙيَن<br>(هُنن جهڙين/ اُن جهڙين<br>هِنن جهڙين/ اِن جهڙين) |

## ’سَندو‘ حرف جر جو استعمال

| ضمير | مذکر: واحد | مذکر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | - مُ = سندُمُ (منهنجو) | - اون= سندوئون (اسان جو) | - مُ= سندُمُ (منهنجو) | - اُون = سندوئون (اسان جو) |
| حاضر | - ءِ = سندءِ (تنهنجو) | - وَ = سندُوَ (توهان جو) | - ءِ = سندوءِ/ سندءِ | - وَ = سندُوَ |
| غائب | - س = سندس (هن جو/ ان جو) | - نِ = سندُن (هنن جو/ اُنهن جو) | - س= سندس | - نِ = سندن |

## ’ڪاڻ‘ حرف جر جو استعمال

| ضمير | مذکر: واحد | مذکر: جمع | مؤنث: واحد | مؤنث: جمع |
|---|---|---|---|---|
| متڪلم | - مُ = ڪاڻمُ | - ئون= ڪاڻئون | - مُ= ڪاڻمُ | - ئون = سندوئون |
| حاضر | - ءِ = ڪاڻءِ | - | - ءِ = ڪاڻءِ | - |
| غائب | - س = ڪاڻس | - نِ = ڪاڻِنِ | - س= ڪاڻس | - نِ = ڪاڻن |

(6) شاهه لطيف جي ڪلام ۾ متصل ضميرن جي حرف جر سان استعمال جا ڪيترائي مثال ملن ٿا؛ جيئن:

(i) مونهين لڱو ميهڻو، ڪِ مونهين ڪڙو ڪنڌ.

(ii) مون پانيو سيڻانِ، ڇِپَر ڪنديس پنڌڙا.

(iii) اڄ اڱڻ ڪيڻانِ، اَسَر لڳي سوريان.

(iv) سُڻي ٻول سَندانِ، جِمَ سُمهين سسئي.

# باب ڇهون: پڻا ضمير متصل

(الف) متصل ضميرن جي هن قسم جي سمجهاڻيءَ کان اڳ، هيٺ ڏنل جملن ۾ پڻن ضمير متصل جي مثالن کي غور سان پڙهو:

| | ضمير خالص جي استعمال وارا مثال | | پڻن متصل ضميرن جو استعمال |
|---|---|---|---|
| (i) | مون توکي ڪتاب ڏنو. | (i) | ڪتاب ڏنو مانءِ. |
| (ii) | مون توکي ڪالهه خط لکيو. | (ii) | ڪالهه خط لکيومانءِ. |
| (iii) | مون اوهان کي خط لکيو. | (iii) | خط لکيو مانوَ. |
| (iv) | مون هن کي خط لکيو. | (iv) | خط لکيومانس. |
| (v) | مون هنن کي خط لکيو. | (v) | خط ليکومانن. |
| (vi) | هن مون کي خط لکيو. | (vi) | خط لکيائينم. |
| (vii) | هِن، هُن کي خط لکيو. | (vii) | خط لکيائينس. |
| (viii) | هِن، هُنن کي خط لکيو. | (viii) | خط لکيائينن. |
| (ix) | مان هن کي خط لکندس. | (ix) | خط لکندومانس/ خط لکندوسانس. |
| (x) | اسان توکي خط لکيو. | (x) | خط لکيوسونءِ. |
| (xi) | اسان توهان کي خط لکيو. | (xi) | خط لکيوسوُنوَ. |
| (xii) | اسان هن کي خط لکيو | (xii) | خط لکيوسوُنس. |
| (xiii) | اسان هنن کي خط لکيو. | (xiii) | خط لکيوسونن. |
| (xiv) | مون توکي خط لکيو. | (xiv) | خط لکيومانءِ. |
| (xv) | مون توهان کي خط لکيو. | (xv) | خط لکيومانوَ. |
| (xvi) | مون هن کي خط لکيو. | (xvi) | خط لکيومانس. |
| (xvii) | مون هنن کي چيو. | (xvii) | چيومانن. |
| (xviii) | مون توکي ڪتابَ ڏيکاريا. | (xviii) | ڪتاب ڏيکاريا مانءِ. |
| (xix) | مون توهان کي ڪتاب ڏيکاريا. | (xix) | ڪتاب ڏيکاريا مانوَ. |
| (xx) | اسان توهان کي ڪتاب ڏيکاريا. | (xx) | ڪتاب ڏيکاريا سوُنوَ. |
| (xxi) | آءٌ سڀاڻي اوهان وٽ ايندس. | (xxi) | سڀاڻي ايندوسانوَ. |
| (xxii) | هن کي هڪڙي ڳالهه ٻڌائيندس. | (xxii) | هڪڙي ڳالهه ٻڌائيندوسانس. |

(ب) مٿي ڏنل مثالن ۾ ضمير متصلُ ٻه ٻه دفعا يعني ٻنيء صورت ۾ ڪم آيو آهي، اُهي فعل جن سان ضمير متصل ٻنيء صورت ۾ ڪم آيو آهي، اُنهن فعلن جو هيٺ چيد پيش ڪجي ٿو:

| ٻنهي متصل ضميرن جي استعمال سان فعلي صورت | فعل | ضمير متصل (1) | ضمير متصل (2) |
|---|---|---|---|
| (i) ڏنومانءِ = مون توکي ڏنو. | ڏنو | - م (مان) | - ءِ |
| (ii) لکيو مانءِ = مون توکي لکيو. | لکيو | - م (مان) | - ءِ |
| (iii) لکيومانوَ= مون اوهان کي لکيو. | لکيو | - م (مان) | - و |
| (iv) لکيو مانس = مون هن کي لکيو. | لکيو | - م (مان) | - س |
| (v) لکيومانِن = مون هنن کي لکيو. | لکيو | - م (مان) | - ن |
| (vi) لکيائينم = هُن مون کي لکيو. | لکيو | - اين | - م |
| (vii) لکيائينس = هُن هُن کي لکيو. | لکيو | - اِين | - س |
| (viii) لکيائينِن = هُن هنن کي لکيو | لکيو | - اِين | - ن |
| (ix) لکندومانس = مان لکندس. | لکندو | - م (مان) | - س |
| (x) لکندوسانس - مان هن کي لکندس. | لکندو | - آن | - س |
| (xi) لکيوسونءِ = اسان توکي لکيو. | لکيو | - سُون | - ءِ |
| (xii) لکيوسونوَ = اسان توهان کي لکيو. | لکيو | - سُون | - و |
| (xiii) لکيوسونس = اسان هن کي لکيو. | لکيو | - سُون | - س |
| (xiv) لکيو سُونِن = اسان هنن کي لکيو. | لکيو | - سُون | - ن |
| (xv) لکيومانءِ = اسان توکي لکيو. | لکيو | - م (مان) | - ءِ |
| (xvi) لکيو مانوَ - مون توهان کي لکيو. | لکيو | - م (مان) | - وَ |
| (xvii) لکيومانس = مون هن کي لکيو. | لکيو | - م (مان) | - س |
| (xviii) چيومانِن = مون هنن کي لکيو. | لکيو | - م (مان) | - ن |
| (xix) ڏيکاريامانءِ = مون توکي ڏيکاريا | ڏيکاريا | - م (مان) | - ءِ |
| (xx) ڏيکاريامانوَ - مون توهان کي ڏيکاريا. | ڏيکاريا | - م (مان) | - وَ |
| (xxi) ڏيکارياسونوَ- اسان توهان کي ڏيکاريا. | ڏيکاريا | - سُون | - وَ |
| (xxii) ايندو سانوَ = مان توهان وٽ ايندس | ايندس | - آن | - وَ |
| (xxiii) ٻڌائيندوسانس = مان هُن کي ٻڌائيندس. | ٻڌائيندس | - آن | - س |

(ت) هن سلسلي جا وڌيڪ مثال ڏسو:

(i) ڪاپي ڪالهه ڏنيمانس.

(ii) خط لکنديسانوَ.

(iii) شهر گهمائينداسونِ.

(iv) نياپو موڪليو هومائوَ.

(v) چيومانِ ته هليا وڃن.

(vi) چوندومانِ ته سڀاڻي ضرور اچن.

(vii) ماني کارائينديسانس.

(viii) خط لکنداسوُنوَ.

(ix) سڀاڻي ضرور اينداسوُنوَ.

(x) ايندا ته انعام ڏيندومانِ.

# ڀاڱو چوٿون

## باب ڀهريون: ترڪيب

1- (الف) ترڪيب جي وصف بيان ڪندي، پروفيسر پيرومل، 'وڏو سنڌي وياڪرڻ (ٻيو ڇاپو)' ۾ صفحي 179 تي لکي ٿو تہ:

"ڪنهن بہ جملي ۾، لفظن جي جدا جدا صورت ٻڌائڻ ۽ جملي جي ٻين لفظن سان اُن جو لاڳاپو ڏيکارڻ، تنهن کي چئبو آهي ترڪيب" (ص 179).

اڳتي لکي ٿو تہ:

"جيڪڏهن جملي جي سڀ ڪنهن لفظ بابت ڪو صرف نحو جي قاعدن پٽاندر پوريءَ طرح ترڪيب ڪري ويو تہ چئبو تہ هو جملي جي بناوت کي پوريءَ طرح سمجهي ٿو. اها آهي ترڪيب جي مراد."

اڃا بہ اڳتي لکي ٿو:

"ترڪيب ڪرڻ مهل، جملي جي هرهڪ ڀاڱي (لفظ) کي ملائڻو پوي ٿو، يعني هرهڪ لفظ جو، جيڪو هڪٻئي سان لاڳاپو آهي سو ڄاڻائي، سڄي ڳالھ ڳنڍي ڏيکارجي ٿي."

(ب) مرزا قليچ بيگ بہ ترڪيب جي وصف لاءِ اهي ئي لفظ ۽ جملا ڪم آندا آهن جيڪي پروفيسر پيرومل پنهنجي ڪتاب ۾ استعمال ڪيا آهن. ممڪن آهي تہ انهن مان جنهن بہ ماهر، پنهنجو ڪتاب پوءِ لکيو آهي، تنهن پهرينءَ وصف کي ئي استعمال ڪيو آهي. جَس آهي پروفيسر پيرومل آڏواڻي صاحب کي جنهن پنهنجي ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' جي مُنڍ ۾، پنهنجي سچائيءَ جو اظهار ڪندي لکيو آهي تہ:

"پڇاڙيءَ ۾ آءٌ، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ جي شڪرگذاري ڪرڻ فرض ٿو سمجهان جنهن صاحب پنهنجو دستخط سنڌي گرامر مون ڏي ڏياري موڪليو، جنهن مان، توڙي سندس ڪتاب 'علم نحو' مان بہ، ڪجھ مدد ورتي اٿم. وري جڏهن هي ڪتاب تيار ڪري رهيس تڏهن بہ هن صاحب تڪليف وٺي سڄو گرامر پنهنجي نظر مان ڪڍيو."

پروفيسر پيرومل جي هن وضاحتي نوٽ مان اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ هن صاحب، مرحوم مرزا قليچ بيگ جي ڏنل وصف کي، هوبهو پنهنجي ڪتاب لاءِ اُتاريو آهي، ۽ اُن جو اعتراف بہ ڪيو اٿس.

اها وڏي سچائي آهي.

(ت) پروفيسر پيرومل، ترڪيب ڪرڻ جي وات سمجهائي آهي جيڪا هت دُهرائجي ٿي، جيئن:

**(1) ڇڄ ۾ گهوٽَ پيءُ ڏنو هوم.**

ڇڄ- اسم عام (اسم جمع ڇوڻ جو رواج ڪونهي)، جنس مؤنث، عدد واحد، حالت جري سببان '۾' (حرف جر).

۾- حرف جر، لڳي ٿو 'ڇَڄَ' سان.

گهوٽَ پيءُ- اسم عام، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت مفعولي، مفعول فعل 'ڏنو هوم' جو.

پروفيسر صاحب پوءِ هيٺ اشارو عنوان ڏيئي لکي ٿو ته:

"گهوٽَ پيءُ' = گهوٽ جو پيءُ. اها معنيٰ وٺي، ان موجب ترڪيب ڪرڻ جو ضرور ڪونهي."

ڏنو هوم- فعل متعدي معروف (بي قاعدي) ڪرمڻي پريوگ، زمان ماضي بعيد، جنس مذڪر، عدد واحد، ضمير غائب، سندس فاعل 'مون'، جنهن جي نشاني 'م' فعل جي پڇاڙيءَ ۾ پيل آهي ۽ مفعول 'گهوٽ پيءُ'.

پروفيسر آڏواڻي، انهيءَ وضاحت کان پوءِ وري 'اشارو' عنوان هيٺ ڄاڻائي ٿو ته:

"جنهن فعل سان ضميري پڇاڙي گڏيل هوندي تنهن جي معنيٰ موجب ترڪيب ڪبي، مثلاً:

ڏنو هوءِ = تو ڏنو هو، هتي فاعل 'تو' چئبو.

ڏنو هئائين = هن ڏنو: هتي فاعل 'هن' چئبو.

**(2) هو ڏسي وائسي پڇي ويو.**

هوُ- ضمير غائب، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل 'پڇي ويو' جو.

ڏسي وائسي- ماضي معطوفي (فعل متعديءَ مان ٺهيل)، سندس مفعول 'حال' يا 'حادثو' يا ٻيو اهڙو لفظ جو ڳجهو رهيو آهي. جيڪڏهن 'ڏسي وائسي' کي ظرف ڪري ليکبو ته به ترڪيب، صحيح چئجي ۽ پوءِ چئبو ته 'ڏسي وائسي' ظرف آهي ۽ لڳي ٿو فعل 'پڇي ويو' سان.

پڇي ويو- فعل لازمي مرڪب (بيقاعدي) ڪرتري پريوگ، زمان ماضي مطلق، ضمير غائب، جنس مذڪر، عدد واحد، سندس فاعل آهي 'هوُ'.

**(3) تون اچين ها ته چڱو.**

تون- ضمير حاضر، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل 'اچين ها' جو.

اَچين ها- فعل لازمي، بيقاعدي، ڪرتري پريوگ، زمان ماضي شرطيه، ضمير غائب، جنس مذڪر، عدد واحد، سندس فاعل 'تون'، ته — حرف جملو

چڱو- (چڱو- چڱو ڪم ٿئي ها) صفت خالص، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، صفت ڪري ٿو 'ڪم' جي، جو ڳجهو رهيو آهي (يا 'چڱو' اسم).

2- مرزا قليچ بيگ پنهنجي وياڪرڻ ۾، ترڪيب جي وات سمجهائيندي، اسم، ضمير،

صفت، مصدر، اسم حاليه، ماضي معطوفي، فعل لازمي، فعل متعدي، ظرف، حرف جر ۽ حرف ندا جي ترڪيب ڪرڻ جا ڌار ڌار مثال ڏنا آهن، جيئن:

**(الف) اسم جي ترڪيب:**

**(1) گوپالَ وڻن جي ساوڪ ڏٺي.**

گوپال- اسم خاص، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل 'ڏٺي' جو.

وڻن- اسم عام، جنس مذڪر، عدد جمع، حالت جري، سببان 'جي' حرف جر جي.

ساوڪ- اسم ذات، جنس مونث، عدد واحد، حالت مفعولي، مفعول فعل 'ڏٺي' جو.

**(ب) ضمير جي ترڪيب:**

**(1) هن پاڻ اها ڳالهه ڪئي.**

هن – ضمير غائب، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل 'ڪئي' جو.

پاڻ- ضمير مشترڪ، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي يعني ساڳئي 'هن' ضمير واري.

اِها- ضمير آهي پر هتي صفت ٿي ڪم آيو آهي، لڳي ٿو 'ڳالهه' سان.

**(2) جو ڪندو سو پائيندو.**

جو- ضمير موصول، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل 'ڪندو' هو.

سو- ضمير جواب موصول، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل 'پائيندو' جو.

**(3) ڪيس ڪنهن ماريو؟**

ڪيس- هن کي، ضمير غائب (متصل)، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت جري.

ڪنهن- ضمير استفهام، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت فاعلي، فاعل فعل 'ماريو' جو.

**(ت) صفت جي ترڪيب:**

**(1) ڪوڙهيو ڪتو ڪنهن ڪان نه رهي.**

ڪوڙهيو- صفت خالص، لڳي ٿو 'ڪتو' سان.

**(2) گهوڙو گڏهن ڪان وڏو آهي، پر هاٿي سيني جانورن ڪان قداور آهي.**

وڏو- صفت صفت تفصيل، سندس موصوف آهي 'گهوڙو'.

سيني- عددي صفت، سندس موصوف آهي 'جانورن'.

قداور- صفت مبالغو، سندس موصوف آهي 'هاٿي'.

**(3) جهڙو پوٽ تهڙي ڇمات.**

جهڙو- ضميري صفت، سندس موصوف آهي 'پوٽ'.

تهڙي- ضميري صفت، سندس موصوف آهي 'ڇمات'.

**(ث) مصدر جي ترڪيب:**

مصدر اصل بنياد موجب 'اسم' آهي، تنهنڪري اُن جي ترڪيب اسم وانگر هن طرح ڪبي:

پڙهڻ چڱو ڪم آهي.
پڙهڻ- اسم مصدر، فاعل، حالت فاعلي.
هوُ پڙهڻ سکيو آهي.
پڙهڻ- اسم مصدر، مفعول، حالت مفعولي.
**(3) هو هوا کائڻ لاءِ باغ ۾ ويو.**
ڪائڻ- اسم مصدر، حالت جري، سبباں 'لاءِ' حرف جر جي. سندس مفعول 'هوا' (متعدي فعل جي ڏاتوءَ مان ٺهيل مصدر جو مفعول ڄاڻائڻ گهرجي).
مرزا صاحب 'اشارو' عنوان هيٺ فرمائي ٿو:
"مصدر سدائين عدد واحد ۽ جنس مذڪر آهي تنهنڪري اُن جي عدد ۽ جنس ڄاڻائڻ جو ضرور ڪونهي." (ص 60)

### (ج) اسم حاليه جي ترڪيب:

**(1) مون هن کي هوا کائيندي ڏٺو.**
کائيندو- اسم حاليه، فعل متعديءَ مان ٺهيل، جنس مذڪر، عدد واحد، حالت مفعولي، مفعول فعل 'ڏٺو' جو، سندس مفعول آهي 'هوا'. ('ڏٺو' جو اڻ سڌو مفعول آهي 'هن کي').
مرزا صاحب 'اشارو' عنوان هيٺ لکي ٿو:
"'هوُ لکندو آيو ۽ رُئندو ويو. 'کلندو' ۽ 'روئندو' اسم حاليه آهن، پر هتي هنن کي ظرف ڪري سگهجي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ريت جي معنيٰ ڏيکارين ٿا تہ هوُ ڪهڙيءَ ريت آيو ۽ ڪهڙيءَ ريت ويو". (ص 60)
ڏٺي شل سَهندا بار ڏئي.
سهندا- صفت آهي.

### (ح) ماضي معطوفيءَ جي ترڪيب:

**(1) هوُ ڏسي وائسي پڇي ويو.**
ڏسي وائسي- ماضي معطوفي، فعل متعديءَ مان ٺهيل. سندس مفعول 'حالت' يا ٻيو ڪو اهڙو لفظ، جو ڳجهو رهيو آهي.
مرزا صاحب 'اشارو' عنوان هيٺ فرمائي ٿو:
"جيڪڏهن 'ڏسي وائسي' ظرف ليکبو تہ بہ ترڪيب صحيح ٿيندي. پوءِ ٿيندو تہ 'ڏسي وائسي' ظرف آهي ۽ لڳي ٿو فعل 'پڇي ويو' سان" (ص 61)

### (خ) فعل لازميءَ جي ترڪيب:

**(1) هوُ ڏسي وائسي پڇي ويو.**
پڇي ويو- فعل لازمي، مرڪب بيقاعدي، ڪرتري پريوگ، زمان ماضي مطلق، ضمير غائب،

جنس مذڪر، عدد واحد، سندس فاعل آهي 'هو'.

**(2) سپاٽي ڪراچيءَ وڃج.**

وڃج- فعل لازمي بيقاعدي، ڪرتري پريوگ، امر نيازي يا امر تمنا، جنس مذڪر، عدد واحد، ضمير حاضر، سندس فاعل 'تون' ڳجهو آهي.

مرزا صاحب 'اشارو' عنوان هيٺ لکي ٿو:

"هُن رت رنو'. 'رُئڻ' فعل لازمي آهي. 'رت رُئڻ' اصطلاح آهي ۽ معنيٰ اٿس رت جا ڳوڙها ڳاڙڻ يا زار زار روئڻ. 'رت رنو' هڪ يڪو لفظ سمجهي، ان کي فعل لازمي ڪونبو، يا 'رت' لفظ جي معني' زار زار' وٺي، ان کي ظرف سڏبو" (ص 61).

**(د) فعل متعديءَ جي ترڪيب:**

**(1) تون خط لک.**

لک- فعل متعدي معروف باقاعدي، ڪرتري پريوگ، امر، جنس مذڪر (مؤنث) عدد واحد، ضمير حاضر، سندس فاعل 'تون' ۽ مفعول 'خط'.

**(2) ڇيڄ ۾ گهوٽ پيءُ ڏٺو هوم.**

ڏٺو هوم- فعل متعدي معروف بيقاعدي، ڪرمڻي پريوگ، زمان ماضي بعيد، ضمير غائب، جنس مذڪر، عدد واحد، سندس فاعل'مون'، جنهن جي نشاني 'م' فعل جي پڇاڙيءَ ۾ پيل آهي ۽ مفعول 'گهوٽ پيءُ'.

مرزا صاحب، 'اشاري' عنوان هيٺ فرمائي ٿو ته:

"جنهن فعل سان ضميري پڇاڙي گڏيل هجي، تنهن جي ترڪيب معنيٰ موجب ڪجي." (ص 61)؛ مثلاً:

ڏٺو هوءِ= تو ڏٺو هو، هتي فاعل 'تو' چئبو.

ڏٺو هئائين = هن ڏٺو هو، هتي فاعل 'هن' چئبو.

ڏٺو هئائينم - هن مون کي ڏٺو هو، هتي فاعل 'هُن' ۽ مفعول 'مون' پر منهنجي خيال ۾ ڏٺو هوم، ڏٺو هوءِ، ڏٺو هئائين ۽ 'ڏٺو هئائينم فعلن جي ترڪيب ڪرڻ وقت اهو ضرور ڄاڻائڻ گهرجي ته '-م'، '-ءِ'، '-اِئين' ضميري پڇاڙين کي، سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب ضمير متصل چئبو آهي.

**(ر) ظرف جي ترڪيب:**

**(1) گهوڙو هينئر بلڪل آهستي هلي ٿو.**

هينئر — ظرف زمان، لڳي ٿو فعل 'هلي ٿو' سان.

بلڪل- ظرف تميز، لڳي ٿو ٻئي ظرف 'آهستي' سان.

آهستي- ظرف تميز، لڳي ٿو 'هلي ٿو' فعل سان.

(2) **هيڏڙيءَ وَهيءَ ۾ ڪوڙ نہ ڳالهاءِ.**

مرزا صاحب 'هيڏڙي وهيءَ ۾' ظرفي فقرو بيان نہ ڪري ٿو، پر اُن کي Adverbial clause بيان ڪري ۽ اڳتي ترڪيب ڪندي لکي ٿو تہ اهو لڳي ٿو فعل 'ڳالهاءِ' سان.

نہ- ظرف نفي، لڳي ٿو فعل 'ڳالهاءِ' سان.

(3) **هوُ پٽ پر ڪريو.**

پٽ پر- ظرف مڪان، لڳي ٿو فعل 'ڪريو' سان، يا چئبو 'پٽ'، حالت جري، سببان 'پر' حرف جر جي.

## (س) حر جر جي ترڪيب:

(1) هو باغ ۾ ويو.

(2) هوُ باغ مان ويو.

(3) هو باغ ڏي ويو.

انهن جملن ۾، '۾'، 'مان' ۽ 'ڏي' حرف جر آهن، هرهڪ حرف جر 'باغ' اسم سان لڳي ٿو.

## (ش) حرف جملو جي ترڪيب:

(1) **مون صوف ۽ توت کاڌا.**

۽ - حرف جملو، جو 'صوف' ۽ 'توت' جي ڳالهہ گڏي ڪرڻ لاءِ ڪم آيو آهي.

(2) **چاچو گهر ۾ يا اوطاق ۾ هوندو.**

يا- حرف جملو، جو 'گهر ۾' ۽ 'اوطاق ۾'، انهيءَ جملي جي ٻن ڀاڱن کي ڳنڍڻ يعني انهن جي ڳالهہ گڏي ڪرڻ لاءِ ڪم آيو آهي.

## (ص) حرف ندا جي ترڪيب:

(1) **بَلي! تو اڄ نوان ڪپڙا ڪيا آهن.**

بلي- حرف ندا.

(2) **مار! تون ڏاڍو موڳو آهين.**

مار- حرف ندا.

انهن مثالن ۾، مرزا صاحب، ڳالهائڻ لفظن جي ترڪيب جا ڌار ڌار مثال ڏنا آهن، پر ڪنهن هڪ ئي جملي ۾ ڪم آندل لفظن جي ترڪيب سمجهائي سگهجي ٿي، جيئن پروفيسر ڀيرومل جا مثال ڏنا ويا آهن.

# باب ٻيو: تفريق يا ڇيد ڪرڻ

1- مرزا قليچ بيگ ’تفريق‘ يا ’ڇيد‘ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

”جملي کي ڀڃي، اُن جا ڀاڱا (مُبتدا يا فاعل ۽ خبر) ڌار ڌار ڪرڻ کي، ’تفريق يا ڇيد‘ چئجي ٿو“ (ص 63).

مرزا صاحب اڳتي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

’تفريق‘ معنيٰ سڄي کي ڀڃي يا کولي ڀاڱا ڪرڻ (فرق يا ورڇ). ’ڇيد‘ جي معنيٰ آهي وڍڻ يا ڇني ڌار ڪرڻ (ڇيد= ڇنڻ، ڀڄڻ) (ص 63).

پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ به، ’تفريق‘ جي معنيٰ ۽ مراد، اها ساڳي بيان ڪئي، جيڪا مرزا قليچ بيگ ڏني آهي، البت لفظن جي ڪجهه هير ڦير ضرور ڪئي اٿس، مثال طور هو لکي ٿو:

’تفريق‘ معنيٰ سڄي کي ڀڃي يا کولي ڀاڱا ڪرڻ (فرق معنيٰ ورڇ). ’ڇيد‘ معنيٰ به آهي ونڊ يا وِرڇ يعني سڄي کي ڀاڱن ۾ ورهائڻ (سنسڪرت- ڇيد= ڇنڻ، ڀڄڻ). ترڪيب ڪرڻ مهل جملي جي هرهڪ لفظ جو هڪٻئي سان جيڪو لاڳاپو آهي سو ڄاڻائي، سڄي ڳالهه ڳنڍي، ڏيکاريجي ٿي. پر تفريق يا ڇيد ڪرڻ مهل جملي جو ڀاڱو ڀاڱي کان ڌار ڪرڻو پوي ٿو، تنهنڪري اهو نالو رکيو اٿن. هيءُ هڪُ آزمائش لهڻ جو نمونو آهي، جنهن مان سُڌ پوي ٿي ته اڳلو پوريءَ طرح سمجهي ٿو يا نه، ڪهڙن ڪهڙن ڀاڱن جي ميلاپ سان جملو جڙيو آهي، يعني جملي جي بناوت ڪهڙيءَ طرح ٿيل آهي؛ اها آهي تفريق جي مراد (ص 182).

2- (الف) مٿي اهو ٻڌايو ويو آهي ته ڇيد ڪرڻ مهل، جملي کي ٻن حصن ۾ ورهائبو آهي. اُنهن مان پهريون حصو جنهن ۾ فاعل ۽ اُن جو وڌاءُ وغيره وارو حصو هوندو آهي، اُن کي ’مُبتدا‘ چئبو آهي. مُبتدا مان مراد آهي ته اهو حصو جنهن سان جملي جي ابتدا يا شروعات ٿيندي آهي (پيرومل: 182). ٻيو حصو اُهو هوندو آهي جنهن ۾ فعل ۽ فعل سان لاڳاپو رکندڙ حصا استعمال ٿيل هوندا آهن. انهيءَ حصي کي ’خبر‘ چئبو آهي.

مرزا صاحب پنهنجي ڪتاب ۾، رهنمائي ڪندي صفحي 63 تي لکي ٿو: ”جملن جي ڇيد ڪرڻ مهل هڪ جدول ٺاهبي آهي، جنهن ۾ جملي جي هرهڪ ڀاڱي لاءِ ڌار ڌار خانو جوڙبو آهي، جيئن:

| جملو | مبتدا يا فاعل | خبر |
|---|---|---|
| (i) ڇوڪرو رلي پيو. | ڇوڪرو | رلي پيو. |
| (ii) ڪتو ڀؤنڪي ٿو. | ڪُتو | ڀؤنڪي ٿو. |

(ب) ڇيد ڪرڻ مهل اهو به ڏسبو آهي ته جملي ۾ فاعل جو وڌاءُ يا فعل جو وڌاءُ به ڪم آيل آهي ته اهڙيءَ حالت ۾ ڇيد ڪرڻ مهل ڏسيل خاني ۾، ننڍن خانن جو واڌارو ڪيو ويندو آهي، جيئن:

| جملا | مبتدا | | خبر | |
|---|---|---|---|---|
| | فاعل | فاعل جو وڌاءُ | فعل | فعل جو وڌاءُ |
| (i) ميان غلام شاهه هڪ رحمدل بادشاهه هو. | غلام شاهه | هڪ رحمدل بادشاهه | هو | |
| (ii) هوائي جهاز رفتار ۾ تيز هوندو آهي. | جهاز | هوائي | هوندو آهي | رفتار ۾ تيز |

(ت) ڪيترائي جملا متعدي فعلن وارا هوندا آهن. اهڙن جملن ۾ فاعل ڪانسواءِ فاعل جو وڌاءُ ۽ مفعول توڙي مفعول جو وڌاءُ ۽ فعل سان گڏ فعل جي وڌاءَ وارا لفظ به ڪم آندل هوندا آهن. اهڙيءَ طرح ڇيد ڪرڻ مهل، ڇيد وارن خانن ۾ اضافو ڪري، جملي جي هرهڪ ڀاڱي کي، اُن جي خاني ۾ داخل ڪري، ڇيد جي مفهوم کي سمجهائڻو آهي، ته جيئن هرهڪ ماڻهو، شاگرد توڙي ٻيو، جملي جي ڀاڱن ۽ اُنهن ۾ لفظن جي ورهاست سمجهي سگهي. هيٺ فعل متعديءَ واري جملي جو ڇيد پيش ڪجي ٿو، جنهن ۾ فاعل جو وڌاءُ، مفعول ۽ اُن جو وڌاءُ ۽ فعل ۽ اُن جو وڌاءُ به استعمال ٿيل آهي:

(i) اسان جي ڳئون، روزانه مٺو ۽ لذيذ کير ڏيندي آهي.
(ii) بيرحم شخص هن غريب جي ٻار کي ڏاڍي مار ڏني.
(iii) اسڪول جا ٻار، روزانه، ميدان تي راند ڪندا آهن.

| مبتدا | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| فاعل | فعل جو وڌاءُ | فعل | فعل جو وڌاءُ | مفعول | مفعول جو وڌاءُ |
| (i) ڳئون | اسان جي | ڏيندي آهي | روزانه | کير | مٺو ۽ لذيذ |
| (ii) شخص | بيرحم | ڏني | ڏاڍي | ٻار<br>مار | غريب کي |
| (iii) ٻار | اسڪول جا | ڪندا آهن | ميدان تي | راند | |

(ث) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي جملا اهڙا به ڪم ايندا آهن، جن ۾ فعل ناقص يعني اڻپورو ڪم آندو ويندو آهي. اهڙن جملن ۾ ڪي اهڙا لفظ به استعمال ڪيا ويندا آهن، جن تي اهڙن (اڻپورن) فعلن جو مدار هوندو آهي، ۽ جن کان سواءِ اهڙا فعل اَڻپورا هوندا آهن. اهڙن لفظن کي 'فعل جو پورائو ڪندڙ لفظ' سڏيو ويندو آهي، مثال طور:

(i) ڳوناٺا پري کان پاڻي آڻيندا آهن.
(ii) جهنگلي جانور شڪار لاءِ رات جو ٻاهر نڪرندا آهن.
(iii) ميربحر، سڄي زندگي، پاڻيءَ ۾ گذاريندا آهن.
(iv) بازيگر ماڻهن کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيو.
(v) منهنجو پاءُ سياڻي ويٺو آهي.

| مبتدا | | خبر | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| فاعل | فعل جو وڌاءُ | فعل | مفعول | فعل جو لڳ | فعل جو پورائو ڪندڙ |
| ڳوناٺا | - | آڻيندا آهن | پاڻي | - | پري ڪان |
| جانور | جهنگلي | نڪرندا آهن | - | - | شڪار لاءِ |
| ميربحر | - | | | | رات جو |
| بازيگر | | گذاريندا آهن | زندگي | سڄي | پاڻيءَ ۾ |
| پاءُ | - | وجهي ڇڏيو | ماڻهن | کي | حيرت ۾ |
| | | آهي | - | - | ويٺو سياڻي |

اهڙيءَ طرح، هن سلسلي ۾ ٻيا به ڪيترائي مثال ملي سگهن ٿا.

# باب ٽيون: بيهڪ جون نشانيون

هن موضوع تي مرزا قليچ بيگ، پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ، واحد بخش شيخ ۽ ڪشنچند گلابسنگ گدواڻيءَ ۽ ڏيارام وسٽمل ميرچنداڻيءَ، پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۽ محترم سراج الحق ميمڻ، پنهنجي مقالي ۾ سنو بحث ڪيو آهي. هن سلسلي ۾ ديوان ڪشنچند گدواڻيءَ ۽ سندس ساٿيءَ، سندن لکيل ڪتاب 'سنڌي وياڪرڻ' ڀاڱو ٻيو (1931ع ۾ ڇپيل) ۾ بيهڪ جي نشانين جي وضاحت ڪندي لکيو آهي ته:

"لکيل جملي جي پوري معنيٰ معلوم ڪرڻ لاءِ بيهڪ جي نشانين جي ضرورت آهي". (ص144)

اهي ٻئي صاحب، ساڳئي ڪتاب ۾ اڳتي لکن ٿا ته:

"بيهڪ جون نشانيون پورن هنڌن تي ڏيڻ گهرجن، ڇاڪاڻ ته بيهڪ جون نشانيون پورن هنڌن تي نه ڏيڻ ڪري مضمون مان يا ته پورو مطلب نه ٿو نڪري، يا ته ڪل جهڙو مطلب پيو نڪري". (ص 145)

انهن ماهرن بيهڪ جون هيٺيون مکيه نشانيون سمجهايون آهن:

ٿورو دم يعني ، (Comma)

اڌ دم يعني ، (Semi colon)

دم يعني ؛ (Colon)

پورو دم يعني : (Full stop)

سوال جي نشاني يعني؟ (Question mark)

تعجب جي نشاني يعني ! (Exclamation mark)

ٻٽيون واڪ جون نشانيون يعني " " (Double inverted commas)

ايڪوٽيون واڪ جون نشانيون يعني ' ' (Single inverted commas)

ننڍي ليڪ يعني – (Dash)

ڏنگيون ليڪون ( ) (Brackets)

چورس ڏنگيون ليڪون / بياني ليڪون [ ] (Square brackets)

برابر جي نشاني يعني = (Sign of equation)

سراج الحق ميمڻ انهن سمورين نشانين کي ٽن قسمن ۾ ورهايو آهي (ص 144):

پهريون ابتدائي، ٻيون ثانوي ۽ ٽيون ٻِٽيون يا مرڪب نشانيون. هرهڪ قسم ۾ وري هيٺينءَ ترتيب موجب، اهي نشانيون اچي وڃن ٿيون.

1- ابتدائي:

(1) ڦورو دم ، Comma

(2) اڌ دم ؛ Semi- colon

(3) دم : Colon

(4) پورو دم . Period

2- ثانوي:

(1) ليڪ وڏي - Dash

(2) ڳنڍيندڙ ليڪ (ننڍي) - Hypher

(3) ڏنگيون ( ) Brackets

(4) سوال جي نشاني ؟ Question mark

(5) عجب جي نشاني يا ندا جي نشاني ! Exclamation mark

(6) ايڪوٽيون واڪ جون نشانيون ' ' Single inverted commas

(7) ٻٽيون واڪ جون نشانيون" " Double inverted commas

3- ٻٽيون يا مرڪب نشانيون:

(1) ٻڙي ٻڙي ٻڙي ..... Hiatus

(2) ٻہ ٻڙيون ليڪ :- Pointer

(3) ڏنگين ۾ سوال (؟) Bracketed Question mark)

(4) ڏنگين ۾ عجب جي نشاني (!) Bracketed sign of Exclamation

هرهڪ نشانيءَ جو هيٺ وڌيڪ ذڪر ڪجي ٿو:

(1) هر ٻوليءَ جي عبارت ۾ بيهڪ جون نشانيون وڏي اهميت رکن ٿيون. ڇاڪاڻ تہ انهن کان سواءِ لکيل جملي کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ ۾ مونجهارو ٿيندو آهي. بيهڪ جي نشانين جو استعمال انهيءَ ڪري بہ وڌيڪ اهم سمجهيو ويندو آهي، جو انهن جي غلط استعمال جي ڪري جملي جو مطلب هڪ جو ٻيو نڪري سگهي ٿو، مثلاً:

(i) اچ، نہ سياڻي.

(ii) اچ نہ، سياڻي.

مٿي ڏنل ٻنهي جملن مان پهرئين جملي جي معنيٰ هڪڙي آهي تہ وري ٻوئين جملي جي معنيٰ پهرئين جملي کان مختلف آهي. ٻنهي جملن جي معنائن ۾ فرق فقط بيهڪ جي نشانين ۾ ڦيرگهير جي ڪري ٿيو آهي، تنهنڪري بيهڪ جون نشانيون بلڪل پوريءَ جاءِ تي ۽ صحيح طريقي سان ڏيڻ گهرجن، نہ تہ هڪ جو ٻيو مطلب نڪرندو.

(2) ڪيترائي ليکڪ بيهڪ جون نشانيون صحيح طريقي سان نہ ڏيندا آهن ۽ ڪي تہ بلڪل ڪونہ

ڏيندا آهن. ان سلسلي ۾ واحد بخش شيخ صاحب (ص 262) تي ٻه ٽي مثال ڏنا آهن، جيئن:

’سال ٿيا آهن اوسيئڙي ۾ وهڻ نٿو پڄي آخر ته ڪجهه ڪرڻو آهي پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻچن لاءِ ڪيترو پاڙي پتيءَ جي رحم ڪرم تي پاڙي ائين هٿ ٻڌي ويهي رهجي‘.

هن جملي ۾ بيهڪ جون نشانيون ڏنل ڪونهن، تنهنڪري پڙهڻ مان اهو نٿو سمجهي سگهجي ته ڪهڙا لفظ ۽ ڪهڙن لفظن سان لاڳاپو رکن ٿا ۽ عبارت جو صحيح مفهوم ڇا آهي. وقف جي نشانين ڏيڻ سان عبارت جي صورت هيٺينءَ ريت ٿيندي (ص 262):

(الف) سال ٿيا آهن، اوسيئڙي ۾ وهڻ نٿو پڄي. آخر ته ڪجهه ڪرڻو آهي. پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻچن جي لاءِ ڪيترو پاڙي پتيءَ جي رحم ڪرم تي پاڙي، ائين هٿ ٻڌي ويهي رهجي! (ص262).

(ب) سال ٿيا آهن اوسيئڙي ۾، وهڻ نٿو پڄي. آسر ته ڪجهه ڪرڻو آهي پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجن ٻچن جي لاءِ. ڪيترو پاڙي پتيءَ جي رحم ڪرم تي پاڙي، ائين هٿ ٻڌي ويهي رهجي! (ص262).

مٿي ’الف‘ ۽ ’ب‘ هيٺ ڏنل مثالن ۾ ڏسجي ٿو ته بيهڪ جي نشانين جي جاءِ مٽائڻ سان، مطلب ۾ ڪيئن نه ڦيرو اچي ٿو وڃي، تنهنڪري هر لکڻ واري تي لازم آهي ته، ڪم آندل جملن يا عبارت ۾ بيهڪ جي نشانين جو صحيح جاين تي استعمال ڪري ته جيئن پڙهندڙ ڪي صحيح مطلب حاصل ٿي سگهي (ص ص 262 ۽ 263).

سنڌي ٻوليءَ جي عبارت ۾ بيهڪ جي نشانين جو استعمال، انگريزي ٻوليءَ جي اثر ڪان پوءِ شروع ٿيڻ لڳو، ۽ جيڪي نشانيون انگريزي ٻوليءَ جي مضمون (composition) ۾ استعمال ٿينديون هيون، تن جو استعمال سنڌي ٻوليءَ جي عبارت ۾ به شروع ٿيڻ لڳو. هاڻ سنڌي ٻوليءَ ۾، جيڪي بيهڪ جون شانيون استعمال ٿينديون آهن، تن جي صحيح استعمال جي باري ۾، ماهرن جي حوالي سان هيٺ ذڪر جي ٿو:

**(1) ٿورو دم يعني، (Comma):**

(i) هوُ ماني کائي، گهمڻ ويو.

ڪنهن به جملي جي وچ ۾ جتي ٿورو بيهڻو هوندو آهي، اُتي هيءَ نشاني يعني (،) نشاني ڏبي آهي جيڪا شڪل ۾ اُبتي ’و‘ اکر جهڙي هوندي آهي. اهڙيءَ نشانيءَ کي ’ٿورو دم‘ يا ’ساهي‘ چوندا آهن. مفرد جملن ۾ اها نشاني هيٺين حالتن ۾ ڏني ويندي آهي:

(i) زالون، مرد، ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون سڀ اچي مڙيا.

(ii) ميان غلام شاهه ڪلهوڙو، هڪ نيڪ، ايماندار، رحمدل ۽ عادل بادشاهه ٿي گذريو آهي.

(iii) عورت جو مکيه ڪم آهي رڌڻ پچائڻ، سبڻ ۽ پرڻ، ٻارن جي پروش ڪرڻ، گهر جو انتظام سنڀالڻ ۽ پنهنجي خاوند جي خدمت ڪرڻ.

اهڙيءَ طرح پروفيسر پيرومل آڏواڻي ۽ واحد بخش شيخ صاحب هن نشانيءَ يعني 'ٿورو دم' جي استعمال لاءِ سمجهاڻي ڏيندي لکن ٿا:

(الف) ساڳئي قسم جا ٻه يا ڳالهائڻ جا وڌيڪ لفظ هڪٻئي پٺيان ايندا آهن، تڏهن هرهڪ لفظ جي وچ ۾ ٿورو دم ڏيئي، پڇاڙيءَ ۾ 'ءِ' حرف جملو ڪم آڻبو آهي، جيئن:

(i) هوُ بلڪل ايماندار، محنتي، سياڻو ۽ هرطرح لائق انسان آهي.

(ب) جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾ فعل کان سواءِ ماضي معطوفي ۽ اسم حاليه يا ٻئي ڪم آيا هوندا، ته پوءِ هرهڪ جي پٺيان ٿوري دم جي نشاني ڏني ويندي آهي، جيئن:

(i) آءٌ ماني کائي، چڪر هڻي، بازار مان ڪم لاهيندو، گهر آيس.

(ت) سلسلي وار لفظ يا اصطلاح، جيڪي حرف عطف سان ڳنڍيل هجن، تن ۾ ڪاما يا ٿوري دم جي نشاني ڪم نه آڻجي، جيئن:

(i) زخمي اُٺ پيو ڦيرائيون کائي، ليٽي ۽ رڙي.

(ث) ڪنهن به ڳالهه جي چٽائي ڪندڙ يعني حقيقت بيان ڪندڙ فقرا ٿورو دم يعني ڪاما ڏيئي، هڪ ٻئي کان ڌار ڪبا آهن، جيئن:

(i) هيءَ پيتي پنج فوٽ ڊگهي، چار فوٽ ويڪري، ۽ عمق ۾ تنهنجي پيتيءَ جيڏي آهي.

(ج) جيڪڏهن ڪنهن جملي جو هڪ ڀاڱو ٻئي ڀاڱي تي تعلق رکندڙ هوندو ۽ ٻنهي ڀاڱن مان ڪوبه ڀاڱو پنهنجي سر ڪم اچڻ جهڙو نه هوندو ته انهن جي وچ ۾ ڪاما يا ٿوري دم جي نشاني ڏني ويندي، جيئن:

(i) جيڪي ڪتاب مون وٽ هئا، سي سڀ ڏيئي ڇڏيم.

(ii) جي تون ايندين، ته آءٌ به ايندس.

(ح) ڪنهن به جملي ۾، اسم يا ضمير سان لاڳاپو رکندڙ يا مائٽي ڏيکاريندڙ لفظن جي وچ ۾ ڪاما يعني ٿوري دم جي نشاني ڏني ويندي آهي، جيئن:

(i) اڪبربادشاهه، همايون بادشاهه جو پٽ، عمرڪوٽ ۾ ڄائو هو.

(خ) جڏهن ڪنهن به جملي ۾ ڪي همجنس لفظ جوڙو جوڙو ٿي يا مقفيٰ عبارت ۾ ڪم آيا هجن، ته اهڙيءَ حالت ۾ هرهڪ جوڙي يا مقفيٰ صورتن جي وچ ۾، ڪاما يعني ٿوري دم جي نشاني ڪم آڻبي آهي، جيئن:

(i) ڇا ڏينهن ڇا رات، ڇا اُٺي ڇا ويٺي، مارئي پنهنجن ماروئڙن کي پيئي سنڀاريندي هئي.

(د) ڪن به مرڪب جملن جي حصن يا ڀاڱن کي ڪاما يعني ٿوري دم جي نشاني ڏيئي ڌار ڪبو آهي، ۽ اهڙيءَ حالت ۾ ڪاما، حرف جملي کان اڳ، ڏني ويندي آهي، جيئن:

(i) آسمان ۾ ڪڪر مڙي آيا آهن، ۽ اجهو ٿو مينهن پوي.

(ii) لائبرريءَ ۾ ڪتاب ته گهڻائي موجود آهن، پر پڙهڻ وارو ڪو ڪونهي.

(ر) شرطي جملن يا ضمير موصول ۽ جواب موصول وارن جملن جي ڀاڱن کي ڪاما/ ٿوري دم جي نشاني ڏيئي ڌار ڪبو آهي، جيئن:

(i) جيڪڏهن تون ڪنهن سان ڳالهه نہ ڪرين، تہ آءٌ توکي پنهنجو راز ٻڌايان.

(ii) تون ڪٿي ڪيتري بہ ڪوشش ڪندين، تہ بہ آءٌ پنهنجي ارادي کان نہ هٽندس.

(iii) جيڪو بہ مون وٽ آيو پئي، تنهن کان تنهنجي صحت جي باري ۾ پئي پڇيم.

(iv) اهو ڪجهہ ڪجي، جيڪو آئيءَ ويل ڪم اچي.

(س) معترضہ جملي کي هميشہ ڪاما/ ٿوري دم جي نشانيءَ سان الڳ ڪيو ويندو آهي، جيئن:

(i) رضيہ سلطانہ، خدا مٿس رحمت ڪري، ڏاڍي عقلمنديءَ ۽ مردانگيءَ سان حڪومت هلائي.

(ii) توهان، مان سمجهان ٿو، منهنجي پيءُ جا پراڻا دوست آهيو.

(ش) متضاد جنس يا معنيٰ وارن لفظن کي ڪاما/ ٿوري دم جي نشاني ڏيئي ڌار ڪبو آهي، جيئن:

(i) عورت هجي يا مرد، ٻڍو هجي يا جوان، مسڪين هجي يا مالدار ۽ سگهو هجي يا هيڻو، مڙني کي زندگيءَ جي ڊڪ ڊوڙ ۾ شامل ٿيڻو پوي ٿو.

(ii) صبح هجي يا شام، ڏينهن هجي يا رات ۽ روشني هجي يا اونداهي، انڌي جي لاءِ مڙئي ساڳي ڳالهہ آهي.

(ص) جملي ۾ ڪم آندل ظرفي لفظن ۽ اصطلاحن کي ڪاما ڏيئي، الڳ ڪبو آهي، جيئن:

(i) ها، مان تنهنجي مدد ڪندس.

(ii) نہ نہ، مان اها ڳالهہ ڪنهن کي بہ نہ ٻڌائيندس.

(iii) ويچاري، شرم کان، ڪنڌ ڪٿي هيٺ ڪيو.

(ض) مرڪب جملن ۾ ظرفي لفظن کي سيميڪولن / اڌ دم اچڻ کان پوءِ ڪاما ڏبي آهي، جيئن (واحد بخش شيخ، ص 268):

(i) وقت اچي پريو آهي؛ پوءِ، تنهنجي ڇا مرضي آهي؟

(ii) مون توسان واعدو ڪيو آهي؛ البت، اهو ڪم ڏکيو آهي.

(ط) ڪي ظرفي صفتون، جهڙوڪ، پهريون، ٻيو ۽ ٽيون وغيره، جيڪي جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾ سلسلي طور استعمال ٿينديون، تہ اهڙين هرهڪ صفتن جي پنيان ڪاما استعمال ڪئي ويندي، (واحد بخش شيخ، ص 268):

(i) منهنجي نہ اچڻ جا ڪي سبب آهن: پهريون، تہ ماڻهو گهٽا هئا؛ ٻيو، تہ گندگي ڏاڍي هئي ۽ ٽيون، تہ مون کي گهٽن ماڻهن ۾ مونجهہ ٿيندي آهي.

(ظ) جملي ۾ حرف جملو، جهڙوڪ 'تہ'، تنهنڪري، پر، ڇاڪاڻ، ڇوجو ۽ مگر، وغيره جي اڳيان ڪاما ايندي آهي، مثلاً:

(i) ماڻهو ڇون يا نہ، پر مون کي اعتبار نٿو اچي.

(ii) بيماري عام ٿي پيئي آهي، ڇوجو ڪاڏي جون شيون نج نٿيون ملن.
(iii) امتحان اچي ويجهو پيو آهي، تنهنڪري مان وڌيڪ وقت ترسي نہ سگهندس.

**(2) اڌ ڏم يعني؛ (سيميڪولن)۔**

(الف) مرڪب يا گڏيل جملن ۾ جڏهن ٿوري دم کان وڌيڪ وقت لاءِ بيهڻ جي ضرورت سمجهبي آهي تڏهن اڌ ڏم جي نشاني يعني (؛) ڏبي آهي، جا ٿوري دم واريءَ نشانيءَ جهڙي آهي پر اُن جي مٿان ٻُڙي ڏني ويندي آهي. اها نشاني يعني (؛) ، هيٺين ٻن سببن جي ڪري ڏبي آهي (پيرومل، ص 191):

(i) هرهڪ ننڍي جملي جي پڇاڙيءَ وٽ ڪجهہ وڌيڪ بيهجي تہ مٿان سڀ جملا گڏي پڙهڻ ڪري معنيٰ ۾ مونجهارو ٿئي.
(ii) هرهڪ ننڍي جملي کي اثرائتو ڪجي، تہ پڙهندڙ جو هرهڪ ننڍي جملي تي وڌيڪ چت لڳي.

پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ اڌ دم جي استعمال جو مثال ڏيئي سمجهايو آهي تہ:

(i) هو ڏاڍو سياڻو آهي، تنهنڪري سيڪو ڪم سوچي سمجهي ڪندو آهي؛ پر طبع جو تکو آهي، جنهنڪري گهڻين حالتن ۾ پاڻ کي آڏو ايندو آهي.

پروفيسر صاحب هن مثال ڏيڻ کان پوءِ سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو تہ:

”مٿئين جملي جا ٻہ وڏا ڀاڱا آهن جن جو پاڻ ۾ لاڳاپو آهي، ۽ انهن جي وچ ۾ ٿوري دم کان وڌيڪ بيهڻ جي ضرورت آهي، تنهنڪري ’ڪندو‘ کان پوءِ هڪ نشان ڏنو ويو آهي، جنهن کي چئبو آهي ’اڌ دم‘“ (ص 191).

(ب) وڌيڪ جملا ڏسو:

(i) بادشاهہ پنهنجي عقل سان ملڪ سنڀالي ٿو؛ سپاهي ملڪ لاءِ وڙهي ٿو؛ جج انصاف ڪري ٿو؛ ۽ ڪارڪنُ خدمت ڪري ٿو.

هن جملي ۾ چار حصا آهن، هر حصي کان پوءِ اڌ دم جي نشاني ڏني وَئي آهي، انهيءَ ڪري تہ هرهڪ حصي جو دل تي چڱيءَ طرح اثر ٿئي ۽ هر ڳالهہ چڱيءَ طرح مغز ۾ وهي.

(ت) واحد بخش شيخ صاحب، اڌ دم جي استعمال لاءِ، هيٺيان اصول بيان ڪيا آهن (ص 272):

(1) سيميڪولن اهڙي مرڪب جملي ۾ ڪم ايندو آهي، جنهن جا ٻہ ڀاڱا حرف عطف سان ڳنڍيل نہ هوندا آهن، مثلاً:

(i) مينهن ڏاڍو ٿو وسي؛ چنا ۽ مَنَهن سڀ وَهي چُڙيا آهن.
(ii) جهنگ ۾ سج لهڻ سان اوندهہ ٿي وَئي؛ اسان کي رستو هٿ ئي نہ پيو اچي.

(2) جيڪڏهن مرڪب جملي جا ڀاڱا ڊگها هجن يا وقف (بيهڪ) جي ٻين نشانين سان جدا ٿيل هجن، تہ اُن حالت ۾ ڀاڱن کي ڳنڍيندڙ حرف عطف جي اڳيان سيميڪولن ڏيئي سگهجي ٿو، مثلاً:

(i) ڳالهائيندا ٻولائيندا، ٻَئي ڄڻا وڃي اسٽيشن تي پهتاسون: پر جيسين گاڏي اچي، اخبارون وٺي پڙهڻ لڳاسون.

(ii) رات جو اجا نڪتاسون ئي مس، ته اچي مينهن ڪڙڪيو: سو اسان جا سمورا ڪپڙا پڄي پيا.

(3) حرف عطف جي اهڙن لفظن جي اڳيان سيميڪولن ايندو، جيڪي ظرفي معنيٰ ڏيندا هجن ۽ مرڪب جملي جي پاڱن کي ڳنڍيندا هجن، جهڙوڪ، 'تنهنڪري، البت، ته پوءِ، تنهن هوندي به ۽ نيٺ' وغيره، مثلاً:

(i) هاڻي سج لهڻ تي آهي: تنهنڪري، اسان کي هلڻ گهرجي.

(ii) هوُ ته مڃي ئي نه پيو: نيٺ ڪجهه ڏئي وٺي جند ڇڏائي اٿس.

هن نشانيءَ جي وصف بيان ڪندي، سراج صاحب لکي ٿو:

"ٿوري دم کان ڪجهه زور پري بيهڪ جي نشاني آهي 'اڌ دم'. جڏهن لکڻ وقت هڪ کان وڌيڪ جملا لکڻا پوندا آهن، تڏهن انهن مان کي مداري جملا هوندا آهن، ته به خود اصل جملي جهڙا زور پريا ۽ الڳ خيال رکندڙ ئي هوندا آهن. اهڙن زور پرين ۽ الڳ خيال رکندر جملن کي جدا ڪري بيهارڻ لاءِ، اڌ دم استعمال ڪرڻ گهرجي. جڏهن به بنيادي جملي جي جوڙجڪ ۾، ڪو ثانوي جملو هجي ته ساڳي ئي خيال ماتحت ڇيل، پر خود انهيءَ ثانوي جملي جي جوڙجڪ جيڪڏهن اهڙي هجي، جو الڳ ۽ جدا جملو ٿي پڻ بيهي سگهي، ته اُتي ٿوري دم کان ڪجهه طاقت پريءَ نشانيءَ — اڌ دم — جي ضرورت آهي. مثال:

انقلاب سان اها جذباتي وابستگي قابل قدر ته آهي: پر سماجي زندگيءَ جي عڪاسيءَ لاءِ رڳو جذبو به ڪافي نه آهي." (ص 150)

### (3) دم يعني: (ڪولن):

دم جي نشاني يعني ( : ) جملي ۾ڪم آڻڻ لاءِ، ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، اُهي آهن:

(الف) جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جا ڇيل قول يا لفظ جنسي لکڻا هجن يا ڪنهن تقرير جو حوالو ڏجي ته انهن لفظن جي اڳيان 'دم جي نشاني' يعني : (ڪولن) ڏيڻ گهرجي، جيئن:

(i) شاهه صاحب جو ڪلام آهي: "هو چوني تون مَ چؤ".

(ii) چوڻي آهي: "ٽٽو گهڙو پاڻيهي پاڻ کي چانوَ ۾ رکي".

(iii) پاڪستان جا مکيه جبل آهن: راڪا پوشي، ڪراڪرم، کيرٿر جبل.

(iv) اَميءَ چيو ته بازار مان هي شيون وٺي اچ: چانور، اٽو، گوشت ۽ پاڄي.

(ب) جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾ ڪن شين جي ياداشت ڏيڻي هوندي آهي ته اها دم جي نشانيءَ سان ڏبي آهي، جيئن:

(i) ڪوڙ ڪڏهن به نه ڳالهائجي: سچ ڳالهائڻ کان سواءِ چارو ڪونهي.

(ii) پئسي بنان ڪو ڪنهن جو مِٽ نه آهي: غريب سِڪو پيو ڪنڊ ۾ روئي.

(iii) انسان تي ٽن قسمن جا حق آهن: الله جا، انسانن جا ۽ نفس جا.

(iv) هيٺيان شهر ڇا کان مشهور آهن: ڪشمور، نصرپور ۽ هالا.

سراج صاحب، هن نشانيءَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"اڌ دم کان پوءِ وڌيڪ زور پري نشاني 'دم' آهي. پوري دم کان ڪجهه گهٽ زور اٿس. اصل ۾ هيءَ نشاني فقط پنيان ايندڙ ڪنهن تفصيل يا وضاحت جي ڪري ڏني ويندي آهي؛ پر گهڻي استعمال جي ڪري انهيءَ مان ٻيا به ڪارج ملڻ لڳا آهن. جيئن دم، پوري دم کان ٻئي نمبر تي، طاقت پري بيهڪ آهي، ان ڪري دم اُتي استعمال ڪجي، جتي خيال ته ساڳيو ڪم آيل هجي، پر هر جملو پنهنجيءَ جاءِ تي مڪمل هجي ۽ منجهس الڳ ٿي بيهڻ جي صلاحيت هجي. خيال جي هڪجهڙائيءَ جي پيش نظر، دم جي استعمال سان جملن جي لاڳاپي ظاهر ٿيڻ سان گڏ، انهن ۾ زور ۽ وضاحت پيدا ٿئي ٿي.

"دم استعمال تڏهن ڪبو آهي، جڏهن جملا تمام وڏا هوندا آهن، ۽ ڪيترن ئي مداري جملن جي ذريعي ڳنڍيل ۽ ڳتيل هوندا آهن. ڪنهن پيچيدي خيال بيان ڪرڻ ۾ لازمي طرح ڊگها جملا ڪم آڻڻا پوندا آهن: انهن کي صاف ۽ واضح ڪري بيهارڻ ۾ دم گهڻي مدد ڏئي ٿو." (ص ص 51 ۽ 52).

سراج صاحب اڳتي وضاحت ڪندي لکي ٿو ته:

> "دم جو ٻيو مکيه استعمال گفتگو کي ظاهر ڪرڻ وقت ايندو آهي: يا جڏهن جملي ۾ پويان ڪو تفصيل يا وضاحت ظاهر ڪرڻي هوندي آهي، تڏهن به دم ڪم آڻبو آهي." (ص 152)

### (4) پورو دم يعني . (فُل اسٽاپ):

هن نشانيءَ يعني 'پورو دم' (فل اسٽاپ) لاءِ ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، اُهي هي آهن:

(الف) جڏهن به ڪو جملو پورو ٿيندو آهي تڏهن هيءَ نشاني ڏبي آهي.

(ب) ماٺهن توڙي اُنهن کي مليل ڊگرين جي سڄن نالن ڇاڻائڻ بدران رڳو پهريان اکر ڄاڻائبا آهن ۽ هرهڪ اکر اڳيان 'ٻڙي' يعني 'پوري دم جو نشان' (فل اسٽاپ) ڏبو آهي، جيئن:

(i) نادر بيگ مرزا بي. اي.، ايل. ايل. بي.

(ت) ڪنهن به جملي ۾ جڏهن ڪابه عبارت يا ڪو بيان ختم ٿيندو آهي تڏهن اُن جملي جي پڇاڙيءَ ۾ 'پورو دم' (فل اسٽاپ) ڏبو آهي، جيئن:

(i) اسان جو ملڪ معدني شين جي خزانن سان پريو پيو آهي.

(ii) هالا جو شهرُ، ديسي هنر ڪان مشهور آهي.

سراج صاحب، صفحي 152 تي، هن نشانيءَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

”جتي جملو ختم ٿئي ٿو، اُتي پورو دم ڏنو ويندو آهي. جملي مان مقصد آهي تہ جڏهن بہ ڪو خيال مڪمل طرح سان لفظن ۾ لکجي، تہ خيال جي مڪمل ٿيڻ تي اُن جملي جي پڇاڙيءَ ۾ پورو دم ڏنو وڃي، مثال:

(i) سنڌ کي ڪوبہ ختم نٿو ڪري سگهي.

(ii) سنڌي ٻولي هڪ مڪمل ٻولي آهي.

سراج الحق ميمڻ صاحب پنهنجي مقالي ۾ صفحي 162 تي هنن نشانين کي ٻن ڌار ڌار عنوانن هيٺ بيان ڪيو آهي، جيئن: ايڪوٽيون واڪ جون نشانيون ' ' ۽ ٻٽيون يا مرڪ واڪ جون نشانيون.

انهن مان 'ايڪوٽيون واڪ جون نشانيون' جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

جملي ۾ جيڪو حصو گفتگوءَ ۾ ڪنهن شخص جي واتان نڪتو آهي تہ اُن کي واڪ جي نشانين ۾ بند ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح نہ رڳو گفتگو، پر ڪو خيال ۽ ويچار بہ واڪ جي نشانين ۾ آڻي سگهجي ٿو، مثال:

هو سوچڻ لڳو: ”انسان ڪيڏو نہ ذهني طرح ڪري چڪو آهي!“

هن جملي ۾ سوچڻ جو نتيجو واڪ جي نشانين ۾ ڏيئي، نمايان ڪيو ويو آهي. (ص 162)

ٻٽين واڪ جي نشانين جي باري ۾ وضاحت ڪندي سراج صاحب صفحي 162 تي لکي ٿو:

'جڏهن ڪنهن گفتگوءَ جي دوران ٻي گفتگو اچي وڃي، يا ڪو فقرو دهرايو وڃي، ڪو پهاڪو يا چوڻي آندي وڃي، تہ ان حالت ۾ گفتگوءَ کي ٻٽين واڪ جي نشانين ۾ رکيو ويندو آهي؛ پر وچ ۾ آيل گفتگو، ڪو خيال، ڪو فقرو يا ڏاهڪو ايڪوٽين واڪ جي نشانين ۾ رکيو ويندو آهي، مثال:

هن پنهنجي دوست کي سمجهائيندي چيو، ”مون کي انهيءَ ڳالهہ تي پٺائيءَ جو هڪ شعر ياد ٿو اچي: 'مٽو آهين مڇ، ٿلها' ٿو ٿونا هٽين'. اهو شعر بلڪل هن تي نهي ٿو اچي!“

## ثانوي نشانيون:

سراج صاحب، هيٺين نشانين کي 'ثانوي نشانيون' سڏيو آهي (ص 54)

(1) ليڪ (وڏي) — Dash

(2) ڳنڍيندڙ ليڪ (ننڍي) - Hyphen

(3) ڏنگيون ( ) Brackets

(4) سوال جي نشاني ؟ Question mark

(5) عجب جي نشاني يا ندا جي نشاني ! Exclamation mark

(6) (ايڪوٽيون) واڪ جون نشانيون ' ' Single inverted commas

(7) ٻٽيون واڪ جون نشانيون" " Double inverted commas

## (1) سوال جي نشاني يعني ؟ :

هن نشانيءَ لاءِ ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، اُهي هي آهن:

(الف) (i) هيءَ نشاني سوالي جملي جي آخر ۾ ڏبي آهي. هيءَ نشاني جملي جي پوري ٿيڻ تي ڏبي آهي، جڏهن پوري دم واري نشاني يعني 'فل اسٽاپ' ڏيڻ جي ضرورت ڪانه هوندي آهي.

(ب) (ii) ۽ جنهن جملي ۾ ڪا ڳالهه پڇي وَئي هوندي، تنهن جي آخر ۾ 'سوال جي نشاني يعني ؟ ڏني ويندي، جيئن:

(i) اوهين ڪالهه ڪيڏانهن پئي ويا؟

(ii) انسان جي جسم ۾ رت ڪيئن ٿو ٺهي؟

(iii) آب هوا جو مدار ڪهڙين ڳالهين تي هوندو آهي؟

(iv) توکي ڪيترا ڀائر آهن؟

(v) هوُ هتي ڪيئن آيا آهن؟

## (2) عجب/ تعجب جي نشاني يعني ! :

هن نشانيءَ جي استعمال ڪرڻ لاءِ ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن اُهي هي آهن:

(الف) جنهن جملي ۾ آرزو، ارمان، عجب، افسوس، ساراهه يا نفرت جو اظهار ٿيل هجي، تنهن جملي جي آخر ۾ تعجب جي نشاني ڏني ويندي آهي، مثال طور:

(i) سمنڊ ڪيترو نه اُونهو آهي، جو اُن ۾ جبل جيڏا جهاز ٿا ترن!

(ii) هي پڪي ڪهڙو نه سهڻو آهي!

(iii) افسوس، هوُ ڪامياب نه ٿيو!

(iv) تون ته عجيب ماڻهو آهين!

(v) وج، ٻڏي وجي مر!

## (3) واڪ جون نشانيون يعني " " :

هن نشانيءَ لاءِ بين ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، اُهي هي آهن:

(الف) جڏهن ڪنهن به جملي ۾ ٻئي ڪنهن جا لفظ، جنسي يعني هوُبهو، ڪتب آڻجن، تڏهن اهي واڪ جي نشانين ۾ لکڻ گهرجن.

(ب) جڏهن بہ ڪنهن جملي ۾ ڪو پهاڪو، ڪا چوڻي، ڪو شعر يا ڪنهن جا چيل لفظ هوبهو ڪم آڻيا آهن تڏهن اُهي لفظ 'واڪ جي نشانين' اندر رکيا آهن؛ مثال طور:

(i) شاهہ لطيف فرمايو آهي تہ: "ذات نہ آهي ذات تي، جو وَهي سو لهي".

(ii) سياڻن چيو آهي تہ "وت ڪان وڏيڪ وک نہ ڪڍجي".

(iii) بزرگن جو قول آهي تہ "سوڙ آهر پير ڊگهيرڻ گهرجن."

(iv) سياڻن جو قول آهي تہ "جيڏا اُٺ تيڏا لوڏا."

(v) ساميءَ چيو آهي: "پاونا پاڙو هرڪنهن ڪي ڏٿي پانهنجو".

## (8) ننڍي ليک يعني ڊَئش (-):

سراج صاحب 'ليڪ' واريءَ بيهڪ جي نشانيءَ کي 'ثانوي نشانين' واري قسم هيٺ (ص 154) بيان ڪري، اُن کي ٻن قسمن هيٺ بيان ڪيو آهي: پهريون ليڪ وڏي (—) ۽ ٻيو ڳنڍيندڙ ليڪ ننڍي (-) (ص 158) انهن مان پهرئين قسم يعني ليڪ وڏيءَ (—) جي وضاحت ڪندي، صفحي 154 تي سراج صاحب لکي ٿو:

"ليڪ جو پهريون مکيہ استعمال آهي ٿوري دم جي بدران اُن جو استعمال رواجي طرح جڏهن جملي ۾ خيال جي رُخ ۾ ٿورو موڙ ايندو آهي تہ اُتي ٿورو دم ڏبو آهي؛ پر جيڪڏهن انهيءَ موڙ کي ٿورو نمايان ڪرڻو هجي ۽ زور ڏيڻو هجي، تہ اِها ليڪ ڪم آڻجي، مثال:

هو رانوڙ لڳو پيو هو— ننگون جڻ تہ ٿنيا، ٻانهون وڏيون ۽ وار ٿلها."

سراج صاحب لکي ٿو تہ "مٿئين مثال ۾، جيڪڏهن "پيو هو" فعل جي پنيان ٿورو دم ڏجي ها، تہ بہ مقصد نڪري ها؛ پر ليڪ اچڻ سان، پويان ايندڙ خيال ۾ هڪ وزن پيدا ٿي پيو آهي، ۽ اڳئين خيال کي ڪافي پراءُ ملي پيو آهي. خيال جي موڙ کي نمايان ڪرڻ لاءِ، منهنجي خيال ۾، ٿوري دم ڪان، اها ليڪ وڌيڪ ڪارائتي آهي، مثال:

اهو سوال پنهنجي پاڻ ڪان پڇندي، هن کي جڻ تہ ڪو صدمو رسيو— ۽ هو ائين سمجهڻ لڳو تہ هن جو اهو ويچار بہ هڪ گناهہ ڪان گهٽ نہ هو!" (ص 155)

سراج صاحب جي هن پوريءَ وضاحت مان اهو ظاهر ٿئي ٿو تہ انهيءَ ساڳئي نشان کي ٻين ماهرن، انگريزي لفظ dash واري مفهوم ۾ ڪم آندو آهي.

هن نشانيءَ لاءِ ٻين ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، اُهي هي آهن:

(الف) جملي ۾ هلندي بيان ۾ اوچتو ڪو ٻيو خيال ظاهر ڪيو وڃي يا اُن جي سلسلي کي ٽوڙي ڪا ٻي ڳالهہ ڪئي وڃي تہ اُن جي اڳيان ڊَئش (dash) يعني [وڏ ڀري] 'ننڍي ليڪ' استعمال ڪئي ويندي آهي (واحد بخش شيخ ص 274).

مثال طور:

(i) مريم ماءُ سان پئي ڳالهايو— آخر ڪهڙو سبب آهي، جو ماڻهن ۾ سچ چوڻ جي جرئت نٿي ٿئي.

(ii) مون توکي سهڻي صلاح ڏني- يار، تون ته ڪو عجيب شخص آهين..

(ب) ڪنهن واقعي بابت خيال يا راءِ ظاهر ڪرڻ کان اڳ [اِها] 'ڊئش' ڏبي آهي، مثلاً:

(i) هڪڙي جوان هام پري ته هو اڪيلو دنيا جي چوڌاري چڪر لڳائيندو- ۽ هن ائين ڪري ڏيکاريو.

(ii) دنيا جي گنڊيل وڏي لڙائيءَ ۾ ائٽم بم تباهي مچائي ڇڏي - انسان ڪهڙو نه سخت دل ۽ بيرحم ٿي پيو آهي!

(ت) ڪنهن جملي ۾ بيان يا عبارت جي وضاحت ۾ جيڪڏهن ڪي لفظ يا اصطلاح استعمال ٿين، ته انهن لفظن جي اڳيان [اِها] 'ڊئش' استعمال ڪئي ويندي آهي، جيئن:

(i) بس گهڻو سامان ڪونهي- هڪڙي پيتي، هڪڙو بستور ۽ هڪ ڇٽي.

(ii) هماليه – دنيا جو اُتاهون جبل- سڄو سال برف سان ڇانيو پيو هوندو آهي.

(ث) جملي ۾ عبارت جي لفظن يا اصطلاحن جي سلسلي کي [اِها] 'ڊئش' ڏيئي، پنيان اُن جو خلاصو پيش ڪبو آهي، مثلاً:

(i) شين جي گهٽ پيداوار، ذخيره اندوزي، ۽ ڪيٽ ۾ واڌارو- اهي سڀ ڳالهيون مهانگائيءَ جو مکيه ڪارڻ آهن.

(ii) هو ٿپو ڏئي پٽ تي چڙهيو، اندر وڃي دروازو کوليائين، ۽ ڪمرن اندر بند ٿيل ماڻهو ٻاهر ڪڍيائين- اهو سڀ ڪجهه هن اک ڇنڀ ۾ ڪري ورتو، نه ته ڪيترين ئي جانيون ضايع ٿين ها.

(ج) جملي ۾ انهن لفظن کي ڊئش جي ذريعي الڳ ڪبو آهي، جيڪي غيرضروري هوندا آهن، مثال طور:

(i) تون درياءَ جي ڪپ تي پهچندين- ڌيان ڏيئي ٻڌ- توکي دريا پار ڪرڻ لاءِ ٻيڙي ملندي.

(ii) تو ڪافي عرصو ڪم ڪيو آهي- ڪيئن، سمجهين ٿو يا نه- هاڻ توکي آرام ڪرڻ گهرجي.

سراج صاحب ليڪ جي ٻئي قسم کي ڳنڍيندڙ [ننڍي] ليڪ (-) سڏيو آهي. پنهنجي مقالي ۾، صفحي 158 تي، هن نشانيءَ لاءِ وضاحت ڪندي هو لکي ٿو:

"جڏهن ڪو به مرڪب لفظ ناهڻو هوندو آهي، تڏهن انهن ٻن لفظن جي وچ ۾ ننڍڙي ليڪ ڏبي آهي. ان کي چئجي ٿو "ڳنڍيندڙ ليڪ". انهيءَ جو استعمال فقط اهوئي آهي ته جتي مرڪب لفظ اهڙن لفظن مان ناهڻو هجي، جن جو تعلق ايترو ظاهر نه هجي، تڏهن ليڪ وچ ۾ ڏيئي، اهو مقصد حاصل ڪيو ويندو آهي، مثال:

مئي جو ماهه- پهريون سومر هو، ڪراچيءَ جي صدر واري حصي ۾، ڪوريءَ

اُس ۾، هڪ فقير کي دانهون ڪندي ڏٺو.

هن مثال ۾ ”ماهه- پهريون“ معنيٰ مهيني جو پهريون سومر. انهن ٻنهي لفظن جو ظاهر ڪو تعلق ڪونهي؛ پر معنيٰ جي ضرورت طور ان کي مرڪب بنائڻ لاءِ وچ ۾ ڳنڍيندڙ ليڪ ڏني وَئي آهي. ڳنڍيندڙ ليڪ فني لفظن جي مرڪب لفظن ۾ گهڻي ڪم آندي ويندي آهي. مثال: ”برقي- ريڊيائي اثر“؛ ”معاشي- عمراني علوم“؛ وغيره“ (ص 159).

پر منهنجي خيال ۾ ته هر قسم جي مرڪب لفظ جي وچ ۾ اها ننڍي ليڪ يا ڳنڍيندڙ ڏيڻ ڏني ويندي آهي، جيئن علم صرف جي بيان ۾، لفظن جي قسمن ۾ سمجهايو ويو آهي.

**(9) ڏنگيون ليڪون ( ) چورس ڏنگيون، اُپيون ليڪون ۽ ٻٽيل ڏنگيون ليڪون:**

**(1) ڏنگيون ليڪون:**

(الف) جڏهن ڪنهن جملي ۾ معنيٰ يا اشاري طور ڪي لفظ [ ] ڪم آڻيا آهن، تڏهن اهڙا لفظ ڏنگين ليڪن جي وچ ۾ رکيا آهن، مثلاً:

(i) سکر بئراج (پاڻيءَ جو بند) سنڌ جي زراعت لاءِ هڪ وڏو وسيلو آهي.

(ii) سوڊاني ماڻهو (حبشي) رنگ جا ڪارا ٿيندا آهن.

(ب) ڪنهن به جملي ۾ ڪو انگ يا ڪا رقم تصديق خاطر ڄاڻائڻي هوندي آهي ته اها ڏنگين ليڪن ۾ رکبي آهي، مثلاً:

(i) دستاويز ۾ ڪل رقم -/175000 (اکرين هڪ لک پنجهتر هزار) روپيا ڏيکاريل آهي.

**(2) چورس ڏنگيون:** صوتيات جي بيان ۾ آوازن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ، حرفن کي چورس ڏنگين ۾ رکبو آهي، جيئن: [ب، ت، ن، س، ۽ ز وغيره]

**(3) اُپيون ليڪون:** صوتياتي (phonological) بيان لاءِ ڪن حرفن کي اا (اُپين ليڪن) اندر رکبو آهي، جنهن سان ’صوتيہ‘ جي نشاندهي ٿيندي آهي.

**(4) ٻٽيل چورس ڏنگيون ليڪون:** علم صرفيہ جي بيان لاءِ حرفن کي ٻٽيل چورس ڏنگين ليڪن ۾ رکبو آهي، جنهن مان مراد هيءَ نڪرندي آهي ته ٻٽيل ڏنگين ليڪن اندر ڄاڻايل صورت ’صرفيہ‘ آهي.

# باب چوٿون: سنڌي وياڪرڻ جون ڪي خاص ۽ اهم خصوصيتون

## 1- جمع وارا اسم (Collective nouns)

| اسم | جمع لاءِ لفظ | اسم | جمع لاءِ لفظ |
|---|---|---|---|
| اَنبَ | ڪارو/ ٽوڪرو/ پَنجي | ڪُتا | لوڙ/ گل |
| اَن | ڍير/ ڪوڙي | ڪُنجيون | ڇڳو |
| اَناج | اَنبار/ ڪوڙي | ڪائيون | ٻَري |
| اَنگُورَ | ڇڳو | گاهُ | ٻَري |
| اُٺَ | وڳُ/ گُلَر (باربردار) | گاهُ (سُڪل) | ڏَن |
| بَدَڪون | گُلَر | گِهنگِهريا | ڇيرِ |
| ٻيٺَ | ميڙُ | گدرا | ڪوڙي |
| تارا | جُهڳٽو/ ميڙُ | گُلَ | هارُ/ مالها |
| ٻَڪَرَ | ڍيرُ/ ڍڳُ | لشڪر | ڪَٽڪ |
| پکي | وَلَر/ وُڳُرُ | لُڙڪَ | لارَ/سَري |
| پَنا (ڪاغذ) | دستو | مَکيُون | ميڙ |
| جَبل | قَطار | ماڻهو | اَنبوهه/ ميڙ |
| چوپايو مال | ڌَڻُ/ ٽلو | موتي | مالها |
| سپاهي | دستو/ جَٿو | مينهِيون | ڌڻُ |
| ڪِچرو | ڍيرُ | وَڻَ | جُهڳٽو/ ويڙهو/ جُهنڊ |
| ڪانوَ | ڪانگيرو | وارَ | مُچو |

## 2- هم آواز (ساڳئي اُچار وارا) لفظ:

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ آهن جن جي صورتخطي ۽ اُچار ساڳيا هوندا، پر اُنهن جي معنيٰ ۾ وڏو فرق هوندو آهي، مثال طور:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٻڪ | ٽر | چٽ | گنجي |
| ٻار | ٽڙ | چريو | ڳر |
| ٻوڏ | ٽورو | چونڊ | ڳارو |
| ٻول | ٽڪ | چور | ڳالهه |
| پٽ | ٽيلهو | چر | گهٽ |
| پتو | ٽڪ | چٽ | گهاٽو |
| پاڙ | ٽڪو | چر | گهاٽو |

| | | | |
|---|---|---|---|
| اڌ | سڄو | ڏوھ | ثواب |
| اُڇو | ڪارو | ڏٽڪو | نِڏٽڪو |
| اَڇاڻ | ڪاراڻ | سخي | شُوم، ڪنجوس |
| انصاف | ظلم | راحت | رنج |
| اَياڻو | سياڻو | سقُل | تفل |
| اُبتو | سُبتو | سگھو | اگھو |
| اِبتدا | انتها | سهاڳ | ڏُهاڳ |
| اوڏو | ڏور | رات | ڏينهن |
| اوري | پري | سُک | ڏک |
| اُوندھ | روشني | سُکي | ڏکي |
| اَپرو | سَپرو | سختي | نرمي |
| اڳياڙي | پَڇاڙي | سوڀارو | ناڪامياب |
| اَڌ | سَڄو | سورهيه | بزدل |
| اَبوجهه | سمجهو | سبوجهه | ابوجهه |
| آسمان | زمين | سچ | ڪوڙ |
| بهشت | دوزخ | سچيت | اچيت |
| بقا | فنا | سارڻ | وسارڻ |
| باقي | فاني | ساوڪ | خشڪي |
| ڀاڳ | نِڀاڳ | سڄاڳ | سُتل |
| تونگر | مفلس | سڄو | اڌ |
| تيز | مُٺو | سَستو | مهانگو |
| تيز فهم | ڪُند فهم | سَوَلو | ڏکيو |
| ٻار | ٻُڍو | ساڄو | ڪابو |
| پُٺ | اڳ | سئون | چريو |
| پري | ويجهو | سَنئون | ڏنگو |
| ڀَريل | خالي | سُتل | جاڳيل |
| ڀَلو | ڏِرو، ڏِلو | سُبتو | اُبتو |
| پاڪ | پليت | سياڻو | اياڻو |
| پڪو | ڪچو | سڀاڳ | نِڀاڳ |
| سنهو | ٿُلهو | عالم | جاهل |
| ناهڻ | ڏاهڻ | قناعت | طمع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| پکي | لات/ للڪار | ڍڳو/ ڍڳي | رَنڀَ |
| ڏيڏر | ٽان ٽان | ڏندو | زيپٽ |
| رِڇ | گئونرَ | گِهنڊُ | ٽڻ ٽڻ |
| رِڍ | ٻي/ ٻيبڙاٽ | گِهنگِهريا | ڇَڻ ڇَڻ/ ڇَمڪو/ ڇَم ڇَم |
| سِرڻ | چرڪو | گهوڙو | هڻڪار |
| شينهَن | گجڪار/ گجگوڙ | لَٺ/ لوڙهه | واجَٽ |
| طوطو | ٽين ٽين/ ٽيون ٽيون/ تنوار | لاٽُون | گُهو گُهو/ زون زون |
| ڪبوتر | گُٽ گُٽ/ گُهٽو گُهٽو | لَڪُڻ | زَپ زَپ |
| ڪپڙا | سَر سَر/ سَٽ سَٽ | لُومڙ | اونائي |
| ڪَڙيون | ڪَڙڪو | مڪڙي | ٻَرَڙ ٻَرَڙ |
| ڪانءُ | ڪان ڪان | مَکيُون | ڀُون ڀُون |
| ڪُتو | ڀؤنڪ/ ڀؤنڪاٽ | ماڻهُو | ڳالهاءُ/ گوڙ/ دانهن |
| ڪُڪُڙُ | ٻانگ | موچڙو | زيپٽُ / ڦَهڪو |
| ڪُڪِڙ | ڪُڙڪارَ | مينهِن | ڊِڪَ |
| ڪُئو | چين چين | نارُ | رينگٽُ |
| ڪُونجَ | ڪُرڪو/ ڪُرلاءِ | نانگُ | ڦُوڪَ/ ڦُوڪارَ |
| ڪوئِلِ | ڪُوڪَ/ ڪُو ڪُو | نئي/ نَئين | ڪڙڪاٽ |
| گَڏَهُ | هينگ | ندي | گهرگهاٽ |
| گدڙُ | ڪُوڪَ/ اُونائي/ اوناڙ | هَرَڻ | دانهَن |
| ڳئون | رنڀَ | هَوا | سُوسَٽُ |
| ڳيرو | ڳُٽڪ/ گُهو گُهو | هَنجُ | ٻولَ |
| گهڙيالُ | ٽِڪ ٽِڪ | هاٿي | رنڀَ |

## 6- جانورن جي ڦرن / ٻچن جا نالا:

| جانور | ڦر/ ٻچي جو نالو | جانور | ڦر/ ٻچي جو نالو |
|---|---|---|---|
| اُٺُ | گؤنرو | ڪتو | گُلرُ |
| ٻڪري | ڇيلو/ ڇيلي | ڪُڪڙ | چوزو |
| ٻلي | پونگڙو | ڪانءُ | ڪانئيرو |
| ڍڳي/ ڳئون | گابو/ گابي | گهوڙو | وَڇيرو/ وڇيري |
| ڏيڏر/ ڏيڏري | ٻيندڪي / ٻيڏڪي | مينهن | پاڏو/ وَڇَ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| رڍ | گھٽو/ گھيٽو/ گھيٽي | هاٿي | هَرنو |
| رِڇ | ڦرنو/ ڦرند | هَرڻ | ٻَنِر |

## 7- محنت ڪَشن جي اوزارن جا نالا

| محنت ڪَش | ڪم آڻيندڙ اوزار | محنت ڪَش | ڪم آڻيندڙ اوزار |
|---|---|---|---|
| اوڏ | | سوچي | |
| باغائي/ مالِهي | رنبو، ڪُرپي | سونارو | |
| باڪرِي | رنبو، ڏاٽو | شڪاري | |
| ٻِشني | | صَراف | |
| ورچي | | قلعي گر | |
| ٻڪرار | | ڪمانگر | |
| ڀنگي/ خاڪروب | | ڪاشيگر | |
| ڀوڳڙي | | ڪاسائي | |
| تيلِي | | ڪُڙمي | ڀاڄاري |
| پٽيوالو | | ڪُنير | چَڪ |
| پخالي | | ڪوري | |
| پَساري | | ڪتي | |
| پَکي | | ڪاتير | ڪوڏر |
| پڃارو | | گاهيار | ڏاٽو، رَنبو |
| ڦيري وارو/ گودڙيو | | گائچي | |
| جوتشي | | ڳنوار | |
| جوڳي | | ڳنڍي چوڙ | |
| چوڙيگر | | لوهار | ٺَمڻ/ ڌنوڻ، منلاڻ، مُترڪو |
| حجام | پاڪي | ليکڪ | مَسُ قلم |
| ڇيپو | | مڱڻهار | ڍُهل ۽ شرناءِ |
| خاتو بند | | مهاڻو | ڄار |
| ڌراڙ | ڪُهاڙي | موچي | آر |
| ڌوٻي | | ميربحر | ڄار |
| ڏوڏي | | ميهار | لَٺ |
| ڏڪڻ / واڍو | ڪارائي، واهولو، رندو | ناچو | ڇير |
| رنگريز | چار | نانوائي | تنور |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ريڊار | | واپاري | وهي، ساهمي |
| سائي | | واڍو | ڪارائي، واهُولو، رَنلو |
| سِرازِ | چيٽي | وينجهرَ | |
| سِلاوٽ | آر | هاري | هر ۽ ترِ، ڏاتو |

## 8- اُهي حاصل مصدر جن مان فعلن جا ڏاتو ٺاهڻ ۾ مدد ملندي آهي:

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اڇڻ | ٽڪائڻ | جمَڻ | ڏسَڻ | ستائڻ | ڪتائڻ | گُهمڻ |
| آٽڻ | ٽِڪڻ | جَٽَڻ | ڏيڪارڻ | سَنڀالڻ | ڪُتَڻ | گُهمائڻ |
| اُٽڻ | ٽِڪائڻ | جاٽڻ | ڏِيَڻ | سَمجهڻ | ڪتائڻ | لَيَڻ |
| اُتارڻ | ٽَهڻ | جَهلَڻ | ڏارڻ | سَمجهائڻ | ڪَپَڻ | لَيائڻ |
| اُپرڻ | ٽاهڻ | جَهلائڻ | ڏُکڻ | سِکَڻ | ڪَپائڻ | لُٽَڻ |
| اُجلڻ | ٻَڇَڻ | ڇِٻڻ | ڏُکائڻ | سيکارڻ | ڪَٽَڻ | لُٽائڻ |
| اُجلائڻ | ٻائڻ | ڇِٻارڻ | ڏُکوئڻ | سِنگهڻ | ڪَٽائڻ | لَٽَڻ |
| ٻَچڻ | پڙهڻ | چَڙهڻ | ڊوڙڻ | سِنگهائڻ | ڪنگهڻ | لَٽائڻ |
| ٻچائڻ | پڙهائڻ | چاڙهڻ | ڊوڙائڻ | سُکَڻ | ڪنگهائڻ | لَڳڻ |
| ٻِيهَڻ | پَهچڻ | چَکَڻ | رَڏڻ | سُکائڻ | ڪَرَڻ | لِڳائڻ |
| ٻِيهارڻ | پَهُچائڻ | چَکائڻ | رَڏائڻ | سِکَڻ | ڪارَڻ | لَنگهڻ |
| ٻَڌڻ | پَلَڻ | چَوَڻ | رَڳڻ | سِکائڻ | ڪائڻ | لَنگهائڻ |
| ٻَڌائڻ | پالَڻ | چَوائڻ | رَڪائڻ | سُٽَڻ | ڪارائڻ | لِڪَڻ |
| ٻُڌڻ | پائڻ | چِڙَڻ | رُلَڻ | سُٽائڻ | ڪُلڻ | لِڪائڻ |
| ٻُڌائڻ | پَوَڻ | چِڙائڻ | رُلائڻ | سوچَڻ | ڪولڻ | لِکَڻ |
| ٻَرڻ | پُڄَڻ | چُرَڻ | رولَڻ | ڪَپَڻ | ڳَٽَڻ | لِکائڻ |
| ٻارڻ | پُڄائڻ | چورڻ | رُئَڻ | ڪَپائڻ | ڳَٽائڻ | مَٽَڻ |
| ڀَرَڻ | ڦاٽڻ | چُوسَڻ | رُئارڻ | ڪَڍَڻ | ڳَرَڻ | مَٽائڻ |
| ڀَرائڻ | ڦاڙڻ | ڇَڏڻ | رُڪَڻ | ڪَڍائڻ | ڳارڻ | مٽڻ |
| تورَڻ | ڦُرَڻ | ڇَڏائڻ | روڪڻ | ڪَرَڻ | ڳولَڻ | مُٽائڻ |
| تورائڻ | جاچڻ | خَرچڻ | رَهَڻ | ڪَرائڻ | ڳولائڻ | مَچڻ |
| ٽَنگڻ | جاڳڻ | خَرچائڻ | رَهائڻ | ڪِرَڻ | گهٽائڻ | مَچائڻ |
| ٽَنگائڻ | جاڳائڻ | ڏُوئَڻ | رَکَڻ | ڪيرائڻ | گُهرَڻ | مَرَڻ |
| ٽِڪَڻ | پيئَڻ | ڏوئارڻ | رَکائڻ | ڪَتَڻ | گُهرائڻ | مارَڻ |

مَکَڻ موکلائِڻ ونائِڻ وَڍائِڻ وِکڻائِڻ هَکلڻ هَنگڻ
مَکائِڻ نَچڻ وَنَڻ وَرَڻ ويچارڻ هَکالڻ هَنگائِڻ
ماپَڻ نچائِڻ وَنائِڻ وَرائِڻ ويهَڻ هکلائِڻ هَٽڻ
موڙڻ نَمَڻ وَڃڻ وِڙهَڻ ويهارڻ هَلَڻ هٽائِڻ
موڙائِڻ نَمائِڻ وَڃائڻ ويڙهائِڻ هَڻڻ هَلائِڻ هُئڻ
موکلڻ وَڻڻ وَڍَڻ وِکڻڻ هَڻائِڻ

## 9- اصطلاح / ورجيسون:

اُبَ ۾ ٽُڪون اُڇلائڻ = بيوقوفيءَ جو ڪم ڪرڻ
اُپ ڦاڙڻ = پڻاڪ هڻڻ
اُپ ۾ ترارون هڻڻ = وت کان ٻاهر هلڻ
اُبُ اکئين ڏسڻ = ڳالهه پڌري ٿي پوڻ
آڱوٺو ڏيکارڻ = پرواهه نه ڪرڻ
آئيءَ ويلَ ڪم اَچڻ = ضرورت جي وقت ڪم اچڻ
اَٽو ڪُٽڻ = محتاج ٿيڻ، مجبور ٿيڻ
اَٽي جو ڏيئو هجڻ = ڏڇٽو هجڻ
آڍ چِڪڻ = مائٽاڻي عادت ورثي ۾ ملڻ
اَڇا ڪارا پڌرا ٿيڻ = سچي ڳالهه ظاهر ٿيڻ
آسَرَ پوڻائيون ڳالهيون ڪرڻ = اجايون ڳالهيون ڪرڻ
آسمان مان تارا لاهڻ = هر قسم جو ڏکيو ڪم ڪرڻ
اَکَ ڪارا ڪرڻ = نڪمو ٿي گذارڻ
اک نه ٻڏڻ = ڪنهن جي پرواهه نه ڪرڻ
اکين اڳيان ڦرڻ = ياد ڪرڻ
اک پُورڻ = سمهي پوڻ، دم ٽُٽڻ، مري وڃڻ
اکِ ڏيکارڻ = ڌيچارڻ، تنبيهه ڪرڻ
اکِ کُلڻ = سجاڳ ٿيڻ، خبردار ٿي وڃڻ
اک لڳڻ = ننڊ اچي وڃڻ، محبت ٿي وڃڻ

| | |
|---|---|
| اَک کٽڻ | ڏسڻ، لاپرواهه ٿيڻ |
| اَکين تي رکڻ | خوشيءَ سان قبول ڪرڻ |
| اکين تي ويهارڻ | عزت ڏيڻ |
| اکين تي پردا چڙهڻ | ساڃاهه وڃائڻ |
| اکين ۾ جاءِ ڏيڻ | عزت ڏيڻ |
| اُکريءَ ۾ مٿو وِجهڻ | ڄاڻي واڻي پنهنجي جان خطري ۾ وجهڻ |
| اندر ٺارڻ | دل جي باهه ٺڏي ڪرڻ |
| اگر تگر ناس ٿيڻ | بلڪل تباهه ٿي وڃڻ، سموري ملڪيت تباهه ٿي وڃڻ |
| آڳو پيڇو ڳڻڻ | نفعو نقصان جاچڻ، ڳڻ ڳوت ڪرڻ |
| اِلهو بِلهو ڪرڻ | پچائي ڪڍڻ |
| بار لاهڻ | لاپرواهيءَ سان ڪم ڪرڻ |
| باهه ٿي وڃڻ | ڪاوڙ ۾ اچڻ، ڪاوڙجي پوڻ |
| باهه لڳڻ | ڪاوڙجي پوڻ |
| باهه ۾ ٽپو ڏيڻ | پنهنجي جان خطري ۾ وجهڻ |
| باهه تي تيل هارڻ | فساد مچائڻ |
| بُت بڻجي ويهڻ | ڪجهه به نه ڪرڻ |
| بُک ۾ پاهه ٿيڻ | تمام گهڻي بُک لڳڻ |
| بيٺ ٻڌڻ | ڪمر ڪشڻ، سندرو ٻڌڻ |
| ٻاڦ ٻاهر نه ڪڍڻ | خاموش رهڻ، راز فاش نه ڪرڻ |
| ٻُوٿ ٻڌي ويهڻ | خاموش رهڻ، ڪجهه به نه ڪُڇڻ |
| ٻاهريون ٻنو رکڻ | ظاهري طور پنهنجو مانُ شان رکڻ |
| ٻيرن ڪان ٻير گهرڻ | ڪنهن ۾ ڪنهن ڪم جو اجايو آسرو رکڻ |
| ٻُڏل رقم ٺارڻ | نه ٿيڻ جهڙي ڪم ۾ ڪاميابيءَ ٿيڻ |
| ٻڏڻ ترڻ | دل هٽڻ |
| ٻه گهر ٻارڻ | ٻن ڌرين جي وچ ۾ جهيڙو ڪرائڻ |
| ٻنجو ڏيڻ | ڪم بند ڪرڻ |
| ٻنڌ پچڻ | عام جام يا هر گهڙيءَ اَچڻ |
| ٻوٽو ٻارڻ | همت ڪرڻ، مڙسي ڪرڻ |
| ٻيڙي چاڙهي ڦرهو ڪڍڻ | وقت تي دغا ڏيڻ، دلاسو ڏيئي ڦري وڃڻ |

پڳ مٽ يار هئڻ = گهاٽو دوست هجڻ
پڳ لاهڻ = ڪنهن کي بي عزتو ڪرڻ
پگهر سڪائڻ = ٿوريءَ دير لاءِ دم پٽڻ
پنج ئي آڱريون گيهه ۾ هجڻ = ڪاميابي حاصل ڪرڻ
پوپٽيون پڙهائڻ = اٽڪل سان ڪنهن کي شڪست ڏيڻ
پلاءُ پچائڻ = بي فائدي واريون ڳالهيون ڪرڻ
پَلَءُ ڏيڻ = بدلو ڏيڻ
پَلَءُ وٺڻ = بدلو وٺڻ
پنهنجو مَٽُ پاڻ هئڻ = بي مثال هجڻ، يگانو هجڻ
پيٽ پرجڻ = مغرور ٿيڻ، آڪڙ ڪرڻ
پير چمڻ = عزت ڪرڻ
ڦاٽ ڦاٽڻ = راز ظاهر ٿيڻ
ڦٽن تي لوڻ ٻُرڪڻ = ڪنهن جي دل ڏکوئڻ
ڦلهير ۾ ڦوڪون ڏيڻ = بيڪار ڪوشش ڪرڻ
ڦيهه ڪيڻ = ڏاڍي مار ڪيڻ
جُتيءَ ۾ پير پائڻ = ٻئي سُڪئي جهڙو يا برابر ٿيڻ
جنڊو جنڊي ۾ هجڻ = پاڙيسري هجڻ
جيري ڪارڻ ٻڪري ڪُهڻ = پنهنجي ٿوري فائدي لاءِ ٻئي کي نقصان ڏيڻ
ڄنگهون/ ٽنگون ڊگهيڙڻ = آرام ڪرڻ
چپ چورڻ = ڳالهائڻ شروع ڪرڻ، ڪجهه چوڻ
چڳ وڍڻ = مريد بڻجڻ/ مريد بڻائڻ
چوٽ کائڻ = مقابلو ڪرڻ، زخمي ٿيڻ
چوٽي آسمان سان گسائڻ = مغرور ٿي وڃڻ
چوڙيون پائڻ = بي همت ٿيڻ، بزدليءَ جو اظهار ڪرڻ
چيلهه سڌي ڪرڻ = ليٽي پوڻ، ساهي پٽڻ
چنب ڪيڻ = تنبيهه ڪرڻ
چيهه چچڻ = ڪمزور ٿي وڃڻ
چيٽا پورڻ = فتنه انگيزي ڪرڻ، جهيڙو ڪرائڻ
حقو پاڻي بند ڪرڻ = برادريءَ مان ڪڍي ڇڏڻ

داڻو پاڻي هئڻ = قسمت ۾ هئڻ

دل ڀرجڻ/ دل ڀرجي اچڻ = روئڻھارکو ٿيڻ

دل ڀَڄڻ = نااميد ٿيڻ، روئڻھارکو ٿيڻ

دل ٽپا ڏيڻ = خوش ٿيڻ

دل تان لهڻ/ لهي وڃڻ = وسري وڃڻ

دل ٽٽڻ = مايوس ٿي وڃڻ، نااميد ٿي وڃڻ

دل ٽوڙڻ = نااميد ڪرڻ

دل ٺارڻ = تمام گهڻو خوش ٿيڻ

دل جهلڻ = همت ڪرڻ

دل ڏيڻ = پيار ڪرڻ

دل سان لڳڻ = ياد اچڻ، ذهن ۾ اچي وڃڻ

دل سڙڻ = مايوس ٿيڻ

دل ڦاسڻ = محبت ٿيڻ

دل ڪَچي ٿيڻ = اُلٽي اچڻ

دل ڪٽي ٿيڻ = ڪنهن ڪم مان بيزار ٿي وڃڻ

دل لاهڻ = بي همت ٿي وڃڻ، همت هارڻ

دل هٽڻ = يقين نه هئڻ، ڪاميابيءَ جي پڪ نه هئڻ

ڏاڙو هڻڻ = ڦُر مار ڪرڻ

ڏڪ لڳڻ = ڪا چوٽ رسڻ

ڌيان ڏيڻ = توجهه ڏيڻ

ڏاٽ هرڻ = چسڪو لڳڻ

ڏاند ڏهڻ = ڪنهن بخيل مان ڪم ڪڍڻ

ڏاڙهيءَ تي هٿ رکڻ = انجام ڪرڻ، واعدو ڪرڻ

ڏنو ڪرڻ = بدنام ڪرڻ

ڏند ڏيڻ = زباني طور وڙهڻ يا تڪرار ڪرڻ

ڏند ڪڍڻ = شرمندو ٿي کلڻ، هروڀروکلڻ

ڏينهن جا تارا ڏيکارڻ = سخت سزا ڏيڻ

ڏينهُن ٻڌڻ = شاديءَ جي تاريخ مقرر ڪرڻ

ڏينهَن پورا ٿيڻ = حياتيءَ جا ڏينهن پورا ٿيڻ

| | | |
|---|---|---|
| ڊوهہ ڪرڻ | = | ڪنهن سان دوکو ڪرڻ، فريب ڪرڻ |
| ڏيرُ ڏرا ٿيڻ | = | بدحواس ٿي وڃڻ، هيسجي وڃڻ |
| ڍَئي ڇڏڻ | = | مالا مال ڪرڻ |
| ڏينگو ڏيري ٿي وڃڻ | = | تباهہ حال ٿي وڃڻ، ستياناس ٿي وڃڻ |
| رت ٽهڪڻ | = | جوش ۾ اچي وڃڻ |
| رت روئڻ | = | پريشان حال ٿي وڃڻ |
| رت ڪرڻ/ رت ڪري ڇڏڻ | = | بيزار ڪري ڇڏڻ، تنگ ڪري ڇڏڻ |
| رت دانگيءَ تي ورڻ | = | رشتيدار لاءِ احساس ٿيڻ |
| رڌڻي ۾ رولو پوڻ | = | پنهنجي گهر ۾ جهيڙو پئجي وڃڻ |
| زبان ڏيڻ | = | واعدو ڪرڻ |
| زبان مان نڪرڻ/ نڪري وڃڻ | = | بي ارادي ڪجهہ چئي وجهڻ |
| زبان ڦيرڻ | = | واعدي تان ڦري وڃڻ، واعدو وفا نہ ڪرڻ |
| سنڌرو ٻڌڻ | = | تيار ڪرڻ، همت ڪرڻ |
| ساهي کڻڻ | = | ڪجهہ وقت لاءِ آرام ڪرڻ |
| سِر سان لڳڻ | = | جان تي اچي وڃڻ |
| سوڀ ڪٽڻ | = | ڪاميابي حاصل ڪرڻ |
| سچ تريءَ هيٺان لڪڻ | = | سچيءَ ڳالهہ کان انڪاري ٿيڻ، حقيقت کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪرڻ |
| سينو ساهڻ | = | برابري ڪرڻ، همسري ڪرڻ |
| سيني تي مُڱ ڏرڻ | = | مخالف جي سامهون اهڙو ڪم ڪرڻ، جنهن ۾ هن کي حسد لڳي |
| صدا ڪرڻ/ صدا هڻڻ | = | سئو سوال ڪرڻ، منٿ ڪرڻ |
| طاق لڳي وڃڻ | = | حيران ٿي وڃڻ |
| ڪچ مٺڻ | = | گُٿا لفظ ڳالهائڻ، گار گند ڪرڻ |
| ڪَکَ وجهڻ/ ڪَکَ ڍڪڻ | = | ڪنهن جا عيب لڪائڻ |
| ڪپڙن ۾ نہ ماپڻ | = | بيحد خوش ٿيڻ |
| ڪَلَ ٽٽڻ | = | دماغ خراب ٿي وڃڻ |
| ڪَمر ٻڌڻ | = | همٿ ڪرڻ |
| ڪنڌ ۾ ڪلي هڻڻ | = | مغرور ٿي وڃڻ |
| ڪنڌ هيٺ ڪرڻ | = | شرمندو ٿيڻ |
| ڪَندا ٿي وڃڻ | = | ڳري وڃڻ، ڪمزور ٿي وڃڻ |

| | | |
|---|---|---|
| ڪاغذ ڪارا ڪرڻ | = | لکڻ |
| ڪاني هڻڻ | = | ڪنهن کي پِٽڻ، بد دعا ڏيڻ |
| ڪاڻ ڪيڻ | = | ڪنهن ۾ غرض رکڻ |
| ڪڙ تيل نڪرڻ | = | ڪجهه حاصل ٿيڻ |
| ڪکر ۾ ڪڙو هڻڻ | = | ڪنهن کي چيڙڻ |
| گُل ڪرڻ | = | بتي وسائڻ |
| گُلَ چاڙهڻ | = | قبر تي گلن جي چادر چاڙهڻ |
| ڳالهيون ٺاهڻ | = | تهمتون لڳائڻ |
| گهات گهڙڻ | = | سازشون ڪرڻ |
| گهڙا ڀرڻ | = | خذمتون ڪرڻ |
| گهوٻي هڻڻ | = | نڳي ڪرڻ |
| لاڪَ لاهڻ | = | بي عزتي ڪرڻ |
| لَتَ هڻڻ | = | نفرت ڪرڻ |
| ليڪو لنگهڻ | = | بي حيا ٿيڻ |
| مَٿا مونا هڻڻ | = | ڪوشش ڪرڻ |
| مڇيءَ مانيءَ وارو هئڻ/ ٿيڻ | = | خوشحال ٿيڻ |
| مڪو مچڻ | = | موقعو ملي وڃڻ |
| مُنهن پيلو ٿيڻ | = | شرمسار ٿيڻ، ڪمزور ٿي وڃڻ |
| مُنهن نہ پوڻ | = | زيب نہ ڏيڻ |
| منهن پٽ سان لڳڻ | = | شرمندو ٿيڻ، پڇتائڻ |
| من ڀرجي اچڻ | = | روئڻهارڪو ٿيڻ |
| مُنهن ڦيرڻ/ منهن موڙڻ | = | منهن موڙڻ |
| مينڊِ ۾ مارئي ڳائڻ | = | مشهور ڳالهه لڪائي يا آهستي ڪرڻ |
| نالو ٻوڙڻ | = | بدنام ڪرڻ |
| نڪ کي مر لائڻ | = | پاڻ کي لڄائڻ، يا پاڻ کي گلارو ڪرڻ |
| ننگ پوڻ | = | شرم ڪرڻ |
| واتُ ڪرڻ | = | گاريون ڏيڻ، زبان درازي ڪرڻ |
| وات ڦاڙهو هجڻ | = | بي سمجهه هجڻ، ٻار هجڻ |
| وار ونگو نہ ٿيڻ | = | ڪوبہ نقصان نہ پهچڻ |

| | | |
|---|---|---|
| وڻ گهوڙو نہ ٻڌڻ | = | تپائي ڇڏڻ، آزاري ڇڏڻ |
| واڳوءَ جي وات ۾ هئڻ | = | ظالم جي پنجي ۾ هئڻ |
| وِڄُ ڪرڻ | = | آفت نازل ٿيڻ |
| هَٿُ اٽڪائڻ | = | وچ ۾ پوڻ |
| هَٿُ اچڻ | = | حاصل ٿيڻ |
| هَٿُ ٽنگڻ | = | پنڻ، ٻئي کي ڪنهن ڪم لاءِ سوال ڪرڻ |
| هَٿُ جهلڻ | = | هٿ روڪڻ |
| هَٿَ ڦاڙ هجڻ | = | فضول خرچ هجڻ |
| هَٿَ ڏوئارڻ | = | خدمت ڪرڻ |
| هٿيءَ سارو هوڪو ڏيڻ | = | وت آهر خرچ ڪرڻ |
| هرديگي چمچو هئڻ | = | چاپلوس هئڻ |
| هنيانءَ تي ڇنڊو پوڻ | = | دلجاءِ ٿيڻ |

## 10- ڪي چوند مشهور پهاڪا:

اُتم کيتي،نيچ نوڪري،وڏندڙ واپار

ابو گسي، ڏيءَ وسي

اٽو، ڇي گهوپاٽو

اَپٽي گهوٽ تہ نشا ٿيوَئي

اڄ جو ڪم سڀاڻي تي نہ رک

اَڻ- گُهريو ماءُ بہ پُٽ کي نہ ڏاراءِ

اڪ ڪاٺي ڪجي، پر ڏس ڪاٺي نہ ڪجي

اهڙو سون ئي گهوريو، جو ڪَنَ ڇني

انڌيرنگري چرپٽ راجا، ٽڪي سير ڀاڄي،

ٽڪي سير کاڄا

انڌو هاٿي لشڪر جو زيان

آهير ڪٽي اوٻٽي، رن وڃائي رنبو

آيا مير، پڳا پير

اُٺندو اهائي، جا هوندي کوريءَ جي مَن ۾

اُڪرين ۾ مَٿو وجهجي ته مُهرين پر ڇو ڊڄجي
بندي جي مَن ۾ هڪڙي، صاحب جي مَن ۾ ٻي
ٻُڪ ۾ ٻصر ٻه مِٺا
ٻُڪ ٻيڙو ٽول، داناءُ ديوانا ڪري
بيڪار کان بيگار ڀلي
ٻه ته ٻارهن
ٻه گدرا هڪ مُٺ ۾ ڪين ماپندا
ٻه تلوارون هڪ مياڻ ۾ ڪينَ ماپنديون
ٻه شينهن هڪ ٻيلي ۾ نه ماپن
ٻاهران چڪي مڪي، اندر ٻڙ ٻڙ ڏڪي
ٻائي ۽ ٻانهي، پڪي سونهن پنهنجي
ٻني سائي جي سائي، گاهي ٻڪئي جو ٻڪيو
ٻليءَ جي خواب ۾ ڇِڇڙَ
ٻُڏل/ ٻُڏيءَ ٻيڙيءَ جون هريڙون ٻه ڀليون
ڀُلي ڀُلي ياڻ آئي، سا ٻه نه ڀُلي
ٽٽونءَ ڪي ٽارو، تازيءَ کي اشارو
تقدير اڳيان تدبير نه هلي
تڪڙ ڪم شيطان جو
تون ٻه رئيس، آءٌ ٻه رئيس ته گَڏهه ڪير هڪلينا
پرائين ڏُهلين احمق نچي
پنج ئي آڱريون برابر نه آهن
پنهنجو گهر داتا جو در
پنهنجي گهر ۾ ٻلي ٻه شينهن
جهڙي ڪرٽي، تهڙي ڀرٽي
جهڙي نيت، تهڙي مراد

جهڙو پوکيندين، تهڙو لُڻندين

جهڙا ڪانوَ تهڙا ٻچا

ڄَڦا ۾ جوهر آهي

جا ٻندي ڪي بار، سا صاحب ڪي سُتري

جني ڪاڻ مُياس، سي ڪلهي ڪانڌي نہ ٿيا

چورَ جي ڏاڙهيءَ ۾ ڪَکُ

چورن جي مٿان مورَ

ڌوٻيءَ جو ڪُتو نہ گهر جو نہ گهاٽ جو

ڊپ سائي جو سائو، ڏاند ٻُڪئي جو ٻکيو

ڏکن پٺيان سُک

ڏوري ڏاتارَ جي هٿ ۾

سگهڙي ڪُني گهڻو اُٻامي

هڪ سچ ٻہ پاڇا

سنگ تاري ڪُسنگ ٻوڙي

سڄڻ پيٽان وڏيا، وڏين پيٽان سڄا

سوناري جا سؤ ڌڪ، لوهار جو هڪڙو

ضرورت ايجاد جي ماءُ آهي

ڪڏهن پريءَ ۾ تہ ڪڏهن پاڪر ۾

ڪيتي سر سيتي

ڪير جو ڪاٺو، ڇانهہ/ ڏڏ ٻہ ڦُوڪي پيئي

ماءُ سا ماءُ، ٻيو سڀ دنيا جو واءُ

ماسي نہ ٿئي ماءُ، توڙي ڪيڏي ڏئي ساهہ

مُنهن جو مٺو، اندر جو ڪوڙو

نادان دوست ڪان داناءُ دشمن چڱو

واڳ ڏٺيءَ جي وس، آءُ ڪا پاڻ وَهيڻي

وِيهي درياءَ جي ڪپ تي ۽ وجهي وير واڳئون سان
هَٿ جي ڪنگڻ کي آرسيءَ جو ڪهڙو ضرور
هر ڳالهه ۾ ڏٺيءَ جي حڪمت
هڻ ڏيءَ کي، سِکي نُنهن
هاٿيءَ جا ڏند، ڪائڻ جا هڪڙا، ڏيکارڻ جا ٻيا
هجيئي ناٿو تہ گهر لاڙڪاڻو
يڪ تندرستي، هزار نعمت

## 11- ڪي چوند تشبيهون:

| | |
|---|---|
| اَهڙو اَڇو، جهڙو کير | آهڙو اَٿل جهڙو موت |
| اهڙو اوچو جهڙو اُڀ | آهڙو تيز، جهڙي ترار/ تلوار |
| اهڙو ٿڌو، جهڙو پارو | اهڙو ڏاهو، جهڙو ڪانءُ |
| اهڙو دلير، جهڙو دودو | اهڙو چٽو، جهڙو ڏينهن |
| اهڙو سخت، جهڙو پٿر | اهڙو سخي، جهڙو حاتم |
| اهڙو سنهو، جهڙو وار | اهڙو سهڻو، جهڙو چنڊ |
| اهڙو سائو، جهڙو پَنُ | اهڙو شفاف، جهڙو شيشو |
| اهڙو ڪڙو، جهڙو وِهُ | اهڙو ڪچي، جهڙي پت |
| اهڙو ڪارو، جهڙو وِڪُ | اهڙو ڏاڍو، جهڙو رُڪ |
| اهڙو ڪُونئرو، جهڙو ميڻ | اهڙو خطرناڪ، جهڙو چيتو |
| اهڙو گول، جهڙي ڌرتي | اهڙو مٺو، جهڙي ماکي |
| اهڙو نازڪ، جهڙو گُل | اهڙو پراڻو، جهڙو سنڌو درياءُ |
| اهڙو عادل، جهڙو نوشيروان | مارئيءَ جهڙو ست |
| نوريءَ جهڙو نياز | |

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب


1. الانا غلام علي، ڊاڪٽر (1993ع). سنڌي صورتخطي، ڇاپو چوٿون، حيدرآباد سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
2. ايضاً (2004ع). سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ڇاپو ٻيو، ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
3. ايضاً (2005ع). سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڇاپو ٻيو، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.
4. ايضاً (2009ع) سنڌي صوتيات، ٻيو ڇاپو، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.
5. الله بخش ٽالپر (1969ع)، ٻهاڪن جي پيڙهه، حيدرآباد: آر.ايڇ. احمد ائنڊ برادرس.
6. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر (1992ع). سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو چوٿون، ڄام شورو، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي.
7. ڀيرومل، آڏواڻي، پروفيسر، وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڇاپو ٻيو، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.
8. جيٽلي، مرليڌر، ڊاڪٽر (1988ع)، مقالو: پريوگ، ٽماهي مهراڻ 1988/4ع، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 77.
9. ايضاً. مقالو: لفظن جي رچنا، ٽماهي مهراڻ، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 28، 40 ۽ 41.
10. سنڌيلو،عبدالڪريم، ڊاڪٽر (1971ع)، ٻهاڪن جي ٻاڙ، لاڙڪاڻو: اسلم پبليڪيشن
11. سراج الحق ميمڻ. سنڌي وياڪرڻ جا مسئلا، مقالو: ماهوار نئين زندگي، ڪراچي: پاڪستان پبليڪيشن.
12. ايضاً (2009ع)، مقالو: ٻيهڪ جون نشانيون، سنڌي ٻوليءَ جو درست استعمال ڪتاب ۾ شامل، مرتب: تاج جويو، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ص ص 144 ۽ 150.
13. غلام اصغر ونڊير (56-1955ع)، سنڌي ڪٽمنڙا، حيدرآباد: آر.ايڇ. احمد ائنڊ برادرس.
14. فتح چند ڪوڙومل، واسواڻي، نئون سنڌي گرامر، هيرآباد، حيدرآباد.
15. ڪشنچند گلاب سنگ گدواڻي ۽ ڏيارام وسڻ مل (1937ع). سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو ٻيو، حيدرآباد: موتي اليڪٽرڪ پرنٽنگ پريس، ص ص 76، 78، 98، 99 ۽ 103.
16. مخدوم محمد صالح پٽي (1956ع)، نئون سنڌي گرامر، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد: محمد يوسف ائنڊ برادرز.
17. مرزا قليچ بيگ (1960ع)، سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو ٽيون، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ،ص ص 8، 2، 48، 49، 57، 74، 94، 97 ۽ 268.
18. منشي اُڌارام ٿانورداس (1892ع). سنڌي وياڪرڻ، ڪراچي: گورنمينٽ سينٽرل بوڪ ڊيپو.

19. وسناڻي، جهمٽمل، نارومل (1892ع). نئون سنڌي گرامر، ڪراچي: گورنمينٽ سينٽرل بڪ ڊيپو.
20. واحد بخش شيخ (56- 1955ع). سنڌي صرف و نحو، پاڱو پهريون، حيدرآباد: آر.ايچ. احمد ائنڊ برادرز.
21. ايضاً. پاڱو ٻيو، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ.

## اردو کتب

22. الانا غلام علی، ڈاکٹر (1984ع)۔ سندھی مسلم، جام شورہ: سندھی ادبی بورڈ
23. شرف الدین اصلاحی، ڈاکٹر (1970ع)۔ اردو-سندھی کے لسانی روابط، لاہور: مرکزی اردو بورڈ
24. شوکت سبزواری (1956ع)۔ اردو زبان کا ارتقا، ڈھاکا: پاکستان کتاب گھر، ۳۹ پٹھواٹولی
25. Allana, Ghulam ali (1963), The Arabic Element in Sindhi, M.A. Thesis submitted to the University of London and published, Lahore: Maktabah Danishwaran.
26. Ibid (202). Origin and Growth of Sindhi Language, Jamshoro: Institute of Sindhology.
27. Block B.& Trager, G.L. (1942). Outline of Linguistic Analysis, Balti more: Linguistic Society of America PP. 28, 71
28. Bloomfield, L. (1961). Language, London: George Allen an Unwin Ltd,PP. 190, 198, 207and 270
29. Dulomal Bulchand (1901). A Manual of Sindhi, Hyderabad: The Kaiserva Press, 118 Market Road.
30. Grierson, H.A., Sir (1919). Linguistic Survey of India, Vol: 1, Part-1.
31. Grierson, H.A. (1961). An Introduction to Descriptive Linguistics, Revised edition, Newark: Holt hinsard and Winsm
32. Haskell, C.W.A. (1942).A Grammar of Sindhi Language, Karachi: The Karachi Grammar Schered, PP. 139
33. Kanhaiyalal Lekhwari (1987). An Intensive Course in Sindh, Maysore: Central Institute of Indian Languages, Manasagan grtri
34. Mario, A. Pei and Frank Gaynor (1954). Dictionary of Linguistics, Newark: Philosophical Library, P.190
35. Moriar Williams, Sir (1956). A Sanskrit Dictionary, P.1144
36. Munshi Udharam (1971), The Sindhi Instructor, Jamshoro: Sindhi Adabi Board.
37. Trumpp, E., Dr.(1872). A Grammar of Sindhi Language, Leipzig: F.A. Book house.




ISBN 978-969-9098-36-9

Rs. 300 /=